# نئون عالمي نظام

اسلم خواجه

Sindhica
سنڌيڪا

CamScanner

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: نئون عالمي نظام
سهيڙيندڙ: اسلم خواجه
ڇپجڻ جي تاريخ: نومبر 1991
ٽائيٽل ڊزائين: خدابخش ابڙو
ڇاپيندڙ: زڪي پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي
قيمت 50 رپيا

All rights are reserved for the Publisher

**Naoon Alami Nizam**
(New World Order)
Language: Sindhi
Compiled by: Aslam Khwaja
Published by: Sindhica Academy

**Price: Rs.** [redacted]

سول ڊسٽري بيوٽرز
**آزاد ڪميونيڪيشنز**
B-24 نيشنل آٽو پلازا مارسٽن روڊ
ڪراچي فون 7737290

# پبلشر پاران

’نئون عالمي نظام‘ سنڌيڪا اڪيڊمي جو پنجون ڪتاب آهي. بين الاقوامي سياست ۾ ’نئين عالمي نظام‘ جو نعرو تبديلين، انديشن، امڪانن ۽ خطري جي ڪيترين چوڇچارن کي سامهون کڻي آيو آهي. هر خطي جا ماڻهو ان جي باري ۾ ڄاڻڻ گهرن ٿا. ان جي اڳ پٽ، اثرن ۽ نتيجن جي باري ۾ جتي بين الاقوامي تعلقات جي شاگردن جي دلچسپي آهي اتي عام ماڻهو به پنهنجي علائقي، ملڪ ۽ قوم جي حوالي سان پنهنجا نشان ڳولهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. نه صرف ايترو بلڪ هن وقت دنيا جنهن نموني سان ڳنڍجي وئي آهي، ان ۾ ملڪن جا ماڻهو ڪنهن به بين الاقوامي سياسي عمل جا اثر ۽ نتيجا ڌرتيءَ جي پوري گولي تي ڳولهين ۽ محسوس ڪن ٿا.

ڪتاب ۾ اهي چونڊ مضمون شامل آهن جيڪي هن وقت تائين انهيءَ موضوع تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ لکيا ويا آهن. سنڌ جي حوالي سان موضوع جي اهميت کي سامهون رکندي ڪجهه مضمون تيار ڪري ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن هتان جي ماڻهن لاءِ عالمي نظام جي حوالي سان سوچ ۽ بحث جون واٽون نروار ٿين.

اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب سنڌ جي ماڻهن، سياسي ڪارڪنن ۽ نوجوانن جي لاءِ وقتائتو ۽ مفيد ثابت ٿيندو.

نوراحمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

# هن ڪتاب ۾

## نئون عالمي نظام ڇا آهي؟


9 نئون عالمي نظام – هڪ مطالعو
**جوهر مير**

79 نئون عالمي نظام – پس منظر ۽ پيش منظر
**فرخ سهيل گوئندي**

87 نئون عالمي نظام – "ڪمزور ڪي جيئڻ جو ڪو حق ناهي"
**پروفيسر نوم چومسڪي . سنڌيڪار – انعام شيخ**

95 آمريڪي اڪيلائپ ۽ نئون عالمي نظام
**حامد حسن قزلباش**

99 نئون عالمي نظام – دنيا تي آمريڪي بالادستي جي رٿابندي
**طيب فاروق ڀٽي**

105 نئون عالمي نظام – پر ڪنهن جو؟
**فان يو تنگ (ملائيشيا)**

115 نئون عالمي نظام – تصوير جو ٻيو پاسو
**امير حمزه ورڪ**

119 هڪ نئين ۽ بهتر ڪويت جي اڏاوت
انگريزيءَ مان ترجمو

125 عراق ڪانپوءِ نئين عالمي نظام جو نشانو؟
**افضل توصيف**

131 نئون عالمي نظام
**سردار محمد قريشي**

135 نئين عالمي نظام جو پس منظر ۽ پيش منظر
نياز حسين

143 نئون عالمي نظام ۽ ڪميونسٽ تهذيب جو زوال
ف - م لاشاري


## نئون عالمي نظام ۽ ٽين دنيا


147 ٽين دنيا لاءِ ڪا اميد ناهي
آغا شاهي

155 نئون عالمي نظام ۽ ٽين دنيا
عبدالله ملڪ

159 ڇا راجيو گانڌي جو قتل نئين عالمي نظام جو حصو آهي؟
ڊاڪٽر خالد جاويد خان


## نئون عالمي نظام ۽ پاڪستان


165 آمريڪا جي نئين عالمي نظام ۾ في الحال پاڪستان جو ڪوبہ ڪردار ناهي
بينظير ڀٽو

171 نئون عالمي نظام ۽ پاڪستان
ف- م لاشاري


## نئون عالمي نظام ۽ سنڌ


185 نئون عالمي نظام ۽ سنڌ
نوراحمد ميمڻ

# سهيڙيندڙن طرفان

ڪتاب ’نئون عالمي نظام‘ اوهان جي هٿن ۾ آهي. سنڌيڪا اڪيڊمي جي پاران جڏهن مون کي عالمي سياست جي ڪرنٽ اشوتي ڪتاب تيار ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته مون هائوڪار ڪئي. منهنجي وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته هڪدم مون کي ذهن ڏينهن اندر ڪتاب جي پريس ڪاپي اڪيڊمي جي حوالي ڪرڻ لاءِ چيو ويندو. موضوع جي نسبت سان نابري وڃڻس ته اهو وقت طلب ڪم آهي، پر اڪيڊمي جي پاران جنهن مختصر وقت ۾ سورس ميٽيريل کي ڪٺي ڪرڻ ۾ قرتي ڪان ڪم ورتي. فائيل منهنجي حوالي ڪيو ويو ان ڪان پوءِ مون لاءِ طئه ٿيل وقت اندر ڪم مڪمل نه ٿيڻ جو ڪو بهانو باقي نه رهيو.

ڪتاب ۾ ’نئين عالمي نظام‘ جي موضوع تي بنيادي مقالو محترم جوهر مير جو آهي. جوهر مير ضياءالحق جي مارشل لا وارن ڏينهن ۾ پاڪستان جي صحافت ۾ ترقي پسند لڏي جو اهم پرزو هو. انوقت فوجي عتاب جي ڪري ڪابل هليو ويو ۽ بعد ۾ آمريڪا ويو، جتي اڄاتائين رهائش پذير آهي. جوهر مير نئين عالمي نظام جو جنهن نموني سان تجزياتي مطالعو پيش ڪيو آهي، تنهن سان انجا سپ پهلو نکري نروار ٿين ٿا. آمريڪا ۾ رهندي ڪيس ان سوسائٽي جي اندر جن روڳن جو ادارڪ ٿيو آهي، تنهن کي ڀرپور دليلن سان اهڙي نموني بيان ڪيو اٿس جو نئين عالمي نظام جا ننڍا وڏا آنڊا اسڪرين تي اچي بيهن ٿا.

انگريزي تان ترجمو ڪيل مضمونن ۾ پروفيسر نوم چومسڪي ۽ ملئي پارليامينٽ ۽ گڏيل قومن جي اڳوڻي ميمبر فان يوتنگ جو مضمون پڻ سگهاري حيثيت رکي ٿو. ان ڪان علاوه انگريزي توڙي اردو تان ترجمو ۽

سنڌي ۾ لکيل مواد کي سهيڙڻ وقت مضمونن جي چونڊ ۾ انهيءَ ڳالهه کي سامهون رکيو ويو آهي ته نئين عالمي نظام جي سيني گوشن، ان جي پس منظر ۽ پيش منظر، نئين دنيا تي پوندڙ اثرن، پاڪستان جي ان نظام ۾ حيثيت تي هي ڪتاب تجزياتي ۽ تنقيدي طور شاهڪار ثابت ٿئي. باقي نئون عالمي نظام ۽ سنڌ اهڙو موضوع هو جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب شايع ڪري سنڌ جي ماڻهن کي ان نظام جي سيني گوشن کان واقف ڪرڻ جي حوالي سان انتهائي ضروري هو. اڪيڊمي جي چيئرمين مسٽر نوراحمد ميمڻ پاڻ انهيءَ موضوع تي تمام مختصر وقت ۾ مضمون لکي منهنجي حوالي ڪيو.

ڪتاب ۾ شامل مقالن ۽ مضمونن ۾ ڪڏهن هڪجهڙائي جو گمان به گذري ٿو. ليڪن مضمون ۾ ڪنهن نه ڪنهن حوالي جي نواڻ ۽ استدلال جي پختگي ڪري، ان مضمون کي ترڪائي وجهڻ ڏکيو پئي لڳو. اسان جي پڙهندڙن لاءِ هي ڪتاب بين الاقوامي سياست جي موضوع تي سٺن مضمونن جو ڳٽڪو ثابت ٿئي ته منهنجي لاءِ دلي خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي.

18 نومبر 1991 - ڪراچي

- اسلم خواجه

# آمريڪا جو
# نئون عالمي نظام
## هڪ مطالعو

جوهر مير

11 سيپٽمبر 1990ع تي آمريڪي صدر جارج بش پهريون ڀيرو نئين عالمي نظام جو اصطلاح پنهنجي هڪ تقرير ۾ استعمال ڪيو هو. لفظن جي انساني ذخيري ۾ انهيءَ نئين اصطلاح جي واڌ کان پوءِ سڄي دنيا ۾ ان جي معنويت مختلف رخن ۽ سياسي تشريحن بابت هڪ اڻ- کٽ بحث جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. اِهو اصطلاح جيئن ته عراق خلاف آمريڪا ۽ سندس اتحادين جي مڙهيل جنگ جي حوالي سان سامهون آيو آهي، انڪري ضروري آهي ته انجي معنويت ۽ مختلف رخن جو تعين ڪندي، ٻين ڳالهين کان سواءِ انهيءَ جنگ جي تفصيلي پس منظر کي پڻ ذهن ۾ رکيو وڃي.

نئين عالمي نظام جي حوالي سان هن وقت تائين گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي ۽ گهڻو ڪجھ چيو ويو آهي ۽ ان کي گهڻ- پاسائتو سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هيءُ اهڙو اصطلاح آهي، جيڪو بظاهر ڏندلو ۽ نظر ٿو اچي ته وري با معنيٰ پڻ. آمريڪا جي سياسي ۽ روائتي معاشري جي فطرت ۾ اها ڳالھ شامل آهي ته اُهي معاملا جن کي سمجهڻ جي وڌيڪ ضرورت هجي، ان کي پيچيده ڪيو وڃي، معاشري کي مونجهاري جو شڪار ڪيو وڃي. هڪ عام پڙهيل لکيل آمريڪيءَ کان جيڪڏهن جارج بش جي نئين عالمي نظام بابت سوال ڪيو وڃي ته هو سوچ ۾ ٻڏي ويندو يا وري هڪ واهيات گار ڏيندي جواب ڏيندو ته جارج بش کان پنهنجي گهر جا ڪم ته ٺيڪ ٿين نٿا ڪونه پيا، دنيا جو نظام ڇوڙ ٺيڪ ڪندو. ڪنهن سادي سودي آمريڪيءَ لاءِ اهو سمجهڻ بنھ ڏکيو آهي ته نئين عالمي نظام جو اصل ۾ مطلب ئي پنهنجي گهر جي نظام کي ٺيڪ ڪرڻ آهي. آمريڪين جو مونجهارو اِهو آهي ته هو پنهنجي مسئلن جو ذميوار ٻين کي سمجهن ٿا ۽ عام طور تي اهو سمجهيو ٿو وڃي ته ٽين دنيا جا ڀينو ملڪ سندن مسئلن جو سبب آهن. جڏهن ته حقيقت انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي. اهو مونجهارو

ڪنهن وائرس جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. جيڪو ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ’ڪاموراشاهي حڪمرانن‘ پنهنجي پنهنجي عوام جي سوچ ۾ ب شامل ڪري ڇڏيو آهي، جتي سول ۽ فوجي حڪمرانن کي بدلجي نہ سگهجڻ حقيقت سمجهيو پيو وڃي.

جارج بش جي نئين عالمي نظام واري نعري کي هڪ رسمي ۽ روائتي نعرو ب سمجهيو پيو وڃي، ڇيو وڃي ٿو تہ هر آمريڪي صدر جو اهو دستور پئي رهيو آهي تہ هو پنهنجي عوام کي مونجهاري جو شڪار بنائڻ لاءِ ڪونہ ڪو نعرو ضرور هڻندو آهي.

آئزن هاور جو اشتراڪيت خلاف بند ٻڌڻ جو دور هو. دنيا کي اشتراڪيت کان بچائڻ وارو زمانو هو، نڪسن جو دور، نيون راهون ڳولهڻ جو دور هو. ڪينيڊيءَ جو وري سڄي دنيا کي جنگي خطرن کان پاڪ ڪرڻ جي نعري جو زمانو هو. فورڊ نعرو هنيو هو تہ ناٽي جي ڪوٽ کي ڦٽڪا وسائي ختم ڪيو وڃي، جمي ڪارٽر نيو فائونڊيشنز (نوان بنياد) ڳولڻ جو راڳ آلاپيو هو، ريگن اسٽار وار جي خوشخبري ٻڌائي هئي ۽ هاڻ سندس جانشين جارج بش ”نئين عالمي نظام“ جو رينگٽ شروع ڪيو آهي.

انهن نعرن کي تاريخ جي رنگ ڍنگ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ انهن جي معروضيت وهم محسوس ٿيندي. آئزن هاور جي دور ۾ اشتراڪيت خلاف بند ٻڌڻ جو اصل مقصد اهو هو تہ آمريڪي معاشري جي انهن تضادن کي نوري دٻايو وڃي، جيڪي آمريڪي سامراجيت خلاف هڪ سگهاري دشمن وارو ڪردار ادا ڪري پئي سگهيا. سينيٽر ميڪارٿيءَ اشتراڪيت جي نالي تي آمريڪا جي روشن خيال ۽ لبرل سياستدانن ۽ دانشورن جي خلاف جيڪا مهم شروع ڪئي هئي، اُها ميڪارٿي ازم جي نالي سان سڄي دنيا جي محڪوم ۽ مظلوم ملڪن ۾ ترقي پسند عوام خلاف استعمال ٿيندي نظر اچي ٿي. ڪينيڊيءَ جو پرامن دنيا جو تصور يا هٿيارن کان پاڪ دنيا جو تصور ڪيوبا خلاف اجرتي قاتلن وسيلي حملي جي صورت ۾ نظر آيو ۽ پوءِ ڪينيڊيءَ جي جانشين جانسن ويتنام تي جنگ مڙهي، ڪينيڊيءَ جي خواب جي تعبير حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اشتراڪيت خلاف بند ٻڌڻ واري آئزن هاور جي جانشين (نائب صدر نڪسن)صدر بنجڻ کان پوءِ عوامي رعيتي راڄ چين سان ناتا جوڙڻ جي سوڀاري ڪوشش ڪئي. نڪسن جي جانشين يعني جيرالڊ فورڊ نعرو تہ ناٽي جي ڪوٽ کي ڇيپائڻ جو هنيو، پر هو آمريڪي عوام کي شديد معاشي کهٽالي ۾ لوڙائيندو رهيو ۽ جمي ڪارٽر جي نئين بنيادن جو ڪارنامو ڪئمپ ڊيوڊ ۾ دفن ٿي ويو. ايرانين کي جمي ڪارٽر جو ٽورانٽو هڻڻ گهرجي تہ سندس ئي دور ۾ ايراني انقلاب آمريڪا جا بنياد لوڏي ڇڏيا. ريگن وارو ’اسٽار وار‘

پروگرام ايران تي عراقي حملي ۽ افغانستان خلاف پاڪستان جي اُجرتي قاتلن جي ڪردار جي خونريزيءَ جو پروگرام ثابت ٿيو. هاڻ سڄي دنيا جارج بش جي نئين عالمي نظام جي تعبير ۽ تفسير کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

هڪ آسٽريلوي دانشور جناب اوون هيرس (ايڊيٽر دي نيشنل انٽريسٽ)، جارج بش جي نئين عالمي نظام کي 'ناممڪن' جو نالو ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته آمريڪي سياست ۾ 'نئون' لفظ نئون به ناهي ۽ بي معنيٰ به ناهي، هي اهڙو لفظ آهي، جنهن وسيلي نه رڳو تبديلين جي عمل ۾ تيزي پيدا ڪئي ويجي ٿي، پر پراڻن وسيلن کان فرار ۾ مدد پڻ ورتي ويندي آهي. سرد جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جي صورتحال ۾ نئين عالمي نظام جو نعرو ڪنن کي ته سٺو ٿو لڳي، پر انهيءَ هوندي به اِهو ڪوڪلو ٿو معلوم ٿئي. جارج بش وچ اوڀر ۾ فتح حاصل ڪرڻ جي باوجود اڃان تائين پنهنجي انهيءَ نعري کي پنهنجي سر چئن مختلف پهلوئن سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ضروري ناهي ته سندس حاصل ڪيل نتيجن سان اسين به سهمت هجون. سندس چار پهلو هي آهن:

1- گڏيل انحصار جو عالمي معاشرو يا ڳوٺ
2- اجتماعي جمهوري نظام جو هڪ نمونو
3- اجتماعي بچاءَ جو هڪ نمونو
4- آمريڪا عالمي امن جو ديوتا

آسٽريلوي دانشور پنهنجي قائم ڪيل چئن پهلوئن ۾ آمريڪا جي اقتصادي مفادن يا انهيءَ ڏس ۾ عالمي اقتصاديات جي حوالي سان آمريڪا جي نئين عالمي نظام تي روشني وجهڻ جي ضرورت محسوس ناهي ڪئي. اسين ان کي پنجين پهلوءَ جي حوالي سان سجهڻ جي ڪوشش به ڪري سگهون ٿا. اصل ۾ نئين عالمي نظام جو ڇهون حقيقي پهلو اهوئي آهي.

## 1- گڏيل انحصار جو عالمي معاشرو يا ڳوٺ:

هن تصور جو بنياد انهيءَ مفروضي تي رکيو ويو آهي ته سرد جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جيئن ته طاقت جي سياست جو رجحان ختم ٿي چڪو آهي، هڪ ٻئي سان مقابلي جي ضرورت نه رهي آهي، انهيءَ ڪري دنيا ۾ سگهوني سرهاڻيون اچي وينديون ۽ 'ڳالهين وسيلي نبيري' جي اهڙي فضا قائم ٿي ويندي، جيڪا دنيا کي جنت بڻائي ڇڏيندي.

هن تصور جي حامين جو مسئلو اهو آهي ته ڪين ڪڏهن به ڪنهن حقيقي ڳوٺ ۾ رهڻ جو موقعو نه مليو آهي، ڪين ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ موجود تعصبن، دشمنين، ڪميٽاپ، ريس ۽ حسد ۽ اهڙن تمام گهڻن مسئلن جو پتو ئي ناهي. ڳوٺاڻي جيوت جي بناوٽ ۽ سڃاڻپ ڪٽنبن وسيلي ٿيندي آهي ۽ اهي ڪٽنب ئي آهن، جيڪي خُونن ۽ مخالفن تي ڏاڍ ڏمر ۾ ملوث هوندا آهن (۽ انهيءَ قتلام ۽ ڏاڍ

جو پس منظر معاشي اڻ-برابريءَ واري طبقاتي سماج تي هوندو آهي).

## 2- اجتماعي جمهوري نظام جو نمونو:

هن مفروضي جون ٻه وضاحتون ٿي سگهن ٿيون: پهرين اها ته جيئن ته سڄي دنيا جمهوري انقلابن جي لپيٽ ۾ اچي چڪي آهي، ان ڪري جارح بش جو نئون عالمي نظام جمهوريت جي عالمي تصور جو هڪ سگهارو قلعو هوندو ۽ ٻي اها ته جمهوريتون جيئن ته پاڻ ۾ جهيڙو جهٽو نه ڪنديون آهن، ان ڪري اسان کي خاطري ڪرڻ گهرجي ته اسين هڪ اهڙي دور ۾ داخل پيا ٿيون، جنهن ۾ دنيا جا سمورا ماڻهو پاڻ ۾ گير گنڍ ٿي ويندا. اصل ۾ جمهوريتن جي واڌ يا انهن جي مقبوليت بابت به اسان جا انداز گهڻي ڀاڱي تصوراتي هوندا آهن. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي حالت اها آهي ته هڪ هفتي ۾ جيڪڏهن هو جمهوري ملڪ سڏرائين ٿا ته ٻئي هفتي آمريت جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل نسجن ٿا. لاطيني آمريڪا جي اڪثر ملڪن جي سياسي ثقافت ۾ ڏکي عرصي کان ڪا تبديلي نظر نٿي اچي، انهن ملڪن جو عوام ڪذريل ڪيترين ئي نسلن کان نج آمريتن ۽ نام نهاد جمهوريتن جي وچ ۾ ٿاٻا کائي رهيو آهي. جيستائين انهيءَ مفروضي جو تعلق آهي ته جمهوريتون پاڻ ۾ جهيڙو نه ڪنديون آهن، ان ڏس ۾ اسان کي اولهه جي ماضيءَ تي نظر وجهڻ گهرجي. فرانس کي جديد جمهوريت جي باني ۾ ليکيو ٿو وڃي. انهيءَ فرانس جي نيپولين، سڄي قوم جي بالغ مردن کي ويهن سالن تائين باقي يورپ جي ملڪن خلاف جنگ جي باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. 1914ع ۾ برطانيا، فرانس ۽ جرمني اعتدال پسند ۽ جمهوري ملڪ ئي ڳڻبا هئا، پر هن تاريخ جي ڀوائتي جنگ وڙهي ۽ خود آمريڪا به پنهنجي جمهوري ڪردار سان گڏوگڏ ڪيترن ئي غيرجمهوري ملڪن خلاف 'مختصر ۽ شاندار' جنگيون وڙهي چڪو آهي. ڪذيل انحصار جي عالمي معاشري يا گوٺ ۽ اجتماعي جمهوري نظام وارا ٻئي نظريا انهيءَ عقيدي تي قائم ڪيا ويا آهن ته نئين عالمي نظام سبب ٽڪراءَ جا امڪان گهٽ ٿي ويندا. تنهنڪري طاقت جي استعمال جي رجحان ۾ به گهٽتائي ايندي. انهيءَ عقيدي جي ترديد نار واري جنگ ۾ ٿي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ فوجي طاقت جو ڪردار جاپان ۽ جرمنيءَ جهڙين اقتصادي طاقتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ فيصلي ڪُن هو. انهيءَ تقابلي صورت حال عالمي نظام کي نئين معنيٰ ڏني آهي: ته مخصوص حالتن ۾ طاقت جو استعمال به ڪري سگهجي ٿو.

## 3- اجتماعي بچاءُ جو نمونو:

هي تصور 1939ع جي مشهور نظريي جو پڙاڏو آهي. نار واري جنگ جي حوالي سان ڪڏيل قومن جي 'سلامتي ڪائونسل' جنهن تيزي ۽ ڦڙتيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ان سان سرد جنگ جي 'حقيقي خاتمي' جي يقين کي هٿي ملي

تي ۽ اجتماعي بچاءَ جو نظريو عمل جوڳو نظر ٿو اچي. فيبروري 1991ع ۾ نيويارڪ جي اڪنامڪ ڪلب ۾ تقرير ڪندي آمريڪي صدر جارج بش چيو هو ته "منهنجي خيال ۾ نئون عالمي نظام گڏيل قومن جي امن قائم ڪرڻ واري ڪردار جو تسلسل آهي." هن دعويٰ ۾ انهيءَ حقيقت ڪي قطعي وساريو ويو هو ته نار ۾ فوجي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۽ سندس اتحادين پنهنجي ڪيتري فوجي سگهه ڪي داءَ تي لڳايو هو. اهو به وساريو ويو هو ته انهيءَ جنگ ۾ آمريڪا جو هڪ اهڙي وِلن سان مقابلو هو، جنهن وٽ پنهنجي ڪردار جي حوالي سان ڪو اخلاقي اثاثو به نه هو ۽ جيڪو بي عقليءَ جي آخري حدن تائين مست به هو. ۽ ان ڪان سواءِ به گهڻو ڪجهه هو. اهو تيل جي دولت سان مالا مال علائقو به هو ۽ سعودي عرب پنهنجي ڌرتي پڻ پيش ڪئي هئي، جتي آمريڪا پنهنجون فوجون لاهي سگهي ۽ انهيءَ اڏي تان پنهنجي جنگ وڙهي سگهي ۽ اها اهڙي جنگ به هئي جيڪا آمريڪا پنهنجي خرچ تي نه پئي وڙهيو. جنهن جو بل عربن ڪي پرڻو هو ۽ جنهن جي خرچ پکي ۾ آمريڪا جي باقي دوستن ڪي به هٿ ونڊائڻو هو. جرمني ۽ جاپان ڪي خاص طور تي انهيءَ جنگ جي خرچن ۾ پنهنجا عطيا پيش ڪرڻا هئا. ايران. عراق جنگ دوران ڪوئيتي تيل جي ٽينڪرن تي آمريڪي جهنڊو ڦرڪائڻ جي جيڪڏهن في اوڳاڙي سگهجي ٿي ته پوءِ عراق خلاف سڌي سنئين جنگ ڪنهن مالي نفعي بنان ڪيئن ٿي وڙهي سگهجي. ڇا دنيا ۾ ڪو ٻيو اهڙو گرم ماڳ آهي، جتي آمريڪا پنهنجو فوجي اڏو ٺاهي، اهڙي نموني جي جنگ وڙهي سگهي؟ يا آمريڪا ڪي اهڙيون ئي سهوليتون مهيا ڪيون وڃن؟ يقيناً دنيا ۾ اهڙو ڪو ٻيو علائقو نظر نٿو اچي. جيڪا هڪ ڳالهه تمام گهٽي چٽي پئي وڃي ته اهڙو ڪو به مسئلو جيڪو سلامتي ڪائونسل جي ويٽو پاور رکندڙ طاقتن وچ ۾ پيدا ٿئي ته انجي حل بابت گڏيل قومن جو ادارو پنهنجي مثبت ڪردار جي معاملي ۾ ايترو ئي بيوس نظر ايندو، جيترو بيوس اڄ تائين نظر ايندو رهيو آهي.

## 4- آمريڪا عالمي امن جو ديوتا

ڇا آمريڪا هڪ مستند ۽ گهڻ- پاسائتي سپرپاور جي حيثيت سان دنيا جي نافرمان ملڪن تي پنهنجي حاڪميت ٺاقي سگهي ٿو؟ نار جي سوڀ جي بنياد تي پنهنجي نئين عالمي نظام جي حوالي سان، هو پڪ سان اهڙي دعويٰ ڪري سگهي ٿو. ان ڳالهه جو جارج بش پنهنجي تقرير ۾ چٽو پٽو اشارو پڻ ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته "نار جي جهيڙي ۾ آمريڪا فوجي مداخلت ڪري سرد جنگ جي خاتمي ڪان پوءِ واري دنيا لاءِ نون قاعدن جو بنياد رکي رهيو آهي."

نار ۾ سوڀ جي شهرت جي باوجود ڪنهن به منطق سان اها ڳالهه ممڪن نظر نٿي اچي ته آمريڪا دنيا تي پنهنجي حاڪميت قائم ڪري سگهندو.

آمريڪا کي جهڙي قسم جي برتري ۽ گهرو ۽ پرڏيهي طور تي جيڪي سهولتون نار جي جنگ ۾ حاصل رهيون، ضروري ناهي تہ مستقبل ۾ بہ ڪيس ميسر هجن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سرد جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جي دنيا هڪ مختلف دنيا هوندي (جنهن ۾ اميد گهٽ ٿي ڪري سگهجي، ان جا ڪيترائي نُوس سبب موجود آهن، پهريون سبب تہ خود وچ اوڀر جي صورتحال آهي. رڳو عراق کي ڪچلي ڇڏڻ يا عراق تي فوجي سوڀ ماڻڻ کي صورتحال ۾ ڪنهن نُوس تبديليءَ جو بنياد نٿو بڻائي سگهجي. سڀ کان اهم ڳالهہ عرب اسرائيل جهيڙي جو حل آهي ۽ ٻيو اهم مسئلو فلسطينين جي آزاد ۽ خودمختيار رياست قائم ڪرڻ جو آهي. جن کي حل ڪرڻ جي ذميواري آمريڪا قبولي آهي يا جنهن کي حل ڪرائڻ جي حوالي سان ان نئين عالمي نظام جو نعرو لڳايو آهي ۽ ٽين اهم ڳالهہ آمريڪا ۽ سندس اتحادين جي انهن سمورن مسئلن جي حوالي سان پنهنجي تضادن جو مسئلو آهي ۽ چوٿين اهم ڳالهہ وچ اوڀر جي تيل سان مالامال علائقي ۾ اولهہ جي ملڪن جي مفادن جو مسئلو آهي. ضروري ناهي تہ سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ جي صورتحال ۾ بہ آمريڪا جي يورپ تي بالادستيءَ جي سياست ايندڙ وقت ۾ بہ برداشت جوڳي سمجهي وڃي) طاقت جي توازن جي شڪل بدلجي ويندي، نظرياتي ڇڪتاڻون گهٽجي وينديون، ائٽمي ۽ جراثيمي هٿيارن ۽ انهن هٿيارن جي نشاني تائين پهچائڻ وارن ميزائلن ۾ گهٽتائي بہ ممڪن ٿي سگهي ٿي. نئين عالمي نظام جي اصطلاح کي جيڪڏهن انهن معنائن ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ اهو بهتر ٿي ٿيندو، ڇاڪاڻ جو جارج بش جنهن انداز سان انهيءَ تصور کي اڳتي وڌائي رهيو آهي، ان جو مطلب دنيا جي معاملن بابت پنهنجي عوام کي وهم ۾ مبتلا ڪرڻ آهي ۽ سندس سوچ تي خيالي دنيا جو بار وجهڻ آهي.

آسٽريلوي دانشور جي قائم ڪيل چئن مفروضن جي حوالي سان نئين عالمي نظام کي سمجهڻ جي انهيءَ تجزياتي ڪوشش جو ڳر اهو ٿي سگهي ٿو تہ اهو هڪ اهڙو تجريدي فارمولو آهي، جنهن جون هڪ کان وڌيڪ تشريحون ٿي پيون سگهن، جڏهن تہ دنيا پنهنجن مسئلن ۽ پنهنجن تضادن جي حوالي سان ان قسم جي تجريدي حل جي متحمل نٿي ٿي سگهي. سرد جنگ جي 'پڄاڻيءَ' جي منطق جي حوالي سان دنيا ۾ امن جي قيام جو تصور سرد جنگ جي 'پڄاڻيءَ' کان اڳ واري زماني جي صورتحال کان بہ ڪجهہ وڌيڪ خراب ۽ اڻچٽو نظر اچڻ لڳو آهي. سرد جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ پاناما ۽ نار ۾ آمريڪي فوجي مداخلت دنيا کي اڳي کان وڌيڪ بيچاري ڇڏيو آهي، ٽين دنيا جي ملڪن جي آزادي، خودمختياري ۽ سندن پيداواري ذريعن تي آمريڪي حق جي امڪانن ۾ اڳي کان وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي.

واشنگٽن ڊي سي جي انسٽيٽيوٽ فار پاليسي اسٽڊيز جي هڪ باني دانشور رچرڊ برنيٽ پنهنجي مختصر تجزئي ۾ ڪجھ هنن خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

”آمريڪا نيٺ هڪ ’وڏي‘ جنگ وڙهڻ ۽ کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. پينٽاگون جي جنگي معيار يا ان جي جنگي صلاحيتن آمريڪي عوام ۽ آمريڪي فوج وچ ۾ نار کي اجا تائين ويڪرو ڪري ڇڏيو آهي، وچ اوير ۾ فوجي فتح جي ’فخر جوڳي‘ ڪارنامي کان پوءِ اهو هڪ نئين اعتماد سان فوجي بجيٽ ۾ ڪٽوتين جي تجويزن کي نظرانداز ڪرائي ڇڏيندو ۽ جديد ترين جنگي ٽيڪنالوجي جي هڪ نئين سلسلي جي تياري شروع ڪري ڏيندو“

”نار واري جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ آمريڪي عوام جنگ جي ڳهرج جي مسئلي تي ورهائجي ويو هو. هڪ واضح اڪثريت جنگ جي خلاف هئي پر نار ۾ آمريڪا جي چرڪائيندڙ فوجي فتح جنگ مخالف عوام کي گهٽائي مان ٿورائيءَ ۾ مٽائي وڌو. نالي ماتر نقصان جي قيمت تي هڪ وڏي سوڀ جي حاصلات سبب ڇڪتاڻ جي سياسي حل جي ضرورت واري موقف کي تمام گهڻو ڇيهو رسيو آهي. جنگ جا مخالف انهيءَ تصور کان بنل آهن تہ فوجي فتح جي اهو مثال ايشيا افريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ انهن جي مسئلن ۽ جهيڙن جي حوالي سان آمريڪا جي فوجي مداخلت کي جواز نہ بڻائي وجهي. انهيءَ آمريڪي سوڀ کي ڇا اها معنيٰ ڏئي پئي سگهجي تہ آمريڪا پنهنجي فوجي طاقت سان سڄي دنيا تي پنهنجو رٿيل نئون عالمي نظام لاڳو ڪري ڇڏي؟“

زميني جنگ جي شروعات کان پهرين نيويارڪ جي اڪنامڪ ڪلب ۾ تقرير ڪندي جارج بش چيو هو تہ آمريڪي قيادت نار ۾ جنگ وڙهي آمريڪا جي ساک جي بحاليءَ جا اهڙا نتيجا حاصل ڪرڻ چاهي ٿي جيڪي آمريڪا ۽ يورپي صنعتي ملڪن جي وچ ۾ امن ۽ خوشحاليءَ جا ناتا سگهارا ڪري سگهن.“ جارج بش جي لفظن کي هن طرح بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ سرد جنگ جي ’پڄاڻي‘ کان پوءِ خاص طور تي سوويت يونين جي عالمي سياست مان نڪري وڃڻ کان پوءِ اولھ وارن ملڪن تي آمريڪا جو سياسي ڪنٽرول ختم ٿي وڃڻ جو جواز پيدا ٿي ويو هو. انهيءَ جواز کي قائم رکڻ يا يورپي ملڪن تي پنهنجي وڏيرائپ قائم رکڻ لاءِ ضروري هو تہ آمريڪا ٽين دنيا جي ڪنهن اهم پيداواري علائقي ۾ مداخلت ڪري نہ رڳو پيداواري علائقي تي قبضو ڪري وٺي، پر تيل تي اولهائين ملڪن جي لٽي اُيرئي جي حوالي سان يورپي ملڪن تي پنهنجي ٿاٿيداري بہ قائم رکي سگهي. انهيءَ آمريڪي حڪمت عمليءَ جو اشارو پينٽاگون جي انهيءَ بيان مان بہ ملي ٿو جيڪو عراق جي ڪويت تي قبضي کان

ڪيترائي مهينا اڳ پڌرو ڪيو ويو هو. جنرل اي ايم گري لکيو هو ته، "دنيا ۾ تشدد جي رجحان خلاف رد عمل جي لحاظ سان گڏوگڏ آمريڪا کي پنهنجي حيرت انگيز فوجي طاقت جو اظهار ڪندو رهڻ گهرجي."

آمريڪي دانشور رچرڊ برنٽ کي شڪ آهي ته آمريڪا جي سياسي حڪمت عمليءَ جو هي چارحاڻو انداز آمريڪي بجيٽ جا مسئلا حل ڪري سگهندو. سندس چوڻ جو مقيد آهي ته انهيءَ جنگ سان لاڳاپيل امن وارو خواب رڻ پٽ ۾ دفن ٿي چڪو آهي. هو اهو مڃڻ لاءِ به تيار ناهي ته اهو آمريڪي ڪردار دنيا ۾ ڪنهن خاص تبديليءَ جو سبب بڻجي سگهندو. انهيءَ جنگ جي تباهين جا مڪمل نتيجا اڃان سامهون نه آيا آهن. اڃان اهو ڪاٿو نه لڳايو ويو آهي ته انهيءَ جنگ ماحولياتي ڏس ۾ انسانذات جي آئيندي کي ڪيترو نقصان پهچايو آهي. جڏهن اهي سمورا تفصيل سامهون ايندا ته آمريڪا مستقبل جي جنگين لاءِ شايد پنهنجي اولهائين اتحادين جي اها نالي ماتر خوشامد به حاصل نه ڪري سگهي جيڪا نار واري جنگ دوران کيس ملي هئي.

رچرڊ برنٽ موجب واشنگٽن انتظاميا پنهنجي سوڀ تي ڪيڏي به سرهي ڇو نه هجي، پر اُها نئين صديءَ ۾ پنهنجي جنگي حڪمت عملين سان نئين داخل ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته گهڻي عرصي تائين پنهنجي شهري صنعت کي نظرانداز ڪرڻ سبب (جنگي صنعتن يا جنگي معيشت تي ڀاڙڻ سبب) آمريڪا کي گهڻ عرصي واري پرڏيهي سرمائي تي ڀاڙڻو پوندو. جيڪڏهن آمريڪا، جاپان ۽ يورپي ملڪ هڪ صنعتي بلاڪ طور صنعتي ڊوڙ جي ميدان ۾ لهڻ جو فيصلو ڪن ٿا ته ان قسم جي نئين عالمي اقتصادي نظام تي آمريڪي فوجي وڏيرائپ برداشت نه ڪري سگهبي. نئين عالمي نظام ۾ آمريڪي ڪردار جو دارومدار يا چونڊ سندس اقتصاديات جي حوالي سان ئي ٿي سگهي ٿي (فوجي سگهه جي اظهار سان نه) جنگي صنعتڪاريءَ جي نتيجي ۾ آمريڪي اقتصاديات کوکلي ٿي چڪي آهي. پرڏيهي سرمائي تي سندس دارومدار ۽ رستن، اسڪولن، پلين ۽ شهري جيوت جي ٻين شعبن ۾ سرمائيڪاري کان ڪن-ٿار جي تمام گهٽي ۽ گهوري قيمت آمريڪي معاشري کي ڀرڻي پيئي پوي. اِها صورتحال فقط ان صورت ۾ ئي بدلجي سگهي ٿي، جو آمريڪا پنهنجي صنعتي سرمائيڪاريءَ جي ترجيحن ۾ ڏور رس تبديليون پيدا ڪري. سوويت يونين جي تمام گهڻي اهم فوجي طاقت هوندي به عالمي سياست کان پاسو بچائڻ تمام گهڻو بامطلب امر آهي. (ان جو سڌو ۽ چٽو مطلب اهو آهي ته سوويت يونين پنهنجي ترجيحن ۾ ڦيرو آندو آهي.)

هاڻ جيڪڏهن آمريڪا پنهنجي ترجيحن ۾ ڦير نٿو آڻي ته ان جو مطلب دنيا ۾ آمريڪي اثر جي زوال کان سواءِ ڪجهه به ناهي. آمريڪا ۾ فوجي جنون جي واڌ جي هوندي به آمريڪي صدر لاءِ سياسي طور تي اهو ممڪن نظر

نئو اچي ته اهو هڪ نئين اسپارٽاجي حيثيت سان نئين صديءَ ۾ داخل ٿئي. آمريڪا دنيا جي واحد اهڙي صنعتي رياست آهي، جتي صحت جي انشورنس جو ڪو بندوبست ناهي. جيلن ۾ بند قيدين جي تعداد جي تناسب سان اهو سڄي دنيا ۾ سڀني کان اڳرو آهي ۽ قتل ۽ مارڪٽ جي انگن اکرن جي حوالي سان به اهو دنيا جي پهرين صف جو ملڪ آهي ۽ ان حقيقت جو اعتراف ته خود جارج بش به ڪيو هو ته 'عراق خلاف زميني جنگ ۾ مارجي ويل آمريڪين جو ڳاڻيٽو آمريڪا جي شهرن، رستن ۽ گهٽين ۾ قتل ٿيندڙ آمريڪي شهرين جي مقابلي ۾ تمام گهٽ هو.'

آمريڪا جي حقيقت پسند دانشورن جي نظر ۾ آمريڪا جي نئين عالمي نظام جو جيڪڏهن ڪو بنياد ٿي پيو سگهي ته اهو ئي ته دنيا تي آمريڪي فوجي برتريءَ جي تصور کان پرهيز ڪئي وڃي. آمريڪا نه رڳو پنهنجي جنگي اقتصاديات کي تبديل ڪري پر باقي دنيا کي به سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ته اُهي اهڙين صنعتن ۾ سرمائيڪاري کان بچن جيڪي سندن عوام کي زندگيءَ جون بنيادي سهولتون نه ڏئي سگهن. ٽين دنيا جا ملڪ جن ۾ پاڪستان به شامل آهي، خاص طور تي فوجي سياست ۽ فوجي اقتصاديات جا تجربيگاهه نه ٿين.

تاريخي حقيقتون چاهي ڪجهه به هجن، آمريڪي حڪمرانن جي رويي ۾ دنيا جي آئيندي بابت ڪنهن مثبت تبديليءَ جي سڌ في الحال خوش خيالي ئي ٿي سگهي ٿي. ان ڳالهه جا امڪان ايترا روشن نٿا نظر اچن ته آمريڪا پنهنجي نئين عالمي نظام جي ساڳي ساپيان پيش ڪري جيڪا سندس عوام ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي سپنن جو حاصل تصور ڪئي ٿي وڃي. هڪ آمريڪي چوڻي آهي ته 'جيڪي ماڻهو بندوق جي سهاري جيئندا آهن، اُهي مرندا به بندوق ذريعي ئي آهن.' آمريڪي سياست ۽ اقتصاديات جو اهو پاسو نه رڳو آمريڪي عوام پر سڄي دنيا جي عوام لاءِ پريشانيءَ جو سبب ٿي سگهي ٿو ۽ ان پريشاني ۾ بش جي نئين عالمي نظام جي تصور سان اڃا تائين اضافو ٿو ٿئي. اها پريشاني اسان کان کُهر ٿي ڪري ته اسين نئين عالمي نظام جي مسئلي تي غور ۽ فڪر جو سلسلو جاري رکون، نئين عالمي نظام جي تصور کي مڪمل طور تي سمجهڻ بنا اسين نه ته ان جي خوبين جي حمايت ڪري سگهون ٿا ۽ نه ئي ان جي نقصانن سان سينو سهائي سگهون ٿا.

بنان ڪنهن هٻڪ جي جنهن ڳالهه تي اسين سهمت ٿي سگهون ٿا. اُها هيءَ آهي ته دنيا جي شڪل صورت ۾ هڪ چٽي تبديلي ظاهر ٿي رهي آهي. دنيا پاسو بدلائي رهي آهي ۽ اِهو ته دنيا ۾ ڪجهه نيون حقيقتون جنم وٺي رهيون آهن. جارج بش جي ان صورتحال کي هڪ نئين عالمي نظام جو نالو ڏنو آهي، جنهن جي تشريح جو هڪ پاسو جارج بش پرڏيهي معاملن واري وزير جيمس

بيڪر هنن لفظن سان پيش ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي ته "اسين تاريخي تبديلين جي اهڙي منزل تائين پهچي ويا آهيون، جنهن کان اڳتي اسان لاءِ سک ئي سک آهي، بس رڳو اسين جيڪڏهن دنيا کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسندڙ نئين هٽلر (صدام حسين) کي ختم ڪري وجهون."

جيمس بيڪر نار واري جنگ کي خير ۽ شر جي جنگ جو تاج پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، هن بديءَ تي نيڪي جي فتح جي بشارت سان گڏوگڏ دنيا کي مستقبل جي خوشين جو سنيهو پڻ ڏنو هو، ۽ انهيءَ جهاد لاءِ ڪيس دنيا جهان جي مڪمل حمايت به حاصل هئي. گڏيل قومن جو ادارو پنهنجي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 'امن قائم' ڪرڻ لاءِ ايترو متحرڪ ۽ سرگرم نظر آيو هو، جنهن جو سبب اهو هو ته سلامتي ڪائونسل ۾ آمريڪي نهرائن کي ويٽو ڪرڻ وارو ڪوبه نه هو. سوويت يونين جو مزاحمتي ڪردار تان هٿ کڻڻ خير (آمريڪا) جي شر (سوويت يونين) تي سوڀ جي علامت هو. حقيقت تي هڏل نٿو ٿي سگهي. سلامتي ڪائونسل جي تاريخ جا انگ اکر خير ۽ شر جا بلڪل ئي مختلف تفصيل پيش ٿا ڪن. انهن تفصيلن کي سامهون رکي ئي اسين اهو فيصلو ڪري ٿا سگهون ته گڏيل قومن ۽ سلامتي ڪائونسل پنهنجي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هيل تائين دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪو مثبت ڪردار ادا نه ڪيو آهي. ان جي راهه ۾ ڪير رڪاوٽ هو يا ڪهڙيون رڪاوٽون هيون ۽ امن جي قيام وارين ڪوششن جي حوالي سان خير ۽ شر جو اصل معيار ڇا هو. جيستائين اسين ان حقيقت کي نه سمجهي وٺون، وچ اوڀر ۾ آمريڪا جي فوجي مداخلت، آمريڪا جي فوجي فتح ۽ سندس تجويز ڪيل نئين عالمي نظام کي سمجهي نٿو سگهجي.

## گڏيل قومن جي اداري ۾ وڏين طاقتن جو ڪردار

گذريل ويهن سالن جي گڏيل قومن جي رڪارڊ جي اڀياس مان پتو ٿو پوي ته آمريڪا گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اڪيلو اهڙو مستقل رڪن آهي، جنهن سلامتي ڪائونسل ۾ استعمال ٿيندڙ ويٽو جي ڪل تعداد جو 60 سيڪڙو استعمال ڪيو. باقي حصي جو پنجاهه سيڪڙو برطانيا استعمال ڪيو. برطانيا ۽ آمريڪا پنهنجي سلامتي ڪائونسل ۾ مجموعي طور تي 80 سيڪڙو ويٽوز استعمال ڪيا آهن. فرانس جو ان ڏس ۾ ٽيون نمبر آهي. جڏهن ته سوويت يونين جو وارو ان کان پوءِ ٿو اچي، جنهن سدائين گڏيل قومن جي ميمبرن جي اڪثريت جي مفاد ۾ ويٽو استعمال ڪيو آهي.

جيڪڏهن ويٽو جي استعمال واري جواز جي تفصيلن تي غور ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته آمريڪا ۽ برطانيا جا استعمال ڪيل ويٽوز سرد جنگ جي بنياد تي ٻه ته هئا. اهي اتر ۽ ڏکڻ جي تعلق جي بنياد تي هئا، جنهن کي اسين پراڻي اصطلاح موجب سامراجي ضرورت چئي سگهون ٿا. اهو يورپ جو سڄي دنيا تي

حاڪميت جي روايت جي پس منظر جو اولڙو هو جنهن ۾ بنيادي ڪردار آمريڪا جو ۽ برطانيا جو ثانوي ڪردار هو. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ٻه ووٽن جي مرحلي ۾ آمريڪا جو ڪردار اڪثريت جي ڪردار خلاف نظر ٿو اچي. هو اڪثر جنرل اسيمبليءَ ۾ اڪثريت جي مقابلي ۾ يا ته اڪيلي سر يا وري هڪ اڌ ڇاڙتي سان گڏ بيٺل نظر ٿو اچي ۽ اهو سڀ ڪجهه اهڙن موقعن تي ٿيو جڏهن جنرل اسيمبليءَ جي اڪثريت ۾ اڳرائي، قبضي، اسلحي جي ڊوڙ ۾ گهٽتائي، انساني حقن يا ماحولياتي تحفظن جهڙن معاملن تي ووٽ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي، تنهن ڪري انهيءَ رڪارڊ ۾ ڪردار جي حوالي سان اهو چوڻ ٺيڪ نه ٿيندو ته سوويت يونين جي عالمي سياسي منظر تان هٽي وڃڻ کان پوءِ گڏيل قومن ۾ ان جي سلامتي ڪائونسل جي لاءِ امن جي قيام واري راهه ۾ ڪا رڪاوٽ باقي نه رهي آهي. سوويت يونين ته گڏيل قومن ۽ ان جي سلامتي ڪائونسل جي رڪارڊ موجب امن جي راهه ۾ ڪڏهن به رڪاوٽ ٿيو ئي ناهي. اصل ۾ سرد جنگ جي ’خاتمي‘ جي نانءَ تي وچ اوڀر ۾ آمريڪي اڳرائي کي امن يا امن جي قائم ڪرڻ لاءِ ڪو قدم جي معنيٰ ڏيڻ جي هڪ اينگي ڪوشش آهي، جيڪا نيويارڪ ٽائمز ۽ آمريڪي سڌ سماءَ جي ذريعن سڄي دنيا جي عوام کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪئي آهي.

## پاناما ۾ نڪاراڳوا

هيءَ 90 -1989 جي سياري واري مُند ۾ گڏيل قومن جي اجلاس جي ڳالهه آهي. سلامتي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ٽي ڀيرا ويٽو جو استعمال ڪيو ويو ۽ اهي ٽئي ويٽو آمريڪا استعمال ڪيا. انهيءَ اجلاس ۾ ٻه ٺهراءُ اهڙا هئا، جن ۾ آمريڪا جي پاناما ۾ فوجي اڳرائيءَ جي مذمت ڪيل هئي. انهن ٻنهي ٺهرائن خلاف آمريڪا ويٽو ڪيو. اِهو ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته پاناما خلاف آمريڪي اڳرائي سرد جنگ جي ’خاتمي‘ کان پوءِ جو واقعو آهي. صدام حسين جي عراق خلاف فوجي ڪارروائي سرد جنگ کان پوءِ جي دور جو ٻيو واقعو آهي. سرد جنگ جي دور ۾ فوجي ڪارروائين جي ڏس ۾ آمريڪي اڳرائيءَ لاءِ سوويت يونين کي ’خطري‘ جو جواز بڻايو ويندو هو. پاناما جي معاملي ۾ آمريڪي پروپئگنڊا جي ادارن ان قسم جي ڪنهن خطري جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو. پاناما خلاف فوجي ڪارروائي جي نتيجي ۾ هزارين ماڻهن جو قتلام ڪيو ويو. هڪ اندازي موجب فقط هڪ رات ۾ ويهه هزار شهري قتل ڪيا ويا ۽ انهيءَ سڀ کان پوءِ پاناما ۾ هڪ ڪٺ پتلي حڪومت قائم ڪئي جيڪا پاناما ۾ اٺ سيڪڙو يورپي اقليت جي نمائنده آهي، جنهن آمريڪا کي ان ڳالهه جي خاطري ڏياري آهي. پاناما ڪئنال جو ٺاهه آمريڪي مفادن موجب ئي لاڳو ڪيو ويندو. آمريڪا پنهنجي انهيءَ سڀ کي جمهوريت جي سڀ ڳڻايو پر لاطيني

آمريڪا جا ملڪ آمريڪا جي انهيءَ ڪردار کي ڪنهن بنھي رُخ سان ڏسي ۽ سمجهي رهيا آهن. عراق خلاف فوجي فتح کان پوءِ انهن ملڪن لاءِ آمريڪا جي نئين عالمي نظام جو مطلب سمجهه ۾ اچڻ جوڳو بڻجي ويو هوندو.

پاناما لاطيني آمريڪا جي اٺن جمهورتين جي گروپ جو هڪ رڪن هو. ان جي رڪنيت نوريگا جي اعتراض جوڳي روبي سبب معطل ڪئي وئي، ڪذريل مارچ ۾ ان جي رڪنيت مڪمل طور تي ختم ڪئي وئي ۽ انجو جواز اهو ٻڌايو ويو ته پاناما هاڻ ڪنهن بہ طور جمهوري ملڪ نہ رهيو آهي. اهو نوريگا جي زوال کان پوءِ جو قصو آهي، جنهن کي آمريڪا پاناما ۾ جمهوريت جي فتح ۽ بحاليءَ جو دور سڏيو هو. ڪجهه وقت اڳ ئي پاناما ۾ چونڊون ٿيون آهن. آمريڪي پريس انهن چونڊن جو ذڪر ئي ناهي ڪيو ۽ ان جو مضبوط سبب اهو هو تہ پاناما جي نو ن صوبن مان ڇهن صوبن ۾ نوريگا جا حامي سوڀارا ٿيا هئا. آمريڪي نقطي نظر جي لحاظ کان اتي جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي انجو جمهوريت سان پري جو بہ ڪو واسطو ناهي.

اڄوڪو ٿُوس ڪو ٻيهر سلامتي ڪائونسل ۾ آمريڪا جي ٽن ويٽوز تي غور ڪيون. آمريڪا بہ ويٽو تہ انهن ٺهرائن خلاف استعمال ڪيا، جيڪي پاناما ۾ آمريڪي فوجي ڪارروايُن جي مذمت بابت هئا ۽ ٽنين ٺهراءَ ۾ اسرائيل پاران بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزين جي مذمت ڪيل هئي. آمريڪا اسرائيل خلاف هر ان ٺهراءَ کي ويٽو ڪرڻ جي پاليسي جوڙي آهي، جنهن ۾ اسرائيل جي ڪرائي ۽ ان جي توسيع پسنديءَ کي مذمت جوڳو ڪوٺيو ويو آهي.

انهيءَ حوالي سان جنرل اسيمبليءَ جي ڪجهه ٺهرائن جو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب ٿيندو. جنرل اسيمبليءَ ۾ بہ اهڙا ٺهراءَ پيش ڪيا ويا جن ۾ دنيا جي سمورين رياستن کي بين الاقوامي قانون جي احترام ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. فقط بہ ملڪ اهڙا هئا جن انهن ٺهرائن جي خلاف ووٽ ڏنو. هڪ آمريڪا ۽ ٻيو اسرائيل. انهن مان هڪ ٺهراءَ اهڙو بہ هو جنهن ۾ نڪاراڳوا خلاف ڪونٽرا باغين کي ڏنل آمريڪي امداد کي مذمت جوڳو ٺهرايو ويو هو. ٻئي ٺهراءَ ۾ نڪاراڳوا خلاف آمريڪي پابندين کي ننديو ويو هو. انهن ٻنهي معاملن کي عالمي عدالت غيرقانوني قرار ڏئي چڪي آهي. انهيءَ جي باوجود آمريڪا جي ڪن تي جوں بہ ڪانہ سرڪي.

هڪ ٺهراءَ اهڙو بہ هو جنهن ۾ طاقت جي ذريعي ڪنهن علائقي تي قبضي جي مخالفت ڪئي وئي هئي. اهو ٺهراءَ 151 ووٽن جي اڪثريت سان منظور ڪيو ويو، جنهن تہ فقط ٻي ووٽ ان جي مخالفت ۾ آيا. ناٽو جا تقريباً سمورا ملڪ 151 ۾ شامل هئا. مخالفت وارا ٻي ملڪ آمريڪا، اسرائيل ۽ ڊومينيڪا هئا. (عراق ڪويت تي قبضو ڪري اهڙوئي ڪم ڪيو هو، جنهن جي انهيءَ

ٺهراءَ جي روشنيءَ ۾ مخالفت ڪئي وئي هئي ۽ آمريڪا جنهن جي خلاف ووٽ ڏنو هو. آمريڪا انهيءَ ٺهراءَ خلاف ووٽ ڏئي عملي طور تي اهو سمجهه ڏنو هو. جيڪو صدام حسين عراقي فوجون ڪويت اماڻي ڪيو. اها تمام تعجب جهڙي ڳالهه آهي ته آمريڪا ڪُڌيل قومن ۾ ته طاقت وسيلي ڪنهن علائقي تي قبضو ڪرڻ جي غيرقانوني عمل جي مخالفت ۾ ووٽ ڏئي به پنهنجي شان وٽان نٿو سمجهي، پر جيڏي مهل عراق ڪويت تي قبضو ٿو ڪري ته ٽئين عالمي جنگ جو نقارو وڄائي سڄي دنيا تي عذاب ٿو نازل ڪري. انهيءَ ٻچاڙائي جو هڪ سبب ته سمجهه ۾ اچي ٿو ته هو ڪنهن به قيمت تي عرب علائقن تي اسرائيلي قبضي خلاف ڪنهن ڪمٽمينٽ ۾ شامل ٿيڻ نٿو چاهي، ٻيو سبب نئين عالمي نظام جي حوالي سان سمجهڻ جي ضرورت آهي.)

هي اهڙيون حقيقتون آهن جن کي نه ته ڏڏي سگهجي ٿو ۽ نه ئي سرد جنگ جي حوالي سان سوويت يونين جي ڪاتي ۾ وجهي ٿو سگهجي. اهو چوڻ سياسي علم ۽ ڏاهپ جو مذاق اڏائڻ جي برابر ٿيندو ته سوويت يونين ڪڌيل قومن جي امن ۽ انصاف قائم ڪرڻ واري راهه ۾ رڪاوٽ هو ۽ ان جي ميدان خالي ڪرڻ کان پوءِ آمريڪا لاءِ اهو ممڪن ٿي پيو آهي ته هو ڪڌيل قومن جي حقيقي ڪردار جي بحاليءَ جو بندوبست ڪري. صورتحال اها آهي ته اسرائيل ڪڏريل وٻهن سان ڪان بيت المقدس ۽ غزه جي علائقن تي قابض آهي ۽ اسرئيل جي انهيءَ ناجائز قبضي خلاف ڪڌيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا ٺهراءَ به موجود آهن. خود آمريڪا به اهڙن ڪجهه ٺهرائن جي حمايت ڪئي هئي، پر ان جي باوجود آمريڪا اسرائيل جي انهيءَ جارحاڻي رويي ۽ دنيا جهان جي قومن خلاف انهيءَ توهين ڀرئي سلوڪ کي تمام گهٽي احترام سان برداشت ڪندو پيو اچي. ڪڌيل قومن جي ٺهرائن موجب اسرائيل کي ان ڳالهه جو ڪوبه قانوني ۽ اخلاقي حق حاصل ناهي ته اهو والاريل علائقن ۾ آبادڪاري ڪري. خود آمريڪا به ظاهري طور تي انجي مخالفت ڪري رهيو آهي، انهيءَ هوندي به اسرائيل والاريل علائقن ۾ نه رڳو سوويت يونين مان گهرايل يهودين کي آباد ڪندو پيو وڃي، پر آمريڪا بهادر انهيءَ آبادڪاري لاءِ اسرائيل کي وڏيون رقمون پڻ پيش ڪري رهيو آهي.

اڳرائي جا جيڪڏهن به مطلب نٿا ٿي سگهن ته اڳرائي خلاف به رويا به نٿا ٿي سگهن. جارج بش لاءِ نئين عالمي نظام جي بندوق ڪڌيل قومن جي ڪلهي تي رکي عراق کي جيڪڏهن بابل ۽ نينوا جي کنڊرن ۾ تبديل ڪرڻ جائز ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ اعزاز کان اسرائيل کي محروم رکڻ ڪيئن ناجائز ڪوٺي سگهجي ٿو؟ امن ڪانفرنس يا عرب اسرائيل جهيڙي جي حل جي ڏس ۾ ڪڌيل قومن کي سندس ڪردار جي پورائي کان روڪڻ ڪهڙي ريت جائز سمجهي سگهجي ٿو؟ آمريڪا عراق خلاف پنهنجي اڳرائي کي جيڪو اخلاقي جواز ڏنو

ٺهراءَ جي روشنيءَ ۾ مخالفت ڪئي وئي هئي ۽ آمريڪا جنهن جي خلاف ووٽ ڏنو هو. آمريڪا انهيءَ ٺهراءَ خلاف ووٽ ڏني عملي طور تي اهو ڪجھ نه ڪيو جيڪو صدام حسين عراقي فوجون ڪويت اماڻي ڪيو. اها تمام تعجب جهڙي ڳالھ آهي تہ آمريڪا گڏيل قومن ۾ تہ طاقت وسيلي ڪنهن علائقي تي قبضو ڪرڻ جي غيرقانوني عمل جي مخالفت ۾ ووٽ ڏيڻ بہ پنهنجي شان وٽان نٿو سمجهي، پر جيڏي مهل عراق ڪويت تي قبضو ٿو ڪري تہ ٽين عالمي جنگ جو نغارو وڄائي سڄي دنيا تي عذاب ٿو نازل ڪري. انهيءَ ٻچاڙائي جو هڪ سبب تہ سمجھ ۾ اچي ٿو تہ هو ڪنهن بہ قيمت تي عرب علائقن تي اسرائيلي قبضي خلاف ڪنهن ڪمٽمينٽ ۾ شامل ٿيڻ نٿو چاهي، هيو سبب نئين عالمي نظام جي حوالي سان سمجهڻ جي ضرورت آهي.)

هي اهڙيون حقيقتون آهن جن کي نہ تہ نظر سگهجي ٿو ۽ نہ ئي سرد جنگ جي حوالي سان سوويت يونين جي کاتي ۾ وجهي ٿو سگهجي. اهو چوڻ سياسي علم ۽ ڏاهپ جو مذاق اڏائڻ جي برابر ٿيندو تہ سوويت يونين گڏيل قومن جي امن ۽ انصاف قائم ڪرڻ واري راهہ ۾ رڪاوٽ هو ۽ ان جي ميدان خالي ڪرڻ کان پوءِ آمريڪا لاءِ اهو ممڪن ٿي پيو آهي تہ هو گڏيل قومن جي حقيقي ڪردار جي بحاليءَ جو بندوبست ڪري. صورتحال اها آهي تہ اسرائيل گذريل ويهن سان کان بيت المقدس ۽ غزه جي علائقن تي قابض آهي ۽ اسرائيل جي انهيءَ ناجائز قبضي خلاف گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا ٺهراءَ بہ موجود آهن. خود آمريڪا بہ اهڙن ڪجھ ٺهرائن جي حمايت ڪئي هئي، پر ان جي باوجود آمريڪا اسرائيل جي انهيءَ جارحاڻي رويي ۽ دنيا جهان جي قومن خلاف انهيءَ توهين ڀرئي سلوڪ کي تمام گهٽي احترام سان برداشت ڪندو پيو اچي. گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب اسرائيل کي ان ڳالھ جو ڪوبہ قانوني ۽ اخلاقي حق حاصل ناهي تہ اهو والاريل علائقن ۾ آبادڪاري ڪري. خود آمريڪا بہ ظاهري طور تي انجي مخالفت ڪري رهيو آهي، انهيءَ هوندي بہ اسرائيل والاريل علائقن ۾ نہ رڳو سوويت يونين مان گهرايل يهودين کي آباد ڪندو پيو وڃي، پر آمريڪا بهادر انهيءَ آبادڪاري لاءِ اسرائيل کي وڏيون رقمون پڻ پيش ڪري رهيو آهي.

اگراني جا جيڪڏهن بہ مطلب نٿا ٿي سگهن تہ اگرائي خلاف بہ رويا بہ نٿا ٿي سگهن. جارج بش لاءِ نئين عالمي نظام جي بندوق گڏيل قومن جي ڪلهي تي رکي عراق کي جيڪڏهن بابل ۽ نينوا جي کنڊرن ۾ تبديل ڪرڻ جائز ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ اعزاز کان اسرائيل کي محروم رکڻ ڪيئن ناجائز ڪوٺي سگهجي ٿو؟ امن ڪانفرنس يا عرب اسرائيل جهيڙي جي حل جي ڏس ۾ گڏيل قومن کي سنديس ڪردار جي پورائي کان روڪڻ کهڙي ريت جائز سمجهي سگهجي ٿو؟ آمريڪا عراق خلاف پنهنجي اگرائي کي جيڪو اخلاقي جواز ڏنو

هو. اُهو ڪڏيل قومن جو جواز ٿي هو. ان جواز سان گڏوگڏ جارج بش اها بشارت پڻ ڏني هئي تہ نئين عالمي نظام سبب ڪڏيل قومن جو امن دوست ڪردار بحال ٿي ويندو پر عراق کي فتح ڪرڻ کان پوءِ هي تضاد سامهون آيو آهي تہ ڪڏيل قومن جي ڪردار کان ڪو تمام گهڻو متاهون فلسفو آهي. اسرائيل جي هٺ ڌرمي واري رويي تي غور ڪيو وڃي تہ ڪڏيل قومن ۽ جارج بش جي نئين عالمي نظام بنهي کي هو پنهنجي جُتيءَ جي ڇهنب تي رکندي نظر ٿو اچي. حقيقتن جي انهيءَ نقشي کي سامهون رکي جڏهن اسين جارج بش جي نئين عالمي نظام بابت جيمس بيڪر يا ڪنهن ٻئي بيڪر جي تشريحن تي غور ٿا ڪيون تہ مايوسيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نظر نٿو اچي.

## ڪويت تي عراقي قبضي جو مسئلو

عراق 2 آگسٽ 1990ع تي ڪويت تي قبضو ڪيو پر اها حقيقت آهي تہ ٻيءَ آگسٽ تائين صدام حسين آمريڪا جو بهترين دوست هو. جولائي 1990ع ۾ آمريڪا جي نائب پرڏيهي وزير بغداد ۾ صدام حسين کي خاطري ڏياري هئي تہ آمريڪا وچ اوڀر ۾ عراق کي هڪ جديد رياست جي تصور سان گڏوگڏ نہ رڳو اهميت ڏئي ٿو، پر ايران ۽ سعودي عرب جي وچ واري عراق کي آمريڪي مفادن جي تحفظ جي ضمانت سمجهڻ کان سواءِ عراق سان تعلقاتن ۾ واڌ جو پڻ خواهشمند آهي. ڪويت تي عراقي قبضي کان هڪ هفتو اڳ بغداد ۾ آمريڪي سفير مس گليپسيءَ بہ صدام حسين کي ان ڳالھ جو يقين ڏياريو هو تہ ڪويت سان سرحدي جهڳڙن جي معاملي ۾ آمريڪا جي مفادن کي ڪوبہ خطرو ناهي. ساڳي طرح آمريڪا جي نائب پرڏيهي وزير جان ڪيليءَ بہ هائوس جي جاچ ڪميٽيءَ آڏو ان ڳالھ جي پٺڀرائي ڪئي تہ ڪويت تي عراقي قبضي جي صورتحال ۾ آمريڪا جو ڪوبہ ڪردار ناهي، آمريڪا ۽ ڪويت وچ ۾ اهڙو ڪوبہ فوجي ٺاھ ناهي، جنهن کي آمريڪي مداخلت جو جواز بڻائي سگهجي.

صدام حسين لاءِ آمريڪي پاسو جو معاملو ڊگهي عرصي کان آمريڪا جي ترقي پسند ۽ لبرل دانشورن جي وچ ۾ تنقيد جو موضوع بڻيل هو. ايران ۾ شاھ جي زوال جو گهاءُ ڪجھ وڌيڪ ئي گهرو هو. اِهو گهاءُ عراق وسيلي ايران تي حملو ڪرائي ۽ اٺن سالن واري ويڙھ ۾ لکين انسانن کي مارائي بہ ڀرجي نہ سگهيو هو. آمريڪا جي حقيقت پسند سياسي دانشورن آمريڪا جي انهيءَ ڪردار جي تمام گهڻي ڇنڊ ڇاڻ انداز ۾ مخالفت ۽ مذمت ڪئي هئي، پوءِ جڏهن ايران- عراق جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ آمريڪا عراق جون فوجي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پنهنجون لڳايل پابنديون ٽوڙي ڪيس جنگي ٽيڪنالاجي ڏيڻ شروع ڪئي تہ ان وقت بہ آمريڪا ۾ سرڪاري ۽ غيرسرڪاري سطح تي احتجاج جو سلسلو جاري رهيو. آمريڪي حڪمرانن ڪنهن بہ دليل ۽ منطق تي

ڏيان نه ٿي ڏريو. آمريڪي حڪمرانن وٽ هڪ ئي منطق هو ته عراق پنهنجي عوام کي گولين سان پروڻ ڪري يا زهريلي گئس سان ماري. آمريڪا لاءِ ته فقط اها ڳالهه اهم هئي ته هو وڌ ۾ وڌ دولت ڪمائي. پنهنجي انهيءَ منطق جي لحاظ کان آمريڪي حڪمرانن صدام حسين کي اعتدال پسند اڳواڻ هئڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيو هو.

آمريڪي سياست واري تاريخ جي مبلغن ۾ اعتدال پسنديءَ جي تصور کي خصوصي اهميت حاصل رهي آهي. 1939ع تائين اٽليءَ جي مسوليني کي به اعتدال پسند سمجهيو ويندو هو. هٽلر جيستائين ڪميونسٽن جو قتل ڪندو رهيو، اعتدال پسند هو. فلپائن جو مارڪوس، نڪاراگوا جو سموزا، چليءَ جو پنوشي ۽ هيٽيءَ جو ڊيوالير به اعتدال پسند هئا. ڀلو ته ڇا پر پاڪستان جا آمر: جنرل ايوب، جنرل يحيٰ خان ۽ جنرل ضياءَ به اعتدال پسندن جي قطار ۾ شمار هئا. آمريڪا جي مڃيل اعتدال پسندن جي فهرست ڇڳي ڏکي ۽ دلچسپ آهي. پاناما جو نوريگا 1985ع تائين اعتدال پسند ٿي هو. حقيقت ۾ فقط اهو منطق آهي ته ڪو اعتدال پسند هجي يا نه، ڪٿي هو انتها پسند ٿي ڇو نه هجي ۽ پنهنجي عوام کي ايذاءُ ڏيندو هجي يا قتل ڪندو هجي، سندن سياسي ۽ جمهوري حق لٽيندو هجي يا مٿن قتڪن جو مينهن وسائيندو هجي، آمريڪا بهادر کي اهڙن معاملن سان ڪوبه واسطو ناهي. آمريڪا لاءِ اهم ڳالهه هيءَ آهي ته اهو حڪمران آمريڪي مفان جي حفاظت ڪيتري بهتر انداز ۾ ٿو ڪري سگهي. اڪثر ائين به ٿيو آهي ته اعتدال پسند آمريڪا جي هٿ وس مان نڪري ويا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي خود مختيار سمجهڻ لڳا آهن، يا پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي مشق ڪرڻ لڳا آهن يا آمريڪا جي مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر پير رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن ته اهڙي صورتحال ۾ اوچتو ئي اوچتو آمريڪي رويي ۾ تبديلي اچي ٿي وڃي ۽ اعتدال پسند ڇاڙتا ڪيس چنگيز خان ٿا لڳن ۽ آمريڪا جون خفيا ايجنسيون هڪدم سندن ڏوهن جا ڀوائتا تفصيل هر ڪنهن جي اکين آڏو آڻين ٿيون ۽ سڏ سماءُ جا آمريڪا ذريعا انهن خلاف جهاد شروع ڪريو ڏين.

آمريڪا پنهنجي انهيءَ تاريخي عمل کي ٻار ٻار ورجائيندو ٿو رهي. هو اهو ڊرامو ڪيترائي ڀيرا ڪري چڪو آهي. هڪ مثال نوريگا جو آهي. صدام حسين جي ڀيٽ ۾ ڪيس تمام گهڻو ننڍو بدمعاش ڳڻائي سگهجي ٿو. ذهن تي زور ڏيڻ سان خبر پوندي ته سي آءِ اي جي پگهار تي ڪم ڪندڙ هن شخص کي پاناما ۾ خرمستيون ڪرڻ جي کلي اجازت هئي، هو چونڊن جي نتيجن ۾ گهوٻيون هٿي پئي سگهيو. نشي آور شين جو ڌنڌو ڪري پئي سگهيو. ڪيس اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي آزادي هئي. پر اوچتو هن پنهنجو پاڻ کي فتح ٿي نه سگهجهندڙ يا ٻين لفظن ۾ پنهنجو پاڻ کي آمريڪا لاءِ تمام گهڻو اتٽر سمجهڻ

شروع ڪيو ۽ ان ڪري هو وٺيڪ خودمختياريءَ جو مظاهرو ڪرڻ لڳو هو. سندس پهريون ڏوهه اهو هو تہ هن آمريڪا ۽ وچ آمريڪا جي ملڪن وچ ۾ امن ٺاهه جي حمايت شروع ڪري ڏني. (امن ٺاهه واري تجويز جي حمايت) ۽ سندس ٻيو ڏوهه اهو هو تہ هن نڪاراگوا خلاف شروع ڪيل آمريڪا جي جنگ ۾ حصو وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. آمريڪا جي مرضي هئي تہ نڪاراگوا خلاف ويڙهه ۾ رنل پارٽيءَ قاتلن جي فوجي تربيت پاناما ۾ ٿئي. نوريگا طرفان اهو ڪرڻ کان انڪار تي کيس بدترين آمر سڏيو هو.

پاڪستان ۾ بہ ڪجھ اهڙي ئي قسم جو ناٽڪ ڪيو ويو آهي. پاڪستاني نوريگا جو ڪردار جنرل ضياء ادا ڪيو. آمريڪا جي کيس مڪمل حمايت حاصل هئي. جنرل ضياء کي کلي اجازت حاصل هئي تہ هو جنهن کي وڻيس ڦاسي تي ٽنگي، جنهن کي چاهي ايذاءُ ڏيڻ جو سير ڪرائي، انساني حقن کي ٽيڙ وال ڪري، ماڻهن جي جمهوري ۽ بنيادي حقن کي جيستائين چاهي لتاڙيندو ڦريندو رهي. کيس آمريڪا جي آشيرواد هوندي ۽ کيس آمريڪا جي فوجي ۽ اقتصادي امداد بہ ملندي رهندي ۽ ان جي عيوض مٿس جيڪا ذميواري وڌي وئي هئي، سا اها هئي تہ هو افغانستان خلاف آمريڪا جي رٿابنديءَ موجب فوجي ڪارروايون ڪندو رهي. مسلمانن هٿان مسلمانن جو قتلام جاري رکي. هو پختون قوم جي نسل ڪشي جاري رکي. پوءِ اهو ٿيو جو وڏين طاقتن جي وچ ۾ جنيوا ٺاهه ٿي ويو. سوويت يونين افغانستان مان پنهنجون فوجون واپس گهرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. جنرل ضيا کي آمريڪا جي اها حرڪت نہ وڻي ۽ هن جنيوا ٺاهه جي مخالفت شروع ڪري ڏني، ڇاڪاڻ جو هو انهيءَ خوشفهميءَ جو شڪار ٿي ويو هو تہ هو افغانستان کي فتح ڪري سگهي ٿو. افغانستان مان روسي فوجن جي نڪرڻ ۽ جنيوا ٺاهه ٿي وڃڻ کان پوءِ ۽ هو افغانستان تي حملي جون رٿائون جوڙڻ لڳو. اها ڳالھ آمريڪا جي پروگرام ۾ شامل نہ هئي. آمريڪا افغانستان خلاف اسلام کي تہ هڪ حربي طور استعمال ڪيو هو. سندس اصل مقصد افغانستان ۾ اسلامي بنياد پرستن جي حڪومت قائم ڪرڻ نہ هو. آمريڪا جو مقصد انهيءَ سڄي وارتا ۾ ويٽنام جو قرض چڪائڻ هو. افغانستان کي پاڪستان جي ملڪيت بنائڻ نہ هو، پر جنرل ضيا ان ناٽڪ جو ڪردار هوندي بہ ناٽڪ جا تفصيل سمجهڻ کان قاصر هو. هن بہ پنهنجو پاڻ کي فتح ٿي نہ سگهندڙ جنرل سمجهڻ شروع ڪيو ۽ ان جو ڪنهن حد تائين بنياد بہ هو. هو فوجي هو ۽ کيس ان ڳالھ جي پڪ هئي تہ آمريڪا کيس فوجي بغاوت ذريعي اقتدار کان محروم نٿو ڪرائي سگهي. فوجي بغاوتون تہ عوامي اڳواڻن خلاف ڪرايون وينديون آهن. سو هن افغانستان خلاف فيصلي ڪُن جنگ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. هُن تہ ڪابل جي ڪنهن جامع مسجد ۾

جمعي جي نماز پڙهڻ جي تاريخ بہ مقرر ڪري ڇڏي هئي. پوءِ ٿيو اهو جو آمريڪا هڪ مان جان ڇڏائڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ ڪيس برداشت نہ ڪري سگهڻ جوڳو قرار ڏنو. نيٺ آمريڪا جي ٺهيل جهاز ۾ جنرل ضيا جو انت آندو.

جيئوپوليٽڪ نئين عالمي نظام جي حوالي سان پس منظر جو تڪرار ظاهري طور تي تہ غير ضروري ٿو لڳي. پر جنهن رستي يا جن منزلن تائين ڳالهائي نئين عالمي نظام جو تصور اسان تائين پهتو آهي يا پهچايو ويو آهي. ان کي ذهن ۾ رکڻ بنان اسين انجي اصل حقيقت تائين پهچي نٿا سگهون. اهو قطعي ضروري ناهي تہ جارج بش يا جيمس بيڪر ان جون جيڪي وضاحتون پيش ڪيون آهن. نئون عالمي نظام انهن مطابق ٿي هجي. آمريڪي حڪمرانن جي موقف ۽ مقصدن ۾ ڪڏهن بہ هڪجهڙائپ نہ رهي آهي. ان جا مثال ماضيءَ مان بہ ڏئي سگهجن ٿا ۽ حال مان بہ — اسين جڏهن دنيا جي مستقبل بابت سوچڻ چاهيندا آهيون تہ اسان کي دنيا جي ماضي ۽ حال کي بہ پنهنجي اڳيان رکڻ کپرجي. اهڙي طريقي سان ئي اسين ڪنهن مثبت نتيجي تي پهچي سگهون ٿا.

## عراق خلاف اقتصادي ناڪي بندي

ڪويت تي عراقي قبضي خلاف ٻن قسمن جو ردعمل سامهون آيو هو: پهريون ردعمل تہ اهو هو جيڪو عالمي برادريءَ پاران سامهون آيو: پرامن ۽ روائتي رد عمل جيڪو اڳرائي جي ڪنهن بہ عمل خلاف گڏيل قومن جي ذريعي سامهون ايندو آهي. عراق جي معاملي ۾ آمريڪا جي خاص دلچسپيءَ ڪري اهو رد عمل تيزيءَ سان سامهون آيو. گڏيل قومن جي اداري عراق خلاف اقتصادي ۽ واپاري پابنديون مڙهيون. بين الاقوامي قانون جي اپٽار موجب انهن پابندين جو مطلب اهو آهي تہ اڳرائي ڪندڙ ملڪ تي پابندين جو دٻاءُ وجهي، مسئلي جو پرامن حل ڳولهيو وڃي.

پاناما ۾ آمريڪي فوجي اڳرائي مهل بہ ائين ئي ٿيو هو. پر آمريڪا گڏيل قومن جي انهيءَ عمل کي ويٽو ڪري ڇڏيو هو. عراق وٽ ويٽو پاور هجي ها تہ هو بہ اهو ئي ڪري ها. اهو تمام گهڻو حيرت جوڳو تضاد آهي تہ جنهن وٽ ويٽو پاور هجي ان جي اڳرائي جو مطلب بدلجيو وڃي. 1982ع ۾ جڏهن اسرائيل بنان ڪنهن اشتعال ڏيارڻ جي لبنان تي حملو ڪيو هو ۽ ان بنان جواز حملي ۾ ويهہ هزار لبناني قتل ٿيا هئا. (صدام حسين پاران ڪويت تي قبضي دوران ان جي مقابلي ۾ تمام گهٽ ماڻهو مئا هئا) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اسرائيل تي ڪي بہ پابنديون لاڳو ڪرڻ جو اعلان نہ ڪيو هو. رڳو هڪ بيان جاري ڪيو ويو هو تہ لبنان مان اسرائيلي فوجون واپس گهرايون وڃن. آمريڪا انهي سڌي سنئين مطالبي کي بہ ويٽو ڪري ڇڏيو هو ۽ ان جو سمجھ ۾ ايندڙ سبب اهو هو تہ اسرائيلي اڳرائي آمريڪي مرضيءَ موجب ئي هئي. پر اها ڪيترن ئي

لحاظن کان عراق جي کويت خلاف اڳرائي کان وڌيڪ ڀوائتي ۽ بدتر هئي.

## اوڀر تيمور تي انڊونيشيا جي اڳرائي

انڊونيشيا جي هيٺ اوڀر تيمور ۾ سوهارتو جي فوجي ڪارروائي به هڪ ڀيانڪ مثال آهي، جنهن ۾ آمريڪا جي منفي رويي جي نتيجي ۾ يا آمريڪي سرپرستيءَ سبب لکين ماڻهو مارجي ويا ۽ گڏيل قومن جا هٿ پير هڏل نظر آيا. اولهه جي دانشورن جو چوڻ آهي تہ نازي جرمنيءَ ۾ يهودين جي نسل ڪشي جي واقعي کان پوءِ انڊونيشيا جي فوجن هٿان قتلام کي تاريخ جو هيو بدترين مثال چئي سگهجي ٿو. آمريڪا سوهارتو جي حمايت ۾ انهيءَ قتلام جي زبردست آجيان ڪئي. آمريڪا ۽ برطانيا انڊونيشيا کي هٿيار ڏيڻ ۾ سيني کان اڳرا هئا. اڳوڻي آمريڪي صدر جمي ڪارٽر جنهن جي دعويٰ هئي تہ انساني حق سندس پرڏيهي پاليسيءَ جو ڳر هوندا. انڊونيشيا جي معاملي ۾ پنهنجي انهيءَ دعويٰ خلاف ڪردار ادا ڪندي نظر ٿو اچي. اوڀر تيمور ۽ جاوا جي علائقن ۾ قتلام جي مهم دوران جڏهن سوهارتو جي فوجن جي هٿيارن جا ڍڳ ختم ٿي ويا تہ اهو جمي ڪارٽر ئي هو. جنهن انهيءَ 'ذڪئي وقت' ۾ سوهارتو جي مدد ڪئي ۽ تمام گهڻي تيز رفتاريءَ سان ڪيس هٿيارن جي نئي کيپ پهچائي تہ جيئن انڊونيشي عوام جي قتلام واري مهم ۾ ڪا رڪاوٽ نہ اچي.

گڏيل قومن، ان وقت آمريڪي سفير سينيٽر مونهيان (جيڪو هن وقت اڳرائين خلاف چئمپين سڏرائي ٿو) ان قتلام بابت آمريڪي ڪردار جي هيئن وضاحت ڪري ٿو:

"آمريڪا انڊونيشيا جي صورتحال مان اُهيئي نتيجا حاصل ڪرڻ چاهيا ٿي جيڪي پوءِ حاصل بہ ٿيا. منهنجي ذمي هيءَ ڪم لڳايو ويو هو تہ آءٌ گڏيل قومن کي ڪو اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ نہ ڏيان، جيڪو گهربل نتيجن جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي. مون اهو فرض غيرمعمولي ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو. هڪ ڪاٿي موجب انهيءَ مهم ۾ سٺ هزار ماڻهو اجل جو شڪار بڻيا. تقريباً ايترائي يهودي نازين هٿان اوڀر يورپ ۾ مئا هئا."

آمريڪي سينيٽر انهيءَ قتلام بابت احتياط کان ڪم ورتو آهي. حقيقت هي آهي تہ انهيءَ مهم دوران لکين ماڻهن کي قتل ڪيو ويو هو.

انهن مثالن مان هي ڳالهہ سامهون ٿي اچي تہ گڏيل قومن جي اداري دنيا جي معاملن ۾ هيل تائين ڪو مثبت ڪردار ادا چو نہ ڪيو آهي ۽ عراق جي معاملي ۾ گڏيل قومن جو ادارو زوردار ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل ڪيئن ٿيو. ان جو سبب اهو ٿو سامهون اچي تہ اهو آمريڪا ئي آهي، جيڪو گڏيل قومن جي حقيقي ڪردار جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. آمريڪا ۽ برطانيا جڏهن عراق جي معاملي ۾ پنهنجو روائتي ڪردار ترڪ ڪرڻ ضروري سمجهيو تہ گڏيل قومن جو

ادارو بہ هڪ اهڙي اداري جي روپ ۾ سامهون آيو. جيڪو دنيا جي معاملن ۾ ڪو اهم ۽ فيصلي ڪن ڪردار ڪري سگھڻ جي لائق سمجھيو وڃي.

## فوجي ڪارروائي جي اينگلو آمريڪي حڪمت عملي

عراقي اڳرائي خلاف گڏيل قومن جو ردعمل هڪ جائز ۽ پرامن ردعمل هو. گڏيل قومن عراق خلاف جيڪي اقتصادي ۽ تجارتي پابنديون مڙهيون، اهي گڏيل قومن جي روائتي انداز کان ڪجھ وڌيڪ سخت هيون. ان ڳالھ جو تمام گھڻو امڪان آهي تہ انهن پابندين جي حق ۾ اهي ملڪ بہ هئا. جيڪي عام طور تي گڏيل قومن پاران ڪنهن ملڪ خلاف لاڳو ڪيل پابندين جي خلاف ورزين لاءِ مشهور آهن. اهي ملڪ آمريڪا ۽ برطانيا آهن. جن ڏکڻ آمريڪا جي اڇي چمڙيءَ واري اقليت جي نسل پرست حڪومت خلاف لڳايل پابندين جي سدائين خلاف ورزي پئي ڪئي آهي.

گڏيل قومن پاران عراق خلاف پابنديون لاڳو ڪرڻ کان پوءِ ان ڳالھ جي ضرورت هئي تہ پابندين جي دٻاءَ جي نتيجن جو انتظار ڪجي ها ۽ اها ڪوشش ڪئي وڃي ها تہ سفارتڪاري وسيلي عراق کي ڪويت مان نڪرڻ تي راضي ڪجي ها. پر آمريڪا ۽ برطانيا پابندين جي نتيجن جو انتظار ڪرڻ بنان طاقت جي استعمال واري حڪمت عملي جي وڪالت شروع ڪري ڏني. آمريڪا ۽ برطانيا گڏيل قومن کي پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ جي اجازت ڏئي بہ پنهنجي فوجي حڪمت عملي تي تاج رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ گھوٽالي جي حل لاءِ فوجي ڪارروائي جي حق ۾ راءِ عامہ تيار ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني.

يورپي ملڪن انهيءَ حڪمت عملي جي ڪلي نموني مخالفت ڪئي. هن آمريڪا جي جنگي حڪمت عملي کي آمريڪا ۽ سعودي عرب جو ٻہ طرفو معاملو سڏي. ان کان لاتعلق رهڻ تي زور ڀريو. انهن انهيءَ حڪمت عملي کي آمريڪا ۽ برطانيا جي گڏيل رٿابندي قرار ڏنو. آمريڪا ۽ برطانيا جي پنهنجي حڪمت عمليءَ جي حق ۾ سڀ کان وڏو دليل اهو هو تہ ڪنهن فوجي ڪارروائي لاءِ گڏيل قومن جي 28 کان وڌيڪ ميمبرن جي حمايت حاصل آهي ۽ ان حقيقت کي بہ هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جن 28 ملڪن جن جي حمايت جي اهي دعوا ڪري رهيا هئا انهن مان گھڻي ڀاڱي آمريڪا جا زر خريد يا طفيلي ملڪ هئا. جيڪي آمريڪي قرضن جي بار هيٺ دٻيل هئا يا وري نون قرضن لاءِ آمريڪا آڏو ڳوڏا ڪوڙيو ويٺا هئا يا وري ورتل قرض جو وياج ڀارڻ جي سلسلي ۾ آمريڪا کان رعايتون وٺڻ جا طالبو هئا.

تجزئي مان پتو پئي ٿو تہ آمريڪا ۽ برطانيا 2 آگسٽ 1991ع کان گھڻو اڳ انهيءَ آپريشن جي رٿابندي ڪري ورتي هئي. اها گھڻ- پاسائتي ۽ گھڻ- مقصدي

رٿابندي هئي، عراق جي فوجي طاقت کي ڪچلڻ تہ هڪ مفروضو هو. اصلي مقصد ان کان تمام گهڻا اهم هئا جن ۾ ناٽو جي ملڪن تي ڪنٽرول ڪرڻ يا دٻدٻو قائم رکڻ بہ شامل هو ۽ وچ اوڀر جي تيل واري دولت تي ڏند ڪپائڻ هو ۽ عالمي سياست مان سوويت يونين جي علحدگي جي حوالي سان دنيا تي آمريڪا جي فوجي ۽ سياسي برتريءَ واري مفروضي کي آزمائڻ بہ هو. آمريڪا سعودي عرب ۾ پنهنجون فوجون لاهڻ جي ڏس ۾ جنهن ڦرتيءَ جو مظاهرو ڪيو. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سعودي عرب ۾ آمريڪي فوجن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ ۽ سعودي اختياري وارن پاران اهو اعلان ڪيو ويو تہ فوجون، انهن جي درخواست تي سعودي ڌرتيءَ تي لٿيون آهن. ڪويت جي امير واري محل مان مليل دستاويزي ثبوتن مان بہ اها گواهي ملي ٿي تہ عراقي فوجن جي ڪويت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ آمريڪي فوجون سندن مدد لاءِ هتي موجود هونديون. اردن جي شاهہ حسين جي ڪيل انڪشاف موجب برطانيا جي اڳوڻي وزير اعظم مادام ٿيچر سان ان گهوٽالي جي حل بابت پرامن ذريعا اختيار ڪرڻ جي موضوع تي ڳالهين دوران مادام ٿيچر جي زبان مان اوچتو اهي لفظ نڪتا تہ ڪويت يا سعودي عرب مان فوجي مدد جي اپيل جڏهن بہ هتي پهتي تہ ان وقت تائين برطانوي فوجون پنهنجو اڌ کان وڌيڪ سفر مڪمل ڪري چڪيون هونديون.

صحيح صورتحال هيءَ آهي تہ آمريڪا ۽ برطانيا جي فوجن جي سعودي عرب ۾ پهچڻ کان پوءِ سعودي حڪمرانن وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ هو تہ اهي رسمي طور تي آمريڪا ۽ برطانيا جي انهيءَ غيرقانوني ۽ غيراخلاقي فعل جي حمايت جو اعلان ڪن. انهيءَ موقف جي تائيد ۾ شاهہ فهد جو اهو خط اهم ثبوت آهي، جيڪو ڪويت جي امير جي نالي لکيو ويو هو. جنهن ۾ عرب برادريءَ جي اتحاد جي نالي تي ڪويت جي امير کي ياد ڏياريو ويو هو تہ هو جدي ۾ ٿيندڙ محدود نوعيت جي اجلاس ۾ انهن وعدن جي پورائي جي حق ۾ پنهنجي مثبت رويي جو اظهار ڪندو جيڪي عراق سان ڪيا ويا آهن يا جن بابت عراق کي خاطري ڪرائي وئي آهي. سعودي عرب جي بادشاهت جيڪر برطانوي سامراج جي تخليق ڪيل نہ هجي ها تہ شايد آمريڪا ۽ برطانيا جا حڪمران پنهنجون فوجون سعودي عرب اماڻڻ ۾ ايتري ڏاڍ مڙسيءَ جو مظاهرو نہ ڪن ها.

ڪويت جي مسئلي جو سياسي حل موجود بہ هو ۽ ممڪن بہ هو. رڳو جيڪڏهن ان مسئلي ۾ گڏيل قومن جي هڪ فيصلي ڪُن اداري طور ڪردار ادا ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ها. عراق خلاف پابنديون مڙهڻ جو فيصلو جيتوڻيڪ هڪ غير روائتي حد تائين سخت فيصلو هو، پر ان جي باوجود اهو اهڙو فيصلو هو جنهن وسيلي انهيءَ مسئلي جي حل تائين پهچڻ ممڪن هو.

اقتصادي ۽ واپاري پابنديون پنهنجي سر ڪنهن به ڪو حل نه ٿينديون آهن. اصل ۾ ڪنهن حل تائين پهچڻ جو ذريعو ٿينديون آهن. سياسي ٻولي ۾ ان کي سفارتڪاري چيو ويندو آهي. جنهن جو هڪ مثال اسين ويجهڙائيءَ وارين جي تباهي کان پوءِ عرب اسرائيل تڪرار جي حل جي ڳولا جي سلسلي ۾ آمريڪي ڪوشش جي صورت ۾ ڏسي رهيا آهيون. عرب علائقن تي اسرائيل فوجي طاقت وسيلي قبضو ڪري رکيو آهي ۽ جن تي ٻڪي مرضي کان ڪٽيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن ۽ عالمي راءِ عامه کي نظرانداز ڪندي اڃان تائين قابض آهي ۽ قبضو جاري رکڻ ۽ والاريل علائقن ۾ وسٽيون آباد ڪرڻ تي لاهي پاڻي بيٺو آهي. ان جي باوجود آمريڪا، برطانيا ۽ ٻيون يورپي طاقتون اسرائيل خلاف ڪا به سگهاري ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿيون اچن. اسرائيل خلاف فوجي طاقت جو استعمال ته پري جي ڳالهه آهي پر هو ان خلاف اقتصادي ۽ واپاري پابنديون لڳائڻ به نٿا چاهين. هو دعوا اها ٿا ڪن ته ان مسئلي جو حل سفارتڪاريءَ ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو. آمريڪي پرڏيهي وزير جيمز بيڪر جنگ جي خاتمي کان پوءِ وچ اوڀر جا چار دورا ڪري چڪو آهي پر اڃان تائين هو دنيا کي آمريڪي سفارتڪاري جي ڪاميابي بابت ڪا به خوشخبري ٻڌائي نه سگهيو آهي. گذريل ويهن سالن جي تجربن مان هڪ ڳالهه چٽي طرح سامهون آئي آهي ته آمريڪا ۽ سندس اولهه وارن سائين جي سفاتڪاري اسرائيل کي عربن سان ڪنهن پرامن ٺاهه تي راضي نه ڪري سگهي آهي. انهيءَ جي باوجود آمريڪا ۽ سندس اتحادين پنهنجي نام نهاد سفارتڪاري کان هٽي ڪنهن ٻئي حل کي آزمائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي آهي. عراق جي معاملي ۾ سندس اهو رويو اسرائيل جي حوالي سان بلڪل ابتڙ نظر ٿو اچي. عراقي اڳراٽي خلاف هنن سفارتڪاريءَ جو رستو اختيار نه ڪيو پر فوجي حڪمت عمليءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ پنهنجي انهيءَ حڪمت عمليءَ کي ڪارائتو ۽ ڪامياب ثابت ڪري ڏيکاريو. بنه اصولي ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن اها حڪمت عملي ڪارائتي آهي ته پوءِ اسرائيل تي لاڳو ڇو نٿي ڪئي وڃي؟ جيڪڏهن اسرائيل جهڙي دهشتگرد ملڪ خلاف فوجي ڪارروائي نامناسب سمجهي ٿي وڃي ته پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته عراق خلاف فوجي ڪارروائي کي سفارتڪاري تي ترجيح ڇو ڏني وئي؟

اها ڳالهه بهرحال رڪارڊ مان ثابت ٿيل آهي ته آمريڪا عراق ۽ ڪويت جي جهيڙي ۾ فوجي حڪمت عملي کي ئي عمل جوڳو سمجهيو ۽ سفارتڪاري جو رستو اختيار ڪرڻ کان لنوايو. ان جي باوجود آمريڪا اها دعوا ڪندو رهيو ته عراق خلاف سندس فوجي ڪارروائي سفارتڪاري جي ناڪامي کان پوءِ ڪئي وئي. جارج بش جي سياسي لغت ۾ سفارتڪاري جو مطلب اهو آهي ته وهائڻ

هائوس مان جيڪي حڪم جاري ٿين انهن تي هڪدم عمل ڪيو وڃي. عراق جي معاملي ۾ آمريڪي سفارتڪاري ڪجهه اهڙي نئي رويي جو اظهار هئي. جارج بش جي سفارتڪاريءَ جي زبان ڪجهه هن قسم جي هئي. ”ڪويت مان نڪرو يا موت لاءِ تيار ٿي وڃو. صدام سان ڳالهيون ٿيون ٿي سگهن قطعي نه.“ وغيره وغيره جنيوا ۾ جيمز بيڪر ۽ عراقي پرڏيهي وزير وچ ۾ ٿيل ڳالهين جو لهجو به ڪجهه اهڙي نئي قسم جو هو. بيڪر عراقي موقف ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو هڪ عالمي طاقت جي حيثيت سان جيڪڏهن آمريڪا علائقائي جهيڙن جي حل لاءِ ڪو ڪردار ادا ڪرڻ جو خواهشمند هو ته سياسي اخلاقيات جي حوالي سان سندس ڪردار نياڪڙ وارو ني ٿي پئي سگهيو ۽ سچي ڳالهه ته هيءَ آهي ته هو نياڪڙ واري ڪردار جو به مستحق هو. اهو ڪم ڪڏيل قومن جي اداري جو هو جنهن کي آمريڪا اغوا ڪري ورتو هو.

ڪويت ۽ عراق جو جهيڙو هڪ تاريخي ناانصافي جي پس منظر سان ڪافي اڳاٽي وقت کان هلندو اچي. 1920ع ۾ برطانوي سامراج هن علائقي ۾ اينگي ورهاست ذريعي جيڪو نقشو تيار ڪيو هو. ان موجب عراق کي سامونڊي رستن کان ڪٽيو ويو هو. اهڙا به غيرآباد هيٺ جيڪي عراق کي نار تائين رسائي پئي سگهيا، ڪويت کي ڏنا ويا جيڪو ان وقت برطانوي تحفظ ۾ هو. جهيڙي جو ٻيو سبب روميلا وارن تيل جي ذخيرن وارو علائقو آهي، جيڪو 98 سيڪڙو عراقي سرحدن تي آهي ۽ فقط ٻن ميلن جو علائقو ڪويت جي سرحد اندر آهي ۽ دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته اها سرحد به جهيڙي واري آهي. سفارتڪاريءَ ذريعي ان کان وڌيڪ خطرناڪ مسئلا حل ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن آمريڪا چاهي ها ته پڪ سان عراق ۽ ڪويت وارو اهو مسئلو به هڪ بدترين قتلام بنان حل ٿي وڃي ها ۽ عراق ان مسئلي جي سياسي حل لاءِ راضي به هو.

هڪ آمريڪي دانشور سينيٽر نوام شومسڪيءَ جو چوڻ آهي ته عراق انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ هڪ کان وڌيڪ تجويزون پيش ڪيون هيون، پر آمريڪي حڪمرانن انهن مان ڪنهن هڪ تي به ڌيان ڌرڻ پنهنجي شان وٽان نه سمجهيو. آمريڪي پرڏيهي آفيس انهيءَ حقيقت کان مڪمل طور تي واقف هئي ته عراق ۽ ڪويت واري تنازعي جو هڪ نئوس بنياد موجود آهي ۽ سفارتڪاري وسيلي به انهيءَ کي حل ڪري سگهڻ ممڪن آهي. پر ان جو خيال هو ته جيڪڏهن هن ان گهوٽالي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وچ اوڀر ۾ سندن وڇايل شطرنج جي سڄي بازي چوپٽ ٿي ويندي ۽ سندن اهي مقصد حاصل ٿي نه سگهندا جيڪي انهيءَ گهوٽالي جي حوالي سان آمريڪا حاصل ڪرڻ چاهيا ٿي. نوام شومسڪيءَ موجب عراق ان شرط تي ڪويت مان نڪرڻ تي

راضي هو تہ انهن ٻن غيرآباد ٻيٽن تي سندس نالي ماتر ڪنٽرول کي تسليم ڪيو وڃي يا اهي ٻئي ٻيٽ ڪيس 99 سالن جي مقاطعي تي ڏنا وڃن. عراق جو ٻيو شرط يا گُهر اها هئي تہ رميلا تي سندس ملڪيت واري حق مڃيو وڃي. عراق جي انهيءَ ٺاهہ واري رٿ متعلق رپورٽ نيويارڪ ٽائمز خاص سبب ڪري ڇپائي ڇڏي، جنهن جو ڪجھ عرصي کان پوءِ اخبار اعتراف بہ ڪيو. عراق جي انهيءَ ٺاهہ وارين تجويزن جي داستان جي درست ۽ مستند هئڻ جو ثبوت اهو آهي تہ خود آمريڪي پرڏيهي آفيس بہ ان جي تصديق ڪئي آهي. پرڏيهي آفيس جي هڪ اعليٰ عملدار چيو هو تہ عراق جي اها آڇ سنجيده ۽ غور جوڳي پڻ آهي. اها رپورٽ ٻي جنوري 1991ع تي آمريڪي پرڏيهي آفيس طرفان جاري پڻ ڪئي وئي پر رڳو مقامي اخبار نيوز ڊي ۾ شائع ٿي. انهيءَ رپورٽ ۾ عراق ان ڳالھ جي ضمانت گُهري هئي تہ ڪويت مان عراقي فوجن جي واپسيءَ دوران مٿن حملا نہ ڪيا وڃن. عراق پاران آمريڪي ٽيان عرب اسرائيل جهيڙي ڏانهن پڻ ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ عراق اهو چاهيو ٿي تہ ڪويت واپسي بابت بہ سلامتي ڪائونسل ڪا خاطري ڪرائي. آمريڪي پرڏيهي آفيس جي پنهنجي تبصري ۾ حاصل ڪيل نتيجي موجب عراق جيڪا پوزيشن اختيار ڪئي هئي ان ۾ اها ڳالھ چٽي هئي تہ عراق ڪويت تان پنهنجي ملڪيتي دعويٰ تان هٿ ڪڍي ويو هو. جيڪڏهن ائين هو تہ پوءِ آمريڪا ۽ برطانيا ان صورتحال مان لاڀ ڇو نہ حاصل ڪيو ۽ وچ اوڀر جي تباهيءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪئي وئي؟

## فرانس جي تجويز

14جنوريءَ جي شام تي آمريڪا ۽ برطانيا عراق فوجي ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. ساڳي شام تي فرانس سلامتي ڪائونسل ۾ هڪ تجويز پيش ڪئي (آمريڪي دانشور نوام شومسڪيءَ جو چوڻ آهي تہ فرانس کي خبر هئي تہ آمريڪا ۽ برطانيا سندس تجويز ٺڪرائي ڇڏيندا، انهيءَ هوندي بہ اُن اِها تجويز عربن جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي حربي طور پيش ڪئي تہ جيئن جنگ جي تباهيءَ جا ڪکر صاف ٿيڻ کان پوءِ هو ڪي فائدا ماڻي سگهي.) فرانس جي تجويز هيءَ هئي تہ عراق انهيءَ شرط تي هڪدم پنهنجون فوجون ڪويت مان ڪڍي وڃي تہ سلامتي ڪائونسل جواب ۾ ڪنهن مناسب موقعي تي عرب- اسرائيل ڇڪتاڻ جي حل لاءِ ڪنهن عالمي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو بندوبست ڪندي. آمريڪا ۽ برطانيا ان تجويز کي بي معنيٰ ڪوٺيندي ان کي ويٽو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. ان ڳالھ جو گهٽ امڪان هو تہ عراق بہ ان تجويز کي رد ڪري ڇڏي ها، پر آمريڪا ۽ برطانيا ان مفروضي تي پاڻ مناسب نہ سمجهيو. هتي آمريڪا ۽ برطانيا جي هڪ ٻي ٻچاپڙائپ جو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب ٿيندو. سلامتي ڪائونسل ويهين ڊسمبر تي پنهنجي ٺهراءَ

نمبر 681 ذريعي اسرائيل کي فلسطينين جي ڏيه نيڪالي، سندن قتلام ۽ انساني حقن جي پائماليءَ وارن ڏوهن هيٺ مذمت جوڳو قرار ڏنو هو ۽ اسرائيل کان گهر ڪئي ته ڪيس جنيوا ڪنوينشن جي چوٿين ضابطن تي عمل ڪرڻ گهرجي. سلامتي ڪائونسل ڪوشش ڪئي هئي ته ان ٺهراءَ ۾ انهن لفظن جو اضافو ڪري ته ويجهڙ ۾ عرب اسرائيل ڇڪتاڻ جي حل لاءِ عالمي سطح تي ڪا ڪانفرنس ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي، پر آمريڪا انهن لفظن کي ٺهراءَ جو حصو ميڃڻ کان انڪار ڪندي ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن ان جملي کي ٺهراءَ ۾ شامل ڪيو ويو ته هو ٺهراءَ کي ويٽو ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري انهن لفظن کي هڪ ضميمي جي طور تي ٺهراءَ سان ڳنڍيو ويو ۽ ان جو سبب اهو هو ته ضميمي کي ٺهراءَ جو حصو نه هئڻ ڪري ويٽو نه پئي ڪري سگهيو. هاڻ جيڪڏهن فرانس جي 14 جنوري واري تجويز تي غور ڪيو وڃي ته واقعي اها بي معنيٰ ٿي لڳي، ڇاڪاڻ ته سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ نمبر 681 جي ضميمي ۾ عالمي ڪانفرنس جي ضرورت جو ذڪر اڳ ۾ ئي ڪيل هو.

## جارج بش جو خط

عراق طرفان آڇيل تجويزن جي تصديق آمريڪي پرڏيهي آفيس به پيرا ڪئي، پر انهن جي ورنديءَ ۾ عملي طور تي اينگهائڻ وارا حربا استعمال ڪيا ويا ۽ دير جي باوجود جواب عراق کي سڌو سنئون نه ڏنو ويو، پر اهو هر ڪنهن لاءِ جاري ڪيو ويو. نيويارڪ ٽائمز ۾ جارج بش جو جيڪو جوابي خط شايع ٿيو انجو خلاصو ٽن جملن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو.

1- اصولن تي ڪوبه ٺاهه نه ٿيندو.

2- اگرائي ڪندڙ سان ڪوبه نرم ورتاءُ نه ڪيو ويندو.

3- ڳالهيون ٿي نٿيون سگهن.

اها آفرين جوڳي ڳالهه آهي ته اصولن تي ڪو ٺاهه نه ڪيو وڃي. جيڪڏهن اصولن تي ٺاهه ڪري ونجي ته انهن کي اصول نٿو سمجهي سگهجي، پر اهو بحث جوڳو مسئلو آهي ته آمريڪي حاڪم ڪڏهن ڪنهن حوالي سان بااصول به رهيا آهن يا نه؟ عراق جي معاملي ۾ اصولن جي دعويٰ ڪرڻ جي باوجود اُهي اهڙي ئي طرح بي اصوليءَ جا مرتڪب نظر آيا آهن. جنهن وچ اوڀر کي ٺئي نه پر سڄي دنيا جي مستقبل کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. جيڪڏهن هو بااصول هجن ها ته ان ڪهڙائي جو سياسي حل ڳولهڻ جي ڪوشش ڪن ها ۽ سياسي حل سران تحويلن کي فوجي رد ڪري هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن جي موت جو ذميوار نه ڪن ها.

جارج بش دعويٰ ڪئي ته اگرائي ڪندڙ کي ڪابه رعايت نٿي ڏئي سگهجي پر هن صدام حسين کي هٽلر کان وڌيڪ ظالم آمر سڏڻ جي باوجود

هڪ اهم رعايت ڏني ۽ اهو جارج بش جي ڏنل رعايت جو ئي ڪرشمو آهي جو صدام حسين اڄ به عراق تي راڄ ڪري رهيو آهي. جارج بش عراقي عوام کي هُشي ڏني هئي ته اُهي آمر صدام خلاف اُٿي پون، عوام جيئن ئي صدام خلاف اُٿي کڙو ٿيو ته آمريڪا هڪدم پنهنجي اصولن ۾ ترميم ڪئي ۽ اعلان ڪيو ته آمريڪا عراق جي اندرين معاملن ۾ ڪا مداخلت ڪرڻ جو خواهشمند ناهي. عراق جي اتر ۽ ڏکڻ ۾ صدام جي فوجن جيڪو قتلام ڪيو، انکي آمريڪي اصول پرستيءَ جي قيمت ئي چئي ٿو سگهجي. ڪنهن اڳرائي ڪندڙ سان ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي رعايت ڪري پئي سگهجي ته ڪيس پنهنجن مخالفن جو قتلام ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏني وڃي.

جارج بش جي جواب جو ٽيون اهم نڪتو هيءَ آهي ته ڳالهيون نٽيون ٿي سگهن. جارج بش جو هيءُ نقطو آمريڪي سامراج جي سياست جو بنيادي ٿنڀ سمجهيو وڃي ٿو. اِهو حد کان وڌيڪ غيرسياسي ۽ هٺ ڀريو رويو آهي. اهو طاقت جي غرور جي حڪمت عملي آهي ۽ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڳالهين کان آمريڪا جي لنوائڻ جو سبب انهن جو سندس حق ۾ نه هجڻ آهي. آمريڪا کي خبر هئي ته عراق جي تجويزن تي جيڪڏهن ڳالهين ٻولهين وسيلي مسئلي جي حل جي ڳولا تي هُن راضپو ڏيکاريو ته سندس فوجي برتريءَ جي ڌاڪ نه ڄمي سگهندي. دنيا تي اهو واضع ٿي نه سگهندو ته آمريڪا اهڙي طاقت آهي جيڪا ڪنهن دليل ۽ منطق بنان به پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهي ٿي. صدام حسين جي جن فوجن کي ڳالهين وسيلي ڪنهن رتوڇاڻ بنان ڪويت مان ڪڍي پيو سگهجي، انهن کي سڄي دنيا جي تباهيءَ جي قيمت تي ڪويت مان ڪڍڻ جو رستو اختيار ڪري آمريڪا اصل ۾ پنهنجي نئين عالمي نظام کي دنيا ۾ واقف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهيءَ جنگ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ انساني لاشن جي ڍير هيٺان اڃان تائين اهڙي ڪا ٻي اهم ڳالهه ظاهر ٿي نه سگهي آهي، جنهن کي آمريڪا تجويز ڪيل نئين عالمي نظام کان علاوه ڪنهن ٻي شيءِ جو نالو ڏئي سگهي.

## آمريڪا ۽ برطانيا جي پيٽرو سياست

آمريڪا ۽ برطانيا ۽ جي پيٽرو سياست کي تاريخي حوالي سان به سمجهي سگهجي ٿو ۽ نئين عالمي نظام جي حوالي سان به سمجهڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. وچ اوڀر ۾ آمريڪا ۽ برطانيا ئي ٻه اهڙيون طاقتون رهيون آهن، جيڪي ان علائقي ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب سياسي ۽ رياستي جوڙ ٽوڙ ڪنديون رهيون آهن. ٻي مهاڀاري جنگ جي خاتمي تائين برطانيا ۽ فرانس جو ان علائقي ۾ عمل دخل رهيو آهي. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ آمريڪا ۽ برطانيا جو گڏ جوڙ عمل ۾ آيو. جنهن وسيلي آمريڪا کي وڏي حصيدار جو درجو ڏنو ويو.

تاريخ ۾ مهاڀاري جنگ کان پهرين جي معاملن جا تفصيل به پيش ٿي ڪري جن کي آمريڪي ۽ اولهائين ملڪن جا دانشور وڌيڪ اهميت نٿا ڏين پر ٽين دنيا جي عوام انهن کي وساري لاءِ تيار ناهي. برطانيا پهرين مهاڀاري جنگ واري دور ۾ عراق تي پنهنجو اثر رسوخ قائم ڪيو. ان وقت عثمانيا خلافت وکريل ڇڪيل هئي ۽ اهو زمانو هو جڏهن برطانوي سلطنت تمام گهڻي وشال سمجهي ويندي هئي ۽ برطانيا لاءِ فوجي طاقت وسيلي پنهنجي انهيءَ عظيم الشان سلطنت تي ڪنٽرول قائم رکڻ ڏکيو ٿي پيو هو پهرين مهاڀاري جنگ برطانيا کي فوجي طور تي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو تنهن ڪري ان اهو ڪجهه ئي ڪيو جيڪي زوال ڏانهن ويندڙ سلطنتون ڪنديون آهن، يعني هن تشدد ۽ دهشت گرديءَ جا طريقا آزمائڻ شروع ڪري ڏنا.

برطانيا پاران بيٺڪيتن ۾ تشدد ۽ دهشت گرديءَ جا اڻ ڳڻيا مثال تاريخ جي ورقن تي موجود آهن. ننڍي کنڊ جي تاريخ جليانوالا باغ، لاهور ۽ پشاور ۾ احتجاجي جلسن ۽ جلوسن تي گوليون هلائڻ ۽ قتلام جي حوالن سان ڀريل آهن. برطانيا جي انهن تاريخي ڪارنامن جا دستاويز هاڻ عام ايياس لاءِ موجود آهن. انهن دستاويزن مان اهو به پتو پوي ٿو ته جڏهن عراق تي برطانيا جي قبضي خلاف مزاحمت شروع ٿي ته برطانوي حاڪمن فوجن جي کوٽ سبب فيصلو ڪيو هو ته عراق تي دهشتي بم وسايا وڃن. ان جي شهري آبادين کي قلهيار جي ڍير ۾ تبديل ڪيو وڃي ته جيئن اتان جو عوام پنهنجي بيٺڪي حڪمرانن خلاف بيهي نه سگهن. عراقي شيعن جي 1920ع ۾ برطانوي حڪمرانن خلاف بغاوت دوران برطانوي هوائي ڪمانڊ، لنڊن ۾ موجود پنهنجي "وار آفيس" کان باغين خلاف ڪيميڪل اسلحو يا زهريلي گيس جا بم استعمال ڪرڻ جي اجازت گُهري هئي ان دور ۾ ڪيميڪل بم ئي خطرناڪ ترين سمجهيا ويندا هئا. وچ اوڀر جي برطانوي هوائي ڪمانڊ عراقي عوام خلاف انهن بمن تي تجرباتي نتيجن جي ضرورت تحت استعمال ڪرڻ جو جواز پيش ڪيو هو.

وار آفيس لنڊن جي اهل عملدار لکيو آهي ته هن انهن ڪمزور دليلن جي مخالفت کي رد ڪري ڇڏيو هو جن اڻ سڌريل عربن خلاف زهريلي گئس جي بمن جي استعمال جي مخالفت ڪئي هئي. انهيءَ واسطيدار آفيسر پنهنجي نوٽ ۾ لکيو آهي ته عربن خلاف زهريلي گئس جا بم استعمال ڪري اسين اصل ۾ جديد سائنس کي جنگي مقصدن ذريعي متعارف ڪرائينداسين. اسين پنهنجو پاڻ کي ڪنهن اهڙي اسلحي کان محروم نٿا رکي سگهون، جيڪو اسان جي سرحدن تي ٿيندڙ شورشن کي دٻائڻ ۽ چيڀاٽڻ ۾ مدد ڏئي پيو سگهي. لنڊن جي وار آفيس جو اهو ذميوار آفيسر سرونسٽن چرچل هو. آمريڪا ۽ برطانيا جا اهوڪا نام نهاد بااصول سياسي مدبر جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه وساري چڪا آهن ته سندن

مرضي، باقي ٽين دنيا جو عوام نہ انکي وساري ويٺو آهي ۽ نہ وري وساريندو.

هي مهاڀاري جنگ کان پوءِ آمريڪا ان علائقي ۾ 'پروٽيڪٽريٽ' يا حفاظتي علائقي جي ان حڪمت عملي کي اختيار ڪيو جنهن جو بنياد لارڊ ڪرزن رکيو هو. لارڊ ڪرزن 1920ع ۾ اهو اصول ظاهر ڪيو هو. پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ برطانيا لاءِ اهو ممڪن نہ رهيو هو تہ هو پنهنجي بيٺڪين تي سڌو سنئون ڪنٽرول ڪري سگهي. لارڊ اهو فارمولو ايجاد ڪيو هو تہ غلام قومن کي معمولي اختيار ڏنا وڃن ۽ پاڻ پوئتي رهي مٿن حڪومت ڪئي وڃي. اهو جديد بيٺڪيت جو نظريو هو. جيڪو هي مهاڀاري جنگ کان پوءِ آمريڪي قيادت ۽ برطانوي سهڪار سان ٽين دنيا تي مڙهيو ويو. وچ اوڀر ۾ هڪ ڪجهه عرب ڇهرن کي جاهہ و جلال ۽ تخت تاج ڏئي پاڻ انهن ذريعي سندن تيل جي ذخيرن تي قابض ٿي ويا. آمريڪي پرڏيهي آفيس تيل جي انهن بي حساب ذخيرن کي انساني تاريخ جو سڀ کان اهم انعام سڏي ٿي. آمريڪا ۽ برطانيا جي وچ ۾ ان علائقي جي ڦرلٽ جي سلسلي ۾ اختلاف بہ پيدا ٿيندا رهيا آهن. پر ڪٿندو سدائين آمريڪا ئي آهي.

1958ع ۾ اينگلو آمريڪن مفادن کي ان علائقي ۾ پهريون ڪاپاري ڌڪ ان وقت لڳو، جڏهن عراقي فوج جي قوم پرست آفيسرن جي هڪ ٽولي سامراجي طاقتن جي مقرر ڪيل ايجنٽن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. آمريڪا ۽ برطانيا جي پريشاني هڪ فطري ڳالهہ هئي. آمريڪا جو پهريون ردعمل اهو هو تہ ان کان اڳ جو عراق ڪويت ۾ داخل ٿئي، آمريڪي ميرين فوجن کي لبنان پهچايو وڃي. آمريڪا جي ان وقت واري صدر آئزن هاور هدايت جاري ڪئي تہ عراقي فوجن کي ڪويت ۾ داخل ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪنهن بہ نوعيت جي اسلحي کي جيڪڏهن استعمال ڪرڻو پوي تہ ڪابہ هٻڪ نہ ٿيڻ گهرجي. آئزن هاور جي انهن لفظن جو اُن وقت اهو ئي مطلب ورتو ويو هو تہ آمريڪا عراق خلاف ائٽمي هٿيار بہ استعمال ڪري سگهي ٿو. هيءَ ان زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن مصر جي جمال عبدالناصر کي هٽلر جو بدروح سمجهيو ويندو هو ۽ عرب قوم پرستيءَ جي تصور کي شديد خطرو سمجهيو ويندو هو. ڪويت ان وقت آزاد ۽ خودمختيار رياست نہ هو. پر برطانيا جي حفاظت هيٺ هڪ بيٺڪيت هو ۽ برطانوي حڪمرانن کي اها هورا ڪورا هئي تہ ڪٿي عراق وانگر ڪويت ۾ بہ قوم پرست بغاوت نہ ڪري وڃهن. برطانوي دستاويزن جي اڀياس مان پتو ٿو لڳي تہ برطانوي پرڏيهي وزير ان گهوٽالي دوران ٻنان ڪنهن دير ڪرڻ جي واشنگٽن پهتو هو تہ جيئن ڪويت کي بچائڻ لاءِ امريڪي حڪمرانن سان مشورو ڪري سگهجي. واشنگٽن ۾ صلاح مصلحت کان پوءِ لارڊ ڪرزن جي فارمولي موجب فيصلو ڪيو ويو تہ ڪويت کي نام نهاد قسم جي خودمختياري

ڏني وڃي ته جيئن انقلاب جو رستو روڪي سگھجي، ان سان گڏوگڏ برطانيا ۽ آمريڪا پنهنجي لاءِ اهي حق محفوظ رکيا ته ڪنهن اڻٽڻدڙ صورتحال ۾ هو ڪويت ۾ پنهنجي مفادن جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي مداخلت ڪري سگھن ٿا. آمريڪا ۽ برطانيا جو ڪويت جي پنهنجي ٺاهيل بادشاهن ۽ امين سان ڪنهن به قسم جو دفاعي ٺاهه موجود ناهي. منظر عام تي ايندڙ برطانوي دستاويزن موجب آمريڪا ۽ برطانيا جي وچ ۾ ٺي اهو ٺاهه ٿيو هو ته وچ اوڀر جي تيل پيدا ڪندڙ علائقن کي پنهنجي قابو ۾ رکڻو آهي ۽ اهو ته جيڪڏهن تيل واري انهيءَ علائقي کي ڪو خطرو محسوس ڪيو ويو ته برطانيا جي سهڪار سان آمريڪا ان علائقي ۾ فوجي مداخلت جو حق رکي ٿو.

انهن سامراجي طاقتن پنهنجي انهيءَ گڏيل ٺاهه جي بنيادي سببن جي وضاحت به ڪئي آهي. آمريڪا کي عربن جي تيل جي قطعي ضرورت نه هئي. اُن زماني ۾ آمريڪا پنهنجو تيل به ڏيسارو اُماڻي رهيو هو ۽ تيل ڏيسارو اماڻيندڙ ملڪن ۾ سندس اهم حيثيت هئي. برطانيا ڪنهن حد تائين تيل جو گھرجائو هو. سندن اصل ضرورت تيل نه پر تيل مان حاصل ٿيندڙ نفعو هو. آمريڪا ۾ جڏهن نار جنگ جي حوالي سان "No Blood for oil" (رت جي عيوض تيل نه) جو نعرو هنيو ويو ته اهو نعرو اصل صورتحال جي خلاف هو. نعرو اصل ۾ اهو لڳڻ کپي ها ته "No Blood for oil profit" (رت جي عيوض تيل جو نفعو نه گھرجي) تيل جي پيداوار تمام گھڻو نفعو ڏيندڙ ڪاروبار آهي. اهو سرمائي جو هڪ اهم ذريعو آهي ۽ آمريڪا ۽ برطانيا کي انهيءَ سرمائي جي حد کان وڌيڪ ضرورت آهي. ان معاملي ۾ هو ڪنهن مونجهاري جو شڪار ناهن. برطانيا ته هن صديءَ جي پنجين ڏهاڪي کان ئي سرمائي جي کوٽائي جو شڪار نظر ٿو اچي، انجي بيمار اقتصادي صورتحال عالمي منديءَ ۾ مقابلي جي وصف کان محروم هلندي پئي اچي. تنهن ڪري سامراجي طاقتن ۾ اهو ٺاهه ٿيو هو ته ڪويت جي تيل واري نفعي سان هو پنهنجي بيمار معيشت کي ٽيڪو ڏيندا رهندا ۽ پنهنجي بيمار اقتصادي سرشتي کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا.

ستين ڏهاڪي جي شروعات ۾ خود آمريڪي معيشت تمام گھٽي دٻاءَ ۾ اچي چڪي هئي. آمريڪي اقتصاديات کي به اها ساڳي بيماري لڳي هئي، جيڪا اڳ ۾ پنجين ڏهاڪي ۾ برطانوي اقتصاديات تي حملو ڪري چڪي هئي. ان ۾ ويٽنام جي جنگ کي بنيادي سبب ڳڻايو ويندو آهي. ان جنگ دوران جاپان ۽ جرمنيءَ کي اهم اقتصادي طاقت طور اُڀرڻ جو موقعو مليو. ان دور ۾ ئي آمريڪا ۽ برطانيا جو تيل يا ان جي نفعي جي محتاجي وڌي وئي. انهيءَ ڏهاڪي ۾ عربن پاران تيل پيدا نه ڪرڻ جو جيڪو هڙتالي قسم جو مظاهرو ٿيو هو ۽ دنيا ۾ تيل جو جيڪو گھوٽالو پيدا ٿيو هو، ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ان

کي تمام گھڻا غلط مطلب ڏنا ويا. ٽين دنيا ۾ اهو سمجهيو ويو هو تہ عربن تيل کي هٿيار طور استعمال ڪري آمريڪا ۽ برطانيا کي چِٺيءَ جو کير ياد ڏياري ڇڏيو آهي. حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ هئي. اصل ۾ ان کھوٽالي جو فائدو آمريڪا ۽ برطانيا کي ٿي رسيو ۽ نقصان جاپان ۽ يورپي ملڪن کي پهتو. آمريڪا ۽ برطانيا جي تيل جو ڪاروبار ڪندڙ ڪمپنين انهيءَ کھوٽالي مان ٻيڻا ٽيڻا نفعا ڪمايا. اهو طئي ٿيل فارمولو بڻجي ويو آهي تہ تيل جي اگهن ۾ جڏهن بہ اضافو ٿيندو انجو فائدو آمريڪا ۽ برطانيا جي اقتصاديات کي پهچندو.

تيل جي اگهن ۾ واڌ آمريڪا ۽ برطانيا لاءِ هڪ ٻئي سبب ڪري بہ نفعي واري آهي. الاسڪا ۽ اترئين سمنڊ مان حاصل ٿيندڙ تيل تمام گھڻو مهانگو پوي ٿو. ان تيل تي جيڪا لاڳت اچي ٿي اُها عربن جي پيدا ڪيل تيل جي ڀيٽ ۾ تمام گھڻي آهي. هڪ سبب اهو بہ آهي تہ عربن جي تيل جو معيار تمام گھڻو سٺو آهي، تنهنڪري آمريڪا پنهنجو تيل رڳو انهن حالتن ۾ ئي ڪيندو آهي جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهہ چوٽ چڙهيل هجن. رڳو ان طريقي سان ئي هو پنهنجي تيل جي پيداوار مان لاڀ حاصل ڪري سگھي ٿو. عربن جي تيل تي ٻاڻ جا ڪين هڪ کان وڌيڪ فائدا آهن. اها سموري دولت جيڪا هو تيل جي قيمتن طور ڏين ٿا، آمريڪي ۽ برطانوي بينڪن ۾ ئي رهي ٿي. ان کان سواءِ تيل جي انهي واڌ سان گڏوگڏ عربن جي دولت ۾ جنهن نسبت سان اضافو ٿئي ٿو ساڳي تناسب سان عرب ملڪن ڏانهن موڪليل شين جي اگهن ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. آمريڪي ۽ برطانوي ايڪسپورٽ ڪمپنيون وڌيڪ مال تيار ٿيون ڪن ۽ سندس شين جي پيداواري صلاحيت وڌندي ٿي رهي. سندن اڏاوتي ڪمپنين کي عرب ملڪن ۾ وڏا وڏا اڏاوتي ٺيڪا ٿا ملن ۽ هٿيارن جي وڪري جي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي.

عرب شيخن ۽ بادشاهن جو مثال ان واڻئي وانگر آهي جيڪو 1947ع ۾ هجرت ڪري ٻيرا اسماعيل خان کان دهلي هليو ويو. پنهنجن مٽن مائٽن وٽ پهچڻ کان پوءِ بہ هو هر وقت روئندو رهيو ۽ ٻيري اسماعيل خان جي ياد ۾ تڙپندو رهيو. هڪ ڏينهن ڪنهن مائٽ پڇيس ڇا ٿيو اٿئي؟ شڪر ڪر جو تون صحيح سلامت پنهنجن ۾ آهين نيٺ بہ هتي ڪھڙي شيءِ جي کوٽ آهي، جيڪا ٻيري اسماعيل خان ۾ مليل هيئي؟ واڻئي جواب ڏنو ”ادا! اُتي گھڻو ڪجھ هو، هو ماڻهو تمام گھڻا شاندار هئا، تون ان ڳالهہ مان اندازو لڳائي تہ هڪ ڀيري هڪ خان صاحب مون کي پنجويهہ هزار روپيا آڻي ڏنا تہ مان پاڻ وٽ امانت طور رکان. مون اها رقم پنهنجي تجوڙي ۾ رکي ڇڏي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ساڳئي خان صاحب مون کان پنج هزار روپيا اڌارا گھريا ۽ مون کي تاڪيد ڪيائين تہ اهي پنج هزار روپيا ڪيس سندس پنجويهن هزار روپين مان نہ ڏيان پر پنهنجي پئسن مان

ڏيان. مون ٽجوري کولي ڪيس هٿائڻ بنان سندس ئي امانتي رکيل پئسن مان پنج هزار روپيا ڪڍي ڏنا. بس ايتري ئي ڳالهه آهي. ان کان پوءِ ٿيو اهو جو سندس امانت واري رقم مون پنهنجي پنجن هزار روپين جي وياج طور ۾ سندس سموري هني هاروِ به انهيءَ رقم جي وياج ۾ اوڳاڙي ڇڏيم. تون ئي ٻڌاءِ ته اهڙا وهيٺا ماڻهو هاڻ ڪٿي ملندا."

عربن بابت اولهائين دنيا ۾ ان قسم جا قصا ڪهاڻيون هر ڪنهن زبان تي آهن. آمريڪا، برطانيا ۽ اولهائين دنيا جا صنعتي ۽ ڪاروباري ادارا عربن جهڙن سڌن ڪاروباري ماڻهن کي ڪيئن ٿا وساري سگهن.

ريگن جي دور ۾ آمريڪي اقتصاديات کي تمام گهڻو نقصان رسيو هو. ان نقصان جي پورائي لاءِ گهڻو وقت گهرجي. پورائي جو عمل اڃان تائين شروع نه ٿي سگهيو آهي پر ڪوشش ضرور پئي ڪئي وڃي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح انهيءَ نقصان جو پورائو ڪيو وڃي. آمريڪي اقتصاديات قرضن جي اقتصاديات آهي، جنهن کي سرمائي جي شديد ضرورت آهي. پنهنجي وڏن ڪاروباري مقابلو ڪندڙن جي ڀيٽ ۾ آمريڪا جي اقتصادي ساک زوال ۽ تباهيءَ جو شڪار نظر ٿي اچي. آمريڪا لاءِ سرمائي جي فراهمي لاءِ فقط ٽي رستا آهن: جرمني، جاپان ۽ تيل پيدا ڪندڙ ملڪ. جيستائين جرمني ۽ جاپان جو تعلق آهي، اُهي هن صورتحال ۾ آمريڪا جي ڪا به مدد ڪرڻ کان قاصر نظر ٿا اچن. جرمنيءَ جي ايڪتا کان پوءِ ته صورتحال ٿِهائين ڏکي ٿي پئي آهي، رهيو عرب ملڪ ئي باقي ٿا بچن جيڪي پنهنجي تيل جي اُپت آمريڪا ۽ برطانيا جي اجهامندڙ نيڻن ۾ وجهي پيا سگهن.

هڪ ڀيرو ٻيهر انهيءَ موضوع ڏانهن اچون ٿا پوي ته آمريڪا ۽ برطانيا وچ اوڀر جي گهڻ‌ٽالي کي طاقت وسيلي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي ۽ ان مسئلي کي سياسي سطح تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڇو نه ڪئي؟ اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون ٿا ته آمريڪا ۽ برطانيا دنيا تي طاقت وسيلي قابض رهڻ جا خواهشمند آهن. سياسي ۽ سفارتڪاري ذريعن وسيلي نه- دنيا ۾ لاڳو هاڻوڪي نظام مان اهوئي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو. آمريڪا ۽ برطانيا هڻي سفارتڪاريءَ جي ميدان ۾ ڪو به مثبت ڪردار ادا ڪرڻ کان وانجهيل نظر ٿا اچن. اصل ۾ اهي سفارتڪاريءَ جي ميدان ۾ پنهنجن مخالفن جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت ئي نٿا رکن. ٽين دنيا ۾ هو جن پاليسين تي عمل ڪري رهيا آهن، اُهي تمام گهڻيون ناپسنديده ۽ غيرمقبول آهن. مراڪو کان انڊونيشيا تائين ۽ افغانستان کان نڪاراگوا تائين ٽين دنيا جو ڪو ملڪ ، ڪو علائقو اهڙو ناهي جتي انهن ٻنهي سامراجي ملڪن خلاف، ڪاوڙ ۽ ڌڪار جا طوفان نه هجن. عراق خلاف آمريڪا ۽ برطانيا جي اڳرائي واري رٿابندي ۽ حڪمت عملي خلاف

سڄي ٽين دنيا ۾ هڪ جهڙو ردعمل سامهون آيو. اسين ان ردعمل کي يقينن صدام جي مقبوليت نٿا چئي سگهون. انهيءَ رد عمل جو هڪ ئي سبب ٿي پيو سگهي ۽ اهو آهي ته ٽين دنيا جو عوام مڪمل طور آمريڪا ۽ برطانيا جي سامراجي ڪردار کان نفرت ٿو ڪري. ٽين دنيا ۾ ماڻهن جي انهيءَ ڌڪار جو هڪ ئي مطلب آهي ته آمريڪا ۽ برطانيا سياسي موقف جي حوالي سان غلط آهن ۽ اهوئي سبب آهي جيڪو انهن ٻنهي ملڪن کي جنگي حڪمت عمليءَ جو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو.

فوجي طاقت جي لحاظ کان برطانيا هڪ وچولي درجي جي فوجي طاقت هئڻ جي باوجود هڪ تمام گهڻي سگهاري فوجي قوت جو مالڪ آهي. برطانيا جي فوجي بجيٽ تمام گهڻي آهي ۽ ان کان سواءِ ان ملڪ جون فوجي روايتون به آهن. هيءُ اهو ملڪ آهي، جنهن پنهنجي نام نهاد ثقافتي برتريءَ جي چالن سان قومن کي سنڌن ئي ترقيءَ کي رت ۾ وهنجاريو.

آمريڪا جي فوجي طاقت به هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي رد نٿو ڪري سگهجي فوجي طاقت جي عالمي معيار تي آمريڪا کي هڪ هٽي فوجي قوت سمجهي سگهجي ٿو. اقتصادي لحاظ کان ان جون ٽي ٽسون آهن، پر فوجي طاقت جي حيثيت سان انجي هڪ ئي ٽس آهي. جيڪا سمورن طرفن تي پکڙيل آهي سوويت يونين جي عالمي منظر تان هٽڻ کان پوءِ آمريڪا لاءِ پنهنجي فوجي طاقت جي اگهاڙي اظهار ۾ هاڻ ڪابه رڪاوٽ يا ڪا هٻڪ نه رهي آهي. ڏهه پندرهن سال اڳ تائين آمريڪا ۽ برطانيا لاءِ وچ اوڀر ۾ ايڏي وڏي ڳاٽيٽي ۾ فوجون موڪلڻ جو فيصلو تمام گهڻو خطرناڪ تصور ٿي پئي سگهيو. اهڙو فيصلو ڪين سوويت يونين سان ٽڪراءُ ۾ آڻي پئي سگهيو. ۽ اهو ٽڪراءُ ڪنهن چڱائيءَ جي کاتي ۾ ليکجي نه پئي سگهيو. ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته آمريڪا ۽ برطانيا ڪڏهن ملڪن خلاف وڙهڻ يا فوجي طاقت استعمال ڪرڻ جا خواهشمند رهيا آهن، جن بابت ڪين يقين آهي ته اُهي سندن فوجي طاقت جو جواب پنهنجي فوجي طاقت سان نٿا ڏئي سگهن. اهو سندن رياستي تدبر جو هڪ مثال آهي، پر هاڻ ڪين انهيءَ تدبر جي احتياط جي ڪابه ضرورت باقي نه رهي آهي.

آمريڪي دانشور مسٽر شومسڪيءَ پنهنجي هڪ تقرير ۾ ماڻهن کان اڳ هيءُ سوال رکيو آهي ته آمريڪا وٽ اهڙو ڪهڙو منطق آهي، جيڪو کيس ان ڳالهه جو حق ٿو ڏئي ته هو سڄي دنيا تي حڪمراني ڪرڻ جا سپنا ڏسي؟ اهو منطق يا هيءُ نئون عالمي نظام فقط ۽ فقط ان منطق جو حامل آهي ته آمريڪا هڪ تمام گهڻي ٻوائتي فوجي طاقت آهي، جنهن کي برطانيا جهڙي فوجي طاقت جو پڻ سهڪار حاصل آهي. جيڪي سياسي طور تي ڪمزور آهن ۽ جيڪي

اقتصادي طور تي بہ ڪنھن خاص اهميت جوڳا ناھن، عالمي سطح تي پيدا ٿيندڙ تضادن يا مسئلن جي حوالي سان آمريڪا ۽ برطانيا ٻنهي سياسي ۽ اقتصادي طور تي ڪو ڪردار ادا نہ ڪري سگهڻ ڪري جاٽي ٻجهي ڪوشش ٿا ڪن تہ تضادن ۽ مسئلن کي پنهنجي پسند جي آڪاڙي ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ سندن پسند جو آڪاڙو جنگ جو ميدان ئي آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي بيپناه فوجي طاقت ذريعي پنهنجي پسند جا نتيجا حاصل ڪري سگهن ٿا. هو اهو ٻڌائڻ ۽ ثابت ڪرڻ ٿا چاهين تہ طاقت ئي اهڙو هٿيار يا منطق آهي، جنهن وسيلي دنيا تي حڪمراني ڪري سگهجي ٿي ۽ اهو ئي 'نئون عالمي نظام' آهي.

آمريڪا جي ان نظرئي جي هڪ ٻئي پهلو سان بہ تائيد ٿئي ٿي. اقتصاديات تي بحث ڪندڙ عالمي اخبارن ان مسئلي کي وڌيڪ چڱي انداز سان بحث جو موضوع بڻايو آهي. لنڊن جي فنانشل ٽائمز جو تبصرو، ان صورتحال جو تجزيو ڪندي، ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ آمريڪا کي هاڻ ماضي جي مقابلي ۾ وڌيڪ چڱي انداز ۾ ڀاڙيتو قاتلن جي رياست بڻجي وڃڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي. ٽئين دنيا کي قابو رکڻ لاءِ اهڙي ڪنهن طاقت جي ضرورت تہ هوندي بہ آهي. آمريڪا ئي اهڙي رياست آهي جيڪا اهو ڪم نهايت سهڻي انداز ۾ ڪري سگهي ٿي. ان ملڪ جا ڪي بہ اقتصادي بنياد ناهن، انڪري ان جي فوجي ڪردار جي قيمت ٻيا ڀريندا رهندا. آمريڪي ڪانگريس اڳيان جڏهن نئين عالمي نظام جي وضاحت لاءِ آمريڪا جي نائب پرڏيهي وزير مسٽر ايگل برگر کي پيش ٿيڻو پيو تہ هن بہ اهو ڪجھ ئي چيو: "نئون عالمي نظام سفارتڪاريءَ جي فن ۾ هڪ نئين ايجاد هوندو. اسين دنيا جي معاملن جي جهڳڙن ۾ مداخلت ڪنداسين ۽ ٻيا ان جي قيمت چڪائيندا. جرمني ۽ جاپان ان قسم جي ادائگين لاءِ گهڻو پرجوش نٿا نظر اچن. پر پيٽرو ڊالر بهرحال اسين ڪمائي سگهون ٿا."

نئين عالمي نظام جي انهيءَ فوجي تشريح جو اصل پهلو اهو ئي آهي تہ ٽين دنيا جا ملڪ جن ۾ سوويت يونين ۽ چين بہ شامل آهن، آمريڪا ۽ برطانيا جي فوجي وحشيپڻي جا اڳي کان وڌيڪ نشانو بڻايا وڃن. وڌيڪ سولي ۽ آسان ٻوليءَ ۾ اهو چئجي تہ نازي جرمنيءَ جي فاشزم جو جيڪو خواب هٽلر ڏٺو هو، ان جي ساڀيان حاصل ڪرڻ لاءِ جارج بش جو آمريڪا اڄ تياريون حاصل ڪري رهيو آهي. آمريڪا ۽ برطانيا ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تڏڙ ۾ پير هنيو بيٺا آهن تہ انسانيت پنهنجي ارتقائي عمل جي چرڪائيندڙ فڪري ۽ مادي مرحلن مان گذري اچڻ جي باوجود اڃان تائين انهيءَ هنڌ تي بيٺل آهي، جتي طاقت ۽ طاقتور جي بالادستي واري نظام جي حيثيت سان صديون اڳ بيٺل هئي.

نئين عالمي نظام جي هڪ ٻي تشريح خود ٽين دنيا جي ڪردار ۾ نظر

اچڻ جي بشارت بہ ڏني سگهجي ٿي ۽ اُها هيءَ تہ ٽئين دنيا جا ملڪ جيڪي اڳيئي فوجي آمريتن جي پنجوڙن ۾ ڦاٿل آهن، هاڻ پهرين کان وڌيڪ فوجي جرنيلن جي سياسي تشدد جو نشانو بڻيا.

پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ آمريڪا جي نئين عالمي نظام جي اپناءَ ۽ وضاحت جو مسئلو ايترو الجهيل انڪري نہ هئڻ گهرجي، جو اهي اڳ ۾ ئي اهڙي نظام مان گذري رهيا آهن، جنهن ۾ فوج يا فوجي طاقتن جو ملڪ جي سياسي ۽ اقتصادي ادارن تي برتريءَ جو اصول هڪ حقيقت جي طور تي يا تہ مڃيل آهي يا وري مڃرائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. هڪ اهڙي فوج جيڪا ننهن کان چوٽيءَ تائين جمهوريت ۽ پنهنجي عوام جي سياسي جمهوري حقن جي رت ۾ وهنتل هجي، جڏهن جمهوريت ايوارڊ جي لائق سمجهي وڃڻ لڳي، جڏهن ان کي هڪ حقيقت سمجهيو وڃي تہ ان جو هڪ ئي مطلب ٿي ٿو سگهي تہ ايڪويهين صدي هن دنيا جي آئيندي لاءِ ڪا خوشخبري نہ پئي آڻي، پر اهو سنيهو ڏنيو پئي اچي تہ نئين صدي ڪنهن نئين مفهوم سان نہ هوندي. نئين عالمي نظام جي ليبل سان ڪڏ اها انهن صدين جي تجديد هوندي، جن کي انسان، تاريخ جي ورقن ۾ زمانو ٿيو دفن ڪري چڪو آهي.

جارج بش جي نئين عالمي نظام کي اوير ۽ اولھ ۾ گهڻي ڀاڱي آمريڪا ۽ برطانيا جي تاريخي سامراجي ڪردار جي حوالي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، يا وري سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ جي صورتحال جي روشني ۾ ان جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهي ٻئي پهلو اهم بہ آهن تہ لاڳاپيل بہ- پر پنهنجي سموري اهميت ۽ تعلق جي باوجود اهي هڪ- طرفا نظر ٿا اچن ۽ انهن جي معروضي حقيقت جو پس منظر مڪمل طور تي سامهون نٿو اچي، ان مطالعي ۾ ہہ خاص پهلو تمام گهڻي شعوري طور تي نظرانداز ڪيا ويا آهن، هڪ اهو تہ نئين عالمي نظام جي حوالي سان گورباچوف جي پراسترائيڪا کي يا پراسترائيڪا جي حوالي سان جارج بش جي نئين عالمي نظام کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي آهي ۽ ٻيو پهلو اهو تہ ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ شروع ٿيندڙ سرد جنگ جي ختم ٿي وڃڻ جي تصور جي اصل حقيقت تي اڄ جي صورتحال مطابق غور نہ ڪيو ويو آهي.

پراسترائيڪا جي معاملي ۾ بہ ڪنهن حد تائين فڪري افراتفري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪو ان کي سوويت يونين جو خالص اندروني معاملو سڏي رهيو آهي، ڪو ان کي رڳو سرد جنگ جي خاتمي جو تعارفي باب ٿو سمجهي ۽ ڪنهن کي تہ اها ڪارل مارڪس ۽ لينن جي اشتراڪي نظام جي قبر جو ڪتبو ٿي لڳي. سڄي دنيا هڪ اهڙي مونجهاري ۾ ڦاٿل ٿي لڳي، جيڪا پنهنجي وشالتا ۽ گهرائي جي اعتبار سان پهرين شايد ئي ايڏي شدت سان ائين محسوس ٿي هجي.

اسين جڏهن جارج بش جي نئين عالمي نظام کي سرد جنگ جي خاتمي جي حوالي سان يا سرد جنگ جي خاتمي واري منطق کي گورباچوف جي پراسترائيڪا جي حوالي سان سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون ته يقيناً ان نتيجي تي رسي سگهون ٿا ته سرد جنگ جو دور ٽين مهاڀاري جنگ جو زمانو هو. اها اهڙي جنگ هئي جيڪا دنيا جي هر ملڪ ۾، زندگيءَ جي هر شعبي ۾، ۽ معاشري جي هر سياسي ۽ طبقاتي ميدان ۾ وڙهي وئي آهي ۽ اڃا تائين هلندڙ آهي. اها نظرياتي محاذن تي به جاري رهي ته فوجي سطح تي به ۽ اها جنگ جيڪا ڪنهن رسمي اعلان بنان وڙهي وئي آهي. ان جنگ کي دنيا جي پڇهي ترين ۽ مهلڪ ترين جنگ به چئي سگهجي ٿو جو ان ڪري سڄي انسانيت هڪ اهڙي مقتل ۾ بيٺل نظر ٿي اچي. جنهن جي ڪا حد يا سرحد نه آهي.

انهيءَ جنگ جي اڳياڙي هٽلر ڪئي هئي. اها هڪ نئين عالمي نظام جي اڳياڙي هئي. جنهن کي هٽلر نئون نظام "Neue Ordnung" سڏيو هو ۽ هٽلر جو اهو نئون عالمي نظام هو ته سڄي دنيا تي نازي جرمنيءَ جي نسلي مٿڀرائپ مڙهي وڃي. هٽلر پنهنجي انهيءَ نظام جي خواب جي ساڀيان حاصل ڪري نه سگهيو پر سندس خواب هن جي مئي پڄاڻان به جيئرو رهيو ۽ ٽين مهاڀاري جنگ يعني سرد جنگ جي ڪُک ۾ پلجندو رهيو. ٻي مهاڀاري جنگ جي خاتمي کان پوءِ جڏهن آمريڪا هڪ فاتح بڻجي اڀريو ته مال غنيمت ۾ اهو خواب به سندس هٿ لڳو. يورپ تباهه ٿي کنڊر ٿي چڪو هو ۽ سوويت يونين لال لهو ۾ وهنتل هو ۽ باقي پٺتي پيل دنيا آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي ليٽ ۾ آيل هئي. (بلڪل ائين جيئن اڄ سمجهيو پيو وڃي ته دنيا جمهوريت جي ليٽ ۾ آيل آهي.) تاريخ جي انهيءَ موڙ تي آمريڪي صدر هيري ٽرومين کي مشورو ڏنو ويو ته ٻي مهاڀاري جنگ جي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي سوويت يونين جو پتو صاف ڪري ڇڏي ته جيئن آمريڪا لاءِ هڪ واحد عالمي طاقت بڻجي وڃڻ جي راهه ۾ ڪا رڪاوٽ باقي نه رهي. اهو مشورو هڪ نئين عالمي نظام جي فلسفي تي ٻڌل هو. مرحيات صدر ٽرومين به چاهيو ته ضرور هو پر ڪيس ڪجهه ٻين سببن ڪري اها تجويز عمل جوڳي نظر نه آئي. هڪ اهم سبب اهو هو ته آمريڪا ٻي مهاڀاري جنگ جو فاتح بڻجي، ان جنگ مان حاصل ٿيل لاڀ ڦٻائڻ جو خواهشمند هو. هو پنهنجي مارشل پلان ذريعي يورپ تي پنهنجي تسلط کي سگهارو بڻائڻ جو خواهشمند هو. يورپ جي نئين سر اڏاوت ۾ هٿ ونڊائي هن پنهنجي اڳواڻي ۾ هڪ اهڙو صنعتي بلاڪ قائم ڪرڻ ٿي چاهيو جيڪو سوويت يونين جي يورپ ۾ اثر رسوخ کي ڦهلجڻ کان روڪي سگهي ۽ سوويت خطري جي ٽالي تي سرمائيدار دنيا کي پنهنجي جديد بيٺڪيتي نظام جي واڌ ۽ بچاءُ جي جنگ ۾ استعمال ڪري سگهي. جديد بيٺڪيتي نظام هڪ نئون عالمي نظام ئي هو.

اهو بينڪيتي نظام جي خاتمي کان پوءِ ٽين دنيا ۾ متعارف ڪرايو ويو. تاريخ ان ڳالھ جي شاهد آهي تہ ٻي عالمي جنگ جي نتيجي ۾ آزادي حاصل ڪندڙ قومون پنهنجي آزادي ۽ خودمختياريءَ جي باوجود نہ آزاد رهي سگھن، نہ اهي پنهنجي معاملن ۾ خود مختيار ٿي سگھن.

ٻي مهاڀاري جنگ جي خاتمي ۽ سرد جنگ جي شروعات جو اعلان هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽم بم اڇلائي ڪيو ويو. اهو رڳو نارمنديءَ جو قرض چڪائڻ ئي نہ هو. اهو سوويت يونين تي آمريڪي فوجي ۽ جنگي برتريءَ جو ڌاڪو ويهارڻ لاءِ پڻ ڪيو ويو هو. اهو ئي موڙ هو جتان سرد جنگ نظرياتي محاذن کان جنگي ۽ فوجي اهليت ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ منتقل ٿي وئي. آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس خاص طور تي جديد هٿيارن جي ايجادن تي ڌيان ڏنو. خود آمريڪا تہ پنهنجي اقتصادي نظام جا بنياد ئي بدلائي ڇڏيا. آمريڪا لاءِ جنگي معيشت جي جوڙجڪ نفعي ڏيندڙ بہ هئي تہ سياسي حڪمت عمليءَ لاءِ مفيد بہ. اُن هڪ پاسي تہ دنيا ۾ پنهنجي هٿيارن جي نماءُ لاءِ جنگين جو اهتمام ڪري ٽين دنيا ۾ ڇڪتاڻ قائم رکڻ ۽ پنهنجي جديد بينڪيتي نظام لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪندو رهيو، جڏهن تہ ٻئي پاسي ان اشتراڪي دنيا کي عدم تحفظ جو احساس ڏياري، اشتراڪي معاشرن جي اقتصادي واڌ ويجھ لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪيون. سوويت يونين ۽ چين ٻنهي ۾ عوام جي پيداواري صلاحيت غير پيداواري شعبن جي حوالي ٿيندي رهي. سرمائيداري ۽ اشتراڪي نظام جا حقيقي تضاد اقتصادي هئا. تضادن جي نوعيت اها هئي تہ اشتراڪي نظام پنهنجي عوام جي پيدا واري دولت جي منصفاڻي ورڇ، عوام ۽ عوام جي معيار زندگي يا انهن جي بنيادي ضرورتن کي بهتر انداز ۽ منصفاڻي طور تي پورو ڪري پئي سگھيو. جڏهن تہ سرمائيداراڻو نظام عوام کي سندن پيداواري محنت جو پورو عيوضو نٿو ڏي ۽ سرمائيدار سندن محنت جو گھڻو حصو پاڻ هضم ڪريو وڃي. تضادن جي اها نوعيت نظرياتي محاذ تي موجود رهڻ جي باوجود عملي طور تي قائم رهي نہ سگھي ۽ اشتراڪي معاشرا هٿيارن جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ٿي انهن تضادن جي حل ڏانهن پنهنجو پورو ڌيان ڏئي نہ سگھيا، جيڪي سندن انقلاب جو حقيقي مقصد ۽ محرڪ هئا.

سرد جنگ جي تاريخ ان ڳالھ جي شاهد آهي تہ اشتراڪي بلاڪ دنيا جي هر خطي ۾ آمريڪا جي جنگي حڪمت عمليءَ جي مزاحمت ڪئي آهي ۽ امن جي قيام لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش جاري پئي رکي آهي. ان جي ابتڙ آمريڪا ٽين دنيا جي ملڪن کي سندن نام نهاد جمهوري ۽ انساني حقن کان بہ محروم رکڻ جي سازشن ذريعي فوجي آمريتن جي پٺڀرائي ڪئي. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ تہ هٽلر هٿان سوويت يونين تي حملو ڪرائڻ جي ضرورت بہ



CamScanner

هڪ برطانوي سازش تحت ڪرائي وئي. جنهن جو هڪ مقصد اهو هو ته يورپ ۾ جرمنيءَ جي فوجي طاقت کي ورهائي سگهجي ۽ ٻيو مقصد اهو هو ته سوويت يونين کي پنهنجي اشتراڪي اقتصادي نظام جي حوالي سان ڪا اهڙي قوت ٻڌڻ جو موقعو نه ملي سگهي، جيڪا يورپ ۽ باقي دنيا لاءِ سونهن (سرواڻ) ٿئي. نازي جرمني ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ جنگ نه ڪرڻ جو ناهه موجود هو پر ان هوندي به هٽلر سوويت يونين تي حملو ڪيو ۽ سوويت يونين کي انهيءَ جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي فوجي ۽ جنگي وت ۾ اضافو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

اها ڳالهه رڪارڊ تي موجود آهي ته جرمنيءَ جي حملي کان پوءِ اسٽالن سوويت يونين جي فوجي صنعتن جي بنياد وجهڻ ۽ جنگي سامان جي پيداوار وڌائڻ ۾ مثالي ڪردار ادا نه ڪري ها ته نازي جرمنيءَ کي شڪست ڏيڻ ايترو سولو به نه هجي ها. اهو هڪ تاريخي هاڃو آهي ته ٻي مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ يورپ ۽ سوويت يونين ته تباهه ۽ تاراج ٿيا، پر آمريڪا دنيا جي انهيءَ ڀيانڪ تباهيءَ ۾ به دولت ڪمائي، پوءِ ٻيو هاڃو اهو ٿيو ته يورپ جي نئين سر اڏاوت ۾ ته آمريڪا پنهنجي مارشل پلان سميت موجود هو، پر سوويت يونين کي پنهنجي تباهه ٿيل ملڪ جي نئين سر اڏوت لاءِ ڪنهن جو به سهڪار حاصل نه هو. (آمريڪي صدر ٽرومين سوويت يونين کي ٻي عالمي جنگ کان پوءِ مدد جي آڇ ڪئي هئي، جيڪا اسٽالن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. ڪيس اها آڇ پنهنجي ملڪ جي نظرياتي وقار خلاف نظر آئي هئي.) پوءِ سرد جنگ جي حڪمت عمليءَ جي جارحاتي ڪردار سوويت سسٽم کي جنگي حڪمت عملي ۾ آمريڪا جو پڇ لٽڪائو ٻڌجي وڃڻ ۽ ان محاذ کي ئي نظرياتي محاذ سمجهي جڏڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو. سوويت عوام جي نفسيات تي سڄي دنيا جي عوام وانگر غير پيداواري شعبن ۾ سيڙپ خلاف مزاحمت ۽ ڌڪار جا اثر جڙندا ويا. عوام آمريڪا جو هجي يا سوويت يونين جو، جنگ ڪنهن کي به پسند ناهي. دنيا نظرياتي محاذن تي ڪيڏي نه ڇڙوڇڙ جو نه هجي، پر امن جي معاملي ۾ اُها سڀ سيڪڙو سهمت نظر ٿي اچي.

انهيءَ بحث کي اسين هن طريقي سان مختصر ڪري سگهون ٿا ته آمريڪا سرد جنگ جي ذري گهٽ پنجاهه سالن ۾ پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ سان سوويت يونين ۽ ٻين اشتراڪي معاشرن جي اقتصاديات کي ته يقين تباهه ڪري ڇڏيو، پر اشتراڪي دنيا کي پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ جي حوالي سان پنهنجو حقيقي جنگي حريف بنجڻ کان روڪي نه سگهيو. سوويت يونين جي فوجي طاقت اشتراڪي معاشري جي پيداوري عمل جو ئي شاهڪار آهي، جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته اسين ان حقيقت کان ڪيئن ٿا انڪار ڪري سگهون، ته

جيڪڏهن ساڳيو پيداواري عمل هٿيارن جي ٻوڙ جي تاريخي يا سامراجي جبر تحت جنگي صنعتن ۾ نه کپايو وڃي ها ۽ اهو معاشري ۽ عوام جي ترقي ۽ خوشحالي تي لڳايو وڃي ته اڄ گورباچوف سرمائيدار ملڪن کان اقتصادي مدد حاصل ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪري ها.

ان بحث کي خود آمريڪا جي اقتصادي بدحالي ۽ انجي ذوهن تي ٻڌل اقتصادي صورتحال جي تعلق سان به سميٽي يا ڪنهن موڙ تائين پهچائي سگهجي ٿو. اهم ڳالهه هيءَ آهي ته اسين جنهن تبديليءَ کي سرد جنگ جي خاتمي سان ڳنڍي رهيا آهيون. اها تبديلي ڪيئن وجود ۾ آئي ۽ ان جا محرڪ ڪهڙا آهن؟ هڪ ڳالهه چٽي طرح سامهون آئي ته ٻڪهي سرد جنگ آمريڪا ۽ سوويت يونين جو اقتصادي طور تي ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. سوويت يونين جي صنعتي اثاثن جو سٺ سيڪڙو جنگي صنعتن تي ٻڌل آهي ته آمريڪا جي صنعتن تي قائم نه رهڻ ڏنو ويو. جيڪي معاشري جون ضرورتون آهن ۽ جيڪي پيداواري عمل جي تڪرار ۾ ڪم اچي سگهن ٿيون. آمريڪي اقتصاديات جي زوال جو ڪاٿو انجي بجيٽ جي کوٽن ۽ اتان جي عوام جي زندگيءَ جي ڪرندڙ معيار جي انگن اکرن مان لڳائي سگهجي ٿو. سرد جنگ جي خاتمي يا گورباچوف جي پراسترائيڪا جي سامهون اچڻ کان پوءِ جي صورتحال ۾ آمريڪا جي اقتصاديات جو پرڏيهي قرض تي انحصار جو سلسلو به قائم نه رهي سگهيو. جاپان ۽ جرمني سرد جنگ جي دور جي ٻن اهم اقتصادي طاقتن طور سامهون آيا ته دنيا تي آمريڪي جنگي حڪمت عمليءَ جي زوال پذير هئڻ جي حقيقت وڌيڪ روشن ۽ چٽي ٿي.

گوربا چوف ان حقيقت مان اهو سبق پرايو ته هن آمريڪي جنگي حڪمت سان مزاحمت ڪرڻ بدران هٿيار گهٽائڻ جي سياست ۾ وڌ کان وڌ سرچاءُ وارو انداز اختيار ڪيو. اهو هڪ مثبت عمل به هو ۽ مزاحمتي عمل به. مثبت انڪري جو هٿيارن جي ٻوڙ يا جنگي حڪمت عمليءَ جي نتيجي ۾ سڄي دنيا جا وسيلا ۽ پيداواري ذريعا ضايع ٿيڻ بدران انساني معاشري جي ترجيح جوڳن مقصدن ۾ استعمال ڪري سگهڻ جي اميد ڏياري سگهيا ٿي. دنيا جي حواسن کي جنگي نفسيات جي تاءُ کان آزاد ڪري پئي سگهيا ۽ اهو مزاحمتي عمل ان ڪري هو جو جنگي حڪمت عمليءَ کان انڪار جو رستو اختيار ڪري، سوويت يونين جي قيادت يورپي ملڪن تي آمريڪي فوجي طاقت جي حوالي سان انحصار کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. آمريڪا پنهنجي فوجي طاقت تي يورپي ملڪن جي انحصار جي ڳوري قيمت وصولي رهيو هو. آمريڪا تمام گهڻي شعوري طور تي جنگي حڪمت عمليءَ کي برقرار رکڻ ۽ دنيا جي وسيلن ۽ پيداواري ذريعن جو پنهنجي فوجي طاقت وسيلي استحصال ڪرڻ جو خواهشمند هو. سندس اعصاب

[illegible] جنگي حڪمت عملي جو ڪاٿو ان ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ ان نيڪاراگوا جهڙي ننڍڙي ملڪ کي بہ پنهنجي سلامتي لاءِ خطري جو اعلان ڪري ڇڏيو هو.

عراق جي خلاف، ان جيتري ٿوري عرصي ۾ پنهنجي جنگي حڪمت عملي جي رڪارڊ ٽوڙ نمائش ڪئي ۽ جهڙي نڪ جي ڏاڍائي سان سفارتڪاريءَ وسيلي وچ اوڀر جي گھوٽالي جي حل کي ناممڪن بڻايو، اهو ان ڳالھ جو ثبوت آهي تہ گورباچوف جي سياسي حڪمت عملي پنهنجي ڏور رس نتيجن جي اعتبار سان اهڙي جارحاڻي سياسي حڪمت عملي سمجهي سگھجي ٿي، جيڪا دنيا کي آمريڪي فوجي بليڪ ميلنگ مان ڇوٽڪارو ڏياري سگھي ٿي. جارج بش ظاهري طور تي گورباچوف جي انهيءَ حڪمت عمليءَ جي ساراهہ تہ ڪري، پر اصل حقيقت اها آهي تہ جارج بش جو آمريڪا پراسترئيڪا ۽ گلاسنوسٽ جي عمل وارن منطقي نتيجن مان مطمئن ناهي.

1985ع کان پوءِ جڏهن کان گورباچوف سوويت پرڏيهي پاليسيءَ جا انداز مٽايا آهن، آمريڪا لاءِ ڏکائيون پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن. اهو آمريڪي سانحو تمام گھڻو عجيب آهي، جو ٻن وڏين طاقتن جي وچ ۾ جنگ يا ٽڪراءَ واري حڪمت عملي کان پوءِ آمريڪي عوام تي بار لاڳيتو وڌندو ويو. سندن اقتصادي ۽ معاشي مسئلا ڏهہ ڀيرا وڌي ويا. بيروزگاري مجبوريءَ جون حدون اورانگھي ضرورت جي حدن ۾ داخل ٿي چڪي آهي. ڏوهن جا انگ اکر اڳوڻا سمورا رڪارڊ ٽوڙي چڪا آهن. مهانگائي ۾ واڌ معمول جي ڳالھ بڻجي وئي آهي. فلاحي ڪمن جي بجيٽ ۾ هر سطح تي ڪٽوتي ٿيڻ لڳي آهي. لائبريريون، عجائب گھر، پارڪ ۽ چڙيا گھر جهڙا تفريحي ادارا ان ڪري بند ڪيا پيا وڃن، جو ڪجھ بچت ٿي پوي. ان صورتحال جو سبب اهو آهي تہ جاپان ۽ جرمنيءَ معمول موجب پنهنجو واڌو سرمايو آمريڪي بجيٽ جي کوٽ کي سهارو ڏيڻ لاءِ مهيا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. گورباچوف اوڀر جرمني ۽ اولهہ جرمنيءَ جي ايڪتا کي ممڪن بڻائي ۽ ساڳي طرح وارسا ناهہ جي ٻين ملڪن کي سندن انبندي جي حوالي ڪري آمريڪا کي تمام گھڻو اوچتو ڪيترن ئي اهڙن مسئلن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي، جنهن لاءِ ان وٽ اڳ ۾ تصور بہ نہ هو ۽ مصيبت وري اها آهي تہ آمريڪا گورباچوف جي انهيءَ جارحاڻي ناهہ واري پاليسيءَ کي ننديبہ نٿو سگھي.

اسين ان صورتحال کي سرد جنگ جي خاتمي جي صورتحال انڪري چئي سگھون ٿا تہ دنيا هڪ ڀيرو ٻيهر طبعي طور تي ٻي مهاڀاري جنگ کان اڳ واري هنڌ تي بيٺل نظر ٿي اچي، فرق رڳو ان ڳالھ جو آهي تہ ٻي مهاڀاري جنگ کان اڳ جي حالت ۾ سوويت يونين ڪا هڪ عالمي فوجي طاقت نہ هئي. اڄ

سوويت يونين هڪ عالمي طاقت بڻجي دنيا آڏو بيٺل آهي. اسين سوويت يونين جي ڪردار ۽ سندس قد ڪاٺ جو اندازو ان ڳالھ مان بہ ڪري سگھون ٿا تہ دنيا جي معاملن مان سوويت يونين جي رضاڪاراڻي عليحدگي ٽين دنيا جي آئيندي لاءِ ڪيڏي خطرناڪ بڻجي سگھي ٿي، رڳو وچ اوڀر جي ھاڻوڪي صورتحال جو جائزو ورتو وڃي تہ ان ۾ جڏھن سوويت يونين آمريڪا کي پڙ ڏني تہ ان جو ڪھڙو نتيجو اسان جي آڏو آيو.

آمريڪي دانشور بہ ان حقيقت کي مڃن ٿا تہ جيڪڏھن سوويت يونين جي ڪنھن ڪردار جو خطرو ھجي ھا تہ جارج بش ھڪ مھاڀاري جنگي ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري ھا، پر اھو چوڻ جزوي طور تي ئي درست سمجھي سگھجي ٿو. اصل صورتحال ھيءَ آھي تہ ڪيترن ھين مقصدن ڪان علاوہ ان جنگي ضرورت آمريڪا کي ان ڪري بہ ھئي جو ان سوويت يونين کي پڙڪائي يورپي ملڪن تي گورباچوف جي پراسترائيڪا ۽ گلاسنوسٽ جي اثر کي ختم ڪرڻ ٿي چاھيو تہ جيئن سندس جنگي حڪمت عمليءَ تي يورپي ملڪن جو اعتماد قائم رھي ۽ سوويت يونين جي اقتصاديات کي اولھائين ملڪن پاران اھڙي امداد نہ ملي سگھي، جيڪا سوويت يونين جي غيرفوجي يا ڪمرشل صنعتي پيداوار کي وڌائي ويجھائي سگھي، جنھن تي سوويت يونين جي اقتصادي مسئلن جي حل جو دارومدار آھي.

جارج بش جي نئين عالمي نظام جو نعرو تاريخي ۽ دستاويزي ثبوت سان ڪڏ ھڪ تاريخي سرقو سمجھي سگھجي ٿو. اھو ڪو اھڙو نعرو بہ ناھي جيڪو پھريون ڀيرو لڳايو ويو ھجي. آمريڪي تاريخ جي حوالي سان نئين عالمي نظام جو نعرو آمريڪا جي ٽين صدر ٿامس جيفرسن (1866 -1743) جيڪو 1901ع کان 1909ع تائين آمريڪا جو صدر رھيو ان جي زماني کان رائج ۽ لاڳو رھيو آھي. آمريڪا ناڻي جي ھڪ ڊالر واري نوٽ جي پوئين پاسي اھرام جي شڪل واري ھڪ مُھر ھيٺان لاطيني ٻوليءَ ۾ تمام ننڍن اکرن ۾ "Novus ordo Seclorum" لکيل آھي، جنھن جو مطلب نئون عالمي نظام آھي. ٻي مھاڀاري جنگ کان اڳ ھٽلر بہ ساڳيو نعرو ھنيو ھو ۽ ھاڻوڪي دور ۾ اھو نعرو سڀ کان پھرين سوويت يونين جي گورباچوف ھنيو. گورباچوف 7 ڊسمبر 1988ع تي گڏيل قومن جي اجلاس کي خطاب ڪندي 'نئين عالمي نظام' جو اصطلاح استعمال ڪيو ھو. ھتيارن ۾ گھٽتائي جي موضوع تي پنھنجو موقف پيش ڪندي ھُن چيو ھو تہ: "Today further world Progress is only possible through a search for universal human consensus as we move for wrod to a New wrold order".

(اڄ اسان جو ھڪ نئين عالمي نظام ڏانھن اڳتي وڌڻ جو عمل فقط ڪُل

عالم جي انسانن جي گڏيل رضامندي جي گولا ۾ لڪل آهي.)

جارج بش اهو اصطلاح پهريون ڀيرو 11 سيپٽمبر 1990ع تي استعمال ڪيو هو. انهن حوالن کي دهرائڻ جو مقصد اصل ۾ آمريڪي صدر تي آمريڪي جنگي حڪمت عمليءَ جي زواليت واري ڏپ ۽ ڏهڪاءَ جي ڪيفيت کي واضح ڪرڻ آهي. اصل ۾ هاڻوڪي زماني ۾ ته گورباچوف کي به نئين عالمي نظام جي نعري جو بانيڪار نٿو سمجهي سگهجي. اهو نعرو بنيادي طور تي ٽين دنيا پاران نئين اقتصادي عالمي نظام جي حوالي سان موجود رهندو پيو اچي. اهو ٽين دنيا جو نعرو ٿي نه هو، پر هڪ معقول گُهر پڻ آهي، جنهن جو مقصد آمريڪا ۽ صنعتي دنيا جي ٻين امير ملڪن کي هڪ اهڙي منصفاڻي اقتصادي عالمي نظام ڏانهن متوجه ڪرڻ هو، جنهن ۾ اُسرندڙ ملڪن سان واپار ۽ سيڙپ ڪاريءَ جي معاملن ۾ منصفاڻن حقن جو خيال رکي سگهجي ۽ ٽين دنيا جي ڪل لاهڻ ۽ ان جي مڏين جو ڳَر چوسڻ کان پرهيز ڪيل هجي. اها گُهر عالمي صورتحال ۾ چرڪائيندڙ تبديلين جي ڪري دٻجي وئي آهي، پر اها اڃا تائين پنهنجي جاءِ تي موجود ضرور آهي ۽ مختلف اندازن ۾ ان جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. گورباچوف جڏهن پراسترائيڪا کي سڄي دنيا جي ضرورت ٿو سڏي ته ان ضرورت ۾ ٽين دنيا جي نئين اقتصادي عالمي نظام جي ڳالهه به شامل نظر ٿي اچي، پر آمريڪا پنهنجي نئين عالمي نظام جي نعري ۾ باقي سموري دنيا جي آوازن کي دٻائڻ ٿو چاهي.

نئين عالمي نظام جي مقصدن ۽ مفهوم جو تضاد گورباچوف جي پراسترائيڪا ۽ جارج بُش جي نعري جي ابهام (مونجهاري) سميت اسان جي آڏو آهي. جارج بش، جو پراسترائيڪا کان پوءِ ڪاٺ آمريڪي جنگي اقتصاديات جي فطري تضاد به آهي. آمريڪا پراسترئيڪا جي ڪاميابيءَ جو خيرخواه ناهي ۽ هو ان ڳالهه جي به حق ۾ ناهي ته ست صنعتي ملڪ سوويت يونين جي اقتصادي مسئلن ۾ گورباچوف سان سهڪار ڪن. گورباچوف تمام گهٽي تڪڙ ۾ سرد جنگ جي خاتمي جو جواز پيدا ڪري نوبل انعام ته حاصل ڪري ورتو، پر يورپي برادري اڃا تائين آزاديءَ جي ان ماڳ تي بيٺل نظر نٿي اچي، جتي اها آمريڪي چنبيءَ بنان پنهنجي حصي جي آڪاش هيٺان ڳاٽ اڀو ڪري سگهي، وارسا ناه جا ملڪ هاڻ آزاد تصور ڪيا پيا وڃن، پر ناٽو جو ڪٽ اڃا تائين اوله يورپ جي ڪڇيءَ ۾ وڌل آهي. فرانس ۽ جرمني خاص طور تي هاڻ ناٽو جي ضرورت نٿا محسوس ڪن. فرانس ته ناٽو جي متبادل طور يورپي برادريءَ جي گڏيل سڪيورٽي پلان جي ڳالهه به ڪئي آهي. جنهن کي آمريڪا نه رڳو ناپسند ڪيو آهي، پر ناٽو جي تصور کي نئين معنيٰ ڏئي قابلِ قبول بنائڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. آمريڪا اوڀر يورپ جي ملڪن کي ناٽو ۾ شامل نه ڪرڻ جي

پاليسي بہ اختيار ڪئي آهي، هو انهن کي هڪ مبصر طور برسلز ۾ ناٽو جي هيڊڪوارٽر جي عمارت واري مهمان خاني تائين اچڻ جي اجازت ڏني ٿو- ان کان وڌيڪ جو هو کين لائق نٿو سمجهي- اِها هڪ عجيب حڪمت عملي آهي تہ هڪ پاسي تہ پراسترائيڪا کي اشتراڪيت جي قبر جو ڪتبو سڏيو ٿو وڃي ۽ ٻئي پاسي پرسترائيڪا جي صورتحال جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ردعمل جي مزاحمت بہ ڪئي ٿي وڃي؟

گورباچوف مزاحمت جي حڪمت علمي ترڪ ڪري ڳالهين ٻولهين جو جيڪو رستو اختيار ڪيو آهي، اُهو ڪافي حد تائين ڪندائون پيچرو بڻجي ويو آهي، اڄان بہ اِهو چوڻ وڌيڪ ٺيڪ ٿيندو تہ آمريڪا ان رستي کي جاتي ٻجهي ڪندائون بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي- گورباچوف جيئن اڳ ۾ چيل آهي تہ تمام گهڻي تڪڙ ۾ سامراجي دنيا کي گهڻو ڪجهہ ڏني آمريڪا لاءِ ڪجهہ مسئلا تہ پيدا ڪيا آهن، پر پنهنجي لاءِ وڌيڪ پريشانيون بہ پيدا ڪيون آهن- آمريڪا سوويت يونين جي اندروني صورتحال مان وقت ۾ وڏو فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو- اِهو فقط خام خيالي ٿي آهي تہ آمريڪا سوويت يونين ۾ بنيادي نوعيت جي سڌارن کان پوءِ ئي ان جي اقتصادي مسئلن جي حل لاءِ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهندو- آمريڪا جن سڌارن ڏانهن اشارو ٿو ڪري اُهي سمورا اقتصادي آهن، انهن لاءِ حد کان وڌيڪ سرمائي جي کهرج آهي، جيڪڏهن سرمايو فراهم نہ ٿيو تہ سڌارا ڪيئن ٿيندا؟ سوويت يونين جون سٺ سيڪڙو صنعتون فوجي نوعيت جون آهن، جن کي سڌارن جي ڪنهن بہ جادوئي عمل سان رات پيٽ ۾ ڪمرشل يا غيرفوجي صنعتن ۾ تبديل نٿو ڪري سگهجي. آمريڪا سوويت يونين جي صنعتي ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيتن متعلق ڪنهن غلط فهمي جو شڪار بہ ناهي، ان کي خبر آهي تہ سوويت يونين جيڪڏهن پنهنجي عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ سوپارو ٿي ويو تہ اُهو صنعتي ميدان ۾ اهڙا ڪرشما ڏيکاري سگهي ٿو، جيڪي ان کي فوجي طاقت کان سواءِ اقتصادي طاقت بہ ناهي ڇڏيندا-

لنڊن ۾ ستن صنعتي ملڪن جي اجلاس ۾ سوويت يونين جي گورباچوف جي شرڪت کي ڪنهن جواز بنان مسئلو نہ بڻايو ويو هو- برطانوي وزير اعظم جان ميجر کيس گهرائڻ جي حق ۾ هو تہ جاپان گورباچوف کي گهرائڻ جو مخالف هو- خود آمريڪا بہ ٻچاپڙائي جو شڪار هو- جرمنيءَ جو رويو همدرداڻو هو پر هو بہ سوويت يونين کي سندس مرضي موجب امداد ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو- جاپان پاران کلي کلائي مخالفت جو ٺوس سبب بہ هو تہ اُهو ٻي مهاڀاري جنگ دوران روسي قبضي ۾ ويل ڪجهہ ٻيٽن جي گهُر ڪري رهيو هو، پر گورباچوف جو مسئلو اِهو هو تہ جيڪڏهن هو اِهي ٻيٽ واپس ڪري تہ پوءِ کيس انهن بالٽڪ

رياستن کي بہ آزاد ڪرڻو پوندو جن تي ٻي مهاڀاري جنگ دوران ني قبضو ٿيو هو- بالٽڪ رياستن ۾ عليحدگيءَ جون تحريڪون بہ هلي رهيون آهن ۽ تشدد جي باوجود اِهي رياستون اجهان تائين سوويت يونين کان ڌار ٿيڻ واري پنهنجي گهر کان هٽيون ناهن- لنڊن ڪانفرنس جي حوالي سان گورباچوف جي بيعزتي جي معاملي تي تبصرو ڪندي لنڊن جي اخبار 'يورپيئن' لکيو آهي: "سوويت يونين اقتصادي گهوٽالي ۾ ڦاٿل آهي ۽ وقت جي تقاضا اِها آهي تہ ان جي هڪدم مدد ڪئي وڃي- اولهائين ملڪن کي سوويت يونين جي مدد ان جذبي جيان ڪرڻ گهرجي جهڙي جذبي تحت سوويت يونين جي عوام ٻي مهاڀاري جنگ ۾ پنهنجون جانيون ارپي اولهہ جي مدد ڪئي هئي- پنجن سالن لاءِ ٽيهہ بلين ساليانی امداد اهم ڳالهہ آهي پر اِها مارشل پلان جي ٽي سؤ بلين ڊالرن جي ان امداد کان بهرحال گهٽ آهي، جيڪا ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ آمريڪا يورپي ملڪن جي مدد لاءِ پيش ڪئي هئي."

جن سڌارن جي گهر سوويت يونين کان ڪئي پئي وڃي انهن سان ملندڙ جلندڙ سڌارن جي گهر خود آمريڪي حڪمرانن کان بہ ڪئي پئي وڃي. سڀ کان اهم گهر جيڪا آمريڪا کان ڪئي پئي وڃي اُها آهي تہ هو دنيا جي وڏيرائپ تان ريٽائر ٿي پنهنجي گهرجي معاملن کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. ٻي اهم گهر هيءَ آهي تہ جنگي اقتصاديات جا بنياد تبديل ڪيا وڃن ۽ پرڏيهي قرضن تي انحصار گهٽ ڪري آمريڪا جي پنهنجي پيداواري ذريعن تي ڀاڙيو وڃي، آمريڪي حڪمرانن جي رويي ۾ نہ تہ نئين عالمي نظام جي حوالي سان ڪا مثبت تبديلي ڏيکاءُ ڏئي ٿي نہ پراسترائيڪا جي تصور سان جنگي حڪمت عمليءَ جي خاتمي جي اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي. آمريڪي حڪمران تمام گهڻي چٽي انداز ۾ هڪ اهڙي نئين عالمي نظام جي نظريئي تي عمل ڪندي نظر اچي رهيا آهن جيڪا پراڻي عالمي نظام جي نئين ڪاپي آهي، جنهن ۾ مزاحمت ۽ ٽڪراءُ جي حڪمت عملي مڪمل طور تي پڌري آهي.

آمريڪا گهڻي شدت سان مارڪيٽ اڪانوميءَ تي زور ڏئي رهيو آهي. حقيقت اها آهي تہ مارڪيٽ اڪانومي جو فارمولو ٽئين دنيا جي اُسرندڙ ملڪن ۾ ڪو اهڙو انقلاب آڻي نہ سگهيو جنهن کي خوشحالي ۽ ترقي جي ضمانت سمجهي سگهجي. تائيوان ۽ ڪوريا جا مثال خاص طور تي سندن صنعتي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي حوالي سان پيش ڪيا ٿا وڃن. جاپان ۽ جرمني تہ دنيا جي اهم اقتصادي طاقتن ۾ شامل آهن پر انهن چئني ملڪن جا مثال پيش ڪندي، ان حقيقت کي بہ نظرانداز ڪيو ٿو وڃي تہ انهن کي دنيا جي سڀ کان وڏي مارڪيٽ آمريڪا ۾ پنهنجو مال رسائڻ جي مڪمل آزادي حاصل آهي هيو تہ جا پر جرمني ۽ جاپان تہ فوجي بجيٽ جي بار کان بہ آجا آهن. ڪوريا جي ترقيءَ

جو حال ھي آھي جو اتان جي عام ماڻھو جي زندگي اڄ بہ ٽين دنيا جي ڪنھن بہ غريب ملڪ جي شھري کان بھتر ٿي نہ سگھي آھي. ڪجھ سال اڳ جڏھن ڪوريا ۾ فوجي آمريت خلاف خونريز ويڙھ ھلندڙ ھئي ھڪ آمريڪي فوجي جو ڪوريا کان آيل ھڪ خط اخبارن ۾ ڇپيو ھو. ھن ڪوريا جي عوام جي 'ترقي' ۽ 'خوشحالي' جو ذڪر ڪندي لکيو ھو تہ سانجھيءَ جا پاڇا لھندي ئي ڪوريا جون نوجوان نينگريون آمريڪي فوجين جي بيرڪن آڏو قطار ٺاھي بيھي ٽيون رھن. جسم فروشي ھڪ اھڙو معاشي ذريعو بڻجي چڪو آھي، جيڪو ھاڻ خراب نٿو سمجھيو وڃي يا جنھن کي معاشري جي غيرمنصفاتي نظام جي پيداوار نٿو سمجھيو وڃي.

فلپائن ۾ بہ مارڪيٽ اڪانومي جو نظام رائج آھي ۽ منيلا جي اوسي پاسي ڪني پاڻيءَ جي ڏُھن جي ڪناري گند ۽ غربت ۾ قاتل انسانيت مارڪيٽ اڪانومي جي ڪرشمن جي شاھدي ڏئي ٿي. پولينڊ ۾ مارڪيٽ اڪانومي جو تجربو شروع ٿي چڪو آھي ۽ ان جا نتيجا بہ نڪرڻ شروع ٿي ويا آھن. اڳي جيان ھاڻ اسٽورن تي خريدارن جون ڊگھيون قطارون نڪري ٿيون اچن. اسٽور سامان سان ڀريل نظر ٿا اچن، پر ھاڻ انھن تي خريدار قطعي ناھن. آمريڪا جي اي بي سي ٽيليويزن پولينڊ ۾ مارڪيٽ اڪانوميءَ جي ڪامياب تجربي تي ھڪ رپورٽ بہ پيش ڪئي ھئي. ھڪ تمام وڏي اسٽور جي ٻاھران ھڪ پوڙھي عورت جو انٽرويو ڪندي جڏھن ٽي وي جي رپورٽر مارڪيٽ اڪانوميءَ جي ڪرشمي بابت ڪائنس سوال ڪيو تہ ان جو جواب مليو تہ اڳي قطار ۾ بيھي اسين پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ خريد ڪري سگھندا ھئاسين، پر ھاڻ تہ رکو پري کان ڏسڻ تي ئي بس ٿا ڪريون. اقتصادي ماھرن جو چوڻ آھي تہ جڏھن بہ ۽ جتي بہ مارڪيٽ اڪانومي جو تجربو ڪيو ويندو آھي، اتي مھانگائي ۽ بيروزگاري اٽر بڻجي ويندي آھي. اقتصادي گھوٽالي جي حوالي سان پولينڊ جي عوام کي اشتراڪي حڪومت ۽ اشتراڪي نظام کان بدظن ڪري پولينڊ جي جھول ۾ جيڪي ڪجھ وڌو ويو آھي، پولش عوام وٽ ان کي ٽڏڻ کان سواءِ ڪوبہ رستو ناھي. اھو تجربو جڏھن سوويت يونين ۾ ڪيو ويندو تہ اُتي صورتحال مختلف ھوندي. سوويت يونين جو عوام مارڪيٽ اڪانومي بابت تمام گھڻا ڪرشماتي آسرا رکي ٿو. سندس مايوسي خطرناڪ ردعمل سان ڀريل بہ ٿي سگھي ٿي. سوويت عوام آمريڪا جي ثقافتي يلغار آڏو بيوس نظر ٿو اچي. اُھي آمريڪي معاشري جي ڪاروباري ڏيک ويک کان خوش نظر ٿو اچي. ھو پنھنجي ماحول ۽ پنھنجي ثقافتي ورثي کي ڌڪار سان ڏسڻ لڳو آھي. سندن نفسيات تي نظرياتي ملائيت جي جبر تمام گھڻا اُگرا اثر ڇڏيا آھن. ھو نظرياتي ملائيت جي مرڪزيت مان فرار حاصل ڪرڻ چاھين ٿا. رشين جمھوريا جي

صدارتي چونڊن ۾ بورس يلسن جي 57 سيڪڙو ووٽن سان سوڀ کي گورباچوف جي پراسترائيڪا جي دفاعي ڪردار ۽ جارج بش جي پراڻي عالمي نظام جي جارحاڻي ڪردار جي علامت سمجهي سگهجي ٿو.

سوويت فوج ۽ ڪي جي بي جي قيادت ته چئي به ڇڏيو آهي ته آمريڪا سوويت يونين جي پراسترائيڪا جي راهه ۾ رنڊڪون وجهي رهيو آهي. آمريڪا نٿو چاهي ته سوويت معاشرو اقتصادي ترقيءَ واري کليل ۽ وڌيڪ جمهوري معاشري ۾ تبديل ٿي سگهي. اها تمام گهڻي چڱي ڳالهه آهي ته آمريڪا سوويت وفاق جي شڪست ۽ ٽوڙ ڦوڙ چاهي ٿو. هو چين ۽ سوويت يونين جي عوام کي وڌ ۾ وڌ مونجهاري جو شڪار بڻائڻ چاهي ٿو ته جيئن هو وڌ ۾ وڌ مڇرجي سگهن ۽ گورباچوف جي پراسترائيڪا تي حملو ڪري ڏين يا تيانان اسڪوائر ۾ هڪ ٻئي ميلي جو بندوبست ڪن.

پراسترائيڪا جي حوالي سان جڏهن اسين جارج بش جي نئين عالمي نظام کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون ته ان نتيجي تي پهچون ٿا ته جارج بش جو نئون عالمي نظام آمريڪي سامراج جو اهو ساڳيو ئي پراڻو عالمي نظام آهي، جيڪو سڄي دنيا تي پنهنجي فوجي برتريءَ جي ذريعي پنهنجي فوجي دهشت گرديءَ جي ذريعي قابض رهڻ جو جواز پيدا ڪري ٿو. جيڪو آمريڪا کي دنيا جي وسيلن ۽ پيداواري ذريعن جي ڦرلٽ ڪرڻ جي کلي آزادي ڏئي ٿو.

آمريڪي روبي جي سختي، يورپي ملڪن تي آمريڪي دٻاءُ پراسترائيڪا جي مزاحمت جي پهلوئن تي غور ڪيو وڃي ته سرد جنگ جي خاتمي جي ڳالهه خيالي ٿي لڳي. اوڀر يورپ جو عوام به ان صورتحال کان پريشان آهي ۽ اولهه يورپ جو عوام به هڏتر جو شڪار آهي. هو چاهين ٿا ته گورباچوف جي پراسترائيڪا يا ان جي اقتصادي سڌارن جي حدن جو تعين ٻاهران کان نه ڪيو وڃي ۽ سوويت قيادت کي موقعو ڏنو وڃي ته اهي پنهنجي سر پنهنجي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اصل ۾ اوڀر يورپ جي صنعتي ڍانچي يا ان جي صنعتي پيداوار جو ماضي قريب ۾ سڀ کان وڌيڪ انحصار سوويت يونين تي ئي هو. سڀني صنعتن جو بنياد سوويت يونين جي ضرورتن تحت ئي رکيو ويو ۽ مال جي بدلي مال واري اصول تحت وارسا ٺاهه جي ملڪن ۾ واپار ٿيندو هو. هاڻ صورتحال بدلجي وئي آهي، هاڻ مال جي بدلي مال واري واپار جو تصور ئي نه رهيو آهي. هاڻ ناڻي ۾ ڏيتي ليتي جي بنياد تي واپاري سودا ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي ۽ الميو اهو آهي ته اوڀر يورپ جو ڪوبه ملڪ پنهنجي اقتصاديات جي حوالي سان انهيءَ قابل ناهي ته هو ڊالرن يا ڪنهن ٻي ناڻي ۾ ڏيتي ليتي ڪري سگهي.

اولهائين ملڪن سان واپار ڪرڻ لاءِ ته کين خاص طور تي ڊالرن جي

ضرورت آهي. تازي خبر اها آهي تہ اوڀر يورپ جي ملڪن هڪ ٻيرو ٻيهر پاڻ ۾ مال جي بدلي مال جي بنياد تي واپار شروع ڪري ڏنو آهي تہ جيئن کوٽالن مان نڪري سگهجي. رڳو پولينڊ ئي اهڙو ملڪ آهي، جنهن مال جي بدلي مال جي پراڻي واپاري طريقي تي هلڻ کان انڪار ڪيو آهي. اها صورتحال اوله يورپ جي ملڪن لاءِ نہ تہ حوصلي واري ٿي پئي سگهي ۽ نہ انهن نتيجن ڏانهن وٺي پئي سگهي، جيڪي هڪ ڪڏيل يورپ جي تصور جي حوالي سان اوله جا ملڪ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.

پراسترائيڪا جي تصور اوله ۽ اوڀر يورپ جي ايڪتا جي تصور کي هڪ يورپي گهر، هڪ يورپي ثقافت ۽ هڪ يورپي معيشت جي تصور جي جيڪا ماڪي لڳائي هئي، آمريڪا لاءِ اُها بہ جنجال بڻيل آهي. هي اهم سوال اوله يورپ جي ڪن آڏو آهي تہ يورپ جي ايڪتا جي حوالي سان هو سوويت يونين جي شڪست ۽ ٽوڙ ڦوڙ واري آمريڪي سازش کي ڪيئن هضم ڪن. ظاهري طور تي انهن لاءِ ان سازش ۾ دلچسپيءَ جي ڳالھ اها ٿي پئي سگهي تہ سوويت يونين جي شڪست ۽ ٽوڙ ڦوڙ اوله يورپ لاءِ سوويت يونين جي فوجي طاقت ۽ انجي خطرن کي محدود ڪندي. پر ان جو هڪ مطلب اهو بہ تہ ٿي پيو سگهي تہ اوله يورپ دنيا جي هڪ فوجي طاقت جي دهشت جي پنجوڙ ۾ جڪڙجي وڃي. يورپ ۾ برطانيا آمريڪا جو تمام گهڻو اعتماد جوڳو اتحادي آهي، پر واقعن مان پتو ٿو لڳي تہ برطانيا بہ جارج بش جي نئين عالمي نظام کي نون مفهومن ۽ نون مطلبن سميت سمجهڻ لاءِ تيار ناهي. اوله وارن ملڪن کي سوويت يونين ۾ سيڙپ جا مثبت نتيجا انهيءَ شرط تي ئي ملي سگهن ٿا، جو سوويت يونين متحد رهي ۽ انجا اقتصادي مسئلا ڪڏيل بقا جي تصور جا تابع هجن. سوويت يونين جي اقتصادي کوٽالي جو خاتمو يا سوويت يونين جي اقتصاديات جي فوجي ڏس کان غيرفوجي ڏس ۾ تبديلي عالمي امن لاءِ بہ ضروري آهي.

اهو ئي هڪ طريقو آهي، جيڪو آمريڪي حڪمرانن کي پنهنجي فوجي اقتصاديات جا بنياد بدلائڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو ۽ دنيا لاءِ هڪ نئين عالمي نظام ۾ داخل ٿيڻ جي راھ هموار ڪري سگهي ٿو. پراسترائيڪا جي حقيقي تصور کي جارج بش جي پراڻي عالمي نظام واري تصور ۾ لڪائڻ جي ڪوشش اوله واري دنيا کي هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳي هنڌ تي پهچائي سگهي ٿي. جتان ٻي مهاڀاري جنگ کان پهرين هٽلر 'نئين نظام' جو نعرو هنيو هو.

## دنيا جي اقتصادي صورتحال

مسئلو رڳو ان مفروضي جو ئي ناهي تہ سوويت يونين ۽ وارسا ٺاھ جا ملڪ پنهنجي اشتراڪي نظام جي حوالي سان اقتصادي کوٽالن جو شڪار ٿيا آهن، پر مسئلو اهو بہ آهي تہ خود سرمائيدار ملڪ بہ ايترن ئي سنگين اقتصادي

گهوٽالن جو شڪار نظر اچن ٿا. جيترا اشتراڪي ملڪ . انهن گهوٽالن جو پس منظر هڪ اهڙو تاريخي جبر آهي، جيڪو ٻن نظامن ۾ ورهايل دنيا ۾ هڪ جهڙن نتيجن جو مظهر ناهي. اهو ٽڪراءُ سياسي ۽ اقتصادي نظرين جي حوالي سان سرد جنگ جو تاريخي جبر آهي، جنهن اشتراڪي دنيا کي نقصان رسايو ۽ سرمائيدار دنيا کي مالامال ڪيو. سرد جنگ جو تصور آمريڪا ۽ سرمائيدار دنيا جو هڪ سياسي هٿيار ئي نه، پر اقتصادي حڪمت عملي به هو. اهو چوڻ ته سرمائيداراڻي معاشرن ۾ مڪمل خوشحالي اچي وئي آهي يا انهن معاشرن ۾ خوشحاليءَ جو ڪو هدف ڳولهيو ويو آهي، سؤ سيڪڙو صحيح ناهي. حقيقت اها آهي ته سرمائيداري نظام جي ڪنگ ڪانگ آمريڪا ۾ عوام جن مسئلن ۽ گهوٽالن جو شڪار آهي، اشتراڪي دنيا ۾ انهن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. اهو سٺو سوڻ آهي ته اجوڪي دنيا اجتماعي طور تي دنيا جي مسئلن بابت اقتصاديات جي حوالي سان سوچي رهي آهي ۽ سڄي دنيا گهوٽالن جي انهيءَ گوڙ گهمسان ۾ مارڪيٽ اڪانوميءَ جي نعري سان گونجي رهي آهي. اشتراڪي معاشرن ۾ جمهوري آزادين ۽ اقتصادي سڌارن جي حوالي سان مارڪيٽ اڪانوميءَ جي امرت ڌار جي وڪالت ۾ گهڻو ڪجهه چيو پيو وڃي، پر سرمائيداري نظام وارن ملڪن جي اقتصادي گهوٽالن جي سببن ۽ انهن جي خاتمي جي طريقن تي ڪجهه به نه پيو ڳالهايو وڃي. ظاهر آهي ته آمريڪا ۾ مارڪيٽ اڪانوميءَ تي ئي عمل ڪيو پيو وڃي. پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جو آمريڪا پاڻ به گهوٽالن جو شڪار آهي ۽ سندس ٽين دنيا واريون بينڪيتون به انجي مالي امداد هوندي به بدترين قسم جي گهوٽالي ۾ ڦاٿل آهن؟

جرمني ۽ جاپان کان علاوه سرمائيدار دنيا جو ڪوبه اهڙو ملڪ ناهي، جيڪو اها دعويٰ ڪري سگهي ته سندس گهر ۾ اقتصادي گهوٽالي نالي ڪا شيءِ ناهي. سرمائيداراڻي نظام جي سڀ کان وڏي ديو آمريڪا ۾ گهرو مسئلن ۽ گهوٽالن تي نظر وجهبي ته پتو پوندو ته آمريڪا ۾ ڪو ورلي اهڙو شعبو هوندو، جيڪو آمريڪا ۾ اقتصادي گهوٽالن جو ثبوت پيش نه ڪندو هوندو. رڳو نار واري جنگ دوران پيدا ٿيندڙ گهوٽالن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته آمريڪا جي سرمائيداراڻي نظام جو پاڙون ڪيڏيون ڪوڪليون آهن. پتو لڳندو ته اهو نظام پنهنجي ذات ۾ پنهنجي واڌ ويجهه ۽ پنهنجي تحفظ جي صلاحيت کان ڪيتري قدر محروم آهي. خبر پوندي ته اهو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي بقاءُ ۽ ترقيءَ جو سمورو دارومدار ٻين جي ڦرلٽ تي آهي ۽ اهو پنهنجي عوام جو استحصال ڪرڻ کان به نٿو ڪيهائي. انجي گهوٽالن جي سزا ٽين دنيا ۽ خود سندس عوام کي ڀوڳڻي ٿي پوي.

آمريڪا جو بينڪنگ وارو نظام سندس سرمائيداري نظام جو بنياد آهي.

ٻار واري جنگ دوران بينڪون ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي ويون. سيونگز ۽ لونز جو اسڪينڊل ان کان علاوه آهي. جنهن جي مد ۾ آمريڪي عوام يعني ٽئڪس ڀاريندڙن تي پنڄ ٻالرن جو بار پيو آهي. هڪ آمريڪي اقتصادي ماهر ايل جي ڊيوس موجب 1933ع کان 1979ع تائين جي 46 سالن ۾ ڪُل 558 بينڪن مان ٻارهن بينڪون ساليانيءَ سراسريءَ سان ناڪام ٿيون. جڏهن ته ريگن جي 1981ع کان 1989ع جي دور ۾ 1085 بينڪن مان، 108 بينڪون ساليانيءَ جي سراسريءَ سان ختم ٿيون. سيپٽمبر 1990ع ۾ جڏهن جارج بش جنگ جي تيارين جو اشارو ڏنو ۽ ڪوٽ واري ٻڃيٺ جي جهنڊي ڏيکاري ته هڪ نئون گهوٽالو سامهون آيو. چيز مينهٽن بينڪ جيڪا آمريڪا جي ٽيون نمبر وڏي بينڪ آهي، پنهنجي پنجن هزار ملازمن کي گهر اماڻي ڇڏيو ۽ انجي حصن جي نفعي واري شرح 52 سيڪڙو کان گهٽجي 30 سيڪڙو تي وئي. ان بينڪ کي پنهنجي جاري ڪيل قرض جي واپسيءَ جي ڏکيائين تي ڪنٽرول لاءِ 650 ملين ڊالر پنهنجي محفوظ سرمائي ۾ وڌائڻا پيا. 1990ع جي پڇاڙيءَ تائين ان بينڪ کي حڪومتي دٻاءَ هيٺ پنهنجي سرمائي جي ساک بحال ڪرڻ لاءِ پنهنجا ٿَوَ بلين ڊالرن جا اثاثا وڪڻڻا پيا. سٽي بينڪ آمريڪا، جا پڻ هڪ قومي بينڪ سڏجي آهي ۽ اها بينڪ به گهوٽالي جو شڪار ٿي وئي. انهيءَ بينڪ کي به پنهنجي حصن جي نفعي ۾ گهٽتائي کان سواءِ پنهنجي اٺن هزار ملازمن جي ڇانٽي ڪرڻي پئي. جنوري 1991ع ۾ ان بينڪ اها بري خبر ٻڌائي ته اُن ڪمرشل ۽ رهائشي قرضن جي مد ۾ ادائي بلين ڊالرن جي جيڪا سيڙپ ڪئي هئي ان جي واپسي نه پئي ٿئي. انهيءَ انڪشاف سان ان ڳالهه جو پتو ٿو لڳي ته آمريڪي عوام پنهنجي سرمائيداراڻي نظام جي گهوٽالي جي ڪُن کان بچيل ناهي. سرمائيداري نظام جو وائرس رڳو بينڪن ۽ وڏين وڏين ڪارپوريشنن جي خوبصورت عمارتن تائين محدود نٿو رهي، پر اهو زندگيءَ جي سمورن شعبن ۽ ماڻهن کي متاثر ٿو ڪري. سٽي بينڪ کي انهيءَ جنگ دوران جيڪڏهن خوشقسمتي طور تي هڪ سعودي شهزادي جي امداد نه ملي ها ته ان جي ساک ڊانئون ڏول ٿي پئي سگهي. سعودي شهزادي تقريباً ادائي بلين ڊالرن جي سيڙپ ڪري انهيءَ بينڪ کي ڏيوالپڻي کان بچائي ورتو. وچ اوڀر تي آمريڪا جي فوجي مدد جي جواب ۾ سعودي شهزادي جي اها مدد سمجهه ۾ اچڻ جوڳي آهي. آمريڪا جي هڪ وڏي ڪمپيوٽر ناهيندڙ ڪمپني آءِ بي ايم پنهنجي اقتصادي گهوٽالي کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي چوڏهن هزار ملازمن کي بيروزگاريءَ جي سمونڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو.

نيو يارڪ جي انتظاميا جو گهوٽالو ته اهڙو گهوٽالو آهي، جيڪو حل ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. سٽي ڪارپوريشن سترهن هزار ملازمن کي جواب ڏيڻ ۽

ٿئڪسن ۾ شرمناڪ واڌ جي هوندي به اڃا تائين گهوٽالي مان نڪري نه سگهي آهي. نيويارڪ کي آمريڪا جي سرمائيداراڻي نظام جو مرڪز سڏيو ويندو آهي. ان جون اپ ڇهندڙ عمارتون ٻاهر وارن جي اکين کي کيرو ڪريو ڇڏين. پر هاڻ پنهنجي عوام کي دهشت جو شڪار ڪرڻ لڳيون آهن. رستن تي قرلٽ ۽ قتلام جا واقعا هاڻ روزمره جو معمول بڻجي ويا آهن. هلندڙن ريل گاڏين ۾ سوين ماڻهن اڏو عورتن جي لڄ لٽ جا واقعا ٿيندا رهن ۽ ماڻهو ان کي ڏسي نظرون ڦيرايو وڃن. نشي آور شين جو واپار پنهنجي عروج تي ۽ لڄ وڪري جي صنعت ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي عمارتن کان به ڪجهه وڌيڪ اوچي نظر ٿي اچي. سياحت جي صنعت جيڪا نيويارڪ جي چمڪ دمڪ جو هڪ ڪرشمو سمجهي ويندي هئي، ڌري گهٽ ختم ٿي چڪي آهي. هوٽل انڊسٽري جي پهرين درجي وارين هوٽلن جا اڳه ٽين ۽ چوٿين درجي جي هوٽلن جي سطح تي پهچي چڪا آهن. ٿي سال اڳ تائين اپريل کان ڊسمبر تائين جا ڏينهن ڪاروبار جي عروج جا ڏينهن سمجهيا ويندا هئا. پر هاڻ صورتحال هيءَ آهي ته سرمائيدار دنيا جي گهوٽالن ماڻهن جي اڄ وڃ کي به محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻيو ڇا پر، جاپاني ۽ جرمن جن جا ملڪ انهيءَ بحراني ڪيفيت واري دور ۾ اقتصادي طاقت سمجهيا ويندا آهن. سير سپاٽي کان پرهيز ڪري رهيا آهن. يا وري انهن پنهنجي سير سپاٽي جون منزلون بدلائي ڇڏيون آهن. انهن گهوٽالن مان اِن ڳالهه کي هٿي ٿي ملي ته آمريڪا پنهنجي جنهن نظام جي ساراه جا ايڏا ڍڪ ڀري رهيو آهي، اُن جي جيوت جو دارومدار قومي سطح تي پنهنجي عوام جي رت ست تي ني آهي. ۽ عالمي سطح تي انکي صحت ۽ تندرستي جو دارومدار ٽين دنيا جي اُسرندڙ ملڪن جي عوام جي پورهئي ۽ معيشت جي استعمال تي آهي. آمريڪا جي سرمائيداري نظام جي خوبي اها آهي ته هيءَ آلو جو پٽڪو ولو جي مٽي تي رکي گهوٽالن جو رنگ روپ بدلائيندو ٿو رهي. خرچن ۾ گهٽتائي جو نعرو هڻي، هزارين لکين ماڻهن کي بيروزگار ڪيو ويندو آهي ۽ ان هوندي به ان نظام کي منصفاڻو ۽ فطري سڏيو ٿو وڃي.

اقتصادي ماهر جڏهن اقتصادي گهوٽالن جي حل جي ڳولا ۾ جاکوڙين ٿا ته هو روايتي طور تي اقتصاديات جي ڪتابي فارمولن کان ٻاهر نٿا نڪرن. بينڪن، ڪارپوريشنن، انشورنس ڪمپنين، قرض، وياجن جي شرحن ۽ ان قسم جي ٻين ڪيترين ئي اصطلاحن ۾ غلطان رهن ٿا. هو انهن بنيادي سببن ۽ عوامل کي اڻ لاڳاپيل سمجهن ٿا، جيڪي عالمي معيشت جي گهوٽالن جو اصل سبب هوندا آهن. مثال طور نار واري جنگ کي سامهون رکي جيڪڏهن اڄ جي اقتصادي گهوٽالن تي غور ڪيو وڃي ته اهڙيون ڪيتريون ئي حقيقتون اسان جي اڏو اينديون، جيڪي مسئلن جي صحيح شڪل و صورت جي سڃاڻپ ۾ مدد

ڪري پيون سگهن.

آمريڪي اقتصادي ماهر مڃن ٿا تہ نار جي ڪُهڻالي کان پوءِ آمريڪي اقتصادي ڪهڻالي جي تيزي ۾ اضافو ٿيو آهي، جيڪڏهن اهو صحيح آهي ۽ يقينن صحيح آهي تہ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ نار وارو ڪهڻالو پيدا ڪيئن ٿيو؟ انهيءَ ڪهڻالي جي پس منظر جي معروضي حقيقت ڇا رهي آهي؟ انهيءَ ڪهڻالي جو اصل خالق ڪير هو؟ ظاهري طور تي تہ صدام حسين کي مردود ڪوٺيو ٿو وڃي، پر اصل حقيقتن تي غور ڪرڻ کان پوءِ ان جو اصل جوابدار آمريڪا ٿي نظر ٿو اچي، جنهن کي انساني جانين جي زيان ۽ دنيا جي تباهي ۽ بربادي جو ذميوار ڪوئي سگهجي ٿو. اها ڪالهوڪي ڳالهہ آهي تہ 1980ع ۾ عراق تمام گهڻي سگهاري اقتصادي حيثيت وارو هو. ايران تي حملو ڪرڻ کان اڳ انجي بجيٽ ۾ 35 بلين ڊالر واڌ ۾ هئا. جيئن تہ ايراني انقلاب ۽ شاهہ جي زوال ڪري وچ اوڀر واري علائقي ۾ آمريڪي مفادن کي اچي سر سان لڳي هئي ۽ سندس پرڏيهي پيداگيريءَ جا ذريعا خطري ۾ پئجي ويا هئا. تنهن ڪري هُن ضروري سمجهيو تہ ان علائقي ۾ اهڙو ڪهڻالو پيدا ڪيو وڃي، جيڪو نہ رڳو ايراني انقلاب جي ڏار کي مٺو ڪري، پر عراق جي فوجي ۽ اقتصادي قوت کي بہ تباهہ ڪري. جيڪو اسرائيل جي حوالي سان آمريڪي مفادن جي لاءِ ڪوبہ مسئلو کڙو ڪري سگهي ٿو. آمريڪا نہ رڳو ايران تي جنگ مڙهڻ واري معاملي ۾ عراق جا حوصلا وڌايا، پر انهيءَ جنگ کي ڊگهو ڪرڻ ۽ ان جنگ کي ايران جي حق ۾ ختم نہ ٿيڻ لاءِ عراق ۽ ايران ٻنهي جي کلي طرح ۽ لڪ ڇپ ۾ مدد ڪئي. ايران کي پنهنجي سر ۽ اسرائيلي ايجنٽن وسيلي هٿيار فراهم ڪيا ۽ عراق کي فوجي نوعيت جي مدد ڏئي انساني جانين جي زيان ۽ انجي اقتصادي ۽ پيداواري ذريعن کي تباهہ ڪرڻ جو اهتمام ڪيو.

ايران عراق جنگ جي خاتمي کان ٻہ سال پوءِ واري عرصي ۾ عراق آمريڪا جي بهترين دوستن واري قطار ۾ نظر ٿو اچي. انهن ٻن سالن ۾ آمريڪا عراق کي قرض بہ ڏيندو رهيو ۽ فوجي نوعيت جي ٽيڪنالاجي بہ رسائيندو رهيو. رڳو آمريڪا ئي ڇا پر جرمني، فرانس ۽ برطانيا بہ پنهنجي وت آهر عراق جي فوجي طاقت جي بحاليءَ ۾ ڪردار ادا ڪندا رهيا. انهن ٻن سالن جي عرصي ۾ عراق پرڏيهي مدد جي باوجود پنهنجي عرب پاڙيسرين جي روپي تي توائي نظر ٿو اچي. سندس اقتصادي پوزيشن بحال نہ پئي ٿي سگهي. هو ڪويت ۽ سعودي عرب کان گهر ٿو ڪري تہ ايران خلاف جنگ ۾ عراق جي ٿيل نقصانن ۾ هو پنهنجو حصو ملائن. هو ڪويت ۽ سعودي عرب جي عراق، ايران جنگ دوران ڪيل مالي مدد کي قرض سمجهن کان انڪار ڪندي وڌيڪ ٽيهہ بلين ڊالرن جي امداد جي گهر ٿو ڪري ۽ گڏوگڏ ڪويت ۽ عراق جي سرحد تي تيل جي ڳڏيل علائقي واري

ڇڪڻ جو فيصلو ٿو چاهي، اها سموري صورتحال ڪنهن به ريت اهڙي ناهي جنهن ۾ آمريڪي مفادن يا سلامتي کي ڪو ڇيهو رسي سگهي.

آمريڪا وچ اوڀر جي انهيءَ تضاد کان باخبر هو ۽ ان ۾ پنهنجو ڪردار به ادا ڪري رهيو هو. آمريڪي سفير مس اپريل گليپسيءَ صدام حسين کي واضح انداز ۾ چيو هو ته آمريڪا، عراق ۽ ڪويت جي جهيڙي ۾ ڌر نه بڻجندو ۽ عرب جي انهيءَ جهيڙي کي آمريڪي عوام جي مفادن خلاف نٿو سمجهي. آمريڪي ڪانگريس جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي آڏو به آمريڪي سفير ۽ نائب سفير جيڪي بيان ڏنا، انهن ۾ به انهي تضاد يا جهيڙي جي حوالي سان آمريڪا انهيءَ علائقي ۾ ڪو فوجي ڪردار ادا ڪري سگهي. حقيقت اها آهي ته آمريڪا جي ڪنهن ڪردار کان انڄاڻائي ۽ لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو ويو هو ۽ تمام گهڻي چٽي انداز ۾ چيو ويو هو ته آمريڪا ۽ ڪويت جي وچ ۾ اهڙي ڪوبه فوجي ٺاهه ناهي، جنهن جي حوالي سان آمريڪا نه رڳو انهن تضادن کي پنهنجي پڙدي پويان وارين سازشن ذريعي سنگين بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پنهنجي فوجي مداخلت جي لاءِ سياسي اخلاقيات جي آخري حدن تائين ڪرڻ ۾ به ڪو عار محسوس نه ڪيو. آمريڪي صدر جارج بش وچ اوڀر ۾ پنهنجي مڪمل رٿابندي جو ڪنٽرول لاڳو ڪرڻ لاءِ عراق ۽ ڪويت جي جهيڙي کي سياسي طور تي حل ڪرڻ واري راهه ۾ رڪاوٽون وڌيون ۽ مسئلي جي فوجي حل ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سڄي دنيا کي پنهنجي نئين عالمي نظام جي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو. جنهن کي حقيقت ۾ آمريڪا جو پيدا ڪيل نئون عالمي گهوٽالو سڏي سگهجي ٿو.

سرمائيداري ۽ استحصالي نظام جي حڪمت عمليءَ اها رهي آهي ته انهن گهوٽالن جو حل گهوٽالن ذريعي ئي ڳولهيو ويندو آهي. بيروزگاريءَ جو گهوٽالو پيدا ڪري، بجيٽ ۾ کوٽ جي گهوٽالي تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، عوام تي ٽئڪسن ۾ اضافو ڪري هو پنهنجي اقتصاديات جي رونق کي برقرار رکندو ويندو آهي. سياسي ۽ اقتصادي گهوٽالن کي فوجي طاقت ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ان جي باوجود دعويٰ اها ڪئي ويندي آهي ته اشتراڪي معاشرا پنهنجي نظام جي حوالي سان گهوٽالن جو شڪار آهن، جيڪڏهن اُهي مارڪيٽ اڪانومي جي امرت ڌارا اختيار ڪن ته سندن دل جا درد دور ٿي وڃن.

صورتحال اها آهي ته آمريڪا جي فوجي حڪمت عملي جي نتيجي نه رڳو آمريڪا پر سندس اولهه ۽ اوڀر وارا ساٿاري به اقتصادي گهوٽالن جو شڪار ٿي ويا آهن. آمريڪا وچ اوڀر ۾ جن جو ڪعبو نيڪ ڪرڻ ويو، انهن جي حالت اها آهي ته 'ڏڪ هٿون جو رت ڦڙي نڪري.' سعودي عرب پنهنجي بجيٽ

جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ عالمي بينڪ کان چار سؤ ملين ڊالر ورتا آهن. ڪويت جي ٽنين سر اڏاوت جو ڪاٿو هڪ سؤ بلين ڊالر جي لڳ ڀڳ لڳايو ويو آهي. جڏهن ته عراق جي بحاليءَ تي به سؤ بلين ڊالر خرچ ايندو. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته اهي ملڪ ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين انهيءَ بار هيٺان دٻيل رهندا ۽ پنهنجي علائقي جي سياسي معاملن ۾ ڪوبه ڪردار ادا ڪري نه سگهندا.

گڏيل قومن جي انگن اکرن موجب ان جنگ جي پيدا ڪيل گهوٽالي ڪري ٽين دنيا جي ملڪن تي تيل گهرائڻ جي سلسلي ۾ 26 بلين ڊالرن جو اضافي بار پوندو. گڏيل قومن يا ڪنهن ٻئي اداري اڃ تائين ٽين دنيا جي ملڪن جي انهيءَ ناٽي جي نقصان جا انگ اکر نه ڏنا آهن. جيڪي اُهي پنهنجي افرادي قوت ذريعي وچ اوڀر جي ملڪن مان ڪمائيندا هئا. اوڀر يورپ جي ملڪن کي، جيستائين اُهي وارسا ناهه ۾ شامل هئا. سوويت يونين وٽان سستي اگهه تي تيل ملي سگهندو هو. پر هاڻي مارڪيٽ اڪانوميءَ جي امرت ڌار ڪري کين تيل ۽ ڪٺس جي ضرورتن لاءِ مارڪيٽ جي اگهن موجب قيمتون ڏيڻيون پونديون. مارڪيٽ اڪانوميءَ جو اهو سهڻو پهلو سندس مشاهدي ۾ پهريون ڀيرو آيو هوندو ته گهوٽالي جي حالت ۾ نه رڳو واهپي جي شين جا اگهه وڌي ويندا آهن. پر آمدنيءَ جا ذريعا گهٽ ۽ اٽلي ٿي ويندا آهن. پگهارن ۾ ڪٽوتي ٿيندي آهي. جيئن آمريڪا ۾ ٿئي پيو يا مزدورن جي ڇانٽي ڪري بجيٽ جا نسخا آزمايا ويندا آهن. جيئن سرمائيداري نظام جي مرڪز آمريڪا ۾ آزمايا پيا وڃن. هو سرمائيداري نظام جي ان بنيادي حقن کان اڃا تائين واقف ناهن ته ان نظام جي صحت ۽ زندگيءَ جو دارومدار عوام جي آسودگي ۽ خوشحالي تي نه هوندو آهي، پر عوام جي استحصال ۽ سندن محنت جي بربادي ۾ هوندو آهي.

نار واري گهوٽالي کي ڪنهن به پهلو سان ڏسجي، اسين ان نتيجي تي پهچنداسين ته اهو آمريڪا ئي آهي، جنهن دنيا کي حد کان وڌيڪ نقصان پهچائڻ جي ڄاڻي ٻجهي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن دنيا کي مختلف سياسي ۽ اقتصادي گهوٽالن ۾ ڦاسائي پنهنجي پهلو در پهلو مفادن جو بچاءُ ڪري سگهي. وڌيڪ اهم ڳالهه اها هئي ته دنيا جي سياسي ۽ اقتصادي ڪردار تي پنهنجي فوجي بالادستي ثابت ڪري سگهي ۽ دلچسپ ڳالهه اها ته پنهنجو اهو ڪردار ثابت ڪرڻ لاءِ به آمريڪا ڀاڙيتو قاتلن وانگر پنهنجي قيمت وصولي ڪري. جاپان، جرمني، ڪويت ۽ سعودي عرب آمريڪي جنگي خرچن جي 89 بلين ڊالرن جي ڪٽ جي حوالي سان پنهنجو پنهنجو حصو تقريباً ڏئي چڪا آهن. جڏهن ته عراق کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي حڪم تحت جنگ جو ڏن ايندڙ ڪيترن سالن تائين ڏيڻو پوندو. آمريڪا صدام حسين کي عراق تي قابض رکي پنهنجو يرغمالي ته بڻائي ورتو آهي، پر عراقي پيداواري وسيلا به هاڻ يرغمال

آهن. عراقي عوام کي انهيءَ دهشت گرديءَ جي اجا ڪيتري قيمت ڏيڻي پوندي، ان جو حساب اجا تائين ڪنهن به تيار ناهي ڪيو.

سرمائيدار دنيا جي حقيقي چمڪ دمڪ جو اندازو اقتصادي ترقي ۽ سهڪار واري تنظيم جي ان انڪشاف سان به ڪري سگهجي ٿو ته 1992ع جي آخر تائين اولهه يورپ جي ملڪن ۾ بيروزگارن جي تعدا ۾ ڏهن لکن جو اضافو ٿي ويندو. ان تنظيم جي اڳڪٿيءَ موجب اولهه جي 24 صنعتي ملڪن ۾ بيروزگارن جو ڳاڻيٽو به ڪروڙ چاهتر لکن تائين پهچي ويندو. پئرس جي هڪ رسالي 'فگارو' موجب آمريڪا ۾ جرمنيءَ جي سيڙپ ڪاري جو گهٽجي وڃڻ يا ختم ٿي وڃڻ هڪ يقيني ڳالهه آهي.

گڏيل جرمنيءَ جي اقتصادي ڪردار جي نئين جوڙجڪ جي ڏس ۾ اوير جرمنيءَ کي انعام جي پهرين مرحلي ۾ 63 بلين ڊالر خرچ ڪرڻا پيا هئا. اها رقم اوير جرمنيءَ جي ڪرنسيءَ ۾ ڏني وئي هئي. اوير جرمنيءَ جي عوام کي روزگار جي فراهمي ۽ ان جي صنعتي پيداواري ڪردار کي اولهه جرمنيءَ جي صنعتي معيار تائين آڻڻ لاءِ اجا ڪيترائي بلين ڊالر گهربل آهن. جرمنيءَ جي اها به مرضي آهي ته هو سوويت يونين جي اقتصادي مسئلن جي حل ۾ مدد ڪري. ستن صنعتي ملڪن مان جرمني ان معاملي ۾ وڌيڪ پرجوش آهي. پر هاڻ اُهو به اڳي جهڙو پرجوش نظر نٿو اچي ۽ ان جو سبب آمريڪا ئي آهي، جيڪو سوويت يونين جي مسئلن جي حل کان وڌيڪ انجي مسئلن کي وڌائڻ گهري ٿو.

آمريڪا جي اقتصادي پاليسين تي تبصرو ڪندي، لنڊن جي اخبار 'فنانشل ٽائمز' لکي ٿي: 'ائين گهٽ ئي ٿيو جو ڪنهن تمام اهم اجلاس ۾ ڪنهن طاقت اهڙا ڪمزور دليل ڏنا هجن، جهڙا آمريڪا بهادر اپريل ۾ واشنگٽن ۾ ٿيندڙ ستن صنعتي ملڪن وارن ناڻي وزيرن جي اجلاس ۾ پيش ڪيا هئا. آمريڪا جا دليل نه رڳو ڪمزور هئا، پر خطرناڪ به هئا. آمريڪا جو اِهو موقف به غلط هو ته صنعتي ملڪ سرمائي جي فراهمي جي عالمي مطالبن کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي صنعتي پيداوار ۾ بي روڪ ۾ اضافو ڪن. ۽ اهو موقف به غلط هو ته جرمني ۽ جاپان پنهنجي مالياتي پاليسي ۾ لچڪ پيدا ڪري، وياج جي شرح ۾ گهٽتائي ڪن ۽ آمريڪا جو اهو موقف به غلط هو ته ست صنعتي ملڪ برطانيا، ڪينيڊا، فرانس، جرمني، اٽلي، جاپان ۽ آمريڪا ناڻي جي کوٽ بنان پيداواري عمل جي ابتڙ ناڻي جي کوٽ جي محدود شرح سان پيداواري عمل کي اڳتي وڌائين. آمريڪا قرضن جي عالمي مطالبي ۽ ناڻي جي عالمي کوٽ بابت مبالغي کان ڪم ورتو هو."

فنانشل ٽائيمز ۾ وڌيڪ تفصيل آهي 'ته سوويت يونين ۽ نه وري اوير يورپ جو ڪو بيو ملڪ ڪمرشل بنيادن تي قرض وٺڻ جو خواهشمند ۽ اهل آهي، نه

تي ڪويت پاران ڪنهن اهڙي وڏي ڪُهر جو امڪان نظر نٿو اچي. جيڪڏهن اهو سمجهي به ته قرضن جون وڏيون ڪُهرون موجود آهن ته قرض ڪهرندڙن جي اها خواهش هوندي ته ڪين وياج جي گهٽ ۾ گهٽ شرح تي قرض ڏنا وڃن ۽ ان لاءِ ضروري هوندو ته پيداوار جي رفتار سست رکي وڃي. ڊگهي عرصي لاءِ قرضن جي فراهميءَ تي وياج جي شرح جي مقرري جو دارومدار بجيٽ ۽ ناڻي جي کوٽ جي ڪٽ تي هوندو. مصنوعي طريقي سان مقرر ڪيل وياج جي گهٽ اڳهن ڪري بچت ۾ گهٽتائي ٿي ويندي ۽ ناڻي جي کوٽ ۾ اضافو ٿيندو. آءِ ايم ايف جا ماهر ويجهي مستقبل ۾ ڪنهن ڪسابازاريءَ جي اميد نٿا رکن. سندن خيال موجب صنعتي ملڪن جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو' جيستائين قرضن جي ڪنهن سنبي ڪره جو تعلق آهي. فنانشل ٽائيمز جو چوڻ آهي ته: "اهو آمريڪا جو پنهنجو مسئلو آهي. جيڪو آمريڪا جي مالياتي قاعدن ۽ مالياتي قانون سازيءَ جي يقين ته ابندڙ ناڪاميءَ جو نتيجو آهي. جنهن جي اصلاح کان آمريڪا اڃا تائين قاصر نظر اچي. دنيا جي اقتصادي معاملن جي حوالي سان آمريڪي پاليسي سازن کي به نڪتا بهرحال مڃڻ کهرجن. پهريون اهو ته هو مسئلن جو حل پنهنجي گهر ۾ ڳولهين. گهر کان ٻاهر نه ۽ ٻيو هيءَ ته جارج بش کي ابندڙ پيري چوڻيرائڻ صنعتي ملڪن جي مٿي جو سور ناهي! انهي تبصري جو حاصل مقصد اهو آهي ته آمريڪا سرمائيداري نظام جي فلسفي جو حامي ۽ مبلغ هئڻ جي دعويدار هوندي به ان نظام جون پنهنجون من پسند معنائون ٿو ڪري. جيڪڏهن سرمائيدار نظام جي ماهرن جي تجزين جي تضادن تي غور ڪيو وڃي ته اُهي به گهٽ دلچسپيءَ وارا ناهن. آمريڪا جو اقتصادي فلسفو بهرحال پنهنجو مثال پاڻ آهي، جنهن کي سرمائيدار ملڪ به شڪ جي نظر سان ڏسن ٿا.

پئرس مان شايع ٿيندڙ ڪاٻي ڌر جي اخبار "le Nouvel Observa-teus" ۾ Thiery Gandillot Dominigue Nora پنهنجي هڪ ڪٺيل مضمون ۾ صنعتي دنيا جي سرمائيداراڻي نظام کي پيش مسئلن جو ڪجھ هن انداز ۾ جائزو ورتو آهي ته: 'رکو اهوئي نه ته ڪويت ۽ عراق کي ننڍن سر اڏاوت لاءِ سوين بلين ڊالرن جي گهرج آهي، پر اوڀر يورپ جي ملڪن کي به مارڪيٽ اڪانومي جي نظام ۾ رواں ٿيڻ لاءِ سوين بلين ڊالرن جي ضرورت هوندي. نئون عالمي نظام اصل ۾ نئون عالمي اقتصادي نظام ئي ٿي سگهي ٿو. قرض جي سوچي نون قرضن ۽ مالي امداد جي مطالبن جي حوالي سان سوچيو وڃي ته سوال ٿو اٿي ته اهڙي ڪهڙي ترقياتي قوت آهي، جيڪا اهو سرمايو ڏئي سگهي ٿي؟ صورتحال هيءَ آهي ته پولينڊ کي جيڪي قرض ڏنا ويا آهن، هي انهن قرضن هيٺان دٻجي ويو آهي، جو وٽس نفعو ڏيندڙ صنعتي رٿائون

آهن ئي ڪونہ.
(هيل تائين اُتي شربت ٺاهيندڙ آمريڪي ڪمپني پيپسي ڪولا جا پلانٽ نہ ئي هٽي سگهي آهي، جيڪي تمام گهڻي ڪاميابي سان هلڻ شروع ٿي ويا آهن.)
مصر نار واري جنگ ۾ آمريڪا جي تمام گهڻي کليل حمايت ڪئي هئي، ان جي عيوض جارج بش انجا سترهن بلين جا قرض معاف ڪري ڇڏيا. (جيڪڏهن جارج بش اهي قرض معاف نہ ڪري ها تہ مصر ۾ اهي موٽائڻ جي وت بہ هئي؟) پر قرض جي انهيءَ معافيءَ هوندي بہ مصر جي اقتصادي گهوٽالي ۾ گهٽتائي نہ آئي، بيتو اضافو ٿيو آهي. عراق انجي پرڏيهي ناڻي جو هڪ اهم ذريعو هو. عراق جي تباهيءَ جي نتيجي ۾ مصر گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک ماڻهن جي ڪمائيءَ کان محروم ٿي ويو. هاڻ انهن ماڻهن کي پالڻ بہ سندس ذميواري آهي. ظاهر آهي تہ مصر ان مشڪل تي سولائي سان قابو پائي نٿو سگهي.
مسئلو رڳو مصر جو نہ آهي بيا بہ ڪيترائي ملڪ عراق ۽ ڪويت جي تباهيءَ جي نتيجي ۾ اقتصادي تباهيءَ جو شڪار ٿيا آهن. يمن، پاڪستان، بنگلاديش، فلپائين ۽ ڏکڻ ڪوريا جي عوام کي بہ انهيءَ جنگ جا گهاوَ آيا آهن. نئين سر اڏاوت ۽ ترقيءَ جي يورپي بينڪر جي صدر جيڪِي اطاليءَ جو چوڻ آهي تہ: "اوڀر يورپ جي ملڪن کي اولهائين ملڪن جي سطح تي آڻڻ لاءِ هن ٽِلين ڊالرن جي ضرورت پوندي. ان کان پوءِ بہ اوڀر يورپ جي ملڪن کي اولهائين ملڪن جي سطح تائين اچڻ لاءِ پندرهن کان ويهن سالن تائين جو عرصو کپي. ان دوران آمريڪا جون ڪوٽ واريون بجيٽون مسلسل اربين ڊالر ساليانو هڙپ ڪنديون رهنديون. ڏاڪتا ملڪ بہ پنهنجي گهوٽالن مان نڪري اچڻ لاءِ مالي مدد ۽ قرضن جا حاجتمند آهن، پر آمريڪي ميڊيا انهن جو ذڪر ئي نٿي ڪري. ڇا اها ڳالهہ دنيا جي اقتصادي نظام ۾ بچت جي اٿهوند جي علامت ناهي؟ ان سوال جو جواب ڏکيو بہ آهي تہ وري ڪو هڪ بہ ناهي. ماهر ان سوال جو هڪ جواب اهو ٿا ڏين تہ في الحال اربين ڊالرن جي ضرورت جي ڳالهہ رڳو انگن اکرن تائين محدود آهي، بيو جواب اوڀر يورپ جي ملڪن جو وچ اوڀر جي ملڪن کان مختلف هئڻ آهي. اوڀر يورپ جا ملڪ پنهنجي قرضن جي واپسي ڪرڻ کان قاصر نظر ٿا اچن، جڏهن تہ ڪويت ۽ عراق جا قرض سندن تيل واري پيداور مان ادا ٿي سگهن ٿا."
سندن چوڻ آهي تہ: "يورپي بينڪ جي صدر جيڪِي اطاليءَ هن ٽِلين ڊالرن جي جيڪا ڪٿ پيش ڪئي آهي، ان جي ضرورت جو اڃا تائين ڪو ٺوس ثبوت سامهون نہ آيو آهي. سوويت يونين کي اڃا تائين اولهائين ملڪن مان جيڪا بہ امداد ملي آهي، اها ڏهہ بلين ڊالرن کان وڌيڪ ناهي ۽ هاڻ ان ڳالهہ جو گهٽو امڪان آهي تہ سوويت يونين کي صنعتي ملڪن کان ڪا وڌيڪ امداد نہ ملي

سگهي، اوله يورپ جي ملڪن جارج بش جي ها ۾ ها ملائيندي هاڻ اهو چوڻ شروع ڪيو آهي ته سوويت يونين کي پهرين ’پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ گهرجي.‘

گورباچوف مالي امداد جي جيڪا گهر ڪئي آهي، ان ۾ آمريڪا جو حصو چار بلين ڊالر آهي. پر سٺن صنعتي ملڪن جي اجلاس ۾ ان جي ڪجھوڙ سيني ڪان وڌيڪ هئي، عراق جي فتح کان اڳ آمريڪا جي سوويت يونين جي مسئلن بابت همدردي ۽ نرم پاليسي هئي.

هن نار واري گهوٽالي کي پنهنجي مرضي ۽ رٿا موجب حل ڪرڻ لاءِ ٺاهه وارو رويو اختيار ڪيو هو. هُن چاهيو ٿي ته سوويت يونين سندس رٿابندي ۾ ڪو خلل پيدا نه ڪري، گورباچوف پوري سعادتمنديءَ سان آمريڪا سان سهڪار ڪيو. آمريڪا هاڻ انهيءَ هنگامي دور مان نڪري چڪو آهي ۽ وچ اوڀر ۾ هاڻ طاقت جو توازن مڪمل طور تي آمريڪا جي حق ۾ آهي. انهيءَ ڪري آمريڪا کي هاڻ جنگ کان اڳ واري پنهنجي نرم ۽ همدرد رويي جي ضرورت ناهي رهي. هاڻي جارج بش جون ترجيحون بدلجي چڪيون آهن. سوويت يونين جي اقتصاديات بابت دنيا جي مختلف ايجنسين پاران تحقيقي رپورٽ تيار ڪندڙ ’ژزان پال فٺوسيءَ‘ جو چوڻ آهي ته سوويت يونين نه رڳو پيداواري ۽ قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي، پر انساني پورهئي جي سرمائي سان به ٺمٺار آهي. فرانس جي وزير اعظم جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ ليونال اسٽوليرو جيڪو فرانس جي پنجن اقتصادي رٿائن جو سربراهه رهي چڪو آهي، جنهن جو چوڻ آهي ته سوويت يونين کي امداد رڳو سڌارن جي شرڪت تي ئي ملڻ گهرجي، ۽ انهن سڌارن مان سندس مطلب اهوئي آهي جيڪو جارج بش جو آهي.

اوڀر يورپ جي مقابلي ۾ صنعتي ملڪن جي وچ اوڀر بابت حڪمت عملي مختلف نظر ٿي اچي. هو مڃن ٿا ته اوڀر يورپ جا ملڪ قرض واپس ڪري نٿا سگهن. انهيءَ جي باوجود هو انهن کي انهيءَ ڪري مالي امداد ڏيڻ جا خواهشمند آهن، جو انهن اولهائين جمهوريت جو سرمائيداراڻو نظام قبول ڪري ورتو آهي. هو سرمائيداراڻي جمهوري نظام کي آزاد دنيا جو اعليٰ ۽ برتر نظام چون ٿا ۽ عربن جي ان صلاحيت کي ڌيان ۾ رکي ته هو تيل جي ڪمائي سان پنهنجا قرض لاهي سگهن ٿا، اهڙو ڪوبه شرط نٿا رکن، جيئن هو سوويت يونين لاءِ مقرر ڪن ٿا. عربن جون اهي بادشاهتون جيڪي سندن ئي قائم ڪيل آهن. سندن جمهوري ۽ آزاد دنيا جي ضمير تي بار نٿيون ٿيون. سندن بينڪن ۾ تيل جي دولت جا ذخيرا ڪين هر گند غلاظت هضم ڪرڻ تي راضي ڪريو ڇڏين.

هڪ آمريڪي اقتصادي ماهر نار واري جنگ ۾ آمريڪا جي تمام معمولي سوڀ تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. ميٿووالڊ 18 جون تي نيويارڪ ٽائيمز ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو ته: ”نار واري جنگ جيڪڏهن مختصر نه

[illegible] ٿي ها ته آمريڪي اقتصاديات کي وڌيڪ فائدو رسي ها."
[illegible] آمريڪي فتح کي تيل جي ضرورت واري ميدان ۾ آمريڪا جي
[illegible] ليکو آهي. هو لکي ٿو ته: "نار واري کهوٽالي سبب قيمتن ۾ واڌ جي
[illegible] ڪري آمريڪي تيل جي ذخيرن مان پيداوار حاصل ٿيڻ شروع ٿي وئي
[illegible] آهي ته پنهنجي پيداوار جو مطلب وڌيڪ نفعو ڪمائڻ آهي. انهيءَ
[illegible] ڪري جنگ جو ڀڄهو ٿيڻ آمريڪي اقتصاديات لاءِ هر حالت ۾ فائديمند هو.
آمريڪا جي تيل وارن ذخيرن مان تيل ڪڍڻ تي وڌيڪ لاڳت اچي ٿي. انهيءَ
ڪري ضروري آهي ته تيل جي قيمت عالمي مارڪيٽ ۾ چوٽ چڙهيل هجي.
يورپي ملڪن جي مجبوري اها آهي ته تيل جي اگهن ۾ واڌ سندن اقتصاديات لاءِ
تباهي آڻيندڙ ثابت ٿئي ٿي. دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته مارڪيٽ اڪانومي جا
چيمپيئن اڪثر تيل جي اگهن ۾ توازن جي ڳهرج تي زور ڏين ٿا پر پنهنجي
صنعتي پيداوار جي اگهن ۾ توازن جي ضرورت نٿا محسوس ڪن. هو مارڪيٽ
اڪانوميءَ جي پنهنجي ڳوليل اصول کي به تسليم نٿا ڪن. آمريڪا تيل جي
اگهن ۾ واڌ جي رجحان کي پسند ٿو ڪري ۽ يورپي ملڪ قيمتن ۾ لاٿ جا
گهرجائو آهن.

نئين عالمي نظام جي حوالي سان پئرس جي وچٽري اخبار 'لي ماندي' جو
چوڻ آهي ته: "هلندڙ صديءَ جي آخري ڏهاڪي کي ٽين دنيا ۾ ان کان اڳ جي
ضايع ٿيل ۽ بيڪار ٿيل ڏهاڪي جو حصو سمجهيو پيو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ
ترقي يافته ملڪن ۾ اقتصادي ترقي يا اقتصادي واڌ ويجهه جو ڪراف اڳي کان
وڌيڪ ڪري چڪو آهي. جنهن جو ثبوت انهن جي واپاري کاتن جي رڪارڊ
مان ملي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ اسريل 42 ملڪن جي فهرست ۾ 28 جو تعلق آفريڪا
سان آهي ۽ اهي 28 ملڪ تمام گهڻي خراب صورتحال جو شڪار نظر اچن ٿا.
انهن آفريڪي ملڪن جي صورتحال ڏکڻ اوڀر ايشيا جي انهن ملڪن کان
مختلف آهي، جن ۾ جمهوريت وڌي ويجهي رهي آهي ۽ جتي اقتصادي ترقيءَ جو
صلاحيتون روشن آهن. پنهنجي غيرمضبوط سياسي ادارن جي حوالي سان
آفريڪا هاڻ به غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل نظر ٿو اچي. ڪجهه عرصو
پهرين آفريڪا جي عالمي واپاري ڊوڙ ۾ شموليت بابت حوصلو وڌائيندڙ خبرون
ٻڌڻ ۾ آيون هيون. انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ جي مينيجنگ ڊائريڪٽر مائيڪل
ڪيمبليس جو چوڻ هو ته اسان کي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته آفريڪا
جي برآمدات عالمي منڊيءَ ۾ صنعتي ملڪن جي معيار مطابق آهي. يوراگوئي ۾
ڊسمبر 1990ع ۾ ختم ٿيندڙ جنرل ايگريمينٽ آن ٽريڊ اينڊ ٽيرف جي گڏجاڻي
کان پوءِ اهو ردعمل هڪ سٺو ردعمل هو. ڇاڪاڻ جو ان کان اڳ ته ڏاکڻين
ملڪن ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ئي نه هو. اهو هڪ اهم سوال آهي ته ڇا نئين

عالمي نظام ۾ ٽين دنيا جي مفاد خاص طور تي آفريڪا جي مفادن جي ڳالھ هوندي؟ ڪڏھن ڍاڪي ۾ اسرندڙ ملڪن پاران نئين عالمي اقتصادي نظام جي گهر قرضن جي کوٽالي ۾ پير ڄمائي نه سگهي." لي مانڊي وڏيڪ لکي ٿي ته: "ڪوبه نئون عالمي نظام بڪايل پيٽن تي قائم نٿو ڪري سگهجي. هٿيارن ۾ گھٽتائي ڪي اسرندڙ دنيا جي خوشحالي ۽ ترقي جي لاءِ ترجيحن جي فهرست ۾ چٺو هيٺ گھرجي. 1978ع کان 1987ع تائين آفريڪي ملڪن ۾ 61 بلين ڊالرن جا هٿيار وڪيا ويا. اها رقم انهيءَ رقم جو اڌ آهي، جيڪا سڄي آفريڪا کنڊ کي قرضن ۾ ڏيڻي آهي. آمريڪا ۽ ٽين دنيا جي ملڪن جون گهرولڙائيون ۽ غريب ملڪن جي پاڻ ۾ فوجي ٽڪرائن کي ڪيستائين ترقي يافتا دنيا پنهنجي ڪمائي ۽ خوشحاليءَ جو ذريعو بڻائي رکندي؟ ڪنهن نئين عالمي نظام جي ڳولا يا انڪي لاڳو ڪرڻ جو مفهوم دولت جي نئين سر منصفاڻي ورڇ هيٺ گھرجي. اولهائن ملڪن جي غريب ملڪن سان همدردي يا دلچسپيءَ جو بنياد ان خوف تي آهي ته ٽين دنيا جي شهري لڏپلاڻ ڪري سندن معاشري ۾ ٽاڪ ڪري سگهن ٿا. ايڊز جي بيماري پکيڙي سگهن ٿا. جهنگن کي پنهنجي زرعي ضرورتن لاءِ ٻاري ماحولياتي مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. ڪولمبيا کان ڪوڪين آڻي سگهن ٿا يا ايشيا مان هيروئن اماڻي سگهن ٿا. اولهائن ملڪن جي ٽين دنيا سان همدردي ۽ دلچسپيءَ جو معيار انهيءَ بپ کان مختلف ۽ حقيقتن تي ٻڌل هئڻ گھرجي.

ٽين دنيا جي مفادن جي هڪ ترجمان ڪمپاس لنبن ان ڳالھ تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي ته ٽين دنيا ۽ ترقي يافتا دنيا جي وچ ۾ منصفاڻي واپار جي سلسلي ۾ آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ ڳالهين هولهين جا آثار پيدا ٿي ويا آهن. اهي ذري گهٽ چار ٽِلين ڊالر، سالياني واپار جو معاملو آهي. جهڙي جو بنياد اهو هو ته يورپ جا ملڪ پنهنجي هارين کي سندن گهاٽي واري زراعت ۾ مالي مدد ڏئي، ٽين دنيا جي زرعي پيداوار جي اڳهن ۾ ڏنڊي هٽي غريب ملڪن کي سندن روانگي واپار جي پوري قيمت نٿا ڏين. ٽين دنيا جي واپاري حلقن جي اها سرگرم گهر هئي ته يورپي هارين جي ڪوٽ واري زراعت جو بار ٽين دنيا جي ملڪن تي نه وڌو وڃي ۽ يورپي هارين جي مالي مدد بند ڪئي وڃي. آمريڪا چاهيو ٿي ته اها مدد پنجهتر سيڪڙي تائين گهٽ ڪئي وڃي. جڏهن ته يورپي ملڪن ان ۾ ٽيھ سيڪڙو جي گهٽتائي ڪرڻ جي حق ۾ هئا. هاڻ اميد ڪئي پئي وڃي ته آمريڪا ۽ يورپي ملڪن وچ ۾ ڪنهن قابل قبول فارمولا جي تياريءَ لاءِ ماهرن جي ڳالھ ٻولھ ڪنهن نتيجي تي پهچندي. پر ان سان گڏوگڏ ٽين دنيا جي واپاري ماهرن ٽين دنيا جي ملڪن کي هوشيار ڪيو آهي ته هو ڪنهن خوشفهميءَ جو شڪار نه ٿين. سندن چوڻ آهي ته 1991ع، لاطيني ملڪن ايشيا ۾ آفريڪا جي روانگي واپار ڪندڙ ملڪن لاءِ ڪنهن بهتر سودي جو حصول

ممڪن نٿو ٿي سگهي. جنهن جو هڪ سبب ته آمريڪي اقتصاديات تي ڇانيل ڪسادبازاريءَ جا ڪکر آهن ۽ ان جو ٻيو سبب اولهه يورپ تي اوير يورپ جي مسئلن جو بار آهي."

بزنس اينڊ پوليٽيڪنيڪل آبزرور نئين دهليءَ جي هڪ مبصر ڪرشن پينائر جو چوڻ آهي ته: "ٽين دنيا جي بهترين پيداواري صلاحيتن جي حوصلي شڪنيءَ جو وڏو سبب يورپي ملڪن جي اها پاليسي آهي، جنهن جي ذريعي اُهي پنهنجي هارين جي مدد ڪندا آهن. (ڪوٽ جي زراعت ۾)، ان پاليسيءَ جو فائدو امير ملڪن کي رسي ٿو ۽ ٽين دنيا جا غريب ۽ ضرورتمند هاري محروم رهجيو وڃن. هيءُ ائين ئي آهي، جيئن ڏکڻ. ڏکڻ اوڀر ۽ اوير ايشيا جي عوام جي هٿن مان ماني گرهه ڦري وٺجي. ٿائيلينڊ جنهن کي سندس چانورن جي پيداوار ڪري دنيا جي چانورن سان ڀريل پيالو سڏيو ويندو آهي. پنهنجي پيداوار جو جائز ۽ اصل اگهه حاصل نٿو ڪري سگهي. خود آمريڪا به ٽيڪسٽائل جي صنعت ۾ ان قسم جي گڙٻڙ ڪندو پيو اچي. عالمي بينڪ جي هڪ رپورٽ ۾ آمريڪا جي انهيءَ هٺيلي معيار جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي. ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آمريڪا پنهنجي ٽيڪسٽائل صنعت جي هر نوڪريءَ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪسٽائل ڪارڪن کي چئوڻ تي پگهار ڏئي ٿو.

گذريل سال جون ۾ ڪوالامپور ۽ ملائيشيا ۾ پندرهن اُسرندڙ ملڪن جو اجلاس ٿيو هو جنهن ۾ پندرهن ملڪن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ ايڪشن گروپ جوڙيو ويو هو جيڪو اُسرندڙ ملڪن جو ڪيس وڙهي سگهي ۽ ترقي يافتا صنعتي ملڪن سان منصفاڻي واپار لاءِ ڳالهيون ڪري سگهي. ان اجلاس ۾ ملائيشيا جي وزيراعظم مهاتر محمد ان ڳالهه تي زور ڏنو هو ته ڏاکڻين ملڪن کي ڏاکڻين ملڪن تي انحصار جي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ هڪٻئي مان لاڀ پرائڻ جو رستو قبول ڪرڻ گهرجي."

اهو هڪ اهم سوال آهي ته ڏکڻ وارا ملڪ اولهائن ملڪن کي ڪيئن ان ڳالهه تي راضي ٿا ڪري سگهن ته هو پنهنجا دروازا ٽين دنيا جي ملڪن سان آزاداڻي واپار لاءِ کولي ڇڏين. ڀارتي مبصر پنهنجو تبصرو سهيڙيندي لکي ٿو ته: "اِها تمام گهڻي مهڪ ۽ پريشانيءَ سان هڪ تمام گهڻي غيراصولي نوعيت جو هڪ ردعمل پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪو تنزانيا جي اڳوڻي صدر ۽ هٿياربند جدوجهد جي سياست ۾ ويساهه رکندڙ اڳواڻ جوليس نائريري سان منسوب آهي. مڻ چيو هو ته اسرندڙ ملڪن کي پنهنجن سمورن ذريعن سان پنهنجي سوڌي ڪاري واري سگهه کي عالمي برادري ۽ اتر ڏکڻ جي فورم تائين رسائڻ گهرجي پر معقوليت ۽ ڪوشش جو اهو رستو ڪو اهڙو رستو ناهي جيڪو امير ملڪن جي پاليسيءَ واري رويي ۾ ڪا تبديلي پيدا ڪري سگهي. اسان کي انهيءَ ناڪاميءَ

ڪان پوءِ بدترين صورتحال مان نڪرڻ لاءِ انتهائي قدم کڻنا پوندا. اسان کي اوپيڪ جي ملڪن جي ڪنيل قدمن کان هڪدم اڳتي وڃڻو پوندو ته جيئن اسين استحصالي ڪي گوڏن ڀر جهڪڻ تي مجبور ڪري سگهون."

انهن سمورن حوالن ۽ تبصرن کي مضمون سان جوڙڻ جي ڪوشش جو مطلب اهو آهي ته جيئن اسين نئين عالمي نظام جي حوالي سان جارج بش جي سرمائيداراڻي نظام يا سنڌس مارڪيٽ اڪانومي واري فلسفي جي اصل روح تائين پهچي سگهون. جيڪو دوکي دولاب ۽ لالچ تي ٻڌل آهي. اهو تمام گهڻو عجيب سانحو آهي ته فري ورلڊ اڪانومي ۽ جمهوريت جا نعرا هڻندڙ قومن پنهنجن مفادن جي حوالي سان سڄي اسرندڙ دنيا کي نه رڳو غلام بڻائي رکيو آهي، پر جمهوريت جي بيگار ڪئمپن ۾ سندن پيداوار به لٽجي قرجي رهي آهي ۽ اهي ئي قومون سندن پيداواري وسيلن کي پنهنجي فوجي طاقت وسيلي تباهه به ڪنديون نظر ٿيون اچن.

جارج بش جي نئين عالمي نظام جو تصور فوجي طاقت جي جنهن مفروضي تي ٻڌل آهي اهو اڄوڪي دنيا جون حقيقتون ته دهائي سگهي ٿو پر انهن کي ختم نٿو ڪري سگهي. نئين عالمي نظام جو فوجي تصور ٽين دنيا جي اسرندڙ ملڪن جي خلاف نه آهي. اهو سرمائيدار ملڪن جي آئيندي لاءِ به قابل قبول نٿو ٿي سگهي. هيو ته ڇا پر خود آمريڪا ۾ به ان تصور جي مزاحمت موجود آهي. آمريڪي عوام جي اڪثريت به ٽين دنيا جي عوام وانگر ڍگهي عرصي کان آمريڪا جي جنگي حڪمت عمليءَ جي قيمت چڪائي رهي آهي. آمريڪي عوام تي آمريڪا جي اڳوڻي صدر ريگن جو اهو مفروضو مڙهيو ويو هو ته فوجي طاقت جي حوالي سان آمريڪا جي مضبوطيءَ جو مطلب اقتصادي طور تي آمريڪا جي مضبوطي هوندو. ان نعري سان هن آمريڪي عوام تي جيڪا اقتصادي تباهي آندي اها رڪارڊ تي موجود آهي. ريگن جي اٺن سالن واري راڄ ۾ آمريڪا فوجي طاقت جي طور تي جيترو به سگهارو ٿيو هجي، پر اقتصادي طور تي اڪي ڪان به وڌيڪ ڪمزور نظر ٿو اچي ۽ هاڻ جڏهن آمريڪا گورباچوف جي پراسترائيڪا ۽ گلاسنوٽ جي حوالي سان سرمائيدار دنيا جي آزادي ۽ ان جي جمهوري نظام جي سوڀ جا نعرا هڻي رهيو آهي. فوجي حڪمت عمليءَ کي جاري رکڻ جو اهو جواز به ختم ٿي وڃي ٿو جيڪو ڪاله تائين سوويت يونين جي مزاحمتي ڪردار ڪري پيش ڪيو ٿي ويو.

آمريڪا سوويت يونين جي اقتصادي گهوٽالي بابت سوويت يونين جي اقتصادي امداد جي ضرورت جي حوالي سان اشتراڪي نظام تي جيڪو گند اڇلائي رهيو آهي، اهو ڪنهن منطقي تجزئي تي ٻڌل ناهي. سوويت يونين دنيا جي هن گولي تي ٻهرين اهڙي فوجي طاقت آهي، جيڪا آمريڪا جي سلامتيءَ لاءِ

سنجيده خطرو سمجهي سگهجي ٿي. سوويت يونين کي سرمائيدار دنيا جي معيار جي نه ته اهڙي ڪا مارڪيٽ ميسر آهي، جنهن مان ڦرلٽ ڪري دولت ڪمائي سگهي نه وري ان جون ڪي اهڙيون بينڪيتون آهن جن جي پيداوار مان پنهنجو پيٽ ڀري سگهي. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ اولهائين دنيا ۾ خود آمريڪا جي ڪنهن امداد بنا سوويت يونين سان گڏ اوڀر يورپ جي ملڪن جي نئين سر اڏاوت هلندڙ صديءَ جو هڪ اهم ڪرشماتي واقعو آهي. نئين سر اڏاوت جي انهيءَ اهم ڪم سان گڏوگڏ سوويت يونين ۾ وارسا ناهه جي ملڪن کي تعليم، صحت ۽ صنعتي شعور سان ٽمٽار ڪرڻ ڪو معمولي ڪم نه هو ۽ آمريڪا جو خلا تائين پيڇو ڪرڻ ڪا مذاق نه هئي. اهو اشتراڪي نظام جي پنهنجي پيداواري عمل جو ڪرشمو هو. اهو تاريخ جو ۽ سرمائيدار دنيا جي جنگي حڪمت عمليءَ جو جبر ٿي هو جنهن اشتراڪي معاشري جي پيداواري ذريعن ۾ ان جي دولت جو وڏيڪ حصو جنگي ۽ فوجي قوت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن اها دولت زندگي جي پرامن مقصدن لاءِ استعمال ڪئي وڃي ها ته صورتحال بلڪل مختلف هجي ها ۽ اها صورتحال هاڻ ان موڙ تي پهچي وئي آهي، جتان فوجي حڪمت عمليءَ جو رستو عالمي امن جي رستي ڏانهن مڙي ٿو.

اقتصادي امداد جي ضرورت ته خود آمريڪا کي به آهي. آمريڪا ۾ هن وقت 2.2 ٽيلن ڊالرن جي پرڏيهي سيڙپ موجود آهي، انهيءَ هوندي به آمريڪا پنهنجي قومي بجيٽ جي کوٽن مان جان ڇڏائي نه سگهيو آهي. آمريڪي قومي بجيٽ جون کوٽون کوٽ سڌائيندين ٿي آهن پر انجا شهري ادارا، ميونسپالٽيون ۽ ڪارپوريشنون به کوٽ جي بحران مان نجات حاصل ڪري نه سگهيون آهن. شهري صنعتون منهن ڀر ڪرڻ تي آهن. بيروزگاري پنهنجي عروج تي آهي. ٽنٽڪسن ۾ واڌ ڏوهن ۾ واڌ جو مقابلو ڪري رهي آهي ۽ نار واري فتح کان پوءِ آمريڪا اڳي کان وڌيڪ هارايل نظر ٿو اچي. سرد جنگ جي حڪمت عمليءَ آمريڪا کي عالمي ڪوتوال ته بڻائي ڇڏيو هو، پر اڄ سرد جنگ جي خاتمي جي مفروضي سان گڏ آمريڪي عوام تي اهو راز به ظاهر ٿيو آهي ته دنيا جون اصل اقتصادي طاقتون ته جاپان ۽ جرمني آهن. اها جرمني جنهن کي ڦلهار جي پير مان خود آمريڪا ڪنيو هو ۽ اهو جاپان جنهن کي ائٽم بمن سان تباهه ڪرڻ کان پوءِ آمريڪا ئي امداد ڏئي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪئي هئي. اڄوڪي آمريڪا لاءِ عالمي منڊيءَ تي جاپان ۽ جرمنيءَ جي قبضي جي حقيقت هڪ ڪڙي حقيقت بڻجي وئي آهي. هو محسوس ڪن ٿا ته ڪين ڪميونزم جي خطري جو دهل وڄائي پنجاهه سالن تائين بليڪ ميل ڪيو ويو آهي. هو خوش آهن ته آمريڪي حڪمرانن هاڻ کهڙي عرصي کان پوءِ ڪميونزم جي خاتمي جو نغارو وڄائي ڇڏيو آهي. هاڻ هو پنهنجي حڪمرانن کان پڇن پيا ته آمريڪا

جيڪڏهن فوجي اعتبار سان مضبوط آهي ته انجي اقتصاديات اجا تائين ڪمزور ڇو آهي؟ هو پڇي رهيا آهن ته جيڪڏهن سرمائيداري ڪٿي چڪي آهي ته اهو اقتصادي کوٽالو ڪهڙي خوشيءَ ۾ وات ڦاڙيو بيٺو آهي؟

آمريڪا پنهنجي تاريخ جي مشڪل ترين دور جي منهن سامهون آهي. آمريڪا ۽ سندس سرمائيداري نظام جا مفروضا هڪ هڪ ڪري پڌرا ٿيندا پيا وڃن. آمريڪا کي خبر آهي ته پراسٽرائيڪا جو اصل زور ڪٿي پوندو. اولهائن ملڪن جي اقتصادي امداد سان سوويت يونين ڪهڙي نوعيت جون تبديليون آڻڻ جو خواهشمند آهي. ظاهر آهي ته سوويت يونين هڪ اهڙو نئون صنعتي ڍانچو قائم ڪرڻ جو خواهشمند آهي، جيڪو ڪمرشل شين جي عالمي منڊيءَ ۾ سرمائيدار صنعتي ملڪن جي مقابلي ۾ سندس صنعتي پيداوار جي کُهر پيدا ڪري سگهي. آمريڪا ۽ اولهه يورپ جي ملڪن سوويت يونين ۽ اوير يورپ جي عوام جي صنعتي ٽيڪنالاجي جي وٽ کي به تسليم ڪيو آهي. اهو هڪ صحتمند رجحان آهي ۽ عالمي امن لاءِ ضروري به آهي. پر آمريڪا جي جارج بش کي هن صديءَ جي پڇاڙيءَ ويجهو امن جو اهو چئلنج قبول ڪندي تڪليف ٿي رهي آهي. هو اندروني طور ان ڪوشش ۾ مصروف آهي ته ست صنعتي ملڪ سوويت يونين کي سندس گهربل امداد نه ڏين.

آمريڪا جي اها حڪمت عملي امن خلاف ٽڪراءُ جي حڪمت عملي آهي. ٺاهه خلاف جهيڙي واري ۽ تاءُ ڏيندڙ حڪمت عملي آهي. اها انسانيت کي مصيبتن ۽ پريشانين ۾ ڦاسائي رکڻ جي حڪمت عملي آهي ۽ اها هڪ شڪست کاڌل حڪمت عملي آهي. انهيءَ آمريڪي حڪمت عمليءَ جارج بش جي نئين عالمي نظام کي اها معنيٰ ڏني آهي ته آمريڪا هاڻ به پنهنجي بقا لاءِ فوجي طاقت جي سياسي ۽ اقتصادي بالادستيءَ تي ڀاڙڻ تي لاهيو پايو بيٺو آهي. هو سوويت يونين سان هڪ حقيقي پرچاءُ جو خواهشمند ناهي. هو سوويت يونين ۾ گهرو لڙائي ۽ سوويت يونين جو ورهاڱو چاهي ٿو. هو چاهي ٿو ته يا ته سوويت يونين سندس مفروضي موجب بدلجي وڃي يا وري ان تي اشتراڪي مُلڪن جو قبضو ٿي وڃي، جنهن کي آمريڪي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي جنگي ۽ فوجي حڪمت عمليءَ لاءِ استعمال ڪري سگهي.

2 جولائي 1991ع

# نئون عالمي نظام

## هڪ مطالعو

27 جولائي تي 'نيويارڪ ٽائيمز' خبر ڏني ته آمريڪي قومي پيداوار ۾ ڏهائي چار سيڪڙو واڌ ٿي آهي. ساڳي طرح اها خبر به ڏني وئي ته ناٽي جي ڪوٽ ۽ ڪسادبازاريءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي اميد پيدا ٿي آهي. آمريڪي سڌسماءَ جا وسيلا پنهنجي سموري وت ۽ ست سان پنهنجي عوام جو پيٽ انگن اکرن سان ڀرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جڏهن ته آمريڪي عوام اخبارن جي پڌري ڪيل انگن اکرن کي حيرت مان ڏسي ٿو ۽ انهيءَ سڌي سنئين ڪوڙ تي پنهنجو منهن مٺو ٿو ڀڃي. سوويت يونين جي اقتصادي ڪهوٽالن بابت فراهم ڪيل خوشخبرين جي حوالي سان جڏهن هو پنهنجي اقتصادي مسئلن جو جائزو ٿا وٺن ته کين پنهنجي مسئلن جو حل نظر نٿو اچي. هو چون ٿا ته آمريڪا، سوويت يونين جي اقتصادي ڪهوٽالي جو حل مارڪيٽ اڪانوميءَ ۾ ڳولي ورتو آهي، پر پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ ڪو نسخو اڃا تائين چو نه هٿ ڪيو اٿس. عوام تي ٽئڪسن جو بار وڌايو پيو وڃي ۽ عوام جي انهيءَ ڦريل دولت کي، بجيٽ جي کوٽن کي پورو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي.

آمريڪي حڪمرانن ۽ اقتصادي ماهرن پنهنجي عوام جي آمدنيءَ تي لڳايل ٽئڪسن کان علاوه جيڪي اڻ سڌا ٽئڪس مڙهيا آهن، انهن جو رياست وار تفصيل هن ريت آهي:

الاباما ۾ 173 ملين ڊالرن جو ٽئڪون لڳايون ويون آهن. اهي اضافي ٽئڪس دوائن، اسپتالن ۽ نرسنگ هومز جي ادارن کان ورتيون وينديون.

آرڪنساس ۾ ٽي سؤ ملين ڊالرن جون ٽئڪس لڳايون ويون آهن. اها رقم استعمال ٿيل ڪارن جي وڪري، موبائل گهرن کان علاوه ڪارپوريٽ انڪم، پيٽرول ڊيزل وغيره مان اوڳاڙيون وينديون.

ڪيليفورنيا ۾ 7.3 بلين ڊالر انڪم ٽئڪس ۽ سيلز ٽئڪس ۾ واڌ، ننڍين هوٽلن جي خوراڪ مٿان، سادي پاڻي جي بوتل ۽ گاڏين جي رجسٽريشن فيءَ ۾ اضافي ذريعي وصول ٿينديون.

ڪنيڪٽيڪٽ ۾ 1.2 باين ڊالرن جي ٽئڪسن لاءِ رياست جي قانون

جوڙيندڙ اسيمبليءَ ۾ بحث هلندڙ آهي. اهو طئي ڪيو ويو آهي ته 1.2 ملين ڊالرن جون ٽئڪس لڳايا ويندين، پر اهو طئي نه ٿيو آهي ته سموري رقم ماڻهن جي ذاتي آمدنيءَ مان وصول ڪئي وڃي يا پهريون کان لاڳو ٽئڪسن ۾ اضافي ذريعي سيلز ٽئڪس، حجامن جي دڪانن ۽ موٽر ڪارن جي مرمت وارن ورڪشاپن کان وصول ڪئي وڃي.

ڊيلاور ۾ 96 ملين ڊالرن جون ٽئڪس لڳايون ويون آهن. جيڪي ڪاروباري ادارن، غيرمقامي ڪمائيندڙن جي ٽئڪس ۾ اضافي ذريعي پوريون ڪيون وينديون.

آئيڊاهو ۾ 34 ملين ڊالر. هيءَ رياست هارين جي رياست آهي. جتي پٽاٽا پيدا ٿيندا آهن. ۽ هيءَ تمام گهڻو غريب ماڻهن جي رياست آهي. پر تنهن هوندي به ان کي بخش نه ڪيو ويو آهي. ان رياست ۾ ٽئڪس جي اها رقم پيٽرول جي وڪري مان حاصل ڪئي ويندي.

ڪنتڪي ۾ 600 ملين ڊالرن جي رقم ٻه سال بجيٽ جي عرصي ۾ سيلز ٽئڪس ۽ ذاتي آمدني تي ٽئڪسن ۾ اضافي ذريعي پوري ڪئي ويندي.

هوائي، 20 ملين ڊالرن جي هيءَ رقم پيٽرول تي بقايا اضافي ٽئڪس ذريعي وصول ڪئي ويندي.

مين، 300 ملين ڊالرن جي رقم ٻن سالن واري بجيٽ عرصي ۾ ماڻهن جي ذاتي انڪم ٽئڪس ۾ اضافي ۽ پيٽرول کان علاوه گلاسن يا ڪوپن ۾ ملندڙ شربتن، اسڪولن ۾ وڪرو ٿيندڙ ٻارن جي خوراڪ ۽ اسپتالن جي ڪينٽينن ۾ وڪامجندڙ خوراڪ تي ٽئڪس لڳائي پوري ڪئي ويندي.

مني سوٽا، 6.7 ملين ڊالرن جي ٽئڪس ماڻهن جي ذاتي آمدني تي اڳي کان موجود ٽئڪسن ۾ اضافي وغيره ذريعي پوري ٿيندي.

مسوري، 385 ملين جي اها رقم تعليمي ادارن جي وڪري ۽ آمدني تي پهرين کان موجود ٽئڪسن ۾ اضافي ذريعي وصول ٿيندي. بس رڳو 5 نومبر جي ريفرينڊم ۾ عوام ان جي منظوري ڏي.

نيو هيمپشائر، 130 ملين ڊالرن جي ٽئڪس ڪاروباري جائداد، سليز ٽئڪس، جائدادي ڪاروبار ۽ ٽيليفون جي سرچارج ۾ اضافي ذريعي وصول ڪئي ويندي.

نيويارڪ، 1.6 بلين ڊالرن جي ٽئڪس تيل، گئس، پيٽرول، انڪم ٽئڪس، ڪمپيوٽر جي سامان، ٽيليفون تي ڊيٽنگ سروس تي ٽئڪس ۽ اضافي ٽئڪس کان علاوه گاڏين جي چالان تي ڏنڊ جي شرح ۾ اضافي، هاءِ اسڪولن جي امتحانن جي فيءَ ۾ اضافي وغيره سان وصول ڪئي ويندي. اهي ٽئڪسون انهن کان علاوه آهن، جيڪي نيويارڪ شهر جي انتظاميا اڳ ۾ هتي

چڪي آهي.

اتر ڪيرولائنا، 637 ملين ڊالرن جي ٽئڪس ذاتي ۽ ڪارپوريٽ آمدني کان علاوه سگريٽ وغيره تي لڳايل اضافي ٽئڪس جي صورت ۾ وصول ڪئي ويندي.

اوريگان، 189 ملين جي ٽئڪس ٻن سالن جي بجيٽ واري عرصي ۾ پيٽرول جي ٽئڪس ۾ اضافي، جنم سرٽيفڪيٽ جي فيءَ ۾ اضافي ۽ صحت لاءِ نقصانڪار گند ڪچري کي ختم ڪرڻ جي فيءَ ۾ اضافي ذريعي وصول ٿيندي.

پنسلوينيا، 3 بلين ڊالرن جي ٽئڪسن تي اڃا تائين رياستي قانون سازن ۾ بحث هلي رهيو آهي. اهي تجويز ڪيل ٽئڪس آمدنيءَ جي ٽئڪس ۾ اضافي، ڪاروباري آمدنيءَ جي ٽئڪس، تماڪ ۽ الڪوحل جي شين، ٽيليويزن ۽ نان لوڪل يا پري جي ٽيليفون ڪالن جي فين ۾ اضافي جو صورت ۾ وصول ٿيندي.

رهوڊ آءِ لينڊ، 127 ملين ڊالر جا ٽئڪس ذاتي آمدني، ڪارپوريٽ آمدني، سليز ٽئڪس ۽ پيٽرول تي اضافي ٽئڪسن سان پوري ٿيندي.

ورمانٽ، 85 ملين ڊالرن جي اها ٽئڪس 1994ع تائين لاڳو هوندي. ذاتي آمدني، سليز ٽئڪس ۽ پيٽرول تي اضافي ٽئڪسن مان وصول ٿيندي.

وسڪانسن، 535 ملين ڊالرن جي اضافي ٽئڪس لڳائي وئي آهي. اها ٽئڪس ٻه ٻن سالن لاءِ هوندي ۽ اها انڪم ٽئڪس، ڪارپوريٽ آمدني، سگريٽ، جائداد جي منتقلي في، جائيداد جي وڪري ۽ خريداري ۽ ڪيپيٽل گئنس جي فيءَ ۾ اضافي ذريعي پوري ڪئي ويندي.

شهري انتظاميا پاران جيڪي ٽئڪس لڳايون ويون آهن، انهن ۾ نيويارڪ سٽي سڀ کان آمريڪا ۾ اڳيري آهي. نيويارڪ سٽي جائداد ٽئڪس ۾ 400 ملين ڊالر، انڪم ٽئڪس جي مد ۾ 335 ڊالر، فين ۽ ڏنڊن جي مد ۾ 40 ملين ڊالرن جو اضافو ڪيو آهي. نيويارڪ جي شهري انتظاميا ڪارڪنن جي ڇانٽي جي ڏس ۾ ٻه رڪارڊ قائم ڪيو آهي.

فيلي ڊلفيا جي شهري انتظاميا 75 ملين مان 90 ملين ڊالرن جي نئي سيلز ٽئڪس مڙهي آهي. لاس اينجلس جي شهري انتظاميا جائداد جي منتقليءَ ۾ مد ۾ 70 ملين ڊارلن جا ٽئڪس هڻي آهي.

واشنگٽن جي شهري انتظاميا 48.8 ملين ڊالرن جي ٽئڪس هڻي آهي.

شارليٽ جي شهري انتظاميا 16.7 ملين جي ٽئڪس وڌائي آهي.

پورٽ لينڊ جي ميونسپلٽيءَ 2 ملين ۽ سين هوزي جي ميونسپلٽيءَ 8.3 ملين جي ٽئڪس وڌيڪ هڻي آهي. لانگ بيچ ۾ 16 ملين ۽ فوليڪس ۾ 8.6 ملين ڊالرن جا نئي ٽئڪس هڻي وئي آهي.

# نئون عالمي نظام

## هڪ مطالعو

آمريڪي بچاءُ کاتي مختلف آمريڪي رياستن ۾ 24 فوجي اڏا بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو فيصلو وفاقي حڪومت جي خرچ گهٽائڻ واري ضرورت تحت ڪيو ويو آهي. آمريڪي بچاءُ کاتي جي انهيءَ فيصلي سبب بند ٿيندڙ 24 اڏن تان نوڪرين مان خارج ڪيل غير فوجي ملازمن جو ڪُل ڳاڻيٽو نوانوي هزار ڇهه سؤ هوندو. هيٺئين چارٽ ۾ تفصيل موجود آهن.

| نمبر– رياست | فوجي اڏي جو نالو | اڏي جي نوعيت | ساليانو بچت (ملين ڊالرن ۾) | غير فوجي بيروزگارن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| 1- واشنگٽن | سينڊ پوائنٽ اسٽيشن | سامونڊي | 1.6 | --- |
| 2- ڪيليفورنيا | سيڪرامنٽو ڊيپو | بري فوج | 55.8 | 6700 |
| 3- ڪيليفورنيا | موفٽ فيلڊ ايئر اسٽيشن | سامونڊي | 72.4 | 3800 |
| 4- ڪيليفورنيا | فورٽ آرڊ | سامونڊي | 70.4 | 1600 |
| 5- ڪيليفورنيا | ڪاسل اي، ايف، بي | هوائي فوج | 72.7 | 5000 |
| 6- ڪيليفورنيا | لانگ بيچ اسٽيشن | سامونڊي | 85.2 | 9000 |
| 7- ڪيليفورنيا | ٽسٽن ايئر اسٽيشن | سامونڊي | 0.4 | 3600 |
| 8- ايريزونا | وليم اي، ايف، بي | هوائي فوج | 54.1 | 2600 |
| 9- ڪولوريڊو | لاري اي، ايف، بي | هوائي فوج | 42.2 | 6300 |
| 10- ٽيڪساس | ڪارسويل اي ايف بي | هوائي فوج | 45.5 | 5300 |
| 11- ٽيڪساس | برگس ٽروم اي ايف بي | هوائي فوج | 46.3 | 4800 |
| 12- ٽيڪساس | چيز فيلڊ ايئر اسٽيشن | سامونڊي | 24.7 | 1600 |
| 13- مسيوري | رچرڊ گيسارڊ | هوائي فوج | 12.9 | 1200 |
| 14- آرڪنساس | فورٽ چيفي | بري فوج | 8.3 | 3300 |
| 15- آرڪنساس | ايڪر اي، ايف، بي | هوائي فوج | 52.9 | 2200 |
| 16- لوئزينيا | انگلينڊ اي، ايف، بي | هوائي فوج | 47.2 | 2900 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 17– مشي گن | ورٽ سمٿ اي ايف بي | هوائي فوج | 63.3 | 2100 |
| 18– انڊيانا | گرسم اي ايف بي | هوائي فوج | 48.4 | 2800 |
| 19– انڊيانا | فورٽ بنجمن هيرسين | بري فوج | 22.9 | 5600 |
| 20– اوهيو | اُلن بيڪر اي ايف بي | هوائي فوج | 22.7 | 2500 |
| 21– نارٿ ڪيرولائنا | مارٽي بيچ اي ايف بي | هوائي فوج | 30.2 | 4000 |
| 22– پنسلوينيا | فلاڊ لفيا شپ يارڊ | سامونڊي | 36.0 | 26500 |
| 23– پنسلوينيا | فلاڊ لفيا اسٽيشن | سامونڊي | 40.4 | |
| 24– مساچوسٽس | فورٽ ڊيونز | بري فوج | 55.2 | 5300 |
| 25– ميائي | لورنگ اي ايف بي | هوائي فوج | 61.8 | 3000 |

آمريڪا جي اقتصادي زوال جو اندازو آمريڪي سرمائيدارن جي زوال مان ب لڳائي سگهجي ٿو. آمريڪا جي هڪ مشهور ميگزين فوربز 24 جولاءِ 1989 واري پرچي ۾ دنيا جي 25 اميرن جي هڪ فهرست ڇاپي هئي. ان فهرست موجب 25 امير ترين ڪٽنبن مان رڳو چار آمريڪي آهن. جاپان جا نوَ ڪٽنب آهن، ست يورپي آهن، ٻي ڪينيڊا جا، هڪ ڪوريا جو ۽ هڪ ڪولمبيا جو نشيدار شين جو واپار ڪندڙ ڪٽنب آهن.

## 1989ع دوران دنيا جا 25 امير ترين ڪٽنب

| | | |
|---|---|---|
| 1– يوشيڪي سٽ سومي | جاپان | 15 ارب ڊالر |
| 2– تائيڪي چيرو | جاپان | 14.5 ارب ڊالر |
| 3– سام والٽن | آمريڪا | 8.2 ارب ڊالر |
| 4– رائخ مان برادرز | ڪينيڊا | 8 ارب ڊالر |
| 5– شن ڪيوڪ هو | ڪوريا | 8 ارب ڊالر |
| 6– هيروئو موتاڪي | جاپان | 7.8 ارب ڊالر |
| 7– ڪتارو تناجي | جاپان | 7 ارب ڊالر کان وڌيڪ |
| 8– هيرو هائيڪا يوشي موتو | جاپان | 7 ارب ڊالر |
| 9– هينز اور گيبر رازنگ | سوئيڊن | 7 ارب ڊالر |
| 10– ايتارو انيو آما | جاپان | 6.6 ارب ڊالر |
| 11– ڪينٿ رائي ٿامسن | جاپان | 6 ارب ڊالر |
| 12– ڪين ڪچي نڪاجما | جاپان | 5.8 ارب ڊالر |
| 13– برين نڪ ميئر ڪٽنب | هالينڊ | 5 ارب ڊالر |

| | | |
|---|---|---|
| 14- ڪيسٽ ڪولن ارونگ | ڪينيڊا | 4.5 ارب ڊالر |
| 15- ٽاڪي ناڪا ڪٽنب | جاپان | 4 ارب ڊالر |
| 16- ڳووني اينجلي ڪٽنب | اٽلي | 3.7 ارب ڊالر |
| 17- موهن ڪٽنب | اولهه جرمني | 3.6 ارب ڊالر |
| 18- ورن ايڊورڊ بوفٽ | آمريڪا | 3.5 ارب ڊالر |
| 19- جان وارنر ڪلوج | آمريڪا | 3.2 ارب ڊالر |
| 20- پيلو اسڪو برگويريا | ڪولمبيا | 3 ارب ڊالرن کان وڌيڪ |
| 21- جيرالڊ گونڊش گروسوينڊ | برطانيا | 3 ارب ڊالرن کان وڌيڪ |
| 22- رامن آري سيز | اسپين | 3 ارب ڊالر |
| 23- فريڊرڪ ڪارل فلڪ | اولهه جرمني | 3 ارب ڊالر |
| 24- هنري روس پيرٽ | آمريڪا | 3 ارب ڊالر |
| 25- ڪينرو ساجي | جاپان | 3 ارب ڊالر |

نيويارڪ سٽي جي ڪارپوريشن شهر تي نيون ٽئڪسون لڳايون آهن. اهي ٽئڪسون پهرين جنوري 1990ع کان لاڳو هونديون. ٽئڪسن جي انهيءَ اضافي جو وڌ ۾ وڌ بار گهٽ آمدني وارن شهرين تي پوندو.

## ڪنوارا ٽئڪس ڀريندڙ

| ڪل آمدني | ٽئڪس جوڳي آمدني | پراڻي ٽئڪس | نئين ٽئڪس | اضافو |
|---|---|---|---|---|
| 15000 ڊالر | 9000 ڊالر | 203 ڊالر | 231 ڊالر | 28 ڊالر |
| 25000 ڊالر | 19000 ڊالر | 546 ڊالر | 622 ڊالر | 76 ڊالر |
| 35000 ڊالر | 29000 ڊالر | 925 ڊالر | 1055 ڊالر | 130 ڊالر |
| 50000 ڊالر | 44000 ڊالر | 1504 ڊالر | 1715 ڊالر | 211 ڊالر |
| 75000 ڊالر | 64000 ڊالر | 2278 ڊالر | 2597 ڊالر | 319 ڊالر |
| 100000 ڊالر | 87000 ڊالر | 3177 ڊالر | 3622 ڊالر | 445 ڊالر |
| 175000 ڊالر | 152000 ڊالر | 5719 ڊالر | 6520 ڊالر | 801 ڊالر |
| 350000 ڊالر | 315000 ڊالر | 12092 ڊالر | 13785 ڊالر | 1693 ڊالر |

## شادي شده ٽئڪس ڀريندڙ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 25000 ڊالر | 15500 ڊالر | 347 ڊالر | 396 ڊالر | 49 ڊالر |
| 35000 ڊالر | 25500 ڊالر | 668 ڊالر | 762 ڊالر | 94 ڊالر |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 50000 ڊالر | 40500 ڊالر | 1222 ڊالر | 13933 ڊالر | 171 ڊالر |
| 75000 ڊالر | 62000 ڊالر | 2047 ڊالر | 2334 ڊالر | 287 ڊالر |
| 100000 ڊالر | 84000 ڊالر | 2896 ڊالر | 3301 ڊالر | 405 ڊالر |
| 175000 ڊالر | 148000 ڊالر | 5387 ڊالر | 6141 ڊالر | 754 ڊالر |
| 350000 ڊالر | 307000 ڊالر | 11608 ڊالر | 13227 ڊالر | 1624 ڊالر |

## عالمي بينڪاريءَ ۾ اثاثن جي شرح
(بينڪن جي ملڪن جي حوالي سان)

| | ڊسمبر 1985ع | | ڊسمبر 1985ع | | ڊسمبر 985 | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| بينڪن جا ملڪ | اثاثا (ارب ڊالرن ۾) | ڪُل اثاثن ۾ سيڪڙو حصو | اثاثا (ارب ڊالرن ۾) | ڪُل اثاثن ۾ سيڪڙو حصو | اثاثا ارب ڊالرن ۾ | ڪُل اثا ۾ سيڪ حصو |
| فرانس | 2440 | 9% | 289.6 | 8.4% | 375.5 | 8.6% |
| جرمني | 191.2 | 7% | 270.1 | 7.8% | 347.9 | 7.9% |
| اٽلي | 113.3 | 4.2% | 145.1 | 4.2% | 185.0 | 4.2% |
| جاپان | 707.2 | 26.14% | 1120.1 | 32.4% | 1552.1 | 3.5% |
| سوئزرلينڊ | 109.2 | 4% | 152.0 | 4.4% | 196.1 | 4.5% |
| برطانيا | 192.9 | 7.1% | 211.5 | 6.1% | 253.9 | 5.8% |
| آمريڪا | 590.2 | 21.7% | 599.2 | 17.3% | 647.6 | 14.8% |
| ٻيا ملڪ | 566.8 | 20.9% | 666.4 | 19.4% | 823.2 | 18.8% |
| ڪُل | 2714.8 | 100% | 34465.0 | 100% | 4381.0 | 100% |

## جاپان ۽ آمريڪا جي معاشي سگهه جو تقابلي جائزو.
(پيمانو- ڏهه کرب آمريڪي ڊالر)

| تقابلي قومي اثاثا | 1985ع | 1986ع | 1987ع |
|---|---|---|---|
| آمريڪا | 30.6 | 34.0 | 36.2 |
| جاپان | 19.6 | 28.3 | 43.7 |

## عالمي ڪُل پيداوار ۾ قومي حصو

| | 1987ع | 1988ع | 1990ع ڪنيل انگ اکر | 1995ع ڪنيل انگ اکر | 2000ع ڪنيل انگ اکر |
|---|---|---|---|---|---|
| آمريڪا | 30% | 28% | 26% | 23.8% | 22.2% |
| جاپان | 13% | 15% | 15.8% | 16.5% | 16.3% |

## جاپان جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ اثاثن جي واڌ
## (1983ع کان 1989ع تائين)

- شيئرز جي سراسري قيمت
- ٽوڪيو ۾ ڪاروباري زمين جو ملھ
- ٽوڪيو ۾ رهائشي زمين جو ملھ
- ريزڪي اگھ
- ھڏي وارا اگھ

ورتل: اڪنامسٽ 15 اپريل 1989

جاپان:
(1) ڪل گھرو پيداوار
(2) متحرڪ اثاثن ۾ واڌ
(3) غيرمتحرڪ اثاثن ۾ اضافو
(پيمانو: ڏھ ڪرب)

ورتل: اڪنامڪ پلاننگ ايجنسي
نيشنل لينڊ اينجسي

# نئون عالمي نظام

## پس منظر ۽ پيش منظر

فرخ سهيل گوئندي

ويهين صديءَ جي شروعات قوم پرست، سامراج دشمن ۽ سوشلسٽ انقلابن سان ٿي. يورپ، آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي عوام جنهن قوت سان آزادي ۽ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪئي، ان سڄي دنيا کي ڏونڌاڙي وڌو پر ان سان گڏوگڏ ويهين صديءَ سرمائيداري نظام ۽ سامراج جي 'خوبصورت' شڪل کي به جنم ڏنو. ٻنهي مهاڀاري لڙائين سرمائيداري نظام ۽ نئين سامراجي قوتن جو فيصلو به ڪيو جيڪڏهن ڪارل مارڪس جي سياسي اڳڪٿيءَ موجب دنيا جو پهريون پرولتاري سوشلسٽ انقلاب جرمني جهڙي جديد سرمائيدار ملڪ ۾ اچي ها ته پڪ سان ختم ٿيندڙ هاڻوڪي صديءَ جي سياسي شڪل ۽ تاريخ تمام گهڻي مختلف هجي ها. جرمنيءَ ۾ سوشلسٽ انقلاب کي روڪڻ ۽ اُتان جي ڪميونسٽن جي تاريخي غلطين جرمن قيادت ۾ فاشزم کي جنم ڏنو جنهن ڪري عالمي سرمائيداري جو توازن آمريڪا جي حق ۾ هليو ويو ۽ ايئن سيپتا ۽ اعليٰ تاريخ جي مرڪز ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ ڪنبن کان پري، آمريڪا فوجي نقطي نظر سان محفوظ رهي ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ تاريخ ۾ سامراجي ڪردار ادا ڪيو جنهن خلاف سڀ کان وڏي مزاحمت سوويت يونين، چين ۽ ٻين سوشلسٽ اقتصاديات ۽ نظام رکندڙ ملڪن ڪئي. انهيءَ عرصي ۾ شڪست کاڌل جرمني ۽ جاپان آهستي آهستي عالمي اقتصاديات ۾ هڪ طاقت طور ابرڻ لڳا. جڏهن ته آمريڪي سامراج عالمي عوامي تحريڪن کي ڪچلڻ، سوشلسٽ انقلابن کي ناڪام ڪرڻ، ٽين دنيا تي معاشي ۽ سياسي هڪ هٽي قائم ڪرڻ لاءِ نه رڳو عمومي فوجي پر جديد ملٽري سامراج جي شڪل اختيار ڪندو ويو. تنهنڪري اِهوئي آمريڪي سامراجي ڪردار ۽ آمريڪا جي مستقبل لاءِ شڪ ۽ شبهي جو سبب بڻيو ۽ دنيا تي اقتصادي، معاشي، سياسي، ثقافتي ۽ فوجي بالادستي رکڻ وارو سامراج (آمريڪا) پنهنجي تاريخ جي ادائي سؤ سالن ۾ شديد اقتصادي گهوٽالي جو شڪار ٿي ويو. اِهو اقتصادي گهوٽالو اسيءَ جي

ڏماڪي جي مُنڍ ۾ شروع ٿيو، جنهن جو اُهاڻ (لاوو) آڪٽوبر 1987ع ۾ ڪريش ڊالر جي صورت ۾ ڦاٽو. سمورين حڪمت عملين جي باوجود آمريڪي پاليسيون جوڙيندڙ 1987ع جي ڊالر ڪريش واري ڪھوٽالي کان آمريڪي معيشت کي بچائي نہ سگھيا ۽ ائين آمريڪي سامراج دنيا جو سڀ کان وڏو قرضي ملڪ بڻجي ويو. آمريڪي ڪمپنيون جاپاني ۽ يورپي سرمائيدارن وٽ وڪرو ٿيڻ شروع ٿيون ۽ هيٺيهہ آمريڪي بينڪون ڏيواليپڻي جو شڪار ٿي ويون ۽ هاڻ جنهن نئين عالمي نظام جو هُل هُڊڻ ۾ ٿو اچي، ان جي هڪ وڏي تاريخ آهي. اها ڪا رات پيٽ ۾ جڙندڙ پاليسي ناهي، جنهن نار واري جنگ دوران جنم ورتو هجي. اصل ۾ اِها اقتصادي زخمن کي ڀرڻ لاءِ آمريڪي سامراج جي جديد حڪمت عملي آهي. ان کي اسين سامراج جي سڀ کان وڏي نقاد، سوويت انقلاب جي باني لينن جي نظرين جي روشني ۾ ڏسون تہ مسئلي کي سمجھڻ ۾ ڪافي سولائي ٿيندي. لينن چوي ٿو تہ سامراج ۽ سرمائيداري نظام وقت بہ وقت ڪھوٽالن جو شڪار ٿيندا ۽ اُهي تمام گھڻي چالاڪي سان پنهنجي ڪھوٽالن جي حل لاءِ جديد حڪمت عملي بہ جوڙيندا، تنهنڪري اُهوئي وقت هوندو جڏهن سرمائيداري ۽ سامراج کي وڌيڪ ڪمزور ڪري سگھبو. ان لحاظ کان آمريڪي نئون عالمي نظام، ڪھوٽالي، شڪست ۽ ان جي خلاف هڪ پاليسي آهي. ان جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ اِهو آهي ڇا؟ ان کي ٽين دنيا جي سياسي مفڪرن ۽ اڳواڻن لاءِ سمجھڻ جي تمام گھڻي ضرورت آهي نہ تہ سندن چوگرد سامراجي پنجوڙ اڃان بہ وڌيڪ سخت ٿي ويندا.

آمريڪا ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ دنيا ۾ سرمائيداراڻي نظام کي ڪميونزم جي ديو کان پري رکڻ لاءِ دنيا ڪاڻ هڪ عالمي اقتصادي نظام جوڙيو. اولهہ يورپ جي سرمائيداريءَ کي سهارو ڏيڻ لاءِ ان وقت ڇهہ سؤ ارب ڊالرن جي امداد ڏني. ان سان گڏوگڏ جنگي صنعتن کي وڌايو ويجھايو تہ جيئن سڄي دنيا ۾ طاقت جي ٻل تي 'ڪميونسٽ وِيو' کي روڪي سگھجي. ان لاءِ عالمي سامراجي فوجي ٺاهہ وجود ۾ آيا جن جو دائرو لاطيني آمريڪا، يورپ، آفريڪا ۽ ايشيائي ملڪن تائين پکيڙيو ويو. ٺاهن کان علاوه ساموندي، هوائي ۽ زميني فوج جا لکين آمريڪي سپاهي سڄي دنيا ۾ آمريڪي فوجي اڏن تي مقرر ڪيا ويا. ان کان سواءِ آمريڪا پنهنجي اتحادي سرمائيداراڻي نظام جي پوئلڳ ترقي يافتا ۽ اُسرندڙ پٺتي پيل ملڪن کي ڳوري فوجي امداد قرضن جي شڪل ۾ ڏيندو رهيو. اصل ۾ اِهو سيڪجھ هوندي بہ سامراج کي پنهنجي سموري سگھہ، جديد ٽيڪنالوجي ۽ عاليشان هٿيارن جي باوجود ويٽنام، ڪوريا ۽ ايران ۾ عظيم الشان شڪستن جو مزو چکڻو پيو تہ ٻئي پاسي عالمي اقتصاديات، صنعت خاص طور تي جديد ڪمپيوٽر ۽ آٽو ٽيڪنالوجي ۾ ترقيءَ جي رفتار

سست ٿي پئي جنهن ۾ جاپان ۽ ڪوريا حيرت انگيز حد تائين پنهنجي حيثيت ٺاهي ورتي. بلڪل ساڳي طرح سوويت يونين به پنهنجي نظرياتي سرحدن جي بچاءَ لاءِ جنگي صنعت کي ڇڳي خاصي ترقي ڏني ۽ انهن کي وقت اهڙو آيو جو جيڪي جديد هٿيارن جا ڍير لڳائي چڪو هو ان ميدان ۾ سوويت يونين کان اڳتي وڌي نه سگهيو- بيلنس آف دي ٽرير ۾ ته يقيناً سوويت يونين کي برتري حاصل رهي، پر خلائي ٽيڪنالاجي، نيوڪليئر ٽيڪنالاجي ۽ روايتي هٿيارن جي مقدار ۾ به سوويت يونين کي آمريڪا تي برتري حاصل رهي. ان دوران آمريڪا سوويت يونين تي فوجي بالادستي لاءِ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ اسٽاروار پروگرام شروع ڪيو. پر آمريڪي سياسي پاليسي ساز ۽ فوجي ٽيڪنالاجي جي ماهرن لاءِ سوويت سائنسدانن هڪ نئون وار ڪيو. اهو هيءُ ته سوويت سائنسدانن ڪشش ثقل کي ڪنٽرول ڪري، ان کي وڏيڪ سگهه ڏني اِها سوپ حاصل ڪئي جو سنڌن ڌرتيءَ تي جيڪو ميزائيل، جهاز بم يا راڪيٽ هڻيو ويندو. ان کي اُتي جو اُتي جامد ڪيو ويندو. سوويت يونين جي انهيءَ سوپ آمريڪن کي حيرت جي سمونڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو ۽ انهن آمريڪا کي پنهنجو 'اسٽاروار' پروگرام منسوخ ڪرڻو پيو. انهيءَ ناڪاميءَ سامراج جي عسڪري بِپ کي شڪست ڏني ۽ انهن ان پنهنجي لاءِ نئون ڪردار جوڙڻ جو فيصلو ڪيو.

سوويت يونين جي معاشي ڪمزوري ۽ سماجي مانار سبب گورباچوف جي اڳواڻي ۾ 1985ع ڌاري پراسٽرائيڪا ۽ گلاسنوسٽ جي شروعات ٿي تنهن ڪري هڪ وڏي سوچ اِها آهي ته روسي سڌارن کان پوءِ آمريڪا پنهنجي جنگي صنعت کي گهٽائڻ ۽ فوجي ڪردار ۾ گهٽتائي آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو ته افغانستان جي جنگ روس جي شڪست آهي، حالانڪ سمورن سرمائيدار ملڪن جي اقتصادي امداد ۽ مسلمان بنياد پرستن جي حمايت ۽ رتوڇاڻ جي باوجود روسي فوجن جي واپسيءَ کان پوءِ به افغان اشتراڪي حڪومت جو خاتمو ٿي نه سگهيو. جنهن جو سڀ کان وڏو سبب سوويت يونين جي معيار ۽ مقدار جي حوالي سان آمريڪا تي فوجي بالادستي آهي. ان وسيلي به آمريڪن سمجهي ورتو ته فوجي لحاظ کان سڌوسنئون يا اٺسڌي طرح سوويت يونين کي شڪست ڏيڻ ناممڪن آهي. تنهن ڪري 1983ع ۾ آمريڪن انهن نڪتن تي سوچڻ جو عمل شروع ڪري ڏنو. ان سلسلي ۾ آمريڪا پنهنجي نئين پرڏيهي پاليسيءَ جي تخيل جو نالو 'لوانٽنسٽي ڪنفليڪٽ' رکيو- 1986ع ۾ نيشنل ڊفينس يونيورسٽيءَ واشنگٽن ۾ پرڏيهي وزير جارج شلز ۽ بچاءُ واري وزير وائن برگر ان موضوع تي هڪ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي آمريڪا جي نئين فوجي ۽ عالمي ڪردار جا رُخ طئي ڪيا، جن موجب آمريڪي پاليسي جوڙيندڙن اِها حڪمت عملي جوڙي ته

اسان کي پنهنجي فوجي ڪردار کي محدود ڪرڻو پوندو. فوجي مسئلا علاقائي طور تي طئي ڪرڻا پوندا ۽ پنهنجي پرڏيهي پاليسي کي فوجي اثر رسوخ کان گهٽائي سفارتي سطح تي آڻڻو پوندو. سائنسي طور تي اِها هاڻوڪي نئين عالمي نظام جي عملي شروعات هئي ۽ اِهي حڪمت عمليون اصل ۾ سامراج جي سسندڙ ڪردار جو آئينو آهن. تنهن ڪري هتي سامراج ٽئين دنيا ۾ فوجي آمريتن سان دوستيءَ جو هٿ واپس ڇڪي وٺڻ جو فيصلو به ڪيو. ڇاڪاڻ جو پنهنجي دوست فوجي آمرن جي حڪومتن جي قيام ۽ حفاظت لاءِ ڏڍا ڏڍ فوجي ۽ اقتصادي امداد به پنهنجي مرضيءَ جا نتيجا حاصل نه ڪري سگهي، جنهن جو هڪ مضبوط مثال ايران ۾ چاليهه هزار آمريڪي صلاحڪارن ۽ فوجين جي موجودگيءَ ۾ به آمريڪا نواز حڪومت جو خاتمو ۽ انقلابي حڪومت جو ٿيڻ آهي. ’گهڻ شدت واري جهڳڙي‘ کان پوءِ آمريڪين هڪ نئين ڪميٽي جوڙي جنهن جو نالو ’پول مول‘ رکيو يعني پوليٽيڪل ملٽري الائنس. جنهن تحت آمريڪا جي اثر هيٺ فوجي آمريت وارن ملڪن ۾ نوان جمهوري ڍانچا جوڙيا ويا. ان ۾ اِهو طئي ڪيو ويو ته انهن ملڪن ۾ حڪومت سياسي شخصيتن جي هٿن ۾ ڏني اقتدار جي ڪُڄهي ۽ پڙدي پويان قوت ٿاهي وڃي ۽ ائين ترڪيءَ ۾ 1982ع ۾ ترگت اوزال جي سول حڪومت، فلپائن ۾ ڪوري اڪينو جي سول حڪومت قائم ڪري اِهو فارمولو سڄي دنيا ۾ اختيار ڪيو ويو. اِهو سامراج پاران نئون سيٽ اپ هو، جنهن جا به وڏا مقصد هئا جيئن انهن ملڪن ۾ ورِي ممڪن عوامي ۽ سماجي انقلابن کي روڪي سگهجي ۽ ان سان گڏوگڏ فوجي ۽ اقتصادي امداد کي جمهوريت ۽ انسانيت سان مشروط ڪيو وڃي.

ان دوران اقتصادي گهوٽالي، سوويت يونين ۽ آمريڪا وچ ۾ هٿيارن جي گهٽتائي، ائٽمي ڦهلاءَ کي محدود ڪرڻ ۽ يورپ ۾ ڪُتل ميزائيلن کي هٽائڻ جي ڪامياب تاريخي فيصلن تيزيءَ سان سامراج کي وڏيڪ نام نهاد ’هيومن‘ بنائڻ جو عمل ڪيو ۽ پوءِ 1984ع ۾ اوڀر يورپ ۾ اسٽالن ازم جي ناڪامي ۽ جمهوريتن جي قيام يورپ جي طاقت کي مضبوط ڪري ڇڏيو. وارسا ٺاهه ختم ٿي ويو، ناٽو کي غيرضروري سمجهيو وڃڻ لڳو. متحده جرمنيءَ ۽ پوءِ 1992ع تائين گڏيل يورپ جي تصور عالمي توازن کي بدلائي ڇڏيو.

سوويت يونين عظيم يورپ جي مستقبل ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو خواهشمند آهي، اِهي هلندڙ صديءَ جون اينديون وڏيون سياسي ترقيون آهن، جو انهن، ختم ٿيندڙ صديءَ جي سياسي انداز ۽ ڪردار کي نئي بدلائي ڇڏيو. آمريڪا ابرندڙ سرمائيدار ملڪن تي پنهنجو رعب ڄمائڻ لاءِ وچ اوڀر ۾ پنهنجي اڳواڻي هيٺ اتحادي فوجن سان گڏجي عراق جي جنگي صنعت کي پنهنجي مرضيءَ سان مڙهيل نار جنگ دوران تباهه ڪري ڇڏيو. اِها اصل ۾ نئين عالمي

نظام جي هڪ عملي رٿا هئي. اڀرندڙ اقتصادي قوتن جاپان، جرمني، گڏيل يورپ کي اِهو مڃرايو ته هو 'آمريڪا' ئي سرمائيداري نظام جو محافظ آهي. تنهنڪري سندس ڪردار سرواڻيءَ وارو آهي. انهيءَ رٿا تحت گلف ڪارپوريشن ڪائونسل جي علائقائي تنظيم ۾ شام کي شامل ڪري آمريڪي خواهشن موجب علاقائي ٺاهه ڪرايو ويو. جيئن ته آمريڪا پاڻ به مجبوريءَ تحت پنهنجي فوجي طاقت گهٽائڻ ۾ رُڌل آهي، ان ڪري عراق جهڙين فوجي قوتون اُن لاءِ چئلينج بڻجي سگهن ٿيون ۽ جن جي تباهيءَ ۾ ئي سندس جياپو آهي. ڪيڏو نه دلچسپ پهلو آهي ته سڄي دنيا جو استحصال ڪندڙ سامراج (آمريڪا) دنيا جو سڀ کان وڏو قرضي ملڪ (ٽي هزار ملين ڊالر) بڻجي ويو آهي. ان ڪري آمريڪا جتي نوان اقتصادي سڌارا ۽ حڪمت عمليون ڪئي آيو آهي، اُتي اهو فيصلو به ڪيو انس ته 96-1995ع تائين آمريڪي دفاعي بجيٽ 18 سيڪڙو تائين گهٽائي ويندي. جيڪا 1939ع کان پوءِ سڀ کان گهٽ دفاعي بجيٽ سڄي دنيا ۾ ٽين نمبر تي هوندي. اڳوڻي آمريڪي پرڏيهي وزير هينري ڪسنجر موجب اهڙي صورتحال ۾ جاپان 1934ع جي جرمني واري پوزيشن ۾ هوندو. جاپان جي سلامتيءَ جي کُهر به آهي ته اُهو ايڪويهين صديءَ ۾ مضبوط فوجي حڪمت عملين تي عمل ڪري. ائين ايندڙ صديءَ ۾ نه رڳو اقتصادي قوت طور اڳواٽي ڪندو پر فوجي لحاظ ۾ به، جڏهن ته جرمني پنهنجو ڌيان وڌ ۾ وڌ اقتصادي اڳواٽيءَ تي ئي ڏيندو.

تنهنڪري قرضي سامراج به سوويت يونين وانگر انهيءَ ئي نئين ۽ مزاج جي لحاظ کان تاريخي گهوٽالي جو شڪار آهي، جنهن جي حل لاءِ نئين عالمي نظام جو شوشو ڇڏيو ويو آهي. جنهن جو سبب اندروني گهوٽالو ۽ نئين عالمي اقتصادي قوتن جي اڀرڻ جو اقتصادي ٻڀ آهي، جنهن جي مقابلي لاءِ هو پر سهائي رهيو آهي ۽ ڳڻوڪڏ ڇيو پيو وڃي ته: ائٽمي تحقيق ڪندڙن، جديد هٿيارن ٺاهيندڙن يا وڏي فوجي قوت ٺيندڙن کي امداد نه ڏني ويندي. امداد کي شهري ترقي، صحت، تعليم، رستن، ٽرانسپورٽ جي سهولتن ۽ ٻين شهري سهولتن سان ڳنڍيو ويو آهي. رڳو ان ڪري جو ٽين دنيا جي ڪروڙين آباديءَ وارن شهرن جي غربت نون انقلابن کي جنم نه ڏئي. ان ڪري نئين عالمي نظام جو اِهو به هڪ اهم حصو آهي ته پهتي پيل شهرن کي شهري سهولتون پهچايون وڃن. اِهي سامراج پاران اهڙين ئي رعايتون آهن جهڙيون يورپ ۽ باقي دنيا ۾ سوشلسٽ انقلابن کان پوءِ بورزيت طبقي جي زندگيءَ جو معيار بهتر ڪري، ان کي انقلاب کان پري ڪيو ويو. پاڪستان ۾ آمريڪي سفير به پنهنجي هڪ تقرير ۾ پنهنجي لفظن ۾ خواهشن موجب ساڳي ٿيسيز پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ نئين عالمي نظام تحت آمريڪا جي عالمي اقتصادي قيادت 'فرمائش' جي خواهش به ڪئي آهي. اِهو ٽين

دنيا جي نئين انداز ۽ ڪردار سان اقتصادي ۽ معاشي استحصال جو هڪ نئون رستو آهي. ميساچوسٽس يونيورسٽي آمريڪا جي پروفيسر نوم چومسڪي نئين عالمي نظام تي جتي تنقيد ڪندي چيو آهي ته نئون عالمي نظام اقتصادي طور تي ته طرفو ۽ فوجي طور تي هڪ طرفو اوزار آهي، جنهن جي تحت اها ڪوشش ڪئي ويندي ته ٽين دنيا کي هاڻ وڌ ۾ وڌ اقتصادي مشينري سان ڪنٽرول ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ائين ممڪن نه ٿي سگهي ته پوءِ فوجي طاقت استعمال ڪئي ويندي. پروفيسر نوم چومسڪي چوي ٿو ته "مختصر لفظن ۾ نئون عالمي نظام اهو آهي ته اسين اوهان جا (ٽين دنيا) آقا آهيون ۽ اوهين اسان جا بوٽ چمڪايو. جڏهن ته جارج بش جي وڏي حمايتي هينري ڪسنجر بش پاران پيش ڪيل نئين عالمي نظام جي پاليسين جي عملي صورت تي پنهنجي شڪ جو اظهار ڪيو آهي، جنهن جو پهريون مثال نار واري جنگ آهي، جتي آمريڪا جي پنهنجي اتحادي ملڪن سعودي عرب، جاپان، ڪويت ۽ جرمنيءَ جنگ جي پارٽيتو سپاهيءَ طور تي واعدو ڪيل باقي رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي. اصل ۾ اهوئي اهم نُڪتو آهي ته ڇا نئون عالمي نظام سولائي سان ۽ مرضيءَ سان عمل ۾ ايندو؟ ان جو دارومدار ايندڙ ڪجهه سالن ۾ يورپ، سوويت يونين، جاپان ۽ ايشيا جي ملڪن کان علاوه چين جي سماجي، سياسي ۽ عالمي طاقت تي به آهي ته سڄي دنيا ۾ مزاحمتي سياسي تحريڪ تي به. جيڪڏهن هن وقت علائقائي سامراجي مخالف دفاعي اتحاد وجود ۾ اچن ٿا ته پوءِ پڪ سان نئون عالمي نظام ڪنهن سهڻي شهزاديءَ جي ڪهاڻي هوندو ۽ پوءِ برطانوي سامراج وانگر آمريڪي سامراج جو دارومدار به سگهارين اقتصادي قوتن جي قرضن تي هوندو.

انهيءَ بحث کان پوءِ آمريڪي نئين عالمي نظام کي هيٺين آمريڪي خواهشن ۽ رٿائن جو نالو سڏي سگهجي ٿو.

1- آمريڪا جو پنهنجو عالمي 'سرواڻ' وارو ڪردار قائم رهندو.
2- سرمائيداراڻو نظام قائم رهڻ سان گڏوگڏ ترقي ڪندو رهي.
3- يورپ، جاپان ۽ مستقبل جون اقتصادي قوتون آمريڪا کي وڏو پائيوار مڃن.
4- سوويت يونين معاشي ۽ سياسي طور تي ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿئي.
5- ٽين دنيا جي وسيلن تي جاپان، جرمني يا يورپ جو اثر رسوخ قائم ٿيڻ بدران آمريڪا جو ڪنٽرول رهي.
6- سڄي دنيا ۾ جاگيرداري نظام جو خاتمو ٿئي ته جيئن صنعتي جمهوريتون قائم ٿين، جيڪي عالمي سرمائيداري نظام جون مددگار بڻجن.
7- آءِ ايم ايف، عالمي بينڪ، آءِ پي آر ڊي ۽ گيٽ جهڙا وڏيڪ عالمي اقتصادي ادارا قائم ڪيا وڃن، جيڪي عالمي اقتصاديات تي آمريڪي ڪنٽرول کي

وڌائين.

8- ٽين دنيا جي انهن شهرن ۾ زندگيءَ جو معيار بلند ڪيو وڃي، جتي غربت سبب انقلاب اچي سگهن ٿا.

9- ٽين دنيا جي ڪنهن به ملڪ کي ائٽمي قوت يا مضبوط فوجي طاقت نه بڻجڻ ڏنو وڃي.

10- ٽين دنيا جا ڪٽيل فوجي ٺاهه (سامراج مخالف) نه ٺهڻ گهرجن.

11- پنهنجي دفائي بجيٽ کي گهٽائي، جنگي صنعت کي گهٽ ڪري، جديد صنعتون قائم ڪري نين عالمي اقتصادي قوتن تي فوقيت جاري رکي وڃي.

12- وڏن ملڪن ڀارت، چين، سوويت يونين يا جيڪي به آمريڪا سان اکيون اکين ۾ ڏئي سگهن ٿا. تن کي جاگرافيائي ٽوڙ ڦوڙ ذريعي ننڍا ننڍا جمهوري ملڪ (آمريڪا تي ڀاڙيندڙ) قائم ڪيا وڃن.

13- پنهنجي طاقت استعمال ڪري ۽ ٻپ پکيڙي پنهنجي فوج گهٽائڻ خاطر ٻين وڏين فوجي قوتن کي محدود ڪيو وڃي.

14- عالمي صنعت جي سگهه (تيل وغيره) تي سڌوسنئون فوجي ڪنٽرول مضبوط ڪيو وڃي.

15- ڪٽيل قومن ۽ سلامتي ڪائونسل کي نار واري جنگ جيان سامراج جي هڪ سگهاري اوزار وانگر استعمال ڪيو وڃي. ائين اِهي ٻئي ادارا عالمي سرمائيداراڻي نظام جا ڀرپور انداز ۾ محافظ هوندا.

# نئون عالمي نظام

## "ڪمزور کي جيئڻ جو ڪو حق ناهي"

### سنڌيڪار: انعام شيخ

مجموعي طور تي آمريڪا ۽ يورپ جو هن مهل سماجي، سياسي ۽ فوجي ڪردار استحصال ڀريو ۽ رت چوسيندڙ ٿو لڳي- اهو رت جيڪو هو ٽئين دنيا جي مظلوم ۽ اڻهوند ماڻهن جي رڳن مان مختلف نمونن بازين ۽ حرفتن سان چوسيندا رهن ٿا. جيڪڏهن ڪو به ٽئين دنيا جو فرد اُٿي چئي ته: نام نهاد تهذيب يافته اهي طاقتون، عقل ۽ تعاون جي آڙ ۾ ڇنيل ۽ ڇچريل قومن کي وڌيڪ تباهه ۽ برباد ڪري رهيون آهن، ته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونه چئبي. چاڪاڻ جو ٽئين دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي مڙس متير ٿي گذريا آهن جن پنهنجي زندگين جو ٻليدان ڏيندي به اهو جهاد ڪيو آهي.

اَئون نهرو ناصر مجيب، اندرا، راجيو، ٽيٽو، ڪاسترو جي انهيءَ ڪردار کي سلام ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان، جيڪو هنن اسان پوئتي پيل ملڪن جي لاءِ لازوال قربانين ڏيندي ادا ڪيو آهي. پر انهن مجاهدن جي لاءِ به احترام ۽ عقيدت منجهان سيس نوائڻ گهران ٿو جن سارتر، ريمزي ڪلارڪ ۽ جيسي جنڪسن بڻجي حق جا نعرا بلند ڪيا آهن. اهڙن امر انسانن منجهان آمريڪي رياست ميساچوسز جي '٢٠٠٠ سن بابت تحقيق ڪندڙ انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي' ۾ ٻولين ۽ لسانيات جو پروفيسر نوم چومسڪي به هڪ آهي. هو اهڙو باڪردار ۽ اخلاقي جرئت رکندڙ شخص آهي جيڪو آمريڪا ۾ ذميوار شخص هجڻ جي باوجود آمريڪي حڪومت جي انسان دشمن ڪردار ۽ خاص ڪري صدر بش جي ظالماڻي ذلت ڀريي ڪردار کي جنهن نموني بڇڙو ۽ اُگهاڙو ڪري ٿو ٻيترو ۽ تهڙو شايد ئي ڪو ٻيو انسان جرئت رکندو هجي.

٧ مئي ١٩٩١ع ۾ روزاني 'ڊان' ڪراچيءَ ۾ ڇپيل هيءُ مضمون انسان دوستي، تحقيق سچائي ۽ جرئت ڀريو هڪ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو ڪو به شخص 'نئين عالمي نظام' جي خالقن جي منهن تي ڦهڪائي سگهي ٿو. هن مضمون ۾ ثابتين ۽ مثالن سان اهو ٻڌايو ويو آهي، ته آمريڪي حڪومتون مجموعي طرح ۽ صدر بش خاص طرح ڪيئن ظلم، انڌير ۽ جبر جي قوتن جي ترجماني ڪندي انسانيت لاءِ ذلتن جا طوق تيار ڪري رهيا آهن.

آمريڪي ۽ يورپي معاشري ۾ چومسڪي جهڙن ماڻهن جو هئڻ اسان لاءِ وڏي خوشبختي، ڏڍ ۽ ٻل آهي. هي ماڻهو اميدون آهن اهڙيون، جيڪي مايوسين جي اونداهي ۾ سهائي ڪن ٿيون، ۽ انصاف ڀريي انساني سماج جي تشڪيل لاءِ خوابن جي تعبير بابت مايوسيءَ کي آسرن ۾ تبديل ڪن ٿيون. هي امر انسان والٽ وٽمن، ول ڊيورانٽ ۽ رسل جو تسلسل آهن جيڪي ظالم ڪوڙ جي وجود آڏو انتهائي ننڍڙو سچ ئي سهي پر چوڻ جي جرئت رکن ٿا. اچو ته مهربانيون مڃيندي سنڌس هن مضمون مان معلومات حاصل ڪريون — سنڌيڪار

'نئين عالمي سرشتي' جي باري ۾ وڏي حقيقت اِها آهي تہ اهو معاشي طرح
سان نہ رُخو آهي، جڏهن تہ فوجي طور تي گهڻ رُخو- انهيءَ سلسلي ۾ ويجهڙ ۾
ٿيل مختلف واقعا انهن خاصيتن جي وچ ۾ تعلق کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ مدد
ڏين ٿا.

مثلاً آمريڪي فوج طرفان جيئن ئي شاندار 'ترُڪي شوٽ' نالي فوجي
مشقن جو سلسلو رڻ پٽ ۾ شروع ٿيو تہ 'نيويارڪ ٽائمز' ڪيس هٽ آيل بُش
انتظاميہ جي مُهڙين ڏينهن ۾ 'ٽين دُنيا مان ملندڙ للڪارن' جي سلسلي ۾ قومي
سلامتيءَ سان لاڳاپيل حڪمت عمليءَ بابت مضمون جي هڪ حصي جو جائزو
شايع ڪيو.

انهي مضمون ۾ هڪ هنڌ چيل آهي تہ: "اهڙا مثال جتي آمريڪا پاڻ کان
انتهائي ڪمزور دُشمن سان پلئہ اٽڪائي ٿو تتي نہ رڳو انهن ملڪن کي ڪيس
هارائڻو آهي، پر ڪين ٽڪر ۾ شڪست فاش بہ ڪرڻو آهي. ڇو جو انهيءَ
ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ طريقو نہ رڳو خواري جو سبب بڻبو پر سياسي حمايت ۾ بہ
ٿاهوڪي ڪوٽ آڻيندو."

بظاهر مٿي بيان ڪيل 'انتهائي ڪمزور دشمن' آمريڪا لاءِ رڳو هڪ
خطرو پيدا ڪري سگهن ٿا، سو آهي سنڌ طرفان پنهنجي آزاديءَ جو حصول
جيڪا ڳالهہ آمريڪا لاءِ قابل قبول قطعي بہ ناهي. انهيءَ سلسلي ۾ آمريڪا
اهڙي قاتل حاڪم جي حمايت بہ ڪندو رهندو جيڪو ٽين دُنيا جي اُنهن
جمهوري حُڪومتن جون پاڙون پٽڻ ۾ اڳرو هوندو جيڪي آمريڪي اشارن تي
نچڻ کان انڪاري آهن. انهيءَ سلسلي ۾ دستاويزي ثبوت توڙي تاريخي رڪارڊ
ٻئي بالڪل واضح آهن. نيويارڪ ٽائمز اخبار کي مليل معلومات ۾ سڄي معاملي
لاءِ پُرامن حل جو ڪو بہ اشارو مليل ڪونهي. هونئن بہ عام طور تي سمجهيو
وڃي ٿو تہ ٽين دُنيا مان مليل للڪارن کي مُنهن ڏيڻ جي معاملي ۾ آمريڪا
سياسي طور تي سدائين پوئتي رهيو آهي. ڇو تہ آمريڪا جون طلبون ئي اهڙيون
آهن، جن کي عوام جي حمايت حاصل ٿي نٿي سگهي. تنهنڪري ڊپلوميسيءَ تي
ٻڌل هر طريقو سنڌس لاءِ هڪ خطرناڪ ڏنڌو آهي.

نئين عالمي سرشتي جو جيڪو ذهن مرڪزي خيال سمجهڻو آهي تہ اُن جي
شروعات 'انتهائي ڪمزور مخالفن' کي رڳو شڪست ڏيڻ سان ڪو نہ ٿئي ٿي-
پر ڪين لازمي طور تي ذريون ذريون ڪري ڇڏڻ سان ٿئي ٿي، يعني آمريڪا جو
مطلب آهي تہ اسين هر شيءِ جا مالڪ آهيون، ٻين جو ڪم رڳو بوٽ پالش ڪرڻ
آهي. هن نظام ۾ ٻيا بہ ڏاڍا دلچسپ سبق درج ٿيل آهي جن مان اهو بہ آهي تہ
ڏيهي ماٺهو جارج بُش جي ٻڪ ۾ پيل ٿيل ۽ ائنڊوور [جتي بُش تعليم حاصل
ڪئي- مترجم] واري زماني جي انهيءَ اُصول جي واضح ۽ چٽيندڙ وضاحتن کي

واڪاڻيون، جنهن مطابق مرتبي ۾ فرض جي حاصلات لاءِ ضروري آهي ته للڪاريندڙ کي اُنهيءَ تي ٻوٽ تي ٺونشو وهائي ڪيجي.

مان مثال طور تي اُهي لفظ پيش ڪريان ٿو جيڪي هڪ صحافي خاطق پاليسي جائزو لکندي سورمي صحاب (بُش) جي واتان نقل ڪيا آهن: ”خُدا جو سِهڻي اسان ويٽنام مان مليل روڳ کي هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو آهي“- پر اسان جو صدر پنهنجي سرسيءَ تي ٺهڪ ٺي ڏيندو هوندو جو ريگن جي هڪ معتقد دانشور نارمن پود هرٽز چواٺي ”فوجي طاقت جي استعمال خلاف شديد ذهني دٻاءُ ڪيس بيچين بڻائي ڇڏيندو.

حقيقت ۾ هي سڄي ڊرامي بازي ويٽنام جي ماتمي ڪيت واري تصور کي آمريڪي ماڻهن جي ذهن ۾ ڏکڻ ويٽنام ۾ اڳتي هلي سڄي هند چيني ملڪن جي مظلوم ماڻهن جي قتلام کي ظلم ۽ ڏاڍائي نه پر ’اعليٰ مقصد جي ماڻڻ لاءِ ارپنا‘ جو درجو ڏيارڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪُجھ به ناهي. هڪ تازي جائزي موجب آمريڪي عوام سمجهي ٿو ته ويٽنام واري جنگ ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک آمريڪي مُئا پر مصنف پُڇن ٿا ته اسين ڪهڙا نتيجا پڌرا ڪيون، جڏهن هڏئون ٿا ته جرمنيءَ ۾ نازين هٿان يهودين جي قتلام جو تعداد پوٽا ٽي لک ڏسيو وڃي ٿو. هي هڪ اهڙو سوال آهي جنهن کي اهميت ڏئي سگهجي ٿي. هو جيڪو ’للڪاريندڙ کي مُنهن ۾ مُڪ وهائڻ‘ وارو اصول (جڏهن ته اوهان کي اها پڪ آهي ته اڳلو جوڳنيو هڏل آهي ۽ سندس داٺا نڪتل آهن) آهي سو خطري طور تي طاقت جي استعمال جي وڪالت ڪندڙن لاءِ ته پسند جوڳي ڳالهه آهي- اهڙيون خسيس فتحون بنل آمريڪي عوام ۾ ڪُجھ ساهه وجهي بُش ۽ ريگن دور ۾ مُلڪي سطح تي ٿيل وڏن سانحن تان سندن ڏيان کي هٽائي سگهن ٿيون پر اها ڪا معمولي ڳالهه ناهي ته آمريڪي لڳاتار هڪ اهڙي زوالجندڙ مُلڪ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، جنهن جا افعال ٿين دُنيا سان ملندڙ جلندڙ ٿا لڳن.

جارج بُش بحيثيت ’سرڪاري نوڪر‘ جي ٻه منفرد اعزاز رکي ٿو جيڪو سندس ’نئين عالمي سرشتي‘ واري رٻڙي کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، سو اهو ته هو دنيا جو اڪيلو رياستي سربراهه آهي، جنهن کي عالمي عدالت ’غيرقانوني طاقت جي استعمال جي الزام ۾ ڏوهاري قرار ڏيئي ڇڪي آهي- وري نڪ جي ڀڪائي ته ڏسو جو مٿين ڏوهه ۾ عالمي عدالت مٿس جيڪا تاوان ڀري ڏيڻ جي سزا رکي هُئي، سندس ٻين ڏوهن جو پتو لڳائڻ ناممڪن آهي. تنهن جي پرواهه ڪرڻ بنان هو عدالت تي تنقيد ڪري رهيو آهي، پر ٻئي طرف هو پاڻ ۽ سندس حواري عراق کان جنگي تاوان پوري ۽ مڪمل طور تي اگاڙڻ جي لاءِ رڙيون پيا ڪن.

جارج بُش اهو ماڻهو آهي، جنهن پاناما ۾ فوجي مُداخلت ڪري اُتي ڏهه

سيڪڙو اقليتي اڇن جي آبادي کي مُلڪ جو والي وارث بڻايو. پاناما ڪئنال تي آمريڪي قبضي جي خاطري ڏيندي انهن اڏن جي به پاڻاريداري ڪري ٿو، جتان بدمعاشن جون ڪيپون تيار ٿي سڄي لاطيني آمريڪا مٿان دهشت طاري ڪري ٿيون ڇڏين. ٻئي طرف ١٩٧١ع ۾ جيئن ئي ڳڏيل قومن ۾ ڪيس آمريڪي نمائندو مقرر ڪيو ٿو وڃي ته نه رڳو اوچتو سلامتي ڪائونسل ۾ آمريڪا طرفان مختلف دعوائن کي ويٽو ڪرڻ جو انگ وڌي وڃي ٿو، پر ڳڏيل قومن طرفان امن بحال ڪرائيندڙ جٿن جي اهليت به محدود ٿيندي ٿي. هن سڄي ڪاروبار ۾ برطانيه سندس جهٽ بڻيو بيٺو آهي.

بُش کي ١٩٧٥ع ۾ بدنام زمانه سي- آءِ- اي جي سربراهي سونپي وئي، ته جيئن هو اُپرندي ۾ قتلام جي حمايت ڪري سگهي. بُش صاحب ايندي ئي پنهنجون هڙئي صلاحيتون ڪليسا سميت انهن سيني ڌرين خلاف ڪتب آنديون، جن غريبن جي پاس خاطري ٿي ڪئي، هُن پنهنجي جبر جي ايذي ته انتها ڪري ڇڏي جو اڄ به انهيءَ علائقي ۾ بيشمار ماڻهو اوهان کي اهڙا ملندا جن جا جسم تشدد جي ذلت سبب ڇٽجي لاعلاج بڻجي چُڪا آهن.

ٻئي طرف جارج بُش وچ اوڀر ۾ اسرائيل جي پٺڀرائي ڪندي سندس بيجا قبضن، لبنان ۾ وحشياڻي جارحيت ۾ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ نمبر٤٢٥ (جنهن ۾ ڪيس لبنان مان فوجون واپس ڪرڻ لاءِ چيو ويو هئو) جي ڄڻ ته حمايت پئي ڪئي. لبنان جي حڪومت طرفان ساڳئي استدعا جيڪا هن فيبروري ۾ ڪئي هئي، تنهن تي پڻ ڪو غور نه ڪيو ويو، ان جي اُبتڙ آمريڪا جو ڇاڙتو اسرائيل لڳاتار شهري آبادين تي بمباري ڪندي ڏهڪاءُ پيدا ڪندو رهيو. جڏهن ته باقي بچيل لبنان بُش جي نئين دوست حافظ الاسد جي هٿن هٿيڪو رهيو. ٻئي طرف نام نهاد ترڪ امن پسندن کي کلي ڇُٽي ڏني وئي، ته هو آمريڪي خدمتن جي صلي ۾ مظلوم ڪُردن کي قتل ڪندا رهن.

مختصراً ائين چئي سگهجي ٿو ته اڄ اسان کي 'نئين عالمي سرشتي' ڏانهن اهو شخص وٺي وڃي رهيو آهي، جنهن جو ڪو به اصول، دين ايمان ڪونه رهيو آهي.

سڄي ناري واري کهڻالي دؤران ساڳي پاليسي جائزي جي اصولن کي اختيار ڪيو ويو. جولاءِ ۾ بُش صاحب فرمايو ته ڪيس ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو جيڪڏهن عراق طاقت جي زور تي ڪويت سان سرحدن جو معاملو طئي ڪري، يا پنهنجي پاڙيسرين ئي تيل جون قيمتون وڌائڻ لاءِ ڪو زور بار رکي، انهيءَ غلط فهميءَ ۾ صدام سڄي ڪويت تي قابض ٿي ويو- ۽ اهو محسوس ڪرائڻ لڳو ته هو نه رڳو آمريڪي برطانوي معيارن مطابق تصديق ٿيل هئو بلڪ هڪ اڻ کهڙيو قومپرست به هئو- انهيءَ ڪانپوءِ ئي معياري پاليسين جي التجا

ڪئي ويئي.

اهو موقعو ڏسندي امريڪا ۽ برطانيه ڳجهي نموني سفارتڪاري ۽ بندشون شروع ڪري ڇڏيون، جيڪي عام طرح جي اُنهن ڪاررائيون ثابت ٿيون. اگسٽ جي پهرئين حصي دوران عراق طرفان امن لاءِ پيش ڪيل اهڙين پڌرين ڪين ويون، تن کي به امريڪي پرڏيهي کاتي جي عملدارن 'سنجيده' ۽ 'ڳالهائڻ جوڳيون' سڏيون ٿيون سان گڏ عراق جي طرفان ڪويت خالي ڪرڻ وارن شرطن جي لاءِ به ايئن چيو ته: انهن ۾ اهڙا نڪتا آهن جن کي امن بابت سچائيءَ سان تعمير ڪري سگهجي ٿو – ٻئي طرف عراق جي مڪمل واپسيءَ سميت ڪيل مختلف ڪوشش کي هٿ وچان نظر انداز ڪيو ويو، جنهن سان لکين ماڻهن جي جان بچي ٿي سگهي. سفارتڪاريءَ جي سڀني ڪوششن کي نظرانداز ڪندي ٽين دنيا جي هڪ ٽٽل ملڪ جنهن جي مسڪينن، ۽ انتهائي ڪمزور فوج کي شڪار بنائڻ لاءِ بڻايو ويو ته جيئن ان مان ٻيا عبرت حاصل ڪن.

ڪوتانهن دانشور حضرات به چرچ ۾ اچي ويا ۽ صدام جو اهڙي خاڪو پيش ڪيائون جنهن ۾ ڪيس هٽلر جو جانشين ٽيڪاريندي ٻڌايائون ته هو سڄي دنيا تي قبضي جو سوچي رهيو آهي. انهيءَ ڪانپوءِ جيئن ئي بش اعلان ڪيو ته صدام سان ڪا به ڳالهه ٻولهه ڪانه ٿيندي ته وٽي سنڊس ساراه ۾ سون جي تعداد ۾ ۽ صدام خلاف ايڊيٽوريل لکيائون. جڏهن بش اعلان ڪيو ته جارج کي ڪڏهن به گل ڪونه پارايا ويندا ته بجاءِ جو ڪيس ڪا چئو- آڪ ٽني، انتهائي نيوار ميصر به سندس تر تي بيهي رهيا.

ڪيترن جو خيال هئو ته برطانيه آمريڪا ماضيءَ ۾ غيرذميوار رهيا آهن (جڏهن ته حقيقت هئي ته ٻئي ملڪ انتهائي مستقل مزاجي سان پنهنجا مقد حاصل ڪندا رهيا هئا) ڪوتانهن هاڻي اسان کي تسلي ڏني وئي هئي ته هر شيءِ بدلجي چڪي آهي، اهو هيئن ته هاڻي هُنن سمجهي ورتو هئو ته جارحيت کي مناسب طريقي سان منهن ڏيڻ جو هڪ جواب آهي، سو اهو ته هڪدم پرتشدد طريقا اختيار ڪجن. انهيءَ ڪري اسان اها اُميد رکي ٿا سگهون ته جلد ئي برطانوي شاهي هوائي فوج (RAF) دمشق، تل ابيب ۽ جڪارتا تي بمباري شروع ويندي پر اهو سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن برطانيه انهن قاتلن کي هٿيار ڏيڻ بند ڪندو. عجيب آهي ته هنن نين تعبيرن ۾ صدام لاءِ ڪا به آشيرواد شامل نه هئي ته اهو اسرائيل تي حملو ڪري، جيتوڻيڪ سندس واهيات دليل واشنگٽن ۾ ويٺل سندس هم پيشه مجرمن ۽ دوستن سان بالڪل مليا پئي.

اهڙي طريقي سان هڪ اهڙي ظالماڻي قتلام جي لاءِ راهه تيار ڪئي وئي، جنهن لاءِ ٽين دنيا جي هڪ رسالي لکيو آهي ته: "هن سرشتي تي اهڙي پاڙيائپ جي لڙائي اگر ڪڏهن به ڪونه لڙي ويئي" اهڙي ڪارروائي ڪانپوءِ اتحادي

فوجون منظرِعام کان هڪدم هٽي انهن سان وڃي شامل ٿيون آهن، جيڪي
فوجي اڏن تي ويهي مهذب دُنيا کي تنگ ڪرڻ بڻان رهي رهيا آهن.

هٿي طرف لڳي ٿو تہ انهيءَ باري ۾ ڪنهن کي بہ ڪا پرواهہ ڪانهي تہ
سرڪاري طور تي جنگ جوٽڻ لاءِ ڪو بہ سبب ڪونہ ٽنو ويو آهي، حالانڪ
هڪ مُجن جي ساول اَيل نوجوان جيڪو علم پرائي ٿو سو بہ فوري طور تي
انهيءَ ڳالهہ کي پسند نہ ڪندو- هي سڄو سلسلو آمريڪي ڪلچر جي تصديق ۽
ٿئين عالمي سرشتي لاءِ راهبري ڪندڙ نشان آهي.

انهيءَ کانسواءِ سرڪاري طور تي وڏي چڙهي پُرامن حل جي خلاف ڪيل
ڪوششون بہ ڪي گهٽ راز نٿيون ھڏائين. اهڙي طرح سان اسان کي خبر ٿي
پوي تہ هي مسئلو مختلف هئُو چاڪاڻ جو آمريڪا عراقي قبضي کان پهرين ئي
مختلف قسمن جون سرگرميون شروع ڪري چڏيون هيون، جيڪي عراقي اَچڻ
کانپوءِ جاري رهيون. حالانڪ انهن اَچڻ کانپوءِ ماحول سڌري پئي سگهيو. انهيءَ
موقعي تي مختلف هنڌن تي تيل قبضن جي معاملن ۾ برطانوي ۽ آمريڪي ورثاءَ
جو ذڪر نہ ڪرڻ بہ ڏاڍي زيادتي ٿيندي. انهيءَ کانسواءِ هن ڏس ۾ ٻيا دليل بہ
وزندار ٿا لڳن. عراقي مسئلي سان منهن ڏيڻ لاءِ ورتل چند ڪوششن مان هڪ
جو ذڪر ڪندي ٿموٿي گارٽن ايش صاحب، نيويارڪ ريويو ۾ ٻڌائي ٿو تہ
جيتوڻيڪ ڏکڻ آفريڪا ۽ اُڀرندي يورپ ۾ مختلف پابنديون ممڪن هيون پر
صدام وارو مسئلو مختلف آهي- انهيءَ سان ٿي دليل پورو ٿئي ٿو- هاڻي اسان
کي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ جڏهن اسان جي ڏکڻ آفريڪا وارن يارن ۱۹۸۰ کان
۱۹۸۸ع تائين جيڪو پاڙيسرين جو سٺ لکن ٻالڪن جو نقصان ۽ ۱۵ لک ماڻهن کي
قتل ڪيو آهي، تنهن تي 'چُپ ساڌڻ' چو ممڪن هئُو؟ انهيءَ ڪري جو هو
ڪميونسٽ آمرن ۽ اسان وانگر سُٺو نسل آهن! آخر چو؟ انهيءَ سلسلي ۾ نيلسن
منڊيلا عراقي عوام ڏانهن مُفاد پرستيءَ ۽ تعصب سان ڀريل انهيءَ خاص رويي
جي مذمت ڪندي هڪ سبب ٻڌائي ٿو سو آهي، عراقين جي لاسي چمڙي. ساڳي
'سچي دُنيا' صدام جي خلاف متحد ٿي وئي آهي، جڏهن نيويارڪ ٽائمز اسان کي پڪ ڏيندي ٻڌائي ٿي
انتهائي نفرت ڀريو ٻنجي چڪو آهي، جيڪو هن مهل دنيا ۾
کهڙي ٿي" ۽ هاڻي اُها سندس ڪاري چهري کان نجات

اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي آهي، تہ سرد جنگ واري زماني ۾ مغربي
نسل پرستي پنهنجي حيران ڪندڙ روپ ۾ چو واضح ٿئي ٿي. ستر سالن تائين
هي ڀيروپ رعايتي هٿڪنڊن سميت ڪميونسٽن کان بچاءَ جي نالي ۾ جاري
رکيو ويو پر عام طور تي نانڪي شرم هاٿو بهانو بہ وڃائي چڪو هئو.
هي سڀڪجهہ ذهن ۾ رکندي اسانجو ڌيان اُنهن ٽينهن ڏانهن وڃي ٿو،

جڏهن نيويارڪ پريس وضاحت ڏيندي چيو هئو "اسان کي ترڻي جاين کي انگريزي طريقي سان نبيڄ ڪرڻ کپي پوءِ ڀلي ته انهي ڪاري ڪاروبار ۾ جيڪا به ناٽ ڪٽي پئي سا نيستائين ڪنجي جيستائين هو اسان جي هٿيارن جو احترام ڪرڻ نٿا سکن" حقيقت ته اها آهي ته هو اسانجي ارادن کي چڱي طرح سمجهن ٿا.

وچ اوڀر لاءِ 'نئون عالمي نظام' ڏاڍو ڦاڙائتو ٿو لڳي. هتي فاتح اها تشدد پسند رياست آهي، جنهن ڪجهه وقت کان سنجيده سفارتڪاريءَ ذريعي علائقائي سطح تي هٿيارن جي ٻوڙ کي به ٿڌي ڪٽي ڪيو آهي، آمريڪا جي حڪمت عمليءَ واري تصور هتان لاءِ اهو آهي ته تيل جي ملڪيت جا مقامي ڪردارٽا علائقائي طاقتن ذريعي تحفظ ۾ هجڻ کپن، پوءِ ان لاءِ جيو ته رت پياڪ ۽ ظالم حافظ الاسد جهڙن ماڻهن کي به انهيءَ مقصد لاءِ شامل ڪجي يا ڪٿي مصر کي ٿي خريدي وٺجي. آمريڪا انهن پنهنجي پيع لڳڪائو ڪڻن جي وچ ۾ انهيءَ لاءِ رضامندي گهري ٿو جنهن اهي نتيجا ڪيس حاصل ٿيا ته ممڪن آهي ته هو وچ اوڀر مسئلي تي عالمي ڪانفرنس سڏائي وٺي، بشرطيڪ انهيءَ کي سندس خيالن مطابق هلائي سگهجي. جيئن ڪسنجر زور ڏيندين چيو هئو ته يورپ ۽ جاپان کي سفارتڪاريءَ مان لازمي طور تي ٻاهر رکيو وڃي پر ان جي پيٽ ۾ روس اندروني ڏچن جي ڪري شامل ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ جو هو پنهنجين سوڙن ۾ اڙيو ويٺل آهي، جو هن مسئلن تي اختلاف بدران اطاعت ڏيکاريندو اهڙيءَ طرح برطانيه کي به موقعو ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي.

جيستائين فلسطيني مسئلي جو سوال آهي، ته مسئلي جي حل لاءِ آمريڪا ماڻي آسانيءَ سان جيمس بيڪر واري نار جي ڪهوٽالي کان پهرين ڏٺل پلان موجب اڳتي وڌي سگهي ٿو جنهن مطابق اردن فلسطيني رياست آهي. قبضي ٿيل علائقا اسرائيلي مشورن جي روشنيءَ ۾ هلايا وڃن، جڏهن ته فلسطينين کي نابلوس مان ٽيڪس اگاڙڻ جي اجازت هجي- سندن نيستائين نمائندگي پي ايل او کان ٻاهران منتخب ڪئي وڃي- فلسطيني قيادت ڀلي ته جيل جون هوائون پئي کائي پر اسرائيلي فوج جي نگرانيءَ ۾ "آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون" ڪرايون وڃن- يعني پراڻين پاليسين لاءِ نوان بهانا گهڙجي انهن کي 'نئين رخ ۾ پيش قدمي' ۽ 'وسيع نظريءَ' جو نالو ڏنو ويندو.

فلسطينين جي زمينن ۽ پاڻيءَ تي قبضو ڪري سندن معاشي ترقيءَ کي ساڻين روڪيو ويو. ها البت ڪن اسرائيلي معاشيات لاءِ حقيقي طور تي ٻانهائپ واري پورهيو ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. انهيءَ ڏس ۾ تازا ڪرفيو فلسطينين جي معاشي حالت کي تباهه ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي ڪڙي هئي.

هاڻي فاتح ليبر پارٽيءَ جو يزهاڪ رابن ۽ ١٩٨٩ع ۾ بچاءَ جي وزير جي

ڏنل اُن پاليسيءَ مطابق عمل ڪري سگهن ٿا. جيڪا هُن 'پيس ناؤ' جي اڳواڻن آڏو پي ايل او ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهين تي اطمينان ڏيکاريندي پيش ڪئي، يعني هڪ پاسي بظاهر آمريڪا وارا ڳالهين جو ڍونگ رچائيندا بيڪار ڳالهيون ڪندا هئي پاليسي اسرائيلي. فلسطينين جي انتفاده تحريڪ جا هٿي ڏاڻا ڪيي چڏين. اهڙين 'پوتر' خيالن جو اظهار ڪندي رابن ۴۰ سال اڳ عربي ڳالهائيندڙ اسرائيلن جي پيشنگوئين جي پوري ڪرڻ جو عهد ڪندي چيو تہ "فلسطينين کي پرزا پرزا ڪيو ويندو. کين تباهہ ۽ برباد ڪيو ويندو. سندن مقدر يا تہ مڪمل تباهي آهي، يا تہ کين انساني سماج جو گند ڪچرو بڻجي عرب ملڪن جي ذلتن ڀريل طبقن سان وچي رهڻو پوندو"- انيءَ کانسواءِ ويچارن فلسطينين لاءِ اها راهہ نہ بچي تہ هو مورڳو اسرائيل ڇڏي هليا وڃن. تہ جيئن سندن جاءِ روس مان آيل اُهي يهودي ڀرين. جن تي شمير- پيريز ۽ بنڪر پلان مطابق هاڻي اسرائيلي قبضي ۾ آيل فلسطيني آبادين ۾ آباد ٿيڻ تي ڪا بہ بندش ڪونهي.

انهيءَ صورتحال جو سڀ کان وڏو سبب برطانيہ آمريڪا جي سياسي قيادت لاءِ مُلڪ اندر سماجي ۽ معاشي ڏچا آهن. جن کين ايترو تہ خوار خراب ڪيو آهي جو وٽن پنهنجي فوجي قوت جي زور سان اره زورايون ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ نہ ناهي بچي- اڄڪلهہ ڏنڌي باز صحافت جيڪي ڪجھ صلاحون کين ڏئي رهي آهي، ممڪن آهي تہ اُنهن تي عمل ڪندي هو پنهنجي مُلڪن کي 'ڪرائي جي قاتل رياستن' ۾ تبديل ڪري ڇڏين. جن جو ڪم عالمي مافيا وانگر دُنيا ۾ شاهوڪارن کي 'تحفظ' فراهم ڪندي کين ٽين دُنيا مان ملندڙ للڪارن کان بچائي پوءِ پنهنجي انهيءَ خدمت جي صلي ۾ ڪانئن چڱا خاصا ڏوڪڙ ڪڍڻ آهي.

اهي امير جيڪي نار جي تيل پيدا ڪندڙ علائقن ۾ بالم بڻيا ويٺا آهن. تن جي مني تي هنڙو گهمائيندي کين بہ ڪم ڪرڻا آهن. پهريون تہ جرمنيءَ جي قيادت ۾ سڪتي ورتل يورپي معاشي حالت کي دُرست ڪن. بعد ۾ جاپان. رهيل مشن. روس جي مرندڙ ظُلميت منجهان نڪتل علائقن کي لاطيني آمريڪي نموني جي شفقت سان سرفراز ڪري پورو ڪندو. جڏهن تہ ان وقت اڳوڻي ڪميونسٽ بيورو ڪريسي ٻاهرين مُلڪن جي ڪارپوريشنن جو ڪاروبار سنڀاليندي. باقي بچيل ٽين دُنيا لُٽ تونڙي چٽ سان ضابطي ۾ آندي ويندي. يعني جتي معاشي دٻاءَ ڪم ڪندا اُتي امدادون روڪڻ، بندشون هڻڻ سان کين ڪنٽرول ڪيو ويندو. پر جي اُنهن ڪوڏي هينان نہ ايندا تہ پوءِ ڏنبي جي زور تي کين مطيع بڻائبو.

اهي چند نُڪتا آهن جيڪي 'نئين عالمي سرشتي' جو ٺُلهي ليکي خاڪو چٽي سگهجن ٿا پر شرط اهو آهي تہ هن سرشتي بابت ڪيل دعوائن تان ڪشش ۽ لفظن جي جادوگريءَ جو نقاب لاهي سندس اصل چهرو ڏسڻ جي تڪليف ڪئي وڃي.

# آمريڪي اڪيلاپ (Isolation) ۾

# نئون عالمي نظام

حامد حسن قزلباش

آمريڪا جي سياسي بحث مباحثي ۾ اڪيلائپ يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي ورجايل صورت هيهر ظاهر ٿي آهي- هن ڀيري ان جي ظهور جو تعلق آمريڪي معاشي گهوٽالي ۽ 'عالمي سرگرمين' سان جڙيل آهي. اِهو ساڳيو عالمي سرگرميءَ جو نظريو آهي، جنهن جي آمريڪي، روس جي عظيم طاقت جي 'ناڪام ٿيڻ' کان پوءِ تبليغ ڪري رهيا آهن.

آمريڪي پرڏيهي پاليسي جي مستقبل ۾ سوچ جو دارومدار گهڻي ڀاڱي اڪيلاپ جي انهيءَ لهر جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ تي هوندو. جيتوڻيڪ عراق خلاف فوجي فتح سندن مقصد کي نقصان رسايو آهي پر پوءِ بہ اِهو سمجهيو ٿو وڃي تہ اڪيلائپ پرست اتصديءَ کان وڏيڪ جي عرصي ۾ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ جي بهترين پوزيشن ۾ آهن.

اڪيلاپ پرستن جو اِهو نئون نسل آمريڪا کي يورپ جي گندي سياست کان ٻاهر رهڻ جو نٿو چوي. هو يورپ کان ڌار ٿيڻ يا معاشي اڪيلاپ جي عمل ۾ ناممڪنيت کي قبولين ٿا- پر هو ان عالمي سلامتيءَ واري ڪردار يا سڄي دنيا ۾ اڳرائي ڪرڻ جي فوجي صلاحيت کي برقرار رکڻ جي ضرورت جي مخالفت ڪن ٿا. اڪيلائپ پرست روس ۾ پيدا ٿيندڙ تبديليءَ سان هٿ آيل موقعي کي آمريڪا جي گهوٽالي کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ استعمال ڪرڻ گهرن ٿا. سندن چوڻ آهي تہ آمريڪي معاشري کي جنهن قسم جي معاشي ۽ سماجي چئلينجن جو منهن سامهون آهي، ان جي گهرج اِها آهي تہ ان تي هڪدم ڌيان ڏنو وڃي. آمريڪي ڪوٽ (جنهن ۾ جاپان ۽ يورپ پاران سيڙپ بہ شامل آهي) ۽ سماجي ايڪتا ۽ عوامي اتفاق راءِ جي کوٽ ان زوال جون علامتون آهن، جيڪي گهر ڪن ٿيون تہ آمريڪا فوجي قوت ۽ ٻين ملڪن ۾ مداخلت ڪرڻ جي مهم تان پنهنجو ڌيان هٽائي معاشي سگهہ ۽ اڪيلائپ تي زور ڏي.

اڪيلائپ پسند آمريڪي مداخلت پرستن جي انهن خيالن کي غيرحقيقي ۽

سڀني خارج سمجهن ٿا جيڪي عالمي امن ۽ آزاديءَ جي حفاظت لاءِ آمريڪي
سرواڻيءَ ۾ هڪ اتحاد جي بنياد تي نئون عالمي نظام بڻائڻ جون ڳالهيون ٿا
ڪن- گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل هر پيري ته انهيءَ مفاهمت کي حاصل
ڪري نه سگهندي جيڪا ڪويت جي سلسلي ۾ سامهون آئي ۽ نه ئي آمريڪا
کي ٽين دنيا ۾ تبديلين لاءِ شروع ڪيل تحريڪن جي مخالفت جي ضرورت
هوندي، ڇاڪاڻ ته ان جو سبب فقط ڪميونزم جو خطرو هو.

اڪيلائپ پرست چون ٿا ته مستقبل جي عالمي سياست ۾ آمريڪا کي
جاپان ۽ جرمنيءَ جهڙن ملڪن جو مقابلو ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ جو اِهي ملڪ
فوجي ميدان بدران معاشي ۽ ٽيڪنيڪي ميدانن ۾ انجو مقابلو ڪري رهيا
هوندا. اِهائي ڪمزوري آهي، جنهن تي آمريڪا کي قابو پائڻو آهي.

هِن ملڪن ۾ فوجي اڳرائيءَ لاءِ فوجي طاقت تي لاڳيتو توجهه لڳائڻ بدران
اڪيلائپ پرستن کي خاص طور تي جاپان سان وڌندڙ آمريڪي ناتن جي بيٺڪي
نوعيت تي پريشاني لڳل آهي. انتهائي مهانگين جاپاني تيار ٿيل شين جي جواب ۾
خوراڪ ۽ ڪچي مال جي فراهمي ۽ جاپاني مالي امداد جي بدلي ۾ آمريڪي
فوجي تحفظ..

انهن معاملن کي سڌارڻ لاءِ اڪيلائپ پرست محسوس ڪن ٿا ته آمريڪا
کي خوشحالي ۽ تحريڪ پيدا ڪرڻ لاءِ اندرين معاملن تي ڌيان ڏيڻو پوندو ۽ اهي
ئي خصوصيتون آهن، جن اولهائين جمهوريتن کي اوڀر يورپ ۽ سڄي دنيا لاءِ
آئيڊيل بڻائي ڇڏيو آهي.

آمريڪا ۾ اڪيلائپ پرستن ۽ اڳرائي پرستن وچ ۾ هلندڙ اهو بحث سڄي
دنيا لاءِ تمام گهڻي اهميت جوڳو آهي. رڳو ان ڪري نه ته آمريڪا جي فيصلن
جو دنيا تي گهڻو اثر ٿو پوي، پر ان ڪري به ته اڄ جنهن نئين عالمي نظام هر
ڪنهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي، ان بحث سان ان متعلق گهڻو ڪجهه
معلوم ٿي سگهندو.

ڪميونزم ۽ روسي فوجي طاقت جي خطري جي بنياد تي آمريڪي جنهن
مشن کي چاليهه سال هلائيندو رهيو، هاڻ ان جي جاءِ والارڻ لاءِ ڇا ڪي اڳيان
ڪيو ويندو! ڪمزور ٿيندڙ آمريڪي معيشت جي بحاليءَ لاءِ ڇا هيءَ گهٽ
ڇڪتاڻ وارو زمانو آهي يا وري دنيا تي ٿاڻيداري ڪرڻ جو وقت آهي؟ مستقل
منڊيون حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ جو گواهه ٿيڻ پيو وڃي يا هٿيارن جي ڊوڙ جو؟

جيستائين آمريڪا جي نون اڪيلائپ پرستن جو تعلق آهي، اُهي محسوس
ڪن ٿا ته روس جي ناڪاميءَ کان پوءِ جي وقفي کي واپار ۽ معيشت جي ڊوڙ
جي تياريءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي- ٻئي پاسي اڳرائي پرست ان کي تاريخ جو
اُهو حصو سمجهن ٿا جڏهن ڪِن دنيا جي ڏورانهين ڪنڊن تائين به جمهوريت کي

اڪي ويناڻ جي تاريخي مشن کي اپارڻ جو موقعو حاصل ٿيو آهي.
نار ۾ سوويت جو جشن ملهائڻ لاءِ آمريڪا ۾ به
نيويارڪ ۽ واشنگٽن انهيءَ تاريخي لمحي کي ملهائڻ لاءِ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ پريبون ڪيون ويون-
منيوجيبون هٿي رهيا هئا- آمريڪي اڪرائي پرست اميد ڪري رهيا هئا ته عالمي
معاملن ۾ وڌيڪ شموليت جي حق ۾ عوامي راءِ ٺاهڻ لاءِ هيءُ سٺو موقعو آهي.
جڏهن ته اڪيلائپ پرست ياد ڏياري رهيا آهن ته آمريڪا کي نار واري جنگ جا
خرچ پورا ڪرڻ لاءِ ٻين ملڪن جي مدد جي ضرورت هئي. جڏهن ڪنهن
سپرطاقت کي پنهنجي فوجي مهمن جا بل ادا ڪرڻ لاءِ ٻين تي ڀاڙڻو پوي ته پوءِ
اها ڳالهه شڪ واري ٿئي ٿي ته نئين عالمي نظام جو بل ڀاڻ ڀري سگهندو. به
ياد، شايد آمريڪا پنهنجي نون اڪيلائپ پرستن جي ڳالهه تي ڪن ڏي.

# نئون عالمي نظام ....
## دنيا تي آمريڪي بالادستي جي رٿابندي

طيب فاروق ڀٽي

آمريڪا جو نئون عالمي نظام ڪو اهڙو طئي ٿيل دستاويز ناهي، جنهن جا مختلف نڪتا سامهون رکي بحث ڪري سگهجي پر هي عالمي بالادستيءَ جو هڪ اهڙو ڳجهو منصوبو آهي، جنهن تي آمريڪا گذريل ڪيترن عرصي کان عمل ڪري رهيو آهي. آمريڪا جي مختلف تيز رفتار ڪاررواين مان چڱي ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان جا خاص مقصد ۽ خطرناڪ ارادا ڪهڙا آهن، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا هر جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهي. آمريڪي صدر جارج بش کان هينري ڪسينجر تائين، اڄ هر آمريڪي انهيءَ نئين نظام لاءِ اتاولو نظر ٿو اچي، جنهن جي اڳواٽي آمريڪي هٿن ۾ هوندي.

جيڪڏهن آمريڪا جي گذريل ڪجهه سالن جي عالمي سرگرمين کان وٺي نار واري هاٿوڪي جنگ تائين جي مختلف اپائن جو غور سان جائزو ورتو وڃي ته صاف نظر ايندو ته آمريڪا وٽ ايندڙ لاءِ ڪهڙي قسم جو عالمي نقشو آهي. نار واري جنگ ذريعي آمريڪا ڪجهه اهڙيون پيش قدميون ڪيون آهن، جن متعلق شايد ڪن ڪڏهن سوچيو به نه هجي. انهيءَ جنگ جي نتيجي ۾ ڪويت جيڪو دنيا جو امير ترين ملڪ هو ۽ عراق جيڪو اسلامي دنيا جي مضبوط فوجي قوت هو تباهه ٿي ويا- ڪويت جي تيل وارن ڇهه سؤ کوهن کي لڳل باهه ايندڙ ٻن سالن تائين به مشڪل سان وسامجي سگهي. ساڳي طرح سان عراق جو نه رڳو ائٽمي پلانٽ تباهه ڪيو ويو پر ڪيس سادين ٽن هزار ٽئنڪن جا تباهه ٿيل ڍانچا به جنگ جو تحفو ٿي مليا آهن. سڄو عراق کنڊر بڻايو ويو. هاڻ عراق ۾ نه پاڻيءَ جي سپلاءِ آهي، نه فئڪٽريون ٺيون هلن، نه ٽيلي ڪميونيڪيشن جون سهولتون آهن ۽ نه وري بجلي. اولهه جي ذريعن موجب رڳو بغداد شهر لاءِ بجلي جي سپلاءِ بحال ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ به هڪ سال لڳي ويندو. آمريڪا ۽ سندس اتحادين جون مهاڀاري جنگ جي پيماني تي فوجي تياريون ڪويت جي آزاديءَ لاءِ نه هيون پر انهن تيارين جو مقصد ڪجهه ٻيو هو. جيتوڻيڪ نار ڏانهن فوجون روانيون

ڪرڻ مهل جارج بش واضح لفظن ۾ چيو هو ته اسين پنهنجون فوجون سعودي عرب جي حفاظت لاءِ موڪلي رهيا آهيون نه ڪي ڪويت جي آزاديءَ لاءِ، پر عمل ان ڳالهه جي بلڪل ابتڙ ڪيو ويو- آمريڪي اڳواڻي ۾ اتحادين پنهنجي سموري قوت عراق جي فوج، صنعتي ۽ ٽيڪنيڪي قوت کي ڪچلڻ تي لڳائي ڇڏي. سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن جو مقصد عراق جي تباهي هرگز نه هو پر آمريڪا جو مقصد اِهوئي هو ۽ ان عراق کي رستي کان هٽائي 'نئين عالمي نظام' جي لاءِ گس صاف ڪيو. پهرين ڪويت جي آزادي ۽ هاڻ نئين سر اڏاوت جي نالي آمريڪا عراق ۾ اهڙو سياسي ۽ فوجي بندوبست ڪندو، جيڪو کيس سپر کان سپريم قوت بڻائڻ لاءِ ضروري هوندو. نار واري جنگ گڏيل قومن جي ڪنهن مقصد لاءِ نه وڙهي وئي، جنهن جو اظهار گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پيريزڊي ڪوئيار به ماسڪو پاران پيش ڪيل امن تجويزن کي ٺڏڻ کان پوءِ ڪيو هو ته گڏيل قومن جا ٺهراءَ بي گناهه عراقي عوام تي آتشبازيءَ جي اجازت نٿا ڏين. آمريڪي ۽ صيهوني مفادن لاءِ وڙهيل اِنهي جنگ جون تياريون ايڏي ته تڪڙ ۽ ڏيان سان ڪيون ويون ۽ پوءِ اهڙي يڪسوئي سان ان کي جاري رکيو ويو جو عراق جي تباهي تائين جنگ بند ڪرائڻ به ناممڪن ٿي ويو هو. ان جنگ پويان دشمني، تعصب، بُغض ۽ ڏڪار جو جذبو ڏيکاءُ ڏي ٿو، جيڪو انهن خطرناڪ بمن ۽ ميزائيلن کان به وڌيڪ خطرناڪ ۽ زهريلو آهي، جيڪي هتّين خالي عراقين تي اڇلايا ويا. عراق جو ڪويت مان نڪرڻ وارو اعلان بش رد ڪري ڇڏيو هو ۽ گورباچوف جي امن منصوبي جي جواب ۾ عراق کي چوويهن ڪلاڪن جي چتاوڻي ڏنائين. ڪويت خالي ڪرڻ واري اعلان جي باوجود هڪ طرفي جنگ جاري رکي وئي ۽ پوءِ شڪست کاڌل عراق جي هڪ وڏي حصي تي قبضو ڪيو ويو ۽ هاڻ به بش جي ڌمڪيءَ واري ترار عراق مٿان لٽڪي رهي آهي ته جيڪڏهن آمريڪا جي تيار ڪيل پابندين مان ڪنهن به فقري تي عمل نه ڪيو ويو ته جنگ هيهر شروع ڪئي ويندي. آمريڪا سلامتي ڪائونسل پاران مستقل جنگ بندي نه ٿيڻ ڏني، جيتوڻيڪ عراق آمريڪا جا سمورا جائز ۽ ناجائز شرط مڃي چڪو آهي. آمريڪا عراق خلاف اڳرائي ڪرڻ کان وٺي هيل تائين رڳو سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن جو سڌوسنئون پچڪڙي ڪندو رهيو آهي، پر انهن ٺهرائن کي پنهنجي مرضيءَ جا مطلب ڏيندي سموري جنگي اخلاقيات کي به وساري چڪو آهي. آمريڪا، جيڪو پنهنجو پاڻ کي انساني حقن جو علمبردار ۽ سماجي آزادين جو چيمپئن هئڻ سان گڏوگڏ آزاد دنيا جو خالق به سمجهي ٿو، سڀ کان اڳ گڏيل قومن جي راءِ کي ڏوڪڙن وسيلي خريد ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ خريد ڪيل راءِ سان وچ اوڀر ۾ تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو سلسلو شروع ڪري ڏنائين. گڏيل قومن، (جيڪو امن ۽ سلامتيءَ جو ادارو آهي) پاڻ جنگ جو

سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ۽ پوءِ آمريڪا انهيءَ جنگي پرواني جي ناجائز آڙ وٺي هڪ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ٻئي ملڪ تي نہ رڳو چڙهائي ڪري ڏني، پر ان جي آزاديءَ کي بہ ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو. اڪيلي سپرپاور جي بانور ۾ آمريڪا نئين عالمي نظام جي مهورت بارود جي بارش، بمن ۽ ميزائيلن جي ڌماڪن سان ڪئي. ڪنهن دانشور بلڪل صحيح چيو آهي تہ بغداد ۽ بصري کي کنڊر بڻائي آمريڪي جبلت ۽ فطرت پنهنجي انسان دشمني ۽ نسل ڪُشيءَ جي ان پراڻي تاريخ کي ورجايو آهي، جنهن جو مظاهرو ريڊانڊين جي نسل جي خاتمي سان ٿيو هو.

نار واري جنگ کان پوءِ 'نئين عالمي نظام' جي پورائي لاءِ اڳتي هلي آمريڪي اڳرائيءَ جو رخ ڪهڙي پاسي مڙيندو ۽ ان جي خطرناڪ منصوبن جو ايندڙ نشانو ڪير هوندو؟ 'نئين نظام' جي نفاذ لاءِ آمريڪا جا ايندڙ منصوبا ڇا هوندا؟ هي سڄي دنيا ۽ خاص طور تي اسلامي دنيا لاءِ سوچڻ جو لمحو آهي. وچ اوڀر سميت ٽين دنيا ۽ خاص طورتي اسلامي دنيا ۾ بيٺڪي دور کي واپس آندو پيو وڃي جنهن لاءِ آمريڪا ستر جي ڏهاڪي ۾ نئي تيز رفتار فوج جي تياري شروع ڪري ڏني هئي. 1975ع ۾ هڪ آمريڪي مفڪر واضع ڪيو هو تہ جيستائين وچ اوڀر واري تيل جي دولت تي آمريڪي ڪنٽرول قائم نٿو ٿئي، آمريڪا پنهنجي مفادن کي محفوظ نٿو بڻائي سگهي ۽ پوءِ انهن خيالن کي ٻين لفظن ۾ هينري ڪسنجر پنهنجن ڪيترن ئي مضمونن ۽ ڪتابن ۾ ظاهر ڪري چڪو آهي تہ تيل جي دولت بنان آمريڪا پنهنجو عالمي ڪردار ادا ڪري نٿو سگهي. دنيا آمريڪا جو اُهو ڪردار وساريو ناهي، جڏهن ايراني انقلاب کان پوءِ انهيءَ ساڳي 'ظالم جابر ۽ جارح' صدام ذريعي ايران تي حملو ڪرايو ويو ۽ آمريڪا پنهنجي ايندڙ رٿائن جي تڪميل لاءِ لاڳيتو نون سالن تائين صدام حسين کي ڪيميائي گئسن سميت جديد هٿيار ڏيندو رهيو. عراق جي مالي مدد ڪيائين ۽ هر قسم جو سياسي سهارو ڏئي پالي نپائي سرڪش ڪيائين تہ جيئن پنهنجي ئي وڃايل بازيءَ تي مهري جيان استعمال ڪري سگهيس. پوءِ اسين ڏسون ٿا تہ آمريڪا، انساني حقن جي عالمي ادارن ۽ گڏيل قومن کي صدام جي ظلم ۽ ڏاڍ جا احوال ڏهہ سال پوءِ مليا جڏهن عراق آمريڪي مفادن لاءِ چئلينج بڻجي ويو. جيتوڻيڪ عراق ڪويت خلاف ساڳي طرح ظلم ڪيو آهي جيئن هندستان ڪشميرين خلاف ۽ اسرائيل فلسطينين خلاف ڪري رهيو آهي. جيئن روس چيڪوسلواڪيا، هنگري ۽ پوءِ افغانستان ۾ ڪيو هو. ڇا آمريڪا پاڻ گرينيڊا ۽ پاناما خلاف اڳرائيءَ جو جوابدار ناهي؟ ڇا آمريڪا وٽ ان ڳالهہ جو ڪو جواب آهي تہ هُن اسرائيل جي ناجائز رياست جي حق ۾ پنجويهن کان وڌيڪ ڀيرا سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن کي ويٽو ڇو ڪيو؟

'نئين عالمي نظام' جي حاصلات لاءِ نار واري گهوٽالي کان وٺي هيل تائين آمريڪا جو هر قدم سندس منصوبن کي پڌرو ڪري رهيو آهي– آمريڪا، عراق ۽ ڪويت جي جهيڙي کي نه رڳو اباريو پر عراق کي ڪويت تي هلان ڪرڻ جو پورو پورو موقعو ڏنو ته جيئن پوءِ ڪيس پرپهد ڪارروائي جو موقعو ملي سگهي ۽ سعودي عرب جي اجازت بنان سندس ڌرتيءَ تي پنهنجون فوجون لاٿائين ۽ جنگ جي شروعات ڪري ڏنائين ۽ هاڻ ڪويت جي آزاديءَ کان پوءِ به آمريڪا ۽ سندس اتحادي فرماني رهيا آهن ته جيستائين مناسب سمجهندا نار ۾ ترسندا. اصل ۾ آمريڪا هر ان ملڪ خلاف عملي قدم کڻندو جيڪو ٿورڙو به ڪنڌ کڻ جي ڪوشش ڪندو يا آمريڪي منصوبن سان اختلاف ڪرڻ جي همت ڪندو. چاڪاڻ جو 'نئين نظام' جي هموار رستي لاءِ به اهو ضروري آهي ته نار ۾ اهڙيون حالتون برقرار رهن جو آمريڪي مفادن کي چئلينج ڪندڙ ڪابه قوت ابري نه سگهي. ساڳي ريت آمريڪا اهو به چاهيندو ته نار جي گرم چانين تي آمريڪي بالادستي سدائين طرح يا اڃا سڌي طرح برقرار رهي ۽ نه رڳو آمريڪا ۽ سندس ساٿارين کي تيل جي فراهميءَ جي فڪرن کان آجو ڪيو وڃي پر تيل جي اگهن ۽ ان جي پيداوار کي به آمريڪي مفادن هيٺ رکيو وڃي. ان کان سواءِ نار ۾ آمريڪي فوجن جي موجودگيءَ جا جيڪي تفصيل ظاهر ڪيا پيا وڃن اُهي سڌوسنئون اسرائيلي بچاءَ جو به ڪم ڏيندا. آمريڪا ۽ سندس اتحادي نه رڳو جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ هڪ گوليءَ جو مُلهه 'تيل جي بادشاهن' کان وصول ڪندا پر 'نئين سر اڏاوت' جي نالي تي اسلامي دنيا جي وسيلن جي ڦرلٽ جي بازار گرم ڪئي ويندي. هيل تائين جي اطلاعن موجب آمريڪي ڪمپنين اربين ڊالرن جا پنجهتر سيڪڙو ٺيڪا حاصل ڪري ورتا آهن. جنگ کان پوءِ عرب ملڪن تي آمريڪا جي گرفت پهرين کان وڌيڪ سخت ٿي وئي آهي ۽ هو آمريڪا بهادر جي مرضيءَ بنان ڪنهن قسم جو عملي قدم کڻ جي صلاحيت کان بلڪل محروم آهن، جيئن ته عرب بادشاهه ۽ شيخ پنهنجي غيرجمهوري اقتدار کي بچائڻ لاءِ آمريڪا جو معمولي دٻاءُ به برداشت نه ڪري سگهندا، ان ڪري سعودي عرب ۽ شام پاران اسرائيل سان ڳالهين تي راضپو ڏيکارڻ جو اشارو به ملي چڪو آهي. آمريڪا جي اها ڪوشش به هوندي ته مصر جيان ٻيا عرب ملڪ به اسرائيل کي تسليم ڪن. انهيءَ هوندي به ته اسرائيل اهو اعلان اڳ ۾ ئي ڪري چڪو آهي ته هو عربن جي والاريل علائقن کي ڪنهن به قيمت تي خالي نه ڪندو. آمريڪا انهيءَ علائقي ۾ نئين نظام جو جيڪو نقشو ٺاهي رهيو آهي، ان ۾ اسرائيل کي شامل ڪيو ويندو ۽ عرب ملڪ آمريڪي تابعداري سببان ان منصوبي جي مزاحمت ڪري نه سگهندا، جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا جي حامي ۽ ٻيرحامي عرب ملڪن ۾ هڪ مستقل ڇڪتاڻ

ملندي رهندي. ائين عربن جي پاڻ ۾ جهيڙي مان فائدو حاصل ڪندي اسرائيل عظيم تر اسرائيل بڻجڻ لاءِ بلڪل آزاد هوندو، جنهن جي نقشي ۾ بيت المقدس کان وٺي نيل ۽ فرات تائين جو سڄو علائقو شامل آهي.

عرب دنيا جو جاگرافيائي سياسي محل وقوع تمام گهڻي اهميت جوڳو آهي. ان جا قدرتي وسيلا خاص ڪري تيل جا اٿاهه ذخيرا يورپي ۽ آمريڪي استحصالي قوتن جي لالچي اکين ۾ سدائين هرڪندا رهيا آهن. هن وقت دنيا ۾ موجود تيل جي ذخيرن مان سڀ کان وڏو سيڪڙو عربن وٽ آهي. عرب علائقو اهڙي جاءِ تي آهي، جتي ٽي کنڊ افريڪا، ايشيا ۽ يورپ ملن ٿا. چاڪاڻ جو هيءُ علائقو ٽنهي کنڊن جي اهم زميني، سامونڊي ۽ هوائي رستن جو مرڪز آهي، ان ڪري آمريڪا نئين عالمي نظام تحت وڏا وڏا علائقائي بلاڪ ٺهندا، جن ۾ مختلف قومن ۽ ملڪن کي ضم ڪيو ويندو. انهن وڏن بلاڪن ۾ شامل ننڍين ننڍين رياستن جي ڪابه فوجي يا سياسي حيثيت نه هوندي پر آمريڪا کين واجبي خودمختياري ڏئي پنهنجي مفادن جي چوڪيداري ڪرائيندو. انهن ننڍڙن حاڪمن جي اُهائي حيثيت هوندي جيڪا ڳوٺ جي وڏيري آڏو ڪنهن ڪمدار جي هوندي آهي. آمريڪا سڄي دنيا ۾ گڏيل صنعتي رٿائون جوڙي سڌوسنئون سرمائيداراڻي نظام کي ڪنٽرول ڪندو.

جيستائين يورپ جو تعلق آهي، ان فيصلو ڪري ورتو آهي ته انهن حالتن ۾ سنگل سپرپاور آمريڪا جي 'نئين عالمي نظام' جي راهه ڪوٺي ڪرڻ يا بائيڪاٽ ڪرڻ غلط ٿيندو. ان جي بدران نئين عالمي نظام ۾ پنهنجي حيثيت ٺاهڻ گهرجي ۽ ان ۾ شامل ٿي پنهنجو حصو وصول ڪرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ڪجھ يورپي حلقن ۾ گهٻراهٽ به موجود آهي ۽ آمريڪا جي بي لغام حرڪتن تي ناپسنديدگيءَ جو اظهار به ڪيو پيو وڃي، پر ظاهر اِهو پيو ٿئي ته يورپ آمريڪا سان سهڪار ڪرڻ تي تيار نظر ٿو اچي. يورپ جي ابتڙ ٽين دنيا ۽ خاص طور تي اسلامي دنيا ايندڙ حالتن سان منهن ڏيڻ جي رٿابندي ته ڇا پر ان متعلق سوچيو به ناهي. حقيقت ۾ اسلامي دنيا ننڍن ننڍن ملڪن ۾ ورهايل آهي ۽ اڪثر ملڪن تي خودغرض ۽ ننڍي ذهنيت وارن حڪمرانن جي حڪمراني آهي، جيڪي اسلامي دنيا جي گڏيل مفادن تي پنهنجي ذاتي مفادن کي ترجيح ڏين ٿا- اسلامي دنيا جا دشمن انهن نااهل حڪمرانن جي ڪمزورين مان ڀرپور فائدو وٺندا رهيا آهن ۽ اڃان تائين ان ۾ رڌل آهن. ان هوندي به ته اسلامي دنيا ڄڙوچڙ آهي ۽ حڪمران طبقا عالمي سامراجي قوتن جي ڪٺ پتلي بڻيل آهن. سڄي دنيا جي مسلمانن ۾ سامراجي قوتن خلاف نفرت ۽ سجاڳيءَ جي لهر وڌي ويجهي رهي آهي. ايران- عراق جنگ دوران ۽ پوءِ ڪويت تي عراقي قبضي تائين عام مسلمان صدام جي ڪردار تي چڙيل هو پر جڏهن آمريڪا عراق تي حملا

ڪري ڏني ته انهن ماڻهن سمورين خامين جي باوجود صدام حسين کي پنهنجو سورمو بڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ الجزائر، لبيا ۽ بنگلاديش کان ترڪي، مراڪش ۽ انڊونيشيا تائين سڄي اسلامي دنيا آمريڪا خلاف احتجاج ۾ مصروف ٿي وئي. مصري حڪومت جنهن نار واري مسئلي تي آمريڪا جي حمايت ۾ شاهه کان وڌيڪ شاهه جي وفاداريءَ وارو ڪردار ادا ڪيو، ان جي يونيورسٽين جا شاگرد به آمريڪا جي مخالفت ۾ رستن تي نڪري آيا. عام مسلمان ۽ خاص طور تي نوجوان نسل جي اِها سجاڳي ئي اسلام دشمن قوتن لاءِ پريشانيءَ جوڳي آهي، مسلمان شاگرد آمريڪا ۽ يورپي تعليمي ادارن ۾ به پنهنجي مسلمان سڃاڻپ قائم رکن ٿا. آمريڪا ۽ اولهه واريون طاقتون مسلمانن ۾ سجاڳي واري لهر ۽ اسلامي سڀيتا ۽ قدرن سان وابستگيءَ کي پنهنجي ثقافتي، سياسي، معاشي ۽ فوجي 'نئين نظام' جي رستي ۾ رڪاوٽ سمجهن ٿا. خاص طور تي عراق جي تباهيءَ کان پوءِ هاڻ مسلمان جي دل ۾ آمريڪا خلاف شديد ڌڪار آهي ۽ سندن اِهو شعور وڌيڪ پختو ٿي ويو آهي ته نار ۾ آمريڪا جي اچڻ جا مقصد اُهي نه هئا جيڪا هيل تائين ظاهر ڪيا ويا آهن. هاڻ عرب عوام به اِهو سمجهي رهيو آهي ته سندن آزاديءَ جو بهانو گهڙي سندن تباهي ۽ غلاميءَ جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. اهڙن حالتن ۾ اسلامي دنيا کي دشمنن جي سازشن ۽ چئلينجن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نوس قدم کڻڻا پوندا. عرب، عجم ۽ ٻين جهيڙن کان مٿيرو ٿي اسلامي دنيا جي ايڪتا لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن هڪ ڪڏيل اسلامي دنيا جي متحد امت هوندي ته پوءِ ڪوبه عالمي نظام اسان جو ڪجهه به نه ٿو بگاڙي سگهي. اسلامي دنيا کي سلامتي ڪائونسل ۾ به هڪ مستقل نشست حاصل ڪرڻي پوندي ته جيئن اهڙن وقت ۾ عالمي ادارو ڪنهن مسلمان ملڪ خلاف ڏاڍائي ۾ ڌر بڻجڻ کان محفوظ رهي. پاڪستان کي به آمريڪا جي ڪنڌ ۾ ويڙهيل ارادن کان باخبر رهڻو پوندو، ڇاڪاڻ جو آمريڪا بابت هاڻ ڪنهن به قسم جي خوشفهمي قومي آپگهات جي برابر هوندي. عالمي وڏيرن جي بليڪ ميلنگ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان هڪدم ائٽم بم ٺاهڻ جو اعلان ڪري ۽ باوقار پرڏيهي پاليسي جوڙي.

# نئون عالمي نظام

## پر ڪنهن جو؟

فان يوتنگ (ملائيشيا)
(اڳوڻو اسيمبلي ميمبر- ڪڏيل قومن لاءِ نمائندو)

1989ع جي آخر ۾ اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ ڪميونزم جي زوال کان پوءِ 'نئين عالمي نظام' جو اصطلاح سياسي بحثن ۽ علمي حلقن ۾ وڏي زور شور سان استعمال ڪيو پيو وڃي. 2 آگسٽ 1990ع تي عراق جي ڪويت تي حملي سان نار واري گهوٽالو سامهون آيو. ان دوران انهيءَ 'نئين عالمي نظام' جو ذڪر به وڌي ويو. تنهن هوندي به اهو اصطلاح اڃان تائين نه رڳو اڻچٽو آهي، پر اڪثر انجا مڪمل جي ابتڙ مطلب به ڪڍيا ٿا وڃن. هلندڙ سال جنوري جي وچ ڌاري نار جنگ جي شروعات ۽ ڪجهه هفتن کان پوءِ ان جي پڄاڻيءَ کان پوءِ نئين عالمي نظام جو ڍنڍورو اڃائين زور زور سان ڏنو پيو وڃي. خاص طور تي آمريڪين انهيءَ ڦوڪڻي ۾ چڱي خاصي هوا ڀري آهي.

آخر اهو 'نئون عالمي نظام' آهي ڇا؟ ۽ اِهو نئون نظام ڪهڙي ريت پراڻي نظام کان مختلف هوندو؟ ۽ اهم ترين سوال اِهو آهي ته انهيءَ نئين عالمي نظام جو خالق ڪير هوندو؟

آمريڪي صدر جارج بش پنهنجي گهرو پاليسين جي ناڪاميءَ ۽ پنهنجي پٽ نيل جي هڪ وڏي مالياتي گهوٻيءَ ۾ ملوث هئڻ جي پريشانيءَ کان گهٻرائي وچ اوڀر ۾ جنگ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. خود صدر بش به انهيءَ نئين عالمي نظام بابت تمام گهڻو پرجوش لڳي ٿو. ٽائيم رسالي کيس سنئين جنوري 1990ع واري پرچي ۾ 'سال جي شخصيت' جو خطاب ڏنو، ان پاسي اشارو ڪيو آهي ته: "جارج بش جي شخصيت جا ٻه رخ آهن. پرڏيهي پاليسيءَ ۾ هو نه رڳو جارحاڻي پر وحشياڻي رنگ جو مالڪ آهي، جڏهن ته گهرو محاذ تي هو هڪ اعصابن جو ماريل ۽ بيوس شخص جي روپ ۾ سامهون اچي ٿو."

ٽائيم جي انهيءَ پرچي ۾ بُش کان سوال ڪيو ويو ته "اوهان نئين عالمي

نظام جو ذڪر ڪيو آهي. ڇا اهو انهيءَ ڳالهه ڪي هڪ ٻئي ڍنگ سان ورجائي ناهي ته آمريڪا سڄي دنيا ۾ پوليس مين وارو ڪردار ڪندو رهندو؟" بش جواب ڏنو "سڌي سنئين ڳالهه آهي ته جڏهن عالمي امن جو معاملو اڌو هجي ته آمريڪي ذميوارين ۾ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي وڃي ٿو. ان انهيءَ ڪي عالمي ٿانيداري ته نه چوندس ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ اهڙا علائقا به آهن جتي اسين پنهنجي مرضي موجب قدم کڻڻ جي حيثيت ۾ ناهيون ۽ نه ئي اسان کي اهڙي ڪا سڌ ئي آهي. بهرحال آزادي ۽ مختلف ملڪن جي حفاظت جي ٿس ۾ اسان کي غير معمولي ذميواري کڻڻي ئي پوي."

بش جو اهو مختصر جواب، سياسي بهاني بازي، پارسائي دعوا، نڪ ڦوڙائڻ، منافقت، موقعي پرستي ۽ بي ايمانيءَ جي سمورن لوازمن سان ڀرپور آهي. پهرين ڳالهه ته اها ته بش اها وضاحت نه ڪئي ته نيٺ به دنيا جي حفاظت واري اها 'غير معمولي ذميواري' آمريڪا بهادر کي ڪنهن سونپي آهي؟ ۽ پوءِ بش صاحب فرمائي ٿو "ڪجهه علائقا اهڙا آهن، جتي اسين پنهنجي مرضيءَ موجب قدم کڻڻ جي حيثيت ۾ ناهيون ۽ نه ئي اسان جي اهڙي خواهش آهي."

شايد هو لٿونيا، اسٽونيا ۽ لٽويا (سوويت يونين)، تبت (چين)، اوڀر تيمور (انڊونيشيا)، غزه جي پٽي سواءِ اولهه ڪناري جي ۽ گولان جي جبلن (اسرائيل) جي حوالي سان ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهي. ٽتهنڪري منطقي طور تي ٻئي ڪاتي ۾ اهڙا ملڪ هوندا جتي آمريڪا پنهنجي مرضي ٺاڦي سگهي ٿو. يعني گريناڊا، پاناما، عراق وغيره ۽ ان ڳالهه ۾ ڪير شڪ ڪندو ته انهن قومن جي آزادي ۽ حفاظت جي بي لوث بچاءُ ۾ آمريڪا بهادر کي نه ته تيل جي ذخيرن جي لالچ هئي ۽ نه اقتصادي ۽ جاگرافيائي مفادن کي انهي مُهَم هٿان ۾ ڪو دخل هو.

نئين عالمي نظام جو شوشو جارج بش شايد جيمز برنهم ۽ آمريڪي رجعت پرستن جي انهيءَ قبيلي جي ڇڳن مڙسن کان حاصل ڪيو آهي. جارج برنهم نيويارڪ مان شايع ٿيندڙ آمريڪي رجعت پرستن جي پندرهن ڏينهن واري ترجمان "نيشنل ريويو" جو باني ايڊيٽر هو. عام طور تي سياسي فلسفيءَ طور مشهور جيمز برنهم 1905ع ۾ ڄائو هو.

مزيدار ڳالهه هيءَ آهي ته آمريڪي ساڄي ڌر جو گرو ٿيڻ کان اڳ برنهم ٽراٽسڪي جي پيروڪارن مان هڪ هو. کاٻي ڌر جي سياست کان موڪلائڻ کان پوءِ هُن 1941ع ۾ 'مينيجرل انقلاب' نالي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هڪ نئين سياسي طبقي جي ظهور جي اڳڪٿي ڪئي وئي هئي. مينيجرن تي ٻڌل انهيءَ طبقي کي پراڻي سرمائيدار طبقي جي جاءِ والارڻي هئي.

'جديد فڪر جي فونٽانا لغت' جي 1982ع واري ايڊيشن ۾ لکيل آهي ته 'برنهم جو خيال هو ته نازي جرمني سوويت يونين ۽ 'نيوڊيل' آمريڪا اصل ۾

انهيءَ تين طبقي جون مختلف شڪليون آهن.“ هن اعلان ڪيو ته ”1939ع واري جنگ سيني جي نظام جي پهرين مهاڀاري لڙائي هئي. جڏهن ته 1914ع واري مهاڀاري جنگ سرمائيدار دنيا جي آخري جنگ هئي.“ ٻين لفظن ۾ جيتوڻيڪ 1918ع ۾ سرمائيداري جي زوال بابت سنڊس اندازو غلط ثابت ٿيو، پر هو نازي جرمنيءَ جي انتظامي قوتن، مثال طور ريل گاڏيون وقت تي هلائڻ لاءِ بي رحمانه قتل وغيره جي ساراهه ڪندڙ هو.

آمريڪي سرمائيداريءَ جي نعمتن مان ڀرپور واقفيت کان پوءِ جيمز برنهم آمريڪين کي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته ڪميونزم کي تيز رفتار شڪست ڏيڻ لاءِ انهيءَ نظام جي اندروني تضادن مان ڪيئن فائدو وٺڻ گهرجي. نيشنل رويو جي هڪ ايڊيٽر جان اوسلوين موجب ٺيٺ رونالڊ ريگن جيمز برنهم جي تجويزن تي نيان نرڻ جو فيصلو ڪيو. لڳي ٿو ته برنهم گهڻو اڳ ڏسي ورتو هو ته ڪميونزم جي زوال کان پوءِ دنيا ۾ فقط ٻن قسمن جي نظامن جو امڪان باقي رهجي ويندو يا ته 1984ع مايل، جنهن جو جارج آرويل پنهنجي جڳ مشهور ناول ۾ ذڪر ڪيو آهي يا وري اهڙي دنيا جنهن تي آمريڪا جي وڏيرائپ هجي.

”نيشنل رويو“ پنهنجن صفحن ۾ ميري گولڊ واٽر رچرڊنڪسن، رونالڊ ريگن، جارج بش، وليم ايف ڪلي جونيئر، مارگريٽ ٿيچر، پيٽ بڪانن، جارج ولزان ۽ پيٽرڪ ان قسم جي ٻين رجعت پرستن جا قصيدا شايع ڪندو آهي. انهيءَ رسالي جي 5 نومبر 1990ع واري پرچي ۾ جان اوسلوين هڪ ڏکيو مضمون لکيو آهي ته سرد جنگ ۽ روس جي تضاد جي خاتمي کان پوءِ آمريڪين کي گهرجي ته هو اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ نه ڏين، جيڪا جارج آرويل جي 1984ع واري نائيپ تي ٻڌل هجي. ڇو؟

ان ڪري جو 1984ع نائيپ جي عالمي نظام ۾ آمريڪا کي اقتصادي ميدان ۾ ٻن وڏن پهلوانن يعني جاپان ۽ جرمنيءَ سان سخت اقتصادي مقابلو ڪرڻو پوندو. اهڙي عالمي نظام ۾ دنيا اقتصادي طور تي ٽن حصن ۾ ورهائجي ويندي.

هڪ پاسي جاپان ايشيا جي گڏيل خوشحاليءَ جو سپنو ساڻدي بيٺو هوندو، ٻي پاسي وسيع تر يورپي برادريءَ جي اڳواڻي جرمني ڪندو، ٽئين پاسي آمريڪا کي لاطيني آمريڪا سان واپاري پائيواري ڪرڻي پوندي. جان اوسلوين جو چوڻ آهي ۽ سنڊس زور ڀرڻ مان نسل پرستيءَ جي بوءِ ٿي اچي ته ٽن ٽڪرن ۾ ورهايل دنيا ۾ آمريڪا شايد جرمني ۽ جاپان کي شڪست ڏئي سگهي! خاص طور تي جيڪڏهن جرمنيءَ واقعي سوويت يونين سان گهرو اقتصادي ۽ صنعتي سهڪار ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ جاپان ايشيا جي اڀرندڙ صنعتي قومن يعني ڏکڻ ڪوريا، تائيوان، هانگ ڪانگ، سنگاپور، ۽ ٻين ملڪن مثال طور

ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ چين سان ويجها معاشي تعلقات جوڙي ورتا تہ پڻ اُبو پوائنٽ خواب حقيقت جو روپ ماڻي وٺندو. اوسلوين جو خيال آهي تہ ان مقابلي جي نتيجي ۾ اهڙي ڇڪتاڻ جنم وٺندي جو ٽنهي وڏين طاقتن کي ائٽمي هٿيار حاصل ڪرڻا پوندا.

وقت سان گڏوگڏ نيوڪليائي هٿيارن جي ڊوڙ انهن عالمي طاقتن جي معيشت تي بہ بار بڻبي. اها هڪ خطرناڪ صورتحال هوندي. ان کان بچڻ لاءِ هو اها تجويز ڏنو پيش ڪري تہ جيمز برنهم جي تجويز ڪيل متبادل يعني آمريڪي عالمي سلطنت جي خيال کي عملي روپ ڏنو وڃي.

۽ ان سلطنت جا پاريتا ڪهڙا هوندا؟ آمريڪا اُها واحد طاقت هوندي، جنهن کي آزاداڻي طور تي فوجي اختيار جي اجازت هوندي ۽ هو اتحادين جي سهڪار سان هر ان قوت کي سبق سيکاريندو جيڪا امن جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻبي. گڏيل قومن جو ادارو آمريڪي اختيار کي پنهنجي آشيرواد ڏيندو ۽ ان جي صلي ۾ گڏيل قومن کي ننڍين معاملن ۾ عمل دخل جي اجازت هوندي.

اوسلوين جو خيال آهي تہ عالمي سطح تي اهڙا رجحان موجود آهن، جيڪي آمريڪي شرطن تي سنڌس رٿا جي حوصلي افزائي ڪندي نظر ٿا اچن. انهن رجحانن ۾ روسين جو زوال، پنهنجي سرحدن کان ٻاهر ڪنهن فوجي مهم جوئي ۾ شرڪت کان جاپان ۽ جرمنيءَ جو پاسو بچائڻ، آمريڪي فوجي سگهہ جي مڃيل بالادستي، روسي ويٽو جي خطري کان نجات کان پوءِ گڏيل قومن جو وڌندڙ اثر رسوخ ۽ نيوڪليائي اسلحي خلاف وڌندڙ شعور شامل آهن. تنهن هوندي بہ اصلي پريشاني هيءَ آهي تہ ٽين دنيا جي اڻٽٽ عدم استحڪام کان آمريڪا جي معاشي مفادن کي خطرا لڳل آهن.

اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي تہ نار ۾ جيتي هڪ گهوٽالو جلدي جنگ ۾ بدلجي ويو. اصل ۾ اهو ئي ڪجهہ ٿيڻو هو. آمريڪا ۽ اولهہ کان معاشي امداد جي آسري تي روس گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ نمبر 678 تي راضپو ڏيکاريو، جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ان جي سائين کي عراق خلاف جنگ وڙهڻ جو جواز ملي ويو.

آمريڪا کي نيوڪليائي هٿيارن مان ڪو خطرو ناهي، بس رڳو اهي هٿيار سنڌس سائين جي قبضي ۾ هجن. مثال طور اسرائيل وٽ ائٽمي هٿيار موجود آهن پر آمريڪا ان خلاف ڪڏهن بہ آواز نہ اٿاريو آهي. آمريڪا ائٽمي هٿيارن بابت پنهنجي ناخوشي ۽ مذمت ٽين دنيا ۽ اسلامي دنيا جي ملڪن مثال طور برازيل، پاڪستان ۽ عراق وغيره لاءِ بچائي رکي آهي. ٽين دنيا جو ڪو ملڪ جيڪڏهن آمريڪي ڪهڻ مان اجهو ٿيڻ چاهي تہ عدم استحڪام پيدا ٿيو وڃي ۽ آمريڪي مفادن کي خاص طور تي تيل وغيره جي حوالي سان خطرا پيدا ٿيو

ٻين. منافقت جو ان کان چڱو مثال پيش ڪرڻ ڏکيو آهي.

تهنڪري عراق جهڙو ملڪ جنهن من ماني ڪرڻ تي چاهي ۽ انتها پسنديءَ واري رستي تي هلي رهيو هو. ان کي برداشت ڪرڻ ناممڪن هو. ان جو تباهه ٿين ئي مناسب هو. اوسلوين جي لفظن ۾ "صدام حسين خلاف سڄي دنيا جو فوجي اتحاد آمريڪي سلطنت بابت برنهم جي نقطي نظر جي لفظ به لفظ تعبير هئي. سڄي دنيا جي جمهوري طاقتن جو اتحاد فطري به آهي ۽ ضروري به." ٻين لفظن ۾ جمهوري قوتن جي محاذ واري ڪل ۾ آمريڪي جنگجوئي ۽ سياسي هڙپ باز مرون لکيو وينو آهي، جيڪو جڏهن چاهي قومن جي ڳچين تي پنهنجا چنبا ڦاسائي ۽ جڏهن وڻيس ته معصوم ماڻهن جون نڙيون نپوڙي. پر جيئن ته آمريڪا جاپان، ايشيا، جرمني ۽ يورپ جي گڏيل قوتن جو معاشي مقابلو نه ڪري سگهندو تنهن ڪري اوسلوين تجويز ٿو پيش ڪري ته آمريڪا کي يورپ سان گڏجي 'اوقيانوس گڏيل منڊي' ناهڻ گهرجي. جنهن جو بنياد آزاد واپار ۽ آزاد منڊيءَ جي اصولن تي هجي. سندس خيال آهي ته انساني تاريخ ۾ اڄ تائين ڪنهن هڪ اداري ۾ اُن حد تائين صنعتي سگهه، معاشي دولت ۽ انساني صلاحيت جو اجتماع نه ٿيو هوندو، هيءَ ادارو سڄي دنيا جي ڪُل پيداوار جي اٺونجاهه سيڪڙي، عالمي برآمدات جي چاليهه سيڪڙي، دنيا ۾ تيار ٿيل شين جي ٽيهه سيڪڙي ۽ برقي توانائيءَ جي عالمي ذخيرن جي ٻاونجاهه سيڪڙي جو مالڪ هوندو. اوقيانوس سمونڊ واري گڏيل منڊي جي قائم ڪرڻ جو سڀ کان وڏو مقصد جاپان ۽ ٻين اُڀرندڙ ايشيائي صنعتي ملڪن جو مقابلو ڪرڻ هوندو. اوقيانوس واري گڏيل منڊي پڪ سان گڏيل جرمنيءَ پاران پيش معاشي خطرن جو به مقابلو ڪندي. اوسلوين جي لفظن ۾ "عالمي امن ۾ انهيءَ گڏيل منڊيءَ جو سڀ کان اهم سهڪار اِهو هوندو ته آمريڪا کي ان جي وسيلي پرڏيهي دنيا ۾ اقتصادي، معاشي ۽ دفاعي اڏا ملي ويندا. سڌن سادن لفظن ۾ جيڪڏهن آمريڪا کي پرڏيهي دنيا ۾ اقتصادي، مالي ۽ دفاعي اڏا نه ڏنا ويا ته هو هر ڪنهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندو. ڪيڏي نه فضيلت سان اِهو سنيهو رسايو پيو وڃي! 'آمريڪي سامراج جي پڇ تي پير نه رکو. اسان جي مفادن جي جهنم ۾ ٻارڻ ٻجهندا رهو ۽ پڪ ڄاڻو جهنم جو پيٽ ڪڏهن به ڀرجڻ وارو نه آهي ۽ ها جيڪڏهن چاهيو ته اسان جي ڊائننگ ٽيبل هيٺان ڪو ماني ٻوڙ ڪٽي وڃو."

جيڪڏهن آمريڪي مفادن کي خطرو لڳي پيو ته؟ جيڪڏهن دنيا ۾ ڪٿي به امن ۽ سلامتي خطري ۾ پئجي وڃن ته؟ خير، اوسلوين جو چوڻ آهي ته اهڙي صورت ۾ سڄي دنيا کي هڪ آواز ٿيڻ گهرجي، تنهن هوندي به هُن چتاءُ ڏنو آهي ته طاقت جو جواب طاقت سان ئي ڏئي سگهجي ٿو. "جتي مداخلت جي صورتحال پيش اچي اُتي تيز رفتار ۽ موثر قدم کڻڻ گهرجن، چاڪاڻ جو وقت سر کيل

هڪ ٻئي ٻون ملڪن کان ٺهڻ ڏياريو وڃي.”

اوسلوين جي خيال ۾، نار ۾ مداخلت وسيل آمريڪي سلطنت جي نمائي مثال جو حڪم ڏيندي، ڇاڪاڻ جو ان نظام جو دارومدار آمريڪا جي فوجي برتري، ماضيءَ جي عالمي طاقتن مثال طور برطانيا ۽ فرانس جي دفاعي امداد تي هوندو ۽ ٻين ملڪن مثال طور جرمني، جاپان وغيره جي مالي امداد تي هوندو. مضمون جي ليکڪ جيمز برنهم جي 1947ع ۾ ڪيل اڳڪٿي ورجائي آهي ته ”دفاعي معاملن جي محدود سطح تي توازن بدران آمريڪا جي بالادستي قائم ٿيندي.“

اوسلوين وضاحت ڪندي لکيو آهي ته ”اوقيانوس واري گڏيل منڊي جي رڪنيت ۽ آمريڪي سلطنت جي قيام کان پوءِ آمريڪي انهيءَ تجويز ڪيل نظام جي سمورين ڪمزورين کان هٽي ڪري عالمي طاقت ۾ اڀرو هوندو.“

اوسلوين انهن ماڻهن جي سوچ کي خطرناڪ ۽ بکواس ڪوٺيو آهي، جيڪي اهو سمجهن ٿا ته سپرپاور جي حيثيت سان روس جي زوال کان پوءِ گڏيل قومن کي وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري ئي ڦار ايسٽرن اڪنامڪ رويو جي 24 جنوري 1991ع واري پرچي ۾ روس جي انسٽيٽيوٽ آف ورلڊ اڪنامڪس اينڊ انٽرنيشنل رليشنز (اڪيڊمي آف سائنسز) جي پئسفڪ ريجن ريسرچ ڊپارٽمينٽ جي چيرمن ولاڊيمير ايوانوف آمريڪا، جاپان ۽ روس تي ٻڌل ’سهڪار جي نئين ٽڪنڊي‘ جو جيڪو ذڪر ڪيو هو، ان کي اهميت ملي نه سگهي ڇاڪاڻ جو اوسلوين ڪنهن ٽئين بيٺو آهي ته گڏيل تحفظ جو ڪم فقط هڪ بالادست ۽ خودمختيار طاقت ئي بهتر طورتي ڪري سگهي ٿي، پوءِ پل آمريڪا ۽ ان جي سائين وانگر ان جو دارومدار ڪرڻ تي ئي ڇو نه هجي.

ڇا ان جو مطلب اهو آهي ته گڏيل قومن کي ڪو ڪردار ملندو ئي نه؟ اهو مفروضو مڪمل طور تي درست نٿو ٿي سگهي پر گڏيل قومن جي اداري کي هڪ چاپلوس ۽ مالڪ جي اشارن تي نچڻ واري ملازم جو ڪردار ضرور ملندو. اوسلوين جي خيال ۾ ”گڏيل قومن جو ڪردار رڳو اهو هوندو ته آمريڪي رويّن تي نهايت بي ضرر اثر رسوخ جي عيوض هو سڄي دنيا ۾ ڪڇندڙ آمريڪي قدمن کي اشيرواد ڏيندو رهي“ عملي طور تي ٻه نار واري ڪوٺالي ۽ جنگ جي ڏينهن ۾ گڏيل قومن ۽ ان جي سيڪريٽري عين اهو ڪردار ئي ادا ڪيو هو.

اوسلوين مٿي ذڪر ڪيل مضمون جي پڇاڙي انهن سٽن تي ڪئي آهي ته ”انهيءَ نئين عالمي نظام ۾ آمريڪا کي اُهائي حيثيت حاصل هوندي، جيڪا جاگيرداري سماج ۾ سلطان کي حاصل هوندي آهي. ڪُل اقتدار جو بنان ڪنهن حصي پتيءَ جي مالڪ، پر پنهنجي لاءِ فوج ۽ سگهارن وڏيرن جو محتاج

(تنهنڪري هو انهن ٻنهي قوتن جي راءِ کي مناسب احترام سان نوازيندو آهي) ڪنهن پاڻ ڀري پارليامينٽ سان نيم دليءَ وارو رويو، جاڪاڻ جو ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ ڊوينگ جي اخلاقي مدد گهربل هوندي آهي ۽ انهن قوتن سان مشورو ڪرڻ جي زحمت به نٿي ڪئي وئي.“

مٿي لهجي جي سختي پنهنجي آخري حدن کي ڇهي رهي آهي. آمريڪي رجعت پرستن جو آواز آهي، جيڪي جارج بش جهڙن ماڻهن جا سخت حامي آهن. نار واري مسئلي ۾ لفظ به لفظ اوسلوين جي راءِ تي عمل ڪيو ويو. عراق پاران ڪيل امن جي سمورين آڇن کي ٺڪرائي، ٺاهه جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ، جنگي حڪمت ۾ وحشياڻي، جارحاڻي ۽ تيز رفتار جنگي حڪمت عملي، عراق کي نابود ڪرڻ لاءِ بمباري، ٻارن، عورتن، پوڙهن ۽ اپاهجن سميت هزارين پرامن شهرين جو قتلام، رهائشي علائقن، ٻارن جو کير تيار ڪندڙ فيڪٽرين، صنعتي مرڪزن، رستن، ملين، اسڪولن، اسپتالن، لارين، ڪارن، وغيره جي بربادي، تيز رفتار ۽ اثرائتي حڪمت عملي ان کي ٿي ته چٽيو آهي. عراق تي تاريخ جي سڀ کان ڀوائتي هوائي بمباري ڪئي وئي. اڳوڻي آمريڪي اٽارني جنرل ريمزي ڪلارڪ به ان کي ’غير مهذب، وحشياڻي ۽ نسل ڪش‘ سڏيو. ويٽيڪن ۽ ورلڊ ڪائونسل آف چرچز به ان کي ننديو.

ڇا دنيا کي اهڙي نئين عالمي نظام ۽ اهڙي آمريڪي سلطنت جي حمايت ڪرڻ گهرجي جيڪا اڳاٽي زماني جي ڪنهن جاگيردارڻي نظام کان به بدتر هجي. ميسا چوسٽ انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجيءَ جي پروفيسر نوم چومسڪيءَ جي بقول ”نئون عالمي نظام آمريڪي سامراج جو نئون روپ آهي.“ لاس اينجلس ٽائيم جي وليم پف جو چوڻ آهي ته ”نئين عالمي نظام ۾ امن جي حالت ان زماني کان به وڌيڪ خراب هوندي، جڏهن سرد جنگ جي برف ۾ انجا شعلا جهڪا ڪيا ويا هئا. نار واري جنگ نئين عالمي نظام جا پاڇيتا واضح ڪرڻ بران ابتريءَ کي جنم ڏيندي.“

عملي طور تي اهو سڀ ڪجهه ٿي به رهيو آهي. ڪردن کي آمريڪين گهربل ڪيترن ڏهاڪن ۾ هرهر دوکو پئي ڏنو آهي. هاڻ بيوقوفاڻي انداز ۾ ڪين استعمال ڪرڻ سان عراق، ايران ۽ ترڪيءَ وچ ۾ نوان تضاد پيدا ٿيندا.

سينٽر فار انٽرنيشنل اسٽڊيز (پرنسٽن يونيورسٽيءَ) جي پروفيسر رچرڊ فاڪ جو چوڻ آهي ته آمريڪي پرڏيهي پاليسي انصاف بنان ’مضبوطيءَ‘ تي ٻڌل آهي يعني ٻين تي رعب ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ لاءِ آمريڪين کي ڪليل آزادي. اهو آهي ’مضبوطيءَ‘ جو آمريڪي تصور- ان قسم جي خود غرض مقصدن مان جنم وٺندڙ دنيا اڳي کان وڌيڪ ڳنڀير هوندي. اها ان بگهڙ جي ڪهاڻي آهي جيڪو رڍ کي بچائڻ لاءِ هاءِ گهوڙا نه ڪري.

اڳوڻي آمريڪي پرڏيهي وزير هنري ڪسينجر لاس اينجلس ٽائيمز انٽرنيشنل ۾ جنگ کان پوءِ جي نار واري صورتحال تي تبصرو ڪندي علائقائي ۽ عالمي سطح تي طاقت جي نئين توازن جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. ڪسينجر جو مسئلو اهو آهي ته هن تاريخ ۾ انساني ناڪامين ۽ سانحن مان سبق نه پرائڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. طاقت جي نام نهاد 'توازن' سان پيدا ٿيندڙ مضبوطي ۽ پهرين ۽ ٻين مهاڀاري جنگين جا ٻج ڇٽيا. هٿيارن ۾ آمريڪين جي غير معمولي برتريءَ ڪري هاڻوڪي 'توازن' ڪي توازن سڏڻ ٿي زيادتي آهي. اهو اصل ۾ آمريڪي اقتدار کي حياتي بخشڻ جو هيو ٽالو آهي. ونسٽن چرچل جي محدود تخيل جي روشني ۾ آمريڪي دهشت گرديءَ کي هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو "عين ممڪن آهي ته دهشت ۽ تشدد جي ڪک مان سلامتي ۽ استحڪام جو تندرست ٻار جنم وٺي."

نئين عالمي نظام جي اڀ چهندڙ دعوي آمريڪي 'دهشت گرديءَ' جي تسلسل جو داستان آهي. آمريڪا جهڙو ملڪ جنهن جون گذريل صديون ملڪ اندر رتوڇاڻ ۽ پرڏيهه ۾ جارحيت جي داستانن سان ڀريل آهي، سلامتي ۽ انصاف تي ٻڌل نئين عالمي نظام جي ضمانت ڪيئن ٿو ڏئي سگهي.

آمريڪا جي مختصر تاريخ ۾ آمريڪي صدرن هڪ سئو ٽيهه ڀيرا جنگين ۾ شرڪت لاءِ پنهنجون فوجون پرڏيهه روانيون ڪيون آهن.

ٽائيم جي 15 آڪٽوبر 1990ع واري پرچي ۾ باربرا اهرن لکيو آهي ته "آمريڪي ثقافت جنگ جي ثقافت آهي." آمريڪي تاريخ ۾ ريڊ انڊينز جو قتلام، هند چيني، لبنان، ڊومينيڪن ريپبلڪ، گرينڊا، وچ آمريڪا ۽ فارس نار ۾ جنگي مداخلت جهڙا ڏوهه موجود آهن.

پروفيسر اسٽيفن اي ايمبروز جي بقول "آمريڪا ڪيوبا تي حملي جي حمايت ڪئي ۽ سڄي دنيا اندر پنهنجي حمايتي ملڪن ۾ هٿيارن جا ڍير ورهايا. ڪوريا ۽ ويٽنام ۾ جنگي مهمن تي وڏيون رقمون خرچ ڪيون. پاناما ۽ عراق ۾ هٿياربند مداخلت ڪئي، لبيا تي حملو ڪيو. نڪاراگوا جي باغين جي لڪ ڇپ ۾ مدد ڪئي، ايران ۾ ڳجهين سرگرمين جي سرپرستي ڪئي. چليءَ ۾ مجرمانه ڪردار ادا ڪيو.

آمريڪي صدر ولسن جي چوڏهن ملڪن ۾ جن جي بنياد تي 11 نومبر 1918ع تي پهرين مهاڀاري لڙائي جي خاتمي تي جرمنيءَ سان جنگبندي ٿي هئي، ڏٺا اڀرندي اعلان، مثال طور هٿيارن جو خاتمو، ڳجهي سفارتي جوڙ توڙ بدران امن پيدا ٿاهه، اڳوڻي عثمانيا سلطنت جي عوام لاءِ حق خوداراديت شامل هئا. عملي طور تي اهي نڪتا ردي جا دولاب نڪتا. خود ولسن به 1919ع ۾ پئرس امن ڪانفرنس ۾ پنهنجي فرانسيسي، اطالوي ۽ برطانوي ساٿين سان ٿيل

ڳالهين ٻولهين کي ظاهر ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

6 جنوري 1941ع تي ڪانگريس ۾ تقرير ڪندي آمريڪي صدر فرينڪلن ڊي روز ويلٽ 'چئن آزادين' جو اعلان ڪيو- اِهو به نئين عالمي نظام جو هڪ انداز هو. ان ۾ چوٿين آزاديءَ کي ڊپ کان آزاديءَ جو نالو ڏنو ويو هو جيڪا عالمي سطح تي هٿيارن ۾ گهٽتائي سان حاصل ٿي هئي. اڄ اسان کي خبر آهي ته سڀني جو حشر ڇا ٿيو آهي. خود آمريڪا عالمي تاريخ جو سڀ کان وڏيڪ هٿياربند ملڪ بڻجي ويو آهي.

پروفيسر ايمبروز موجب 1988ع تائين يعني جڏهن صدر بش اقتدار ۾ آيو آمريڪا جي جنگي بجيٽ ٽي سو ارب ڊالرن کان وڌيڪ ٿي چڪي هئي. آمريڪا دنيا جي پنجاهه ملڪن سان دفاعي ناهن ۾ شريڪ هو. سؤ کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڏهن لکن کان وڌيڪ آمريڪي فوجي مقرر ٿيل هئا ۽ آمريڪا جي جنگي قوت دنيا کي ڪيترائي ڀيرا تباهه ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي.

'نئين عالمي نظام' جي خواهش ڪنهن کي آهي؟ جارج بش پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي "صدر هنري ٽرومين جو هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽم بم اڇلائڻ وارو فيصلو جرئت ڀريو ٿي نه پر ذاهپ وارو به هو." انهيءَ 'جرئت ڀرئي ۽ ذاهپ ڀرئي' فيصلي جي نتيجي ۾ لکين بيگناهه جاپاني شهري مارجي ويا هئا.

ڪانگريس جو ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ جارج بش 1963ع واري جزوي طور تي نيوڪليائي آزمائش تي پابندي واري ناهه جي مخالفت ڪئي هئي. 1983ع ۾ نائب صدر جي حيثيت سان بُش انهي ڪميٽيءَ جو سربراهه هو، جنهن ننڍڙي ملڪ گرينڊا تي حملي جي رٿابندي ڪئي هئي. 1988ع ۾ صدارتي چونڊن جي مهم دوران بش فارس نار ۾ آمريڪي ساموندي فوج هٿان غلطي سان هڪ ايراني جهاز کي نشانو بڻائي ڪيرائڻ متعلق اخباري نمائندن جي سوال جو جواب ڏيڻ کان اِهو چئي انڪار ڪيو ته "آئون آمريڪا جي ڪنهن به اپاءَ تي معذرت نٿو ڪري سگهان. مون کي ان ڳالهه جي پرواهه ناهي ته حقيقتون ڇا آهن." انهيءَ حادثي ۾ ٻه سؤ کان وڌيڪ ايراني مارجي ويا هئا.

20 ڊسمبر 1989ع تي پاناما جي آمر مينوئل نوريگا کي گرفتار ڪرڻ لاءِ صدر بش 82 هوائي ڊويزن جا چوويهه هزار فوجي پاناما روانا ڪيا. سي آءِ اي جي اڳوڻي سربراهه جي حيثيت ۾ بش جا نوريگا سان ويجها ڳانڍاپا هئا. ان مهم ۾ ٻن کان چئن هزارن تائين شهري مارجي ويا ۽ پاناما جي هڪ وستي دونهون جذيندڙ ڦلهيار ۽ سڙيل انساني ماس جو ڍير بڻجي وئي. گيري اوسلوين آمريڪي رسالي 'هيومنسٽ' ۾ لکيو ته معصوم ٻارن تي آمريڪي هوائي جهازن مان گوليون وسايون ويون.

جيئن ته پهرين چيل آهي ته نار واري جنگ ۾ آمريڪي بمباري جي نتيجي ۾

مرندڙ شهرين جو ڳاڻيٽو لکن تائين رسي ٿو. ڇا اسين سچي دنيا جا رهواسي جارج بش جي 'نئين عالمي نظام' تي اعتماد ڪري سگهون ٿا؟ گهمائي ڦيرائي ڳالهه ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟ حقيقت هيءَ آهي ته بش جي اڳواٽي ۾ 'نئين عالمي نظام' جو مطلب دنيا کي هڪ ڪوس گهر ۾ بدلائڻ ٿيندو. شيڪسپيئر جي ڊرامي 'طوفان' ۾ مرينڊا ان سورهه دنيا جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ اهڙا شاندار ماڻهو رهن ٿا ۽ پوءِ پهرين ئي قدم تي ان جو واسطو بدمعاشن سان پيو. آلڊوس هڪسلي جي ناول 'نئين بهادر دنيا' ۾ به مستقبل جي رياست جي شاندار آدام غير انساني ۽ ڀوائتي حقيقت ۾ بدلجي وڃي هئي. بش جو نئون عالمي نظام به هڪ واهيات مذاق کان وڌيڪ حقيقت نٿو رکي.

باقي دنيا خاص طور تي ٽين دنيا کي 'امن ۽ انصاف تي ٻڌل' نظام تي نظر نٿي گهرجي. ڪنهن به قيمت تي امن قبولڻ جو مطلب اِهو ٿيندو ته ذلت، غربت ۽ قبرستان کان امن حاصل ڪيو وڃي. اسان کي همت ۽ ايڪتا کان ڪم وٺي ان قسم جي آمريڪي امن ۽ آمريڪا جي تيار ڪيل نئين عالمي نظام کي رد ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو اِهو ڪو عالمي نظام نه پر رڳو مفاد پرست، خودغرض ۽ خودپسند آمريڪي سامراج هوندو.

جڏهن ضرورت پوي ته عراقي عوام جيان ٽين دنيا جي عوام کي به انهيءَ سامراج سان مزاحمت ڪندي وڙهڻ گهرجي. بهرحال جيڪڏهن اهڙو وقت اچي ته اسان کي عراقي عوام جي غلطي کان بچندي اهڙي جنگ آمريڪي ڌرتي تي شروع ڪرڻ گهرجي.

# نئون عالمي نظام

## تصوير جو ٻيو پاسو

امير حمزه ورڪ

19 جولاءِ 1991ع تي روزاني 'اخبار پاڪستان' ۾ جناب سي آر اسلم 'نئين عالمي نظام' کي منصفاڻو ۽ قومن جي نجات جو فارمولو بنائي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڏهن ته حقيقت ان جي اُبتڙ آهي، ان لاءِ ڪجھ حقيقتون ۽ وضاحتون گهربل آهن. ان مضمون جي منڍ ۾ ليکڪ نئين عالمي نظام جا مثبت پاسا هيٺين پيش ڪيا آهن ته "آمريڪا ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ سرد جنگ جو خاتمو، مهاڀاري لڙائيءَ جي خطرن جو خاتمو، پائيدار عالمي امن جو قيام، ملڪن وچ ۾ اڻ- اڳرائي، امن، برابري، سهڪار ۽ ڀائيچاري جي بنيادن تي ناتن جي جوڙجڪ، ملڪن اندر جمهوريتن جي بحالي ۽ مضبوطي، عوام جي حاڪميت ۽ ان جي حق خوداراديت جي اصول تي عمل."

پهرين ڳالهه هيءَ ته 'نئين عالمي نظام' جي عنوان سان ڪو دستاويز اڃان تائين سامهون نه آيو آهي جنهن جا مثبت پاسا عوام آڏو رکيا وڃن- اهي مثبت پاسا سي آر اسلم جي قياس کان سواءِ ڪجھ به ناهن ۽ ان کي آمريڪا جي 'سفارتڪاريءَ' جي ڪوشش ئي چئي ٿو سگهجي. سي آر اسلم جي هدايل ڪجھ مثبت پاسن کي حقيقت جي عينڪ سان ڏسجي ته صورتحال پڌري ٿئي ٿي.

آمريڪا سوويت يونين جي وچ ۾ سرد جنگ جي پڄاڻيءَ کي رڳو خوشفهمي ئي ڪوٺي سگهجي ٿو. ٻنهي ملڪن ۾ جيڪا عارضي 'جنگبندي' ٿي آهي، ان جا تمام گهڻا گهرا معاشي سبب آهن. ٻنهي ملڪن جي فوجي خرچن سندن چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. فوجي خرچ مڪمل طور تي غيرترقياتي خرچ ٿيندا آهن. انهن تي سالن کان خرچ ٿيندڙ کربين ڊالر ٻنهي ملڪن جي معيشت کي تباهه ڪري چڪا آهن. مٿن ٽي کرب ڊالرن کان وڌيڪ جو پرڏيهي قرض چڙهيل آهي. هر سال رڳو جاپانين سان واپار ۾ آمريڪين کي اربين ڊالرن جو گهاٽو ٿي رهيو آهي. 1990ع ۾ اهو گهاٽو ڏيڍ سؤ ارب ڊالر ڪٽايو ويو هو. سڄي دنيا ۾ هن وقت آمريڪا جا لڳ ڀڳ ٽي هزار ٽي سؤ فوجي اڏا آهن. آمريڪي صنعت جو 46 سيڪڙو رڳو جنگي معيشت تي ٻڌل آهي ۽ مجموعي صنعتڪارن جو 86

سيڪڙو جنگي صنعتن سان لاڳاپيل آهي. جنگي صنعت جي ٻين صنعتن تي بالادستي ڪري آمريڪا جي عام معيشت کوکلي جو شڪار ٿي وئي آهي. رکو هٿيار ٺاهڻ جي صنعت ۾ سڄي ملڪ جا اڌ کان وڌيڪ سائنسدان، محقق ۽ ماهر رڌل آهن ۽ ٻين صنعتي شعبن ۾ انهن جي شديد کوٽ پيدا ٿيندي پئي وڃي. اها کوٽ هڪ اندازي موجب 1983ع ۾ 60 سيڪڙو هئي جيڪا 1988ع ۾ وڌي 67 سيڪڙو ٿي وئي آهي.

پنهنجي جوڙ جيان روس ۾ به فوجي صنعت آمريڪا سان مقابلي بازيءَ ۾ ڪافي وڌي ويجهي آهي ۽ ٻين صنعتي شعبن تي غالب اچي وئي آهي. جنگي صنعت سڄي روسي سماج کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ۽ انجا سمورا دڳ بند ڪري ڇڏيا آهن. هئي پاسي ٻنهي سپرطاقتن هٿيارن جي وڪري تي جيڪا هڪ هٽي قائم ڪئي هئي، اها فرانس، برطانيا، چين، اسرائيل، برازيل، ڀارت ۽ ڏکڻ افريڪا جهڙن ملڪن مقابلي ۾ اچي ختم ڪري ڇڏي آهي. جاپان ۽ جرمنيءَ ۾ مارشل پلان ذريعي آمريڪا جيڪو ڪوهه اشتراڪي روس لاءِ کوٽيو هو ان ۾ هاڻ آمريڪا پاڻ پيو ڪري. جاپان ۽ جرمنيءَ پنهنجي 'بچاءُ' جي ذميواريءَ کان بي نياز ٿي ايتري ترقي ڪري ورتي آهي جو هاڻ اُهي آمريڪا لاءِ نئي 'مصيبت' بڻجي ويا آهن. خاص طور تي جاپان ۽ چار ايشيائي شينهن ڏکڻ ڪوريا، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ فاموسا ۾ سندن سرمائي جي سيڙپ ٿيل آهي. اُهي مڪمل تياريءَ سان ان حد تائين مضبوط پوزيشن ۾ اچي ويا آهن، جو هُنن ڪيترين ئي صنعتن خاص طور تي ڪارون ۽ بجليءَ جو سامان وغيره ٺاهڻ ۾ پنهنجن رقيبن کي گهٽو پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. دنيا جي سڀ کان وڏي موٽرون جوڙيندڙ آمريڪي ڪمپني 'جنرل موٽرز' جو ڪباڙو ڪيو ويو آهي. جاپان سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب جي ڪجهه معاملن ۾ سڄي دنيا کان اڳتي نڪري ويو آهي. ڪجهه معاشي مبصرن جو چوڻ آهي ته جاپان آمريڪي جي ڏيهي منڊيءَ تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ جيڪڏهن هو آمريڪي ڊالر خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري ته آمريڪي معيشت جو هلڻ ڏکيو ٿي پوي. اِهي حالتون هيون جن ڪري آمريڪا ۽ روس ڪڏيل صلح تي مجبور ٿيا ته جيئن حد کان وڌيڪ فوجي خرچن مان نجات حاصل ڪري سگهن. پر اهو عارضي صلح آهي، مستقل ناهي، ڇاڪاڻ جو هن وقت روس به واٽي تي بيٺل آهي جيڪڏهن روس ڪڏهن واپس سائنٽيفڪ سوشلزم ڏانهن واپس موٽيو ته روس سوشلسٽ معيشت جي حوالي سان آمريڪا جي سرمائيدار معيشت جي مقابلي ۾ سهي سنيري ايندو ۽ ان صورت ۾ سرد جنگ جي شروعات يقيني آهي. جيڪڏهن روس ۾ سرمائيداري نظام بحال به ٿيو ته روس پنهنجي عظيم پڪيڻ، تمام گهڻن وسيلن ۽ تمام وڏي رياستي ڍانچي ڪري جاپان جيان آمريڪا جي سرمائيدار معيشت جي مقابلي ۾ اڀري ايندو ۽ پوءِ پڪ سان منڊين جي ورهاست تي ٻنهي ملڪن جا تضاد اُڀري سامهون ايندا. انهيءَ ڪري اهو چوڻ حتمي طور تي درست ناهي ته هاڻ روس ۽ آمريڪا ۾ سرد جنگ ختم ٿي وئي آهي يا دوستيءَ جي دور جي شروعات ٿي

ٿيڪي آهي.

سي آر اسلم عالمي جنگ جي خطرن جي خاتمي ۽ پائيدار عالمي امن جي قيام کي به 'نئين عالمي نظام' سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ظاهري طور تي هڪ سوشلسٽ ملڪ ۽ سرمائيدار ملڪ وچ ۾ ٿيل عارضي صلح نامي کي سرد جنگ جي خاتمي يا عالمي امن جي ضمانت نٿو سڏي سگهجي. ڇاڪاڻ جو ٻئي مهاڀاري لڙائيون سرمائيدار ملڪن ۾ لڳيون هيون جيڪي واضع طور تي منڊين جي ورهاست جي تضادن ۽ جهيڙن جي بنياد تي شروع ٿيون هيون. روس جي شڪست کان پوءِ آمريڪا عملي طور تي سڄي دنيا ۾ هڪ 'غيرمرئي مارشل لا' لاڳو ڪري رکيو آهي. پاناما جي صدر جنرل نوريگا سان ڇا وهيو واپريو؟ ۽ تازو نار واري جنگ ۾ عراقي عوام تي ڪهڙا ڪهڙا ڏاڍ ڪيا ويا؟ ايئن ڇا ڪجهه ٿيڻ وارو آهي؟ ڇا ان کي سي آر اسلم پائيدار عالمي امن سڏي ٿو؟

اصل ۾ 'نئين عالمي نظام' سڄي دنيا کي عالمي سرمائيداريءَ جي تابع ڪرڻ جو نالو آهي. سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب کان پوءِ سرمائيدار ملڪن ۾ وڏي پيماني تي پيداوار جا انبار لڳي رهيا آهن. انهيءَ وڌندڙ پيداوار جي کپت لاءِ ضروري آهي ته تمام وڏيون وڏيون منڊيون کولهيون وڃن. آمريڪا ڪينيڊا جي شامل اقتصادي زون وانگر آفريڪا ويهن ملڪن جو هڪ اقتصادي زون ٺاهيو پئي وڃي. ٿورو اوير جا ملڪ 'آسيان' جي نالي سان هڪ منڊي ٺاهي رهيا آهن ۽ سمورا يورپي ملڪ 1992ع کان هڪ منڊيءَ ۾ بدلجي ويندا ۽ ساڳي طرح ڏکڻ اوير ايشيا ۾ سارڪ ملڪن کي هڪ اقتصادي زون ۾ شامل ڪرڻ سرمائيداريءَ جي بنيادي ضرورت آهي ته جيئن ان علائقي ۾ به ڪين هڪ وڏي ٺاهي منڊي هٿ اچي سگهي. آمريڪا جيئن ته سرمائيداريءَ جو پڳ سردار آهي ۽ سرمائيداريءَ جي انهن جديد ضرورتن جي راهه ۾ جيڪي ملڪ يا قومون اڏو اينئا، آمريڪا انهن جي ٽڪ مان ور ڪيئي ڇڏيندو. جيئن صدام حسين سرمائيداريءَ جي جديد ضرورتن تحت ڪويت کي هانگ ڪانگ جو متبادل ٿيڻ کان روڪي عالمي سرمائيداريءَ سان ڦيٽ ڪاڌو ته آمريڪا جي اڳواڻي ۾ عالمي سرمائيداريءَ ان جو حشر نشر ڪري ڏنو. اهوئي آهي اُهو 'نئون عالمي نظام' جنهن جا ذڪر اڄڪله هر ڪنهن زبان تي آهن.

اڳتي هلي سي آر اسلم فرمائي ٿو ته "1990ع ۾ سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ آمريڪا پنهنجي اڳوڻي عالمي حڪمت عملي ترڪ ڪري ڇڏي آهي ۽ نئين پاليسي اختيار ڪري ورتي آهي ۽ پاڪستان کي چيو اٿس ته هو ڀارت سان اڪراڻي نه ڪرڻ ۽ امن قائم ڪرڻ جو ناهه ڪري ۽ فوج ۽ هٿيارن جي تعداد ۾ گهٽتائي جو رستو اختيار ڪري." اڳتي وڌيڪ لکي ٿو 'پاڪستان جي سلامتي پاڪستان جي آزادي، پاڪستان جي ترقي ۽ ان جي عوام جي خوشحاليءَ جي ضمانت 'نئون عالمي نظام' ڏئي سگهي ٿو. بس رڳو پاڪستان انهن سمورين پاليسين تي عمل ڪري جيڪي ان لاءِ آمريڪا جي عالمي حڪمت عمليءَ موجب

جوڙيو ويون هيون ۽ هاڻ انهن کي 'نئين عالمي نظام' جي تقاضن سان ٺهڪايو ويو آهي. "سي آر اسلم کي ياد هوندو ته پاڪستان سميت ٽين دنيا جي ٻين ملڪن ۾ آمريڪا سدائين هڪ مضبوط ۽ منظم فوج جو حامي رهيو آهي ته جيئن سامراج کان آجپو چاهيندڙ جمهوري تحريڪن کي ڪچلي سگهجي. سامراجي آشيرواد سان تيار ڪيل ۽ ان جي عطا ڪيل هٿيارن سان منظم فوج روس سان آمريڪي تضادن تحت سندس جديد بينڪيتي نظام جي ضرورت هئي پر روسي حڪمرانن جي سوشلزم سان غداري ۽ سرمائيداري سان ناهه ڪري هاڻ آمريڪي حڪمرانن جي ذهن مان روس جي اڳرائي جو ڊپ نڪري ويو آهي ۽ سڄي دنيا تي هڪ نئين قسم جو 'بينڪيتي نظام' مڙهڻ چاهين ٿا. انهيءَ بينڪيتي نظام کي جنهن کي هن نئين عالمي نظام جي 'پرامن' چنٽي پڻ ڏني آهي، سڀ کان پهرين صدام حسين بريڪ هٽي چڙهيا آهن. نار واري جنگ مان آمريڪين اهو سبق حاصل ڪيو آهي ته ڪٿي به ۽ ڪنهن به ملڪ جي مضبوط ۽ منظم فوج 'نئين بينڪيتي نظام' جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. ان ڪري عراق کان پوءِ خاص طور تي پاڪستان جي فوجي طاقت 'نئين عالمي نظام' جي خالقن ۽ پاليسي سازن کي ڪنڊي جيان چڀي ٿي. اڳتي هلي سي آر اسلم پاڪستان جي حڪمرانن کي 'ڪارائتو ۽ ڏور رس' مشورو ٿو ڏي ته هو نئين عالمي نظام تحت سمورا آمريڪي شرط مڃي وٺن ۽ پنهنجي پاليسين کي 'نئين عالمي نظام' جي ڪليءَ سان ٻڌي پنٽاگون جي سلامتي واري هنج ۾ پناهه وٺن. سي آر اسلم اها ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي. سندس سوچ ۽ سياست جو بيروميٽر سدائين سفارتخانن جي هدايتن جو محتاج رهيو آهي، اُتان جيڪو به حڪم آيو هُن اکين تي رکيو آهي. ان ڪري ڪيس ان ڳالهه جو قطعي احساس ناهي ته جيڪڏهن اسين آمريڪين جي هر ڳالهه ماضيءَ جيان مڃيندا رهياسين ته اسان جو حشر ڇا ٿيندو؟ باقي سي آر اسلم جي هن ڳالهه سان آئون سهمت آهيان ته "پاڪستان جي پاليسي جوڙيندڙن جون نظرون عربن جي تيل تي کُتل آهن. جيڪڏهن هو سمجهن ٿا ته هو تيل پيدا ڪندڙ عرب ملڪن جي بادشاهن ۽ شيخن کي اسلام جي نالي تي پاڪستان ۾ سيڙپ ڪاريءَ لاءِ راضي ڪري سگهندا ته اها سندن ڀُل آهي. نار واري جنگ کان پوءِ، عرب بادشاهن ۽ عرب شيخن کي پاڪستان سان ڪا دلچسپي ناهي رهي."

سي آر اسلم جي نقطي نظر جي ابتڙ عوام جي رايو هيءَ آهي ته پاڪستان جي پاليسي سازن کي 'نئين عالمي نظام' جي خطرناڪ نقصانن مان ڪاميابيءَ سان نڪرڻ جون راهون ڳولهڻ گهرجن.

# هڪ نئين ۽ بهتر ڪويت جي اڏاوت

## نار واري جنگ ۽ ان کان پوءِ ڪويت جي نئين سر اڏاوت جو آمريڪي منصوبو

تازو آمريڪي بچاءَ واري کاتي جي اداري پينٽاگون جو نار ۾ آمريڪي جنگي منصوبي 'رڻ جو واچوڙو' متعلق هڪ اهم دستاويز سامهون آيو آهي. 'رڻ جو واچوڙو' نالي جنگي منصوبو هڪ محتاط پر مستند اندازي موجب دنيا جي تاريخ جو سڀ کان وڏو ۽ مڪمل منصوبو هو. پينٽاگون جي دعوا آهي ته انساني تاريخ جي انهيءَ جديد ترين منصوبي دوران غيرفوجي مرتين جي شرح جديد هٿيارن جي رات ڏينهن بمباريءَ هوندي به معجزاتي حد تائين گهٽ رهي. انهيءَ دستاويز موجب آمريڪا ڪويت جي جلاوطن بادشاهه شيخ صباح جي درخواست تي پنهنجون فوجون نار ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو هو ته جيئن ڪويت تي عراقي اڳرائيءَ جو خاتمو ڪري سگهجي. سڀ کان اهم ڳالهه جيڪا ان دستاويز ذريعي سامهون آئي آهي اُها عراق کي تباهه ڪرڻ جي آمريڪي هانوڪار آهي. انهيءَ دستاويز موجب آمريڪا عراقي جي طاقت ۽ سندس فلسطينين کي کلي امداد ڪرڻ تي تمام گهڻو ناراض هو ۽ آمريڪا جي خيال موجب عراقي قوت کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جو اهو سونهري موقعو هو.

انهيءَ دستاويز موجب جنگ دوران جيتوڻيڪ ڪويتي رهواسين لاءِ ڪجهه رعايتون رکيون ويون هيون پر پرڏيهي ڪارڪنن لاءِ تمام گهڻو ظالمانو رويو اختيار ڪيو ويو. انهن غيرملڪي ڪارڪنن ۾ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي، جيڪي پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو ڪويت ۾ ئي گذاري چڪا آهن. انهن کان سواءِ ان ۾ اڪثريت ٻارن ۽ عورتن جي آهي. جنگ دوران آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي حڪمت عملي هيءَ هئي ته هو انهن پرڏيهي ڪارڪنن کي، جن جو ڪٽنبو پنجن لکن جي لڳ ڀڳ آهي، معمولي ۽ شروعاتي طبي امداد کانسواءِ ڪا به مدد نه ڏيندا.

ٻن سؤ صفحن تي ٻڌل اهو دستاويز اصل ۾ سعودي عرب جي شهر رياض ۾ موجود اتحادي سويلين معاملن جي هيٺيهين ڪمان تيار ڪيو هو. انهيءَ

دستاويز ۾ ٻين ڳالهين کان سواءِ جنگ کان پوءِ ڪويت جي نئين سر اڏاوت واري آمريڪي حڪمت عمليءَ تي بہ روشني وڌي وئي آهي ۽ نئين اڏاوت جي سمورن پهلوئن، مثال طور بينڪاريءَ جي نظام، شهري بچاءَ واري نظام وغيره متعلق آمريڪي رٿابندي جا مڪمل تفصيل ڏنا ويا آهن.

حتمي ترتيب کان اڳ ئي اِهو دستاويز 'پيسفڪ نيوز سروس' حاصل ڪري ورتو هو. ان دستاويز ۾ اهم منصوبن بابت اُهي ڪاغذ بہ شامل آهن، جيڪي نومبر جي منڍ کان 16 جنوريءَ تائين تيار ڪيا ويا هئا.

جيڪڏهن ان دستاويز کي مستند مڃيو وڃي ۽ ڪويت ۾ ٿيندڙ واقعن جو انهيءَ دستاويز جي روشنيءَ ۽ رهنمائيءَ ۾ جائزو ورتو وڃي تہ دنيا جي معاملن ۾ آمريڪا جي پوائنٽي ڪردار جي چٽي تصوير اکين آڏو اچي ٿي وڃي. ان دستاويز ۾ اِها ڳالهہ واضح ڪئي وئي آهي تہ آمريڪا نار ۾ اصل ۾ هڪ قسم جي طبقاتي ويڙهہ ۾ رڌل آهي ۽ عرب شيخن جي قبائلي سلسلي وارن مفادن جي حفاظت لاءِ ڪمزور طبقي کي طاقت جي ٻل تي اطاعت سيکاري رهيو آهي. اصل ۾ عرب شيخن جي بقا ئي آمريڪي مفادن جي بقا آهي. انهيءَ صورتحال ۾ پاڪستان، مصر، يمن ۽ سوڊان جهڙن اُسرندڙ ملڪن کي 'نئين سر عالمي تنظيم' جي آمريڪي منصوبي کان ڌڪار ۽ ان کي رد ڪرڻ جو جواز ملي ويندو.

انهيءَ دستاويز ۾ بچاءَ متعلق حڪمت عمليءَ جو هڪ وڏو ۽ اهم حصو فلسطينين ۽ ٻين پناهگيرن متعلق آهي جيڪي ڪويت جي ڪُل آباديءَ جو سٺ سيڪڙو آهن. حيران ڪندڙ ڳالهہ اِها آهي تہ انهيءَ دستاويز جي تمام گهڻن حصن ۾ آمريڪي منصوبي سازن فلسطينين ۽ عراقين کي هڪ ئي خاني ۾ رکيو آهي، ڇاڪاڻ جو انهن ٻنهي گروهن مان مستقبل ۾ 'دهشت گرد ڪاروائين' جو خطرو موجود آهي. هتي اِها ڳالهہ بہ کلي سامهون آئي آهي تہ آمريڪا عراق کي بہ فلسطينين وانگر ٺڪر ٺڪر ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو ويٺو آهي.

انهيءَ دستاويز موجب نار ۾ غيرفوجي مرتين جي گهٽائي جي اڪٽي ڪئي وئي هئي پر اڃان تائين اِها صحيح ثابت نہ ٿي سگهي آهي. ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ عراقيءَ تباهيءَ کي مڪمل طور تي سامهون آڻڻ نہ ڏنو ويو آهي. ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ غيرفوجي مرتين جي شرح اسي سيڪڙو هئي. 1982ع ۾ لبنان تي اسرائيل اڪرائيءَ جي نتيجي ۾ مرندڙن ۾ اسي سيڪڙو عورتون ۽ ٻار هئا. نار واري جنگ ۾ اڃان تائين عراقي تباهيءَ متعلق صحيح يا آخري انگ اکر سامهون نہ آيا آهن، جيتوڻيڪ افواهن موجب اتحادي جهازن جي انڌا ڌنڌ بمباري سان لکين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا آهن پر انهن افواهن جي اڃان تائين تصديق نہ ٿي سگهي آهي. عراق جي ڪل آباديءَ جو اڌ حصو پندرهن سالن کان

کھڻ جمار وارن جو آهي، انهن ۾ بہ اڪثريت پنجن سالن کان گهٽ ڄمار وارن ٻارن جي آهي.

انهيءَ دستاويز ۾ 'رٿ جي واڇوڙي' دوران مرتين ۾ تباهين جي جيڪا ڪَٿ لڳائي وئي هئي ان موجب ڪويت جي آزاديءَ واري عمل ۾ عراق جي اٺن لکن جي آباديءَ مان چاليهہ هزار ماڻهو مارجي ويندا. هڪ لک شديد زخمي يا اپاهج ٿي ويندا. جنگ کان پوءِ ٻرندڙ تيل جي ڪوهن مان نڪرندڙ دونهين ۽ زهريلين گئسن وسيلي جيڪي بيماريون پکڙبيون، ان وسيلي اٺاويهہ هزارن کان ٻائيتاليهہ هزار ماڻهو متاثر ٿيندا. دستاويز ۾ ان ڳالهہ ڏانهن واضح اشارو ڪيو ويو آهي تہ طبي امداد جي اڻهوند ڪري موتن جي شرح تمام گهڻي وڌيڪ هوندي.

ان دستاويز موجب، آباديءَ جي اڪثريت جي صحت، لاڳيتو اعصابي ڇڪتاڻ، مٺي، غيرمعياري دوائن ۽ جنگ ڪري تباهہ ٿي ويندي.

منصوبي موجب نار واري جنگ کان هڪدم پوءِ اتحادي طاقتون طبي امداد محدود پئماني تي مهيا ڪنديون. اِها طبي امداد گهڻي ڀاڱي فوجين لاءِ هوندي ۽ ڏورانهين فوجي علائقن ۾ ئي ڏني ويندي. دستاويز موجب اِها امداد ڪويت ۾ موجود فلسطينين ۽ ٻين پرڏيهن لاءِ هرگز نہ هوندي، جنهن جو سبب 'پنٽاگون' اِهو ٻڌايو آهي تہ انهيءَ طبي امداد لاءِ ڪويت جي حڪومت مالي معاوضو ڏيڻ جو واعدو نہ ڪيو آهي. 'پنٽاگون' موجب جيئن تہ ڪويتي حڪومت نہ رڳو عراقي واپسي ۽ ڪويت ۾ موجود ڪويتي رهواسين لاءِ طبي امداد جي مالي ادائيگيءَ جو ذمو کنيو آهي، تنهن ڪري هو ڪنهن ٻئي کي طبي امداد نہ ڏيندا. ڪويت جي ڪُل اٺن لکن واري آباديءَ مان رڳو ٻہ لک ماڻهو ڪويتي آهن، باقي سڀئي پرڏيهي آهن. اِهي ڇهہ لک ماڻهو جنگ دوران هر قسم جي طبي امداد کان محروم الله جي آسري تي هئا.

انهيءَ دستاويز موجب فلسطينين جو مسئلو جيئن جو تيئن رکيو ويندو ۽ ان جي حل کان اڳي جيان اکيون ٻوٽيون وينديون. حمتي طور تي طئي ٿيل مقصدن هوندي بہ انهيءَ رٿا جون ڪجهہ خاميون بہ سامهون آيون آهن. مثال طور دستاويز موجب هڪ سؤ ڊاڪٽرن کي انهيءَ آپريشن لاءِ نار موڪلڻو هو پر عملي طور تي رڳو ٽيهہ ڊاڪٽر موڪليا ويا. ساڳي طرح منصوبي ۾ ٽي سؤ نرسن جي ضرورت رکي وئي هئي جڏهن تہ عملي طور تي فقط ويهہ نرسون نار موڪليون ويون. طبي نقطي نظر سان نار ۾ چار سؤ بسترن واري هڪ اسپتال جي ضرورت بہ محسوس ڪئي وئي، پر عملي طور تي ان سلسلي ۾ نہ تہ ڪو قدم کنيو ويو ۽ نہ وري ڪا رٿابندي جوڙي وئي. دستاويز موجب اتحادين جي سڀ کان هڪدم پوءِ رضاڪار تنظيمن ۽ ڪويتي هلال احمر کي زخمي ۽ بيمار

ماڻهن جي سارسنڀال جو فرض سنڀالڻو هو پر عالمي صحت واري اداري يونيسيف ۽ عالمي هلال احمر سمورين تيارين جي باوجود اڃان تائين اتحادي ما
ڪمان جي اجازت جون منتظر آهن.

نار واري جنگ کان پوءِ ڪويت متعلق جيڪا آمريڪي رٿابندي ان دستاويز ۾ ڪئي وئي آهي ان مطابق 'رٿ جي واڇوڙي' کان هڪدم پوءِ ڪويت جي آزاديءَ جي عمل سان ڪويتي حڪومت پنهنجي سڏسماءَ جي ذريعن تي مڪمل ڪنٽرول قائم ڪندي. رڳو ڪويتي حڪومت جي پنهنجن ماڻهن يا سندن پسنديده ماڻهن جا پروگرام نشر ڪيا ويندا. جيستائين ڇپائيءَ جو تعلق آهي ته رڳو ڪويتي حڪومت يا وري سندن منظور ڪيل ماڻهو ئي پنهنجون شيون ڇاپي سگهندا. ڪويتي حڪومت نئين سر اڏاوت جي ڪم کي سڀ کان وڌيڪ ترجيح ڏيندي ته جيئن صورتحال جلد کان جلد جنگ کان اڳ واري ڪويت جهڙي ٿي سگهي. جڏهن ڪويتي حڪومت ميڊيا تي پنهنجو فولادي تسلط قائم رکيو آهي، اليڪٽرڪ ميڊيا حڪومت جي ذاتي ملڪيت هئي، اشاعتي ميڊيا هڪ اشاعتي قانون جي حدن ۾ رهي ڪم ڪري سگهيو ٿي، ته هيٺيون ڳالهيون ڏوهه بشيل هيون.

ڪويتي امير جي ذات تي تنقيد ڪرڻ؛

ڪويتي امير جي اجازت بنان سندس ڪا شيءِ ڇاپڻ.

اهڙي معلومات شايع ڪرڻ جنهن ڪري ڪويتي ڪرنسي متاثر ٿئي يا ڪويت جي اقتصادي حالت بابت ڪا غلط بياني/ تنقيد ڪرڻ.

عرب اڳواڻ تي تنقيد ڪرڻ ۽ طاقت ذريعي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي حمايت ڪرڻ وغيره وغيره.

آمريڪي نئين سر اڏاوت ذريعي ڪويت کي مٿين سياسي ۽ سماجي سطح تي واپس آڻڻ نٿا چاهين.

پينٽاگون جي عملدارن ان دستاويز ۾ جنهن ڳالهه تي سخت نڪته چيني ڪئي آهي اُها ڪويت ۾ وڏي پيماني تي موجود خانگي ۽ آزاد اشاعتي سڏسماءَ جا ذريعا آهن جيڪي پنهنجي آزادي ۽ نوعيت جي اعتبار سان عرب دنيا ۾ منفرد حيثيت رکن ٿا.

انهيءَ دستاويز موجب ڪويتي آزاديءَ کان پوءِ جڏهن ڪويت جي حڪومت سڏسماءَ جي ذريعن تي پنهنجو تسلط قائم ڪري وٺندي ته آمريڪي فوج ۽ سويلين ادارن جي سڏسماءَ جي ايجنسين جي هڪ وڏي کيپ ڪويت ۾ سڏسماءَ تي پنهنجو مڪمل ڪنٽرول قائم ڪندي. انهن ايجنسين جو سڀ کان پهريون ڪم ڪويت ۾ موجود ڪويتي، غيرڪويتي ۽ پرڏيهين جي نشاندهي ڪرڻ هوندو ان کان سواءِ اهي ايجنسيون اهڙا پروگرام تيار ۽ نشر ڪنديون جن جو

بنيادي مقصد ڪويت جي روايتي قدرن کي محفوظ ڪرڻ هوندو. مثال طور اهي ايجنسيون جيڪي پروگرام تيار ۽ نشر ڪنديون، ان جو مرڪزي خيال عرب ۽ اسلام جي مضبوطي، نئين ڪويت جي اڏاوت وغيره متعلق هوندو.

هڪ ٻي اهم شيءِ جنهن ڏانهن انهيءَ دستاويز ۾ خاص ڌيان ڏنو ويو آهي، اُهو ڪويت ۾ پينٽاگون طرز جي سول سروس جي بحالي آهي. اُن ڏس ۾ پاڻي ۽ بجليءَ جي وزارت لاءِ هڪ سؤ ويهه جڻا في ڪمري جي حساب سان اهڙا ڪمرا ٺهرايا ويندا جن ۾ ريفريجريٽر، ميٽر جهڙا ڪلڪيوليٽر ۽ وڊيو ڪئمرائن کان سواءِ ويهه ٽائيپ رائٽر به رکيا ويندا جن مان ڏهه عربي ۽ ڏهه انگريزي ٽائيپ رائٽر هوندا. انهن ڪمرن ۾ عام ضرورتن جو اهڙو سامان به رکيو ويندو جيڪو ٽن مهينن لاءِ ڪافي هوندو. ٻين وزارتن ۾ به ساڳي طرح آمريڪي پينٽاگون وانگر سول سروس هلائي ويندي.

فلسطينين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۽ ڪويتي حڪومت هڪ نئين بينڪاريءَ واري نظام جو بنياد رکندا. انهي نئين بينڪاري نظام تحت بينڪون شاهي ڪٽنب جي سڌي سنئين ڪنٽرول ۾ هونديون.

انهيءَ دستاويز موجب اعليٰ ڪويتي عملدار مالياتي نظام کي هڪ نئين شڪل ۽ انداز ڏيڻ چاهين ٿا پر پينٽاگون جي خيال موجب اِهو تمام گهڻو حساس سياسي فيصلو هوندو. ڇاڪاڻ جو مالي ادارن کي ذاتي ملڪيت رکڻ ڪري وڏا وڏا واپاري ڪٽنب به لاڳاپيل آهن ۽ بينڪاري وارو نظام اصل ۾ آهي ئي سڄو سارو فلسطينين جي هٿن ۾ - ڪمرشل بينڪاري نظام به جزوي طور تي ڪويت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي پر اِهو تمام گهڻي محدود پئماني تي آهي.

عراق جي ڪويتي قبضي کان پوءِ جيڪي اطلاع مليا آهن انهن موجب ڪويت ۾ رهجي ويل ڪويتي رهواسين عراقين خلاف مزاحمت جاري رکي پر عراقين شاهوڪار واپاري ڪٽنبن ۽ شاهي ڪٽنب جي اثاثن سميت سمورن لڪيل خزانن تي مڪمل قبضو ڪري ورتو.

ان دستاويز ۾ ان ڳالهه تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي ته نئين بينڪاري نظام جي ڪم دوران ان ڳالهه کي خاص طور تي نظر ۾ رکيو ويندو ته ڪير سڄڻ آهي ۽ ڪير ويري. ڇاڪاڻ جو بينڪاري واري نظام سان لاڳاپيل ملازمن جي وڏي اڪثريت فلسطينين، پاڪستانين ۽ هندستانين جي آهي جن جون همدرديون عراق سان هيون. دستاويز ۾ ان ڳالهه جو اعتراف به ڪيو ويو آهي ته نقصان واري بينڪاري نظام ڪري ڪويتي حڪومت کي اِهو خطرو به لڳل آهي ته ڪٿي ڪويت جو سمورو بينڪاري نظام دولت ڪڍ ڪندڙ مشين نه بڻجي وڃي.

ان منصوبي تحت ڪويت جي آزاديءَ کانپوءِ اتحادي طاقتون ڪويت ۾ هڪ ڪرنسي جاري ڪنديون ۽ انهيءَ نئين ڪرنسيءَ جي جاري ڪرڻ دوران محدود

پنهنجي تي شناختي ڪارڊ جاري ڪيا ويندا ته جيئن دوست، دشمن جي سڃاڻپ ٿيندي رهي. آمريڪي منصوبي سازن موجب دشمن مان مطلب فلسطيني آهن، جيڪي حڪومت کي ان ڳالهه تي مجبور ڪري سگهن ٿا ته ننين ڪرنسي جاري ٿيڻ کان اڳ ئي شناختي ڪارڊ جاري ٿيڻ گهرجن ته جيئن هو نئين مالياتي نظام ۾ شريڪ ٿي سگهن.

انهيءَ دستاويز موجب بينڪن ۾ دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ سڀ کان وڏو مسئلو ان ڪري به هوندو جو ڪويتي عورتون، ڪويتي حڪومت جي عبوري انتظاميا ۽ بين مسئلن ڪري ڪم ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هونديون. تنهنڪري انصاف جي فراهميءَ لاءِ هڪ عبوري ڍانچو جوڙيو ويندو ۽ هنگامي بنيادن تي قانون نافذ ڪرڻ لاءِ ڪويتي حڪومت هڪ سال لاءِ ملڪ ۾ مارشل لا هڻندي.

ان منصوبي تحت جيئن ته ڪويتي شهري بچاءُ ۽ سلامتيءَ جون سموريون تنظيمون جنگ کان پوءِ ڪم ڪرڻ جي لائق نه هونديون، ان ڪري انهن مقصدن لاءِ ڪويتي مليشيا قائم ڪئي ويندي، جنهن ۾ فوج ۽ پوليس جي نوڪريءَ وارو تجربو رکندڙ ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويندو. هتي ان ڳالهه ڏانهن به اشارو ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن ضرورت پئي ته آمريڪي فوجي دفاع يا بچاءُ وارو سامان به استعمال ڪري سگهبو. ان کان سواءِ آمريڪي سهڪار سان شهري بچاءُ ۽ سلامتيءَ جو هڪ مرڪز قائم ڪيو ويندو، جيڪو ان دوران خدمتون انجام ڏيندو.

انهيءَ دستاويز موجب ڪويتي شهري بچاءُ ۽ سلامتيءَ وارين ايجنسين جو عملو اتحادي فوج جي عملي جي مدد سان ڪويتي ٽربيونل ۾ جنگي ڏوهن جي سماعت ڪندو ۽ سزائون ڏيندو.

انهيءَ دستاويز ۾ اها ڳالهه چٽي طور تي چيل آهي ته جنگ جي خاتمي کان پوءِ به آمريڪا ڪجهه عرصي تائين نار ۾ رهندو ۽ نئين اڏاوت جو سمورو ڪم سي آءِ اي جي نگراني ۽ منظوريءَ سان ٿيندو.

*انگريزي مضمون جو ترجمو*

### عراق کان پوءِ

# نئين عالمي نظام

### جو نشانو؟

افضل توصيف

هي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ يعني هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽم بم ڪيرائڻ کان پوءِ آمريڪا دنيا جو سپرپاور بڻجي ويو. هٿيار ناهڻ ۽ هٿيارن ۾ برتري، يورپ ۾ جرمني ۽ اٽليءَ جي مڪمل شڪست کان سواءِ فرانس ۽ برطانيا جي ٻڪڙي جنگ ۾ ٽوڙ ڦوڙ کان پوءِ آمريڪا دنيا جو وڏيرو ٿي ويو. جنگ دؤران آمريڪا اتحادين جو سڀ کان وڏو سپلائر به هو. انهيءَ ڪري بي پناهه دولت به آمريڪا ۾ گڏ ٿي وئي. ان سان گڏ آمريڪا جا لڇڻ به بدلجي ويا. هاڻ اُتي آزاديءَ جا خاموش مجسما ئي رهجي ويا هئا. آزادي لاءِ اُپرندڙ ڪو به آواز نه هو. جنگ هلندي ئي آمريڪا ايشيا ۽ آفريڪا ۾ پنهنجون فوجون لاٿيون ۽ دنيا جي انهن حصن کي ڪنهن مالڪ ۽ فاتح جي نظرن سان ڏسڻ به شروع ڪيائين.

ايشيا ۽ آفريڪا انهن ڏينهن ۾ پنهنجي بيٺڪيتي تاريخ جي هي صديءَ مان لنگهي رهيا هئا. جنگ ۾ انهن جي آقائن جي ڪمزوريءَ اهو ممڪن بنائي ڇڏيو هو ته اهي غلام پنهنجي آزاديءَ جا سپنا ڏسن ۽ اهي غلام ايشيا ۽ آفريڪا جي ڌرتيءَ تي آزاديءَ جو اُپرندڙ سج ڏسڻ لاءِ آتا به هئا. سڄي اوير ۾ يا انهيءَ دنيا ۾ جنهن کي ڪجهه عرصو پوءِ مائوزي تنگ ٽين دنيا جو نالو ڏنو، آزاديءَ جون تحريڪون سگهه حاصل ڪري رهيون هيون. آزادي، يورپ جي بيٺڪيتي آقائن جي پنجوڙ کان ۽ صنعتي يورپ جي تسلط کان به، ڇاڪاڻ جو اها غلامي هاڻ رڳو سياسي غلامي نه هئي پر اقتصادي لحاظ سان اها غلامي وڌيڪ سخت ۽ ڪهري هئي، ان جي نتيجي ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جا روح به غلام بڻجي چڪا هئا.

برطانيا جيڪو مهاڀاري لڙائيءَ کان پهرين سپرپاور هو، ان وقت دنيا جي گولي جي وڏي حصي تي بيٺڪيتي نظام جو پاڙون ڪپايو وينو هو. پر هاڻ بدلجندڙ وقت سان گڏ ۽ ايشيا ۾ آزاديءَ جي نين تحريڪن جي جواب ۾ هو هڪ نئين عالمي نظام کي ميدان ۾ آڻڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. نئون بيٺڪيتي نظام،

جيڪو جرمن کي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي بينڪين لاءِ خطرناڪ نظر اچي رهيو هو. سو هن به پنهنجو عالمي نظام ٺاهي لاڳو ڪرڻ چاهيو. اهڙو عالمي نظام جيڪو اوڻهين صديءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ ڪارائتو ۽ جديد هجي.

ٻي مهاڀاري لڙائي اصل ۾ ٻن سپرپاورن جي نئين عالمي نظام جو ٽڪراءُ ٿي هو. يورپ جون ٻئي طاقتون جيڪي جنگ جي حوالي سان اتحادي ۽ نازيءَ وارن نالن سان مشهور ٿيون ۽ ڪيترائي سال دنيا جي وڏي حصي تي ويڙهه ۾ رڌل رهيون. اصل ۾ پنهنجي پنهنجي نئين عالمي نظام کي دنيا ۾ آزمائڻ جون خواهشمند هيون. اهي نظام اصل ۾ پراڻي بينڪيتي نظام کي ويهين صديءَ جي بدلجندڙ حالتن ۽ اوير جي قومن جي بدلجندڙ ذهن کي ڪنٽرول ڪري، پنهنجو تسلط اڃان به وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هئا. جرمن اعليٰ ترين جنگي ڪلن سان ڪڏهوڪڙ يورپ تي پنهنجي نسلي برتريءَ جو سڪو پڻ ڄمائڻ ٿي چاهيو. برطانيا اوير کان اوله تائين پنهنجي بينڪيتي مالڪيءَ ۾ غلام قومن کي هٿيارن کان سواءِ پنهنجي حڪمت عمليءَ سان به زير بار ڪرڻ سکيو هو. اُتي غلام قومن به ستن نسلن جي غلاميءَ ۾ جتي گهڻو ڪجھ وڃايو هو، اُتي ڪجھ سکيو به هو. صورتحال تيزي سان بدلجي رهي هئي. اوير جو ذهن به نئين صديءَ جي گهرجن سان ٺهڪي رهيو هو. رڳو ننڍي کنڊ جو ئي مثال وٺون ته هتي هزارين پليٽ فارم هئا. سوين تحريڪون هلي رهيون هيون. پر هر ڪنهن اڏو نئين زندگيءَ سان ڪڏ بينڪيتي راڄ مان ڇوٽڪاري جو پڙرنامو به هو. خود ارادیت جو هڪ جذبو هو، عزت نفس جو هڪ احساس هو، جيڪو غلامن کي تيزيءَ سان اهڙي قوت ڏئي رهيو هو جنهن سان ڇهي ٿيل ڇيله سڌي ٿي وڃي، پير ترتيءَ تي کپي وڃن ۽ ڳاٽ اُڀو ٿي آڪاش کي جهڪائڻ جي صلاحيت حاصل ڪري. ان وقت جا سرچشما ڪيترائي هئا. روس جو سوشلسٽ انقلاب، دنيا ۾ پکڙجندڙ مارڪسي علم جي روشني ۽ جديد تعليم حاصل ڪندڙ ذهن جيڪي ماڻهن جو شعور وڌائي رهيا هئا.

پر ان وقت يورپي سڀ کان وڏي بينڪيتي آقا وٽ گهڻو ڪجھ هو. چرچل انهيءَ ذهن جو هڪ مثال آهي. تمام گهڻي اعليٰ درجي جي نوڪرشاهي جيڪا اعليٰ درجي جو عالمي نظام ٺاهي چڪي هئي. انهيءَ نظام ۾ اوير جي نئين ذهن کي ڦاسائڻو هو. آزاديءَ جي تصور کي ٽوڙي مروڙي رڳو ڪجھ طبقن جي آزادي بنائڻو هو ۽ انقلابي تحريڪن ۾ گانڌي ازم جي اوٽ کان علاوه طاقت جو استعمال به نئين انداز سان ڪرڻو هو. اصل ۾ اها رٿابندي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ شروع ٿي چڪي هئي. پر ٻه ڏهاڪا گذرڻ کان پهرين ئي ٻي مهاڀاري لڙائي برطانيا کي چٽني پاسن کان گهيري وڌو ۽ جنگ جو خاتمو ٿيندي ٿيندي 'عظيم برطانيا' جي سپر طاقت پنهنجي اصليت تي واپس اچي چڪي

هئي. نه رڳو اهو پر سموري يورپ جي طاقت ٽي ڀڃي ڀري پئي هئي. فرانس ته ڇيهاڻجي ويو هو. جرمنيءَ کي شڪست آئي هئي. روس جو نقصان ايترو هو جو ان کي ٻيهر پيرن تي بيهڻ لاءِ وقت ٿي کپيو. هاڻ ته آمريڪا ٿي هو جنهن وٽ يورپ جي سمورين طاقتن جا اثاثا گروي پيل هئا. جاپان ٿي ان جو سڌو سنئون قبضو هو. يورپ به ڪهڙي حد تائين آمريڪا جو محتاج ٿي چڪو هو.

سپر پاور آمريڪا، برطانوي اثاثن سان گڏ نئين عالمي نظام کي جوڙيو. انهيءَ نظام کي ڪهڙي عرصي تائين جديد بينڪيتي نظام به سڏيو ويو. جنهن تي عمل اڄ به جاري آهي. هي مهاڀاري جنگ کان پوءِ ڪيترائي ملڪ جن ۾ نئين ڪنڊ به شامل آهي. آزاد ته ٿيا پر اها آزادي نئين عالمي نظام جي حدبنديءَ جي اندر هئي. يعني اڌوري سياسي آزادي. اقتدار مقامي قوتن کي مليو ته سهي، پر انهن قوتن ۾ رڳو مٿين طبقن جي قوت ۽ اڳواڻي شامل هئي. عوام جي قوت ان ۾ شامل نه هئي. عوامي انقلاب جي مقابلي ۾ قومپرستيءَ کي اڀارڻ سان گڏوگڏ ورهاڱي واري عمل ۽ گانڌي ازم واري آفيم کي تمام گهڻي واڌ ملي. ان کان اڳ بورجوازيءَ جي حمايت سان اهڙين قوتن کي ڪچليو ويو جن جي سرواڻي ڀڳت سنگهه جهڙن سورمن وٽ هئي، جن انگريز کي ملڪ مان عوام جي طاقت سان ڪيڍڻ پئي چاهيو. بورجوازي ان جي پيٽ ۾ ٿاهه کان ڪم ورتي. رڳو حڪومت جون ڪرسيون سنڀالڻ تائين واري آزاديءَ جي گهرجائو هئي ۽ ٿيو به ائين. بينڪيتي غلاميءَ مان عوام کي ڇوٽڪارو ملي نه سگهيو. انهيءَ ڪري جو ملڪي معيشت ته ساڳي طرح غلام رهي. بک، بدحالي، جهالت ۽ سياسي تباهي، اڪثريتي عوام جي حالت پهرين کان به وڌيڪ خراب ڪري ڇڏي. اها صورتحال انگريز سامراج کي تمام گهڻو پاڻ پوندي آهي. يعني ڪمزور عوام ۽ ڪٺ پتلي حڪومت. ايشيا کان آفريڪا تائين اهو نظام جوڙيندو ويو. انهيءَ واڌ لاءِ وڏا وڏا فوجي لشڪر پاليا ويا. مهانگا هٿيار خريد ڪيا ويا. ملڪ جا وسيلا، جن سان عوامي ترقيءَ جا ڪم ٿين ٿا، ايئن برباد ڪيا ويا. اهوئي نه پر وياج مٿان وياج تي وڏا وڏا قرض ورتا ويا پر ڪاٻه امداد صنعتي ترقيءَ لاءِ نه ورتي وئي. اهو سڀ ڪجهه سامراجي مرضي موجب ۽ ان جي هدايت ۽ حڪم سان ٿيندو رهيو پر ٽين دنيا جي سمورن ملڪن ۾ اهو حڪم هڪ جهڙي انداز ۾ نه ملي سگهيو.

چين جي آزادي ۽ روسي ترقيءَ سان انهيءَ نئين عالمي نظام جي عمل ۾ چڱو خاصو رخنو پيو. ٽين دنيا جا ملڪ به ڪيترن ئي گروهن ۾ ورهائجي ويا. ڪجهه اهي ملڪ جن ۾ آمريڪي ڏاڍ خلاف عوام منظم ٿيو ۽ انقلابي جدوجهد جا جهنڊا ڦرڪڻ لڳا. انهن ۾ ويٽنام ۽ ڪوريا جهڙا ملڪ به آهن. جتي آمريڪي طاقت ۽ ڏاڍ جي اڳين ۾ ڳوڙها مرچ وڌا ويا ۽ ٻيو گروهه انهن ملڪن جو

هو جتي قوم پرست اڳواٽي ڪئي ۽ انهن گڏجي سامراج جي نئين عالمي نظام کان جان ڇڏائڻ لاءِ نہ رڳو پنهنجي اندروني روپن ۾ سامراجي قبضي کان بچي نڪرڻ لاءِ تدبيرون ڪيون، پر هڪ وڏي دفاعي لائين اڏ- ٽري تحريڪ جي روپ ۾ نروار ڪئي. اها تحريڪ اوڀر يورپ کان وچ اوڀر تائين هندستان تائين ڦهلجي وئي. ناصر، نهرو، ٽيٽو، بنبيلا ۽ سوئيڪارنو جهڙا سگهارا اڳواڻ ان جا بنيادي ٿنڀ هئا. انهيءَ تحريڪ جا اثر دور رس هئا. آمريڪا کان ڏڪار ۽ بيزاريءَ جا اثر ٽين دنيا ۾ پکڙجڻ لڳا تہ سي آءِ اي تمام گهڻن خطرناڪ مقصدن سان پنهنجي عالمي نظام کي پاڪستان ۽ ايران جهڙن ملڪن ۾ لاڳو ڪيو. اهو عوام کي اندر ئي اندر ۾ ڪچلڻ جو عمل هو. جنهن کي شاهن ۽ مارشل لائي آمرن ذريعي ٿاڦيو ويو. پوائنٽي آمريت کي ميدان ۾ لاٿو ويو ۽ عوام جي ڪنهن بہ تحريڪ کي پوءِ پل اُها جمهوري هجي يا انقلابي، بينڪيتي دور جي روايتي سختيءَ سان جديد بينڪيتي دور جي وڏيڪ خطرناڪ طريقن سان ڪچليو ويو. ايران ۽ پاڪستان جي عوام نئين بينڪيتي نظام جون پوائنٽيون شڪليون چڱي طرح ڏٺيون آهن. ان ڪري هتي سامراج خلاف ڏڪار ۽ ڪاوڙ جو دونهون اڃان بہ موجود آهي. پر سي آءِ اي هيا بہ ڪيترائي شڪار ڪيا آهن. چلي ۽ فلپائن ان جو مثال آهن. افغانستان کي تہ مڪمل طور گهرو لڙائي جو ميدان بڻائي ڇڏيو اٿن.

ٽين دنيا جا اُهي اپاڳا ملڪ جتي بادشاهتَن، آمرن ۽ لشڪرن جي مدد سان عوام کي ڪچليو ويو آهي. ٻن قسمن ۾ ورهائجي وڃن ٿا. هڪڙا اُهي جن جي جوڙجڪ حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان اهم آهي. جتي اڏا يا جنگي هيڙا رکيا هئا يا جتان جا مقامي لشڪر بہ استعمال ڪرڻا هئا. انهن ۾ فلپائن کان وٺي پاڪستان، ايران جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا. ٻيو قسم انهن ملڪن جو آهي، جتي بي پناهہ دولت آهي ۽ انهيءَ دولت تي رڳو آمريڪا ئي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. انهن ملڪن ۾ چلي آهي، جتي چاندي ۽ ٽامو آهي. سعودي عرب آهي، جتي نار هيٺان سون جو سمنڊ ڇوليون هڻي ٿو ۽ نار جا سمورا ملڪ تيل جا سمنڊ آهن. انهن سمنڊن تي آمريڪي بادشاهت ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ هيل تائين مڙهيل آهي. انهيءَ بادشاهت کي اڪيلي سر هلائڻ لاءِ ننڍيون وڏيون ڪارروايون ٿينديون رهنديون آهن.

اصل ۾ ٽين دنيا ۾ آمريڪي عالمي نظام يا نئين عالمي نظام جو تعين انهن ئي دولتمند ملڪن ۽ علائقن جي حوالي سان ٿئي ٿو. ايران ۾ بادشاهت جو تختو اونڌو ٿيڻ ۽ ساڳين ئي ڏينهن ۾ افغانستان جي انقلاب کان پوءِ پاڪستان جي عوام، آمريڪي ڏاڍ ڏمر جو بدترين دور ضياءَ جي مارشل لا ۾ ڏٺو. ساڳي طرح عرب دنيا ۾ عوام تي يا انهن ملڪن تي، جتي جون حڪومتون آمريڪي عالمي

نظام اُتي سيس ٿواڻ کان انڪاري هيون. آمريڪي ڌمر نازل ٿيندو رهيو. پري وڃي به لبيا جي قذافيءَ تي حملا، فلسطينين کي اجاڙ وڌيڪ برباد ڪرڻ جون ڪارروايون. اسرائيل کي وڌ کان وڌ هٿياربند ڪرڻ ۽ هاڻ جيڪو عراق ۾ ٿيو ۽ اڳتي ٿيندو رهندو. اهو سڀ ڪجهه تيل جي دولت جي اڪيلي سر مالڪ ٿيڻ لاءِ آهي.

انهيءَ ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ ساموهندي ٻيڙا، هوائي حملا ۽ لشڪري نوجوان ته آهن ئي، ڪجهه ٻيا حربا به انهيءَ نئين عالمي نظام جو حصو هوندا آهن. انهن ۾ تختا اونڌا ڪرائڻ ۽ قتل ڪرائڻ به واجب آهي. عوام جو قتل ۽ انفرادي قتل، شاهه فيصل جو قتل ان جو مثال آهي. جنهن اڳوڻي آمريڪي نئين عالمي نظام اُتي پٽيون اُپارڻ جو اعلان پاڪستان جي شهر لاهور ۾ ڪيو هو. 1973ع واري اسلامي ڪانفرنس، آمريڪي عالمي نظام لاءِ وڏو چئلينج هئي. ان کان پوءِ ئي تمام گهڻي تيزيءَ سان ٽين دنيا ۾ ڪيترن عوام دوست ۽ قومپرست اڳواڻن جا قتل ٿيا. تمام گهڻا تختا اونڌا ڪري اڻ ڏريون حڪومتون ۽ جمهوريتون ختم ڪيون ويون. ڪيترن ئي قسمن جا اقتصادي گهوٽالا پيدا ڪري عوام جي مصيبتن ۾ اضافو ڪيو ويو. اڄ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ تشدد ۽ دهشت گرديءَ جي جيڪا لهر آيل آهي، ان جا بنياد تن ڏينهن ۾ ئي رکيا ويا هئا. اهو به آمريڪي عالمي نظام جو حصو آهي ته ٽين دنيا جي عوام جو بي گناهه رت وهايو وڃي ۽ کين لاڳيتو بپ جي حالت ۾ رکيو وڃي.

1991ع وارو 'نئون عالمي نظام' ٽين دنيا جي ماڻهن کي وڌيڪ ڀوائتو لڳو آهي. شايد ان ڪري جو اهو اعلان ان وقت ڪيو ويو، جڏهن عراق تي تاريخ جي سڀ کان خوفناڪ بمباري ڪئي پئي وئي. شايد ان ڪري به ته آمريڪا کي للڪارڻ وارو اڄ ڪو به ناهي رهيو. رڳو هڪڙوئي سپر پاور بچيو آهي ۽ ان جو مڪروني ڪم آهي: ننڍن ملڪن کي ڦرڻ ۽ ڌمڪائڻ ۽ برباد ڪرڻ. نئين عالمي نظام جو اعلان انهيءَ ڪري به خوفائتو لڳو جو صدر بش تمام گهڻو ڀوائتو چهرو ٺيڪاري اهو اعلان ڪيو ته: عراق تي لکين ٽن بم ڪيرائبا. تقريباً هر ڏينهن ٿي- ويءَ تي ظاهر ٿي بنل ٽين دنيا کي نئين عالمي نظام جي ڌمڪي بلڪل اهين ڏني وئي جڏهن عراق کان پوءِ ٻين ملڪن تي به ساڳي بمباري ڪئي ويندي. هٽلر کان پوءِ ڪو خوفناڪ آواز انسانن جا لونءَ ڪانڊاريندي دنيا ٻڌو ته اهو صدر بش جي نئين عالمي نظام جي اعلان جو آواز هو. پر انهيءَ ٻپ کان ٻاهر نڪري جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته آمريڪا جو اهوڪو نئون عالمي نظام هيروشيما جي بربادي‌ءَ واري پروگرام کان ڌار ڪو نظام ناهي. نه ئي ويٽنام ۾ ويهه سال ڍڪهي بمباري کان وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. انهيءَ نظام ۾ عراقي اڳواڻ صدام حسين کي رستي تان هٽائڻ جو نقطو به شامل آهي. پر اها

بہ ڪا نئين ڳالھ ناهي. اهڙا ڪيترائي نظام پهرين بہ اچي چڪا آهن. چليءَ جي آئندي کان هندستان جي راجيو گانڌي تائين اهو نظام عملي طور تي هلي چڪو آهي. ڪير ڄاڻي تہ اڳتي ڪيترا آربر بُڪ ٿي چڪا آهن ۽ ڪنهن ڪنهن لاءِ ڪيترا رائونڊ هلندا.

اڄ نئين دنيا آمريڪا جي جاگير ٿي لڳي. سياست کان وٺي پيداوار، اقتصاديات ۽ بينڪاري تائين نئون عالمي نظام لاڳو آهي. اڄ انهيءَ اپاهڪي دنيا لاءِ ڪو ٻيو رستو ناهي، پر هڪ ڳالھ ضرور آهي تہ خود آمريڪا لاءِ اڳتي ڇا آهي؟ عراق کان اڳتي ڇا آهي؟ بمباريءَ کان پوءِ وري بمباري؟ بربادي‌ءَ کان پوءِ وري ٺمڪي؟ سڀ کان وڏي ڳالھ اها تہ جڏهن سمورا هڪ ئي مالڪ جا غلام هجن تہ آمريڪا پنهنجا هٿيار وڪڻندو ڪنهن کي؟ ڪٿي پنهنجو نئون عالمي نظام لاڳو ڪندو؟ ۽ ڪنهن جي خلاف؟ آخري ڳالھ اها تہ ڪيستائين سندس سامهون ميدان صاف رهندو؟ ٻئي سپرپاور لاءِ اڄ جڳھ خالي آهي، سڀاڻي نہ هوندي. ايڪويهين صدي پنهنجو سپرپاور پاڻ سان گڏ آڻيندي ۽ پنهنجو عالمي نظام بہ- ڪير ڄاڻي تہ اهو عالمي نظام سچ پچ نئون هجي ۽ ان جي دائري ۾ خود آمريڪي سپرپاور جو ظالم نظام، جيڪو هاڻ تمام گهڻو پراڻو ٿي چڪو آهي ڦاسجي وڃي. تاريخ سپرپاورن کي ٺٺندي ڀورا ڀورا ٿيندي بہ ڏٺو آهي.

# نئون عالمي نظام

سردار محمد قريشي

سوويت يونين کي هڪ متحد ملڪ جي حيثيت سان ختم ڪرڻ جو جيڪو عمل آمريڪا ۽ مغربي طاقتن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ شروع ڪيو هو اهو هاڻ ڏاڍي خوش اسلوبي سان پايہ تڪميل کي پهچي رهيو آهي. آمريڪي نيوي جي اڳوڻي سربراهہ ايڊمرل وليم ڪرو مطابق سوويت فوج جي سربراهہ مارشل اڪروميو هڪ ڀيري چيو هو تہ "اسان ٿي اهو سڀ ڪجهہ شروع ڪيو ۽ هاڻ اهڙا واقعا ٿي رهيا آهن جن جي اسان اڳڪٿي نہ ڪئي هئي." هن جو اشارو انهن 'سڌارن' ڏانهن هو، جيڪي ميخائل گورباچوف فوج جي حمايت سان شروع ڪيا هئا. مارشل موصوف بعد ۾ گورباچوف جو فوجي صلاحڪار هو ۽ 24 آگسٽ تي ڪيس سندس آفيس ۾ مئل حالت ۾ ڏٺو ويو. سندس انهي بيان ۾ اسرنڊڙ ملڪن لاءِ جيڪي پيغام آهي، تنهن کي 6هين سيپٽمبر تي جنرل آصف نواز جي متوقع تقرير کان پوءِ سمجهڻ ۾ وڌيڪ مدد ملندي.

في الحال سوويت يونين جهڙي سپرپاور جو جيڪو حشر ٿيو آهي. اچو تہ ان تي هڪ نظر وجهون: هي ڪنهن حد تائين سياسي قياس آرائي آهي، پر شايد اڳتي هلي تاريخ ان جي تصديق ڪري. ميخائل گورباچوف ڪميونسٽ ليڊرن ۾ عمر جي لحاظ کان ننڍو هو ۽ 1982ع کان 1985ع وچ ۾ ٽن ليڊرن جي مکيهني پنيان لاڏاڻي کان پوءِ اقتدار ۾ آيو هو. ڪنهن بہ نظام ۾ ننڍي ڄمار جا ماڻهو انهي نظام بابت عدم اطمينان واري ڪيفيت رکندا آهن ۽ سندس خيال ۾ انهي نظام کي سڌارن جي ضرورت هوندي آهي. انهن سڌارن جو نسخو بہ وٽن موجود هوندو آهي. اشتراڪيت جو بنياد بي ديني تي هو ۽ انهي نظام کان غير مطمئن ماڻهن جو مذهب ڏانهن لاڙو بہ فطري عمل هو. گورباچوف شايد عيسائي چرچ بحال ڪيا پر ٻئي پاسي مسلمانن تي سختي ۾ واڌ آندي.

روس ۽ سوويت يونين ۾ شامل ٻين جمهوريائن جي اڪثريت بنيادي طور عيسائي ۽ اڇي چمڙي وارن جي هئي پر اشتراڪيت هڪ مصنوعي ديوار هئي، جنهن هنن کي ٻين عيسائين ۽ اڇي چمڙي وارن کان پري رکيو هو. سموري گوري ۽ عيسائي دنيا ۾ اهو واحد مثال هو جتي هڪ گوري، عيسائي طاقت ٻئي گوري

عيسائي گروپ خلاف غيرگورن ۽ غيرعيسائي عنصرن جي مٿي تي هٿ رکي رهي هئي ۽ انهي سرپرستي جي ڪري انهن غيرعيسائي ۽ غيرسفيد فام عنصرن کي ترقي جون اهي منزلون طئي ڪرڻ جو وقت ملي رهيو هو، جنهن جي منطقي نتيجي ۾ دنيا ۾ نئين طاقت جو توازن بدلجي وڃي ها. هوننن ته ڪيئي غيرعيسائي ۽ غيرسفيد فام عنصر آهن پر جاگرافيائي وسعت ۽ افرادي قوت جي اعتبار کان رڳو مسلمان ئي انهي توجه جا مستحق آهن. ممڪن آهي اهو هڪ مفروضو هجي پر شايد گورباچوف کي انهي ڳالهه جو قائل ڪري ورتو ويو هو ته باقي مغربي دنيا سان وابستگي بحال ڪرڻ ۽ اصل دشمن يعني مسلمان دنيا خلاف متحد ٿيڻ لاءِ اشتراڪيت جي مصنوعي ديوار ڊاهڻ ضروري آهي. ان کان پوءِ سفيد فام ۽ عيسائي دنيا پنهنجي سمورن فوجي، معاشي ۽ سياسي وسيلن سان گڏ مسلم دنيا خلاف صف آرا ٿي ويندي ۽ عالمي سطح تي آقا ۽ غلام جي لائن واضح ٿي ويندي. انهيءَ اسڪيم کي صدر بش نئين عالمي نظام جو نالو ڏنو ۽ اهو اصطلاح عراق خلاف محاذ آرائي ۾ پهريون ڀيرو استعمال ٿيو عراق ئي اهو پهريون مثال به بڻيو جتي سوويت يونين اشتراڪي انقلاب کان پوءِ پهريون ڀيرو خاموش تماشائي جيان هڪ اتحادي ملڪ کي مارجڻ ڏنو ۽ انهي اتحادي ملڪ جي آبادي غيرسفيد فام ۽ غيرعيسائي هئي.

آقا ۽ غلام جي نظام ۾ بنيادي اصول هي آهي ته جيڪو غلام تابعدار هجي ۽ مرضي موجب ڪم ڪري، آقا ان سان سٺو سلوڪ ڪندا آهن ۽ جيڪو غلام حڪم عدولي يا بغاوت ڪري ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي آهي، جنهن جو مقصد عبرت پيدا ڪرڻ هوندو آهي. هتي اسان اها وضاحت ڪري ڇڏيون ته اسان جي خيال ۾ صدام حسين نه ته ڪا بغاوت ڪئي هئي ۽ نه ئي هو اسان جي نظر ۾ هيرو آهي. پر عراق هڪ ملڪ جي حيثيت سان هڪ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويو هو ۽ جيڪڏهن نار- جنگ کان اڳ عراق جي جيڪا فوجي صلاحيت هئي، اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن ان جي اقتدار جون واڳون مغرب دشمن هٿن ۾ اچي وڃن ها ته وچ- اوڀر ۾ طاقت جو توازن بگڙي وڃي ها.

قصو مختصر، سوويت يونين ۾ مبينه بغاوت جي 'ناڪامي' کان هڪدم پوءِ صدر بش ۽ ٻين ليڊرن اهو چوڻ شروع ڪيو ته ير، هاڻ ته يلسٽن سان ڏي وٺ ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته هن بغاوت دوران وڏي بهادري جو مظاهرو ڪيو هو. هتي اها ڳالهه به غور لائق آهي ته سوويت يونين اڃا قائم آهي ۽ ميخائل گورباچوف ان جو چونڊيل صدر آهي. پروٽوڪول جي تقاضا آهي ته آمريڪي صدر، سوويت صدر کان سواءِ سڌي طرح ڪنهن به ٻئي ليڊر جي سرپرستي نه ڪري پر بغاوت جي ناڪامي کان ترت پوءِ آمريڪي وزير دفاع ڊڪ چيني

26-

آگسٽ تي اعلان ڪيو تہ ”سوويت يونين ۾ جمهوريت جي عمل کي وڌائڻ ۽ فوجي رسوخ گھٽائڻ لاءِ يلسن جو وجود بهتر آهي.“ ياد رهي تہ اهو سڄو عمل گورباچوف شروع ڪيو هو. ڪانئس جيڪو ڪم ونڌو هو اهو هن ڪانئس ورتو. هاڻ يلسن جو وارو آهي. جڏهن هو اقتدار ۾ ايندو تہ سندس خلاف وري ڪنهن بہ شخصيت جي سرپرستي ٿيندي ۽ اهڙي طرح سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ بہ سمورن علائقن ۾ مخالف ڌر جون اهڙيون تنظيمون ڦاهيون وينديون جيڪي پاڻ ۾ وڙهنديون رهن. پهرين تہ گورباچوف کي صدارت ڇڏڻ لاءِ پرامن طريقي سان راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، ممڪن آهي ڪيس گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل بڻجڻ جي آڇ بہ ڪئي وڃي پر هو هڪ غيرمطمئن شخص آهي، تنهن ڪري اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ همراهہ جو ڪو ٻيو علاج تجويز ڪيو وڃي.

سو ڳالهہ پئي ڪئي سون نئين عالمي نظام جي. ان جو خلاصو هي آهي تہ ان ۾ هڪ واضح آقا آهي ۽ ان جا مائٽ مٽ آهن، يعني آمريڪا ۽ ٻيا عيسائي ۽ سفيد فام ملڪ. ٻيا غلام آهن ۽ جيئن تہ غلام کي پرائيوسي جو حق نہ آهي تنهن ڪري قومي سطح تي خودمختياري جو نظريو ختم. نتيجو هي آهي تہ عراق ڪيترو تيل وڪرو ڪندو ۽ اهو پيسو ڪهڙي ريت خرچ ٿيندو، ان جو فيصلو بہ گڏيل قومن جو ادارو ڪندو، جنهن ۾ آمريڪا جي مرضي شامل هوندي. منطق هي آهي تہ عراق هارائي چڪو آهي. جيتوڻيڪ انهي شڪست جو صدام حسين جي حڪومت تي ڪو اثر نہ ٿيو آهي. جنهن کي اڳ جيان تسليم ڪيو پيو وڃي ۽ نہ ئي ان خلاف ڪا ڪارروائي ڪئي وئي آهي، صدام پنهنجي ايئرڪنڊيشنڊ بنڪر ۾ ائين ويٺو آهي- اصل ڪارروائي تہ عراقي عوام خلاف آهي، جيڪو ڏڪار ۽ بيمارين جو شڪار آهي ۽ ايندڙ پنجاهہ سالن تائين ائين رهندو. سوويت يونين جي آزاد ٿيل ملڪن کي شروع ۾ ڪنٽرول هيٺ رکيو ويندو ۽ عدم استحڪام جي تلوار مٿانئن لٽڪندي رهندي. اڳتي هلي اهي سڀ آمريڪا جي غلامي اختيار ڪندا. انهن جون مالي ضرورتون عرب دنيا کان پوريون ڪرايون وينديون. عربن کي روڪ امداد ڏيڻ کان سواءِ سائڻ واپار ڪرڻ تي بہ مجبور ڪيو ويندو جنهن سان ٻي مسلم دنيا جو ويتر وڌيڪ نقصان ٿيندو. ٽين دنيا ۽ خاص طور مسلمان ملڪن لاءِ ٻہ ئي صورتون آهن: يا تہ اهي آمريڪا جي ڪيسي ۾ رهن يا وري پناهگير ڪئمپ ۾- اهوئي نئون عالمي نظام آهي!

# نئين عالمي نظام
## جو پيش منظر ۽ پس منظر

نياز حسين

آمريڪا جو نئون عالمي نظام اڄڪلهه بحث جو موضوع بڻيل آهي، ڪو چوي ٿو ته نئون عالمي نظام مسلمانن کي ناس ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو پيو وڃي. ڪو چوي ٿو ته ان جو مقصد عرب ملڪن ۾ هڪ وسيع تر ۽ سگهاري اسرائيل جو قيام آهي. ڪنهن موجب اهو اُسرندڙ ملڪن جي استحصال جو نئون سڌريل طريقو آهي. ڪو اهو ٿو چوي ته ان جو ايندڙ نشانو پاڪستان ۽ ايران هوندا. ڪو ان مان اهو نتيجو ٿو ڪڍي ته ان جو مقصد هڪ سپرپاور ذريعي سڄي دنيا کي ڪنٽرول ڪرڻ آهي. ڪو ان نظام جا بنياد گورباچوف جي پراسترائيڪا سان ملائي رهيو آهي، جنهن ۾ سندس چواڻي ته انساني بنيادن تي هر ڪنهن سان منصفاڻو ۽ برابريءَ وارو سلوڪ ڪيو ويندو. يعني دنيا ۾ مذهب ۽ نسل جي ڀيد کان سواءِ غربت، بک ۽ بدحاليءَ جو خاتمو ڪيو ويندو. مطلب ته ان نظام تي مختلف قسمن جا نقطءِ نظر اچي رهيا آهن. پر غور جوڳو مسئلو اهو آهي ته اسين ان ڳالهه جو جائزو وٺون ۽ معلوم ڪريون ته اهي ڪهڙا سبب آهن، جن ڪري نئين عالمي نظام کي وجود ۾ آڻڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ اُهي ڪهڙا عنصر آهن، جيڪي انهيءَ نظام جي جوڙجڪ ۾ سهڪاري ثابت ٿيا يا اهي ڪهڙا اثر آهن، جيڪي انهيءَ نئين نظام جي ڪُک مان جنم وٺندا. انهن سوالن جا جواب ڳولهڻ ئي نئين عالمي نظام جي حقيقي تشريح ۽ ان جي اثرن ۽ نتيجن جي ڄاڻ جو بنياد آهن ته جيئن اسرندڙ قومن کي پنهنجي مستقبل جي قسمت جو صحيح شعور حاصل ٿي وڃي ۽ اهي هينئر کان پنهنجيون ترجيحون ٺاهڻ شروع ڪن.

اسان جي خيال ۾ نئون عالمي نظام ان وقت کان جُڙڻ شروع ٿيو، جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي دوران آڪٽوبر 1917ع ۾ روس ۾ عظيم سوشلسٽ انقلاب آيو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ اولهه يورپ ۽ آمريڪا پنهنجن اباڻن علائقن ۾ سسندا ويا ۽ سندن سامراجيت ۽ سرمائيداريءَ کي اهڙو لوڏو آيو، جو ڪين ٻي



CS CamScanner

مهاياري لڙائيءَ لاءِ رستو صاف ڪرڻو پيو. پر انهن جي مقابلي ۾ هر هنڌ سوشلزم آفاقي حيثيت حاصل ڪندو ويو. جنهن ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلابن سبب اولهه يورپ جي استحصالي ڪردار جو جنازو ڪڍجي ويو. هاڻ سامراجيت ۽ سوشلزم وچ ۾ هڪ باقائدي محاذ کُلي ويو ۽ اُن وقت ته انهيءَ وڌيڪ تيزي اختيار ڪئي، جڏهن ٻي مهاياري جنگ جو خاتمو آمريڪا، برطانيا، فرانس ۽ سوويت يونين جي سوڀ ۽ جرمني، اٽلي ۽ جاپان جي شڪست جي صورت ۾ ٿيو. سوويت يونين کان سواءِ باقي سمورا ملڪ سامراجي ۽ سرمائيدار هئا. جن مان ڪن کٽيو ته ڪن وري هارايو. فاتح اتحادي ملڪن وچ ۾ قبضي ۾ آيلن جي ورهاست ٿي، ظاهري طور تي انهيءَ جنگ ۾ روس کي نسبتاً وڌيڪ فائدو ٿيو ۽ آمريڪا ۽ اولهه يورپ گهاٽي ۾ رهيا، ڇاڪاڻ جو هڪ پاسي سوشلزم عالمي معيشت جا بنياد جوڙي رهيو هو ته ٻئي پاسي جون سموريون قبضي ڪيل رياستون ۽ ٻيٺڪيتون قومي آزاديءَ جي تحريڪن وسيلي آزادي ماڻي رهيون هيون. ان کان سواءِ جنگ جي تباهي آڻيندڙ اثرن ڪري سمورو اولهه يورپ معاشي بدحاليءَ جو شڪار هو. پر ان عرصي ۾ آمريڪا اڪيلو ملڪ هو، جنهن ٻي مهاياري لڙائي مان سڀ کان وڌيڪ فائدو حوصل ڪيو. اولهه يورپ جي ملڪن پنهنجي صنعتي ۽ معاشي ضرورتن لاءِ آمريڪا کان شيون گهرائي پنهنجو سرمايو آمريڪا اُماڻڻ شروع ڪيو. آمريڪا پنهنجي صنعتي ۽ جنگي معيشت کي ان حد تائين سگهارو ڪيو، جو ان جون ٻيٺڪون اولهائين دنيا جي سون سان ڀرجي ويون. هاڻ ان ايشيا جي نون آزاد ٿيل ملڪن جي بورجوا قيادتن سان ناتا ڪيا ۽ کين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي بهاني ڳوڙن وياجن تي دفاعي ۽ اقتصادي قرض ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ائين سڄو ڏکڻ اوڀر ۽ وچ اوڀر ايشيا ان جي جديد ٻيٺڪيت ۾ بدلجي ويو. هاڻ هو ان قابل ٿي ويو هو جو هو پنهنجي اتحادي سرمائيداري ملڪن سان گڏجي پنهنجو سمورو نعد سرمائيداري نظام جي بقا ۽ ان جي ڪُڪ مان جميل هڪ هتي واري نظام جي واڌ ويجهه ۽ سوشلزم جي وڌندڙ لهر جي ٽوڙ تي لڳائي. ان ڏس ۾ چار رهنما اصول جوڙيا ويا:

1- سامراجي جنگ جي ڪنهن قسم جي امڪان کي ختم ڪرڻ.
2- سوويت يونين ۽ چين ۾ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ ته جيئن اهي اندر وني تضادن ۾ وچڙي پون ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن خلاف جنگي حڪمت عمليءَ وسيلي بورجوا انقلابن لاءِ رستو ناهڻ.
3- ايشيا ۽ آفريڪا جي ٻين ملڪن ۾ سامراج دوست حڪومتون آڻڻ ۽ انهن ۾ تضادن کي وڌائڻ.
4- وچ اوڀر جي تيل وارن ذخيرن تي قبضو ڪري عالمي سرمائيداري نظام جي



CamScanner

سرواڻي ڪرڻ.

پهرئين اصول لاءِ آمريڪا آءِ ايم ايف، عالمي مارڪيٽنگ، عالمي بينڪ، ڪنسورشيم، گيٽ ۽ صنعت ۽ واپار جا ٻيا عالمي اقتصادي ادارا قائم ڪيا ته جيئن سرمائيدار ۽ سامراجي ملڪ اسرندڙ ملڪن کي انهن ڪڏيل مشوري سان ڳوڙهي وياج تي دفاعي ۽ اقتصادي قرض جاري ڪن، جو ڪين پنهنجي پنهنجي حصي جو وياج ۽ نفعو به ملي ۽ سندن وچ ۾ ڪنهن قسم جو اقتصادي ۽ سامراجي ٽڪراءُ به نه ٿئي. ان طرح به آمريڪا روس کان گوءِ کٽي ويو. ان جنگي معيشت ذريعي جتي سوشلزم جي وڌندڙ اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ اُسرندڙ ملڪن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جو ختم نه ٿيندڙ سلسلو شروع ڪيو، اُتي اَڻ مئي دولت به ڪمايائين.

ٻين اصول لاءِ آمريڪا ڪيترن ئي طريقن سان ڪم ڪيو. ان سڌسماءُ جي زبردست ذريعن وسيلي جاندار ۽ ڀرپور پروپئگنڊا ۽ خاص طور تي وچ اوڀر جي سوشلزم مخالف اسلامي تنظيمن ذريعي اوڀر يورپ جي بالٽڪ رياستن ۾ سوويت يونين خلاف قومي، لساني ۽ مذهبي تحريڪون شروع ڪرايون. ڪيترائي ڀيرا لينن، اسٽالن، برزنيف ۽ گورباچوف قوميتن جي مسئلي کي حل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون، پر ناڪام ٿيا. آمريڪا چيانگ ڪائي شيڪ ذريعي چيني انقلاب کي ناڪام ڪرڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون. اتر ڪوريا تي حملو ڪيائين. ڏکڻ ويٽنام ۾ پڻ پير ڪپائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ڪيس شرمناڪ شڪست کائڻي پئي. نيٽو جي دفاعي ٺاهه هيٺ اولهائين ملڪن جون فوجون آمريڪي ڪمان ۾ وٺي سوويت يونين خلاف سرد جنگ جو محاذ به کوليو ويو ۽ اولهه جرمني، اٽلي ۽ جاپان کي ڳوڙهي اقتصادي ۽ صنعتي امداد ڏئي روس ۽ چين کي چئني پاسن کان گهيريو ويو ۽ ان جو جيئڻ جنجال ڪيو ويو.

ٽئين رهنما اصول لاءِ آمريڪا سڀ کان اڳ ايشيائي، آفريڪي ۽ لاطيني ملڪن کي اقتصادي ۽ دفاعي قرض اهڙن ڏنا جو اتان جو حڪومتون آمريڪي مفادن جون محافظ ٿي رهن. ان ۾ هو پوري طرح ڪامياب ٿيو. انهيءَ اصول کي نظر ۾ رکندي ان سيٽو، سينٽو ۽ آر سي ڊي وغيره جهڙن علائقائي دفاعي ٺاهن ذريعي، انهن ملڪن کي سوشلزم جي وڌندڙ واچوڙي آڏو بند طور استعمال ڪيو. انهن ملڪن ۾ مذهبي تحريڪن به آمريڪي مفادن جي حفاظت ۽ سوشلزم کي روڪڻ جو ڪم ڪيو. جيتوڻيڪ اولهه انهن تحريڪن کي بنياد پرستيءَ جي نالي تي ننديندو رهيو پر لڪ ڇپ ۾ انهن جي ڀرپور حوصلي افزائي به ڪندو رهيو. اسرائيل ۾ انتفادا تحريڪ جي ائين سرپرستي ڪيائين جو، فلسطين جي آزاديءَ واري تنظيم پي ايل او جيڪا عرب قوم پرستيءَ جو سڀ کان وڏو اهڃاڻ هئي، ٻي وس ٿي وئي. ڀارت، بنگلاديش، ملائيشيا، انڊونيشيا، سوڊان ۽ مصر ۾

سوشلزم خلاف مختلف قسمن جون مذهبي تحريڪون پيدا ڪيون. ساڳي
پارت ۾ جيڪو سيڪيولرزم جو سڀ کان وڏو پرچارڪ آهي، مختلف
مذهبي، لساني ۽ قوميتي تحريڪن ذريعي ڏڦير ڦهلائڻ جي ڪوشش
پنجاب ۾ سکن جي مذهبي تحريڪ، تامل نادو ۾ هڏن جي تحريڪ،
رام مندر جو مسئلو. اهي سڀ سوشلزم جي ڪنيل وک کي روڪڻ ۽ پارت
ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون آهن. پاڪستان ۽ پارت، عراق ۽ ايران،
شام جي وچ ۾ انهن مقصدن ڪري ئي ڪڏهن به ناهه نه ٿيڻ ڏنو ويو ۽
وقت علائقائي جهيڙن ۾ ڦاسائي رکيو. ايستائين جو نسلي مت ڀيد ۽ علائقائي
قوميتي تضاد پيدا ڪري اُسرندڙ ملڪن جي سامراج خلاف ڪڏيل
تحريڪن کي به ڇيهو رسايو ويو. پُٽي شهيد ٿين دنيا جو نعرو هنيو ۽ سامراج
جي ڀيٽا ئي ويو. اندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌيءَ اڻ- ٽرين ملڪن جي
تحريڪ جي واڳ سنڀالي ته اهي به سامراج جو ڪاڄ بڻجي ويا. صدام
حسين عرب قوم پرستيءَ جي سرواڻي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس به
سيڪت ڏني وئي.

افغانستان لاءِ به ساڳي حڪمت عملي جوڙي وئي. افغانستان ڳچ عرصي کان
روس جي اثر ۾ هو. آمريڪا چاڻي ٻجهي روس کي اُتي اڙائي ڪرڻ جو موقعو
ڏنو ۽ ڪجهه فرنٽ لائين رياستن جي سهڪار سان جنگ شروع ڪري ڏنائين
ايستائين جو روس کي نه رڳو اُتان نڪرڻو پيو، پر ان کي سرد ۽ گرم ٻنهي قسمن
جي جنگين تان هٿ کڻڻو پيو. جڏهن ايران ۾ سامراج خلاف مذهبي انقلاب آيو ته
روس ۽ آمريڪا پنهنجي پنهنجي مقصدن لاءِ عراق جي ڀرپور مدد ڪئي ۽ شط
العرب جو مسئلو پيدا ڪري، ايران خلاف عراق هٿان حملو ڪرايو. انهيءَ جنگ
۾ به آمريڪي مقصد سوڀارا ٿيا. ڇاڪاڻ جو آمريڪا ايراني بنياد پرستيءَ
جي بهاني ايران کي سامراج دشمنيءَ جي سزا ڏني. جڏهن ته روس هڪ سامراج
دشمن قوت کي پنهنجن هٿن سان ئي تباهه ڪري ڇڏيو.

ڇوٿين اصول لاءِ هاڻ آمريڪا جو رستو صاف آهي. پنجٽيهن سالن کان
هلندڙ سرد جنگ جو خاتمو سندس حق ۾ هو. ڊگهي عرصي تائين جنهن سوشلسٽ
قوت سرد جنگ ذريعي سندس مقابلو ڪيو هو، اُها هاڻ ڪمزور ٿي چڪي آهي.
افغانستان مان بيعزتو ٿيڻ کان پوءِ روس نه رڳو اندروني تضادن جو شڪار ٿي
ويو آهي، پر معاشي گهوٽالي مان نڪرڻ لاءِ اوله ڏانهن واجهائي پيو. روسي
سوشلسٽ نظام جي شڪست جا ٻه اهم سبب آهن:

1- سرد جنگ لاءِ هٿيارن ناهڻ واري صنعت مان روس کي ڪوبه معاشي فائدو
حاصل ٿي نه سگهيو. ان جو بنيادي سبب معيشت جو سوشلسٽ نظام هو.
آمريڪا وانگر جنگي معيشت سندس مقصد نه هئي ۽ نه ئي سندس ڪي

سامراجي مقصد هئا، جو اُسرندڙ ملڪن جي دولت پاڻ ڏانهن منتقل ڪري. تنهن ڪري انهيءَ معاشي ٻوڙ ۾ ۽ خاص طور تي هٿيار ٺاهڻ واري صنعت ۾ رڳو پنهنجي ملڪي وسيلن تي ڀاڙيو پيس، جيڪو ظاهر آهي تہ روسي عوام جا عضوا ڪپڻ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هو ۽ جڏهن اتان جي اقتصادي حالت بدحالي جو شڪار ٿي تہ وٽن هٿيارن ۾ گهٽتائي جي ٺاهہ ڪان سواءِ ڪوبہ چارو نہ هو. جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ آمريڪا سرد جنگ وسيلي تمام گهڻا فائدا حاصل ڪيا. اسرندڙ ملڪن جي وچ ۾ پنهنجي جاسوسي ادارن ذريعي، تضادن جو اڀياس ڪري، پنهنجي سڌسماءُ وارن ذريعن وسيلي انهن تضادن کي اُڀاريائين ۽ آخر ۾ ننڍيون وڏيون لڙايون ڪرائي، اُتي پنهنجا هٿيار اربين کربين ڊالرن ۾ وڪيائين. ان سان هڪ پاسي تہ آمريڪا اقتصادي طور تي سگهارو ٿيندو ويو ۽ ٻئي پاسي سوشلزم خلاف ان جو محاذ بہ مضبوط ٿيندو رهيو.

2- روس مذهب ۽ قوميت کي طبقاتي جدوجهد جي مقابلي ۾ ڪا اهميت نہ ڏني. ان ڪري ٽين دنيا جي مذهبي ۽ قومي ادارن جي سهڪار ڪان سدائين محروم رهيو. هُن بين الاقوامي پرولتاري طبقاتي تضاد وسيلي پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهي. جنهن ۾ تمام گهڻو ناڪام ٿيو. ڇاڪاڻ جو سامراجي ملڪن جا مزدور پوئتي پيل ملڪن جي مزدورن ڪان گهڻا سکيا ستابا هئا. ان ڪري سڄي دنيا جا مزدور هڪ ٿي نہ سگهيا ۽ نہ ئي انهن ۾ سامراج خلاف ڪنهن قسم جو اتحاد جڙي سگهيو پر سندن تضاد غريب ملڪن جي پرولتاريا سان اڃان بہ وڌي ويو. جن جي محنت تي سندس خوشحاليءَ جو وجود پلجي رهيو هو. روس ڪڏهن بہ قوم پرستيءَ وارين تحريڪن جي حمايت نہ ڪئي. وچ اوڀر ۾ بيشمار عرب قوم پرستيءَ جون تحريڪون اڀريون، پر روس انهن جو اڀياس ڪرڻ بنان ئي انهن جي حيثيت کي گهٽ ڄاتو ۽ ڪيترن ئي عرب ۽ ٻين اسرندڙ ملڪن جي قوم پرست اڳواڻن کي رڻ جا ٿاها ڪائڻ تي مجبور ڪيو.

اهي ئي سبب هئا، جن ڪري روس کي پراسترائيڪا جو سهارو وٺڻو پيو ۽ اوله سان ٻڌي سرد جنگ جو خاتمو آڻي، سرمائيداراڻي ٺاهہ ڪرڻو پيو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ هاڻ عالمي سامراج آڏو ڪا رڪاوٽ باقي ناهي. ان سبب ڪري وچ اوڀر ۾ نار جو مسئلو اُڀاري، پنهنجي تيل وارن مفادن جو تحفظ ڪيو. اها سندس آخري ٻرانگهہ هئي. سوشلزم خلاف خرچ ڪيل دولت واپس موٽائڻ ۽ نئون عالمي نظام قائم ڪرڻ جو ان ڪان بهتر ڪو بہ طريقو نہ هو.

جيتوڻيڪ ظاهري طور تي آمريڪا سامراجي جنگين جي خاتمي جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اصل ۾ هو اهو ڪرڻ جي اهليت نٿو رکي، ڇاڪاڻ

جو سامراج جي ارتڪاز واري مسئلو ۽ سامراجي ملڪن وچ ۾ عالمي سامراجي اڳواڻيءَ جا تضاد انهيءَ آڏو سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهن ۽ پوءِ عالمي سامراجيت پاڻ به سامراجي تضادن جي ڪک مان جمي ٿي. اها پنهنجا ئي پيدا ڪيل تضاد ڪين ٿي ختم ڪري سگهي. جاپان، جرمني، فرانس ۽ اٽليءَ انهيءَ سامراجي تضاد واري ريس ۾ پڇري رهيا آهن ۽ نار واري لڙائي کان پوءِ ڪين نيڪيداري ۾ به ڪو رنگ واري حصو نه ملي سگهيو وڏي سندن اقتصادي حالت به گهڻي بهتر ناهي. نه ڄاڻ سندن وچ ۾ ڪڏهن لاوو ڦاٽي پوي، جيڪو نئين عالمي نظام جو خاتمو آڻي ڇڏي. قومن جي جنگين کي روڪڻ رڳو ديواني جو خواب آهي. انهيءَ سامراجي تضاد کان پوءِ اسين ٽن قسمن جا بين الاقوامي تضاد پنهنجي اکين آڏو اڀرندي ڏسون پيا، جيڪي نئين عالمي نظام جا بکيا اُڌيڙڻ ۽ عالمي سوشلسٽ نظام جي قيام لاءِ سرگرم عمل آهن:

1- پهريون تضاد، نئين عالمي نظام سان لاڳاپيل اُسرندڙ قومن جي مظلوم قوم پرست عوام ۽ عالمي سامراج جي وچ ۾ تمام گهڻو تيز ٿي ويندو. ٽين دنيا جي ملڪن ۾ نئين عالمي نظام خلاف اهي تحريڪون زور ٿينديون ۽ قومي خودانحصاريءَ لاءِ جدوجهد اڃان وڌيڪ تيز ٿيندي. پر هاڻ عالمي سامراج خلاف اهو تضاد سڌو سنئون نه پر اڻ سڌو هوندو. يعني اهو تضاد مقامي قوم پرست هارين، مزدورن ۽ مقامي صنعتي بورجوا جي وچ ۾ هوندو، جيڪو نئين عالمي نظام جي چيمپئن آمريڪا جو پڇ لٽڪائو آهي ۽ جيڪو عالمي سامراج جو محافظ ۽ چوڪيدار آهي. پر اهو تضاد طبقاتي کان وڌيڪ قومي يا قوميتي بنيادن تي جُڙندو. لينن موجب مارڪسزم جو اصل اصول اهو آهي ته حالتن موجب سامراج خلاف انقلابي جدوجهد ڪئي وڃي. چاهي اها رجعتي هجي يا غيرمارڪسي يا چاهي اها ضابطي واري جمهوريت خلاف ئي ڇو نه هجي. پر اهو ضروري آهي ته ان جو هر قدم سامراجيت جي ڪمزوريءَ تي تتل هتوڙي جو اثر رکندو هجي. هر قومي آزاديءَ واري تحريڪ کي ان جي نتيجن جي نقطي نظر سان جاچڻ گهرجي، جيڪي ان تحريڪ جي سامراج دشمن بيلنس شيٽ مان ظاهر ٿيندا آهن. مثال طور اهو ضروري ناهي ته پاڪستان جي قومي تحريڪ ۾ طبقاتي جدوجهد جي حوالي سان محتاج بورجوا ۽ مصنوعي صنعتي ترقي خلاف رڳو پرولتاريا ئي اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پر هاري ۽ مزدور طبقي سان گڏوگڏ سکيا ستا آبادگار ۽ قوم پرست جاگيردار به اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

2- ٻيو تضاد نئين عالمي سامراجي نظام ۽ اسرندڙ قومن جي گڏيل قومي آزاديءَ واري جدوجهد جي وچ ۾ جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندو ويندو. ٽين دنيا جون مظلوم قومن پاڻ ۾ اختلافن کي ختم ڪرڻ ۾ رڌل آهن ۽ سامراج خلاف

واحد محاذ جي صورت ۾ گڏجي رهيون آهن. جڏهن ته ٽئون عالمي نظام قومن کي منتشر ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي. هاڻ قومي سوال ڪنهن خاص رياست جي قومي مسئلي کان وڌيڪ بين الاقوامي سوال، يعني سموري دنيا جي پوئتي پيل قومن جي عالمي سامراجيت جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري واري سوال جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. ٻار واري جنگ کان هڪدم پوءِ عربن ۾ سجاڳيءَ جي نئين لهر پيدا ٿي آهي ۽ هو عربن جي حقيقي ايڪتا ڏانهن وڌي رهيا آهن.

3- ٽيون تضاد سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ جي وچ ۾ ختم ناهي ٿيو. جيتوڻيڪ پراسترائيڪا ۽ گلاسنوسٽ ذريعي روس ۾ ان جي ٽڪاٽپ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تنهن هوندي به اهو تضاد دنيا جي ٻين سوشلسٽ ملڪن ۾ اڃا تائين موجود آهي ۽ ان جي ٽڪاٽپ ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي پر ان ۾ هڪ تبديلي ضرور آئي آهي، جو هاڻ اهي تضاد قومي تحريڪن جي حوالي سان وڌندا ويندا.

# نئون عالمي نظام

## ۽ ڪميونسٽ تهذيب جو زوال

ف- م لاشاري

روس جي اندر ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي لڳڻ، ماسڪو مان ڏاٽي ۽ هٿوڙي واري جهنڊي جو لهڻ ۽ لينن ۽ ڪارل مارڪس جي مجسمن کي بيعزت ڪرڻ سان ڪميونسٽ تهذيب جي زوال جو وڏو حصو مڪمل ٿي ويو. اڳ ۾ ميٽ ڪڍڻ نه ٿيو آهي ته ڪنهن نظريي جا پوئلڳ پاڻ ائين ويهي پنهنجي نظريي کي دفن ڪن، جيئن ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ميخائل گورباچوف ڪيو. ڪڏوڪڏ هڪ ضابطي ۽ نظام کي باضابطہ طور ٽوڙڻ سان گڏ ٿي ڪجهه رياستن ماسڪو کان پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو. يوڪرين، ايسٽونيا، لٿوئينيا ۽ بائلورشيا وارن اڳ ئي ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي وجهي ڇڏي هئي ۽ پاڻ کي پاڻ آزاد به ڪيائون.

هڪڙي ئي هفتي جي اندر تبديليون طوفاني رفتار وٺي هلي پيون. گورباچوف جو اقتدار ويو- وري ٻاهتر ڪلاڪن ۾ بحال ٿي ويو ۽ جڏهن واپس آيو ته اڳ کان اڳرو ۽ گهڻو مضبوط ڏسڻ ۾ آيو، پر اڃا ٻاهتر ڪلاڪ نه ٿيا ته هو ٻڏيءَ جي پد کي وڃي پهتو ۽ روس جي پنجاب صوبي، رشيا جو اڳواڻ يلسٽن اصل معنيٰ ۽ مفهوم ۾ طاقتور ترين ماڻهو ٿي اُڀري آيو. ۽ آمريڪا ڄڻ ته ان سموري ناٽڪ ذريعي ڪميونزم کي هرويرو جو ۽ جمهوريت دشمن ڪتراڳ ثابت ڪري ختم ڪري ڇڏيو!

اهو سڀ ڪجهه جيڪو به ڏينهن اڳ تائين ٿيو، اُن لاءِ آمريڪي صدر جارج بش بنا ڪنهن لڪ لڪاءَ جي چيو آهي ته اهو سڀ جو سڀ آمريڪي مفادن مطابق ٿيو آهي. هاڻي جارج بش کي تڪليف ڪرڻ جي به ضرورت نه رهي جو ڪٿي چوي ته ڪميونزم جو خاتمو دنيا جي امن ۽ عالمي جمهوريت جي مفاد وٽان ٿيو آهي. بلڪل نه! عين آمريڪي مفادن وٽان- ۽ آمريڪي مفادن جي اها خدمت ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ايڏي حد تائين ڪئي جو پاڻ تان ان عهدي جو ڪنگهڻ به لاهي ڇڏيائين.

لطيف سائين چيو هو: ”ڪريان هوند ايئن، جيئن ڪميٽي ڪاڻ ڪري- پر ٿالو سندو نينهن وري ڪاڻ ڳنهندي ڪڏهين.“ پر گورباچوف، ’ڪريان هوند ائين‘ واري آدمي ٿي عمل ڪري ڇڏيو. هاڻ ڪميونزم، ڪنهن نينهن جو ٿالو نه هجڻ واري لامحدود سامراج جي هٿان زخم کائي، ڇڙي ساهه ڏيندڙ شيءِ ٿي هليو ويو. باقي بچيو آهي ڇين، جنهن سان اڳ ئي هٿ ڳنڍيل هئا. پر هاڻي نهي سنبري ڪيس مت ڏني ويندي- ۽ تيستائين ان حالت ۾ به ڪيس سيدن جي پاڙي ۾ ڀنگي وانگر ڪري رکيو ويندو.

ڪميونزم، 1848ع ۾ ڪارل مارڪس جي لکيل مختصر تحرير ’ڪميونسٽ پڌرنامو‘ کان وٺي 24 آگسٽ 1991 تائين هڪ نظرئي، رومانس ۽ نينهن جو ٿالو هو. هڪ باضابطا نظرئي هجڻ ۽ وري اُن جي رياستي اقتدار واري شڪل اختيار ڪرڻ جا جيڪي به اڳهڻ ٿي پئي سگهيا، سي منجهس هئا. مها پرش ليڪ ليو ٽالسٽائي، ڪميونسٽ نظرئي جي موجودگي ۾ ئي ڪتاب لکيو هو ته ’نيڻ ڇا ڪجي؟‘ جنهن تي ڪميونسٽن ڪيس ٺوڪيو به هيو، ته جڏهن ڪميونزم جهڙو نظريو موجود آهي، تڏهن نيڻ ڇا ڪرڻ جهڙي مونجهاري ۾ پوڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. روسي انقلاب جي شروعاتي ڏينهن تي لکيل ناول ’ڊاڪٽر زواگو‘ ۾ ڳاڙهي انقلاب کي قائم ڪرڻ جي مرحلي کي احساس جي هٿان کهوڙا کهمائي ڇڏڻ جي نئين شڪل سڏيو ويو- پر تڏهن به نظرئي جي نواڻ جو رنگ ختم نه ٿي سگهيو، ڇو ته شولو خوف جي تحريرن ’ڊان وهندو رهيو‘ ۽ ’ڪنواري ڌرتي اُٿلي پئي‘ ۽ هيون اڪيچار تحريرون دنيا جي اڳيان نون احساسن ۽ اُمنگن جا سيٽ کٽي آيون. وجودي فلسفي جي ليڪ نڪاس ڪازنتاڪيس جي ناول ’زوربا دي گريڪ‘ جو هيرو 1917ع واري انقلاب جي عرصي ۾ ماسڪو گهمڻ ٿو وڃي ۽ اُتي جي هولي، توڙي اشارا نٿو سمجهي ته هڪ ريبگارڊ جو بالشويڪ سپاهي، رائيفل، پاسي تي رکي، رقص ڪري ڪيس سڄي انقلاب جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. ڇا اهو سڀ ڪجهه هڪ نئون نينهن نه هو جنهن لاءِ اڳتي هلي ڇلي کان وٺي جپان تائين لکين ڪميونسٽن پنهنجون جانيون ڏنيون؟

پر هيءَ حقيقت آهي ته اهو نينهن هاڻي ٽُٽي پيو آهي. ٽُٽل کي ٽاڪو نٿو لڳي. شيون، ڳالهيون، نظريا ۽ عقيدا پراڻا ٿيندا آهن. پاڻ کي قائم ڪندا آهن، جمائيندا آهن ۽ رياستي اقتدار دنيا جي هر نينهن، هر عشق ۽ عقيدي جو دشمن ٿئي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن اُهو جنهن نظرئي جي گهوڙي تي چڙهي ٿو هلي، هڪ ڏينهن اُن کي به منٻو ڪري، ٽڪائي ماري ٿو ڇڏي. ٻي عالمي لڙائي وقت مارشل اسٽالن، ڪميونزم ۾ ويساهه رکندڙ، پر اُن جي اندر جي آزادي ماڻڻ جي خواهشمند مارشل ٽيٽو کي يوگو سلاويا ۾ ڏک پهنچايا ۽ ڪوڙن آسرن تي رکيو

جنهن ڪري "سڄي دنيا جا مزدور متحد ٿيو" واري نعري جي رومانس کي ڌڪ لڳو. پر ٿيڻو خود اقتدار جي مسند تي ويٺو ۽ غيرجانبدار عالمي تحريڪ جهڙي "ٽريڊ يونين" جي باني مان ٿيو. تڏهن به سنڌس ساٿي ۽ نائب صدر ملاون جلاس ڪاٽس بچي وڃي آمريڪا ۾ پناهه ورتي ۽ ڪميونزم جي غيرطبقاتي سماج اڏڻ واري دعويٰ خلاف ڪتاب لکيائين "نئون طبقو." اهو نئون طبقو ٽيڪنو ڪريٽس، ڪامورا شاهي يا رياستي مشينري ئي هو ۽ اها آهي به حقيقت. هن نظريي جي جمار لڳ ڀڳ ٽيهه سؤ سال ۽ اقتداري تجربي کي اُناسي سال ٿيا. ڪتابي نظريي، فلسفي ۽ منطق جي حساب سان ان جو موت نه ٿيو آهي. پر ان جي عمل ۾ اچڻ واري عرصي کي سندس ڪاميابي يا ناڪامي جو پيمانو ضرور بڻايو ويندو. ۽ ان جي ناڪامي ۾ ان شعور جو وڏيڪ حصو آهي، جيڪو خود ڪميونزم جي ڪاٺي تي چڙهي آيو. هن نظريي هڪڙا آدرش ڏنا جيڪي عمل ۾ پورا نه ٿيا. نياڻ ڪٽي ٻاهريون ۽ سامراج جو هو، جنهن پهرين ڏينهن کان ڪيس هٿيارن جي ڀوڳ ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ باقي آدرشن کي نظريي جي قائم رکڻ لاءِ هڪ ڊگهي عرصي تائين قربان ڪيو ويو. جنهن جي ڪري ماڻهو ٿڪجي پيا– ۽ ان ٿڪاوٽ کي سامراج پنهنجي ڪم آندو.

پر ياد رکجي ته روس ۾ ڪميونزم جو زوال، مارڪسي جدليات جي هن بنيادي اصول جو ثبوت آهي ته تبديلي کي بقا آهي. هن وقت سرمائيداري کي ٻي ڪا للڪار ڪانهي. پر جتي سرمائيداري عروج ڪري چڪي آهي اُتي جا ماڻهو ان کوکلائي جو شڪار آهن، ته زندگيءَ جون سڀ لذتون ته حاصل ٿي ويون، هاڻي ڪيڏانهن وڃجي. ان سوال جي جواب ۾ آمريڪا جا ڇهه هزار ماڻهو هر مهيني خودڪشي ڪري رهيا آهن ۽ ان مسئلي جو ڪوبه حل قطعي طور تي ممڪن ڪونهي. هتي هتي اهو ڪيو اٿن جو خودڪشيءَ جي عمل کي سؤلو بنائڻ لاءِ ڪتاب پيا لکجن!

عالمي لاڳاپن جي ڏس ۾ جڏهن ڪميونزم ڪانهي، تڏهن ڪميونزم خلاف صف بندي ڪري ڪلچي ويڙهندڙ قوتون هڪ ٻئي جي تڪرارن ڏانهن موٽ ڪائينديون- جو ته هاڻي لازمي طور تي نفعي خوري جي خواهش شديد ٿيندي ۽ نفعي خوري کي ڪميونزم منجهان جيڪو خطرو هو سو لهي ويو. ان ڪري بيخوف نفعي خوري اڳتي وڌندي ۽ هن وقت هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيندڙ ملڪ تمام جلد، ٿورن ئي سالن ۾ آمريڪا جي معتبري تي اعتراض ڪرڻ لڳندا.



CamScanner

# نئين دنيا لاءِ ڪا اُميد ناهي

آغا شاهي

عراق خلاف مشهور فوجي فتح کان پوءِ ڪانگريس ۾ تقرير ڪندي 'فاتح آمريڪي صدر' جارج بُش ڇهين مارچ تي اعلان ڪيو: "هاڻ اسين پنهنجين اکين آڏو هڪ نئين ابرندڙ دنيا ڏسي سگهون ٿا." نار واري جنگ کان اڳ ۽ جنگ هلندي صدر بش پنهنجن ڪيترن بيانن ۾ عراق خلاف جنگ کي منصفاڻو ڪوشيو هو. هن گڏيل سلامتي ۽ تحفظ لاءِ هڪ اهڙي 'نئين عالمي تنظيم' جي تخليق بابت ٻڌ ڪالهايو هو جيڪا اڪراني خلاف گڏيل اتحاد، عالمي مسئلن جي امن پرنني حل، انساني حقن جي سنڀال ۽ قانون جي حڪمرانيءَ تي ٻڌل هوندي.

واشنگٽن ۾ تمام گهڻي سرهاڻي ۽ پرجوش انداز ۾ عالمي سپرپاور جي حيثيت ۾ 'ٻي آمريڪي صديءَ' جون ڳالهيون پيون ٿين. عالمي سطح تي روسي طاقت ۾ گهٽتائي ۽ ان جي اندروني تڦير ۽ زوال ۽ وچ اوير جي علائقائي طاقت عراق جي تباهيءَ جي نتيجي ۾ 'ويٽنام سينڊ روم' کان نجات جهڙن قدمن مان ائين ٿو لڳي ته صدر بش کي آمريڪي اڳواڻيءَ ۾ 'نئين عالمي تنظيم' جي تخليق جو موقعو ملي ويو آهي.

اڳواڻيءَ جي خاتمي ۽ امن استحڪام ۽ خوشحالي ماڻڻ لاءِ آمريڪي صدر 'نئين عالمي تنظيم' جي تصور تي تبصرو ڪندي، اڪثر آمريڪي دانشور، آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جي ٻچاپڙائيءَ جي روايت جو ذڪر ڪن ٿا. آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ جي ٻچاپڙائيءَ واري روايت جو هڪ پهلو ولڪوسن جو سڌارڪ نظريو آهي جيڪو آمريڪي سهڪار سان گڏيل قومن ۽ ليگ آف نيشنس جي بنياد جو سبب بڻيو ۽ ان روايت جو ٻيو پهلو 'طاقت جي سياست' آهي (جنهن جو عام طور تي اعتراف نه ڪيو ويندو آهي.

معتبر ۽ معياري سوچ رکندڙ آمريڪي تبصري نگارن جي خيال ۾ 'نئين عالمي تنظيم' آمريڪي عالمي ادارن، مثال طور گڏيل قومن وغيره کي پنهنجي قومي مفادن جي حفاظت ۽ حصول لاءِ استعمال ڪرڻ جي طاقت ۾ وڌيڪ اضافي جو سبب بڻي.

فرانس، چين ۽ روس جهڙا ملڪ جن جا مفاد يا ته آمريڪي مفادن سان



CamScanner

نڪرا ۾ آهن يا وري جن کي عالمي آمريڪي مفادن سان ڪو تعلق ناهي، انهن لاءِ هاڻ اها ڳالهه تمام گهڻي ڏکي هوندي ته، هو ڪنهن منصفاڻي مقصد لاءِ اهڙي صورتحال ۾ فيصلي ڪُن ڪردار (مثال ويٽو وغيره) ڪن. جڏهن ته انهيءَ منصفاڻي مقصد سان آمريڪي مفادن کي ڇيهو رسندو هجي. اهڙي صورتحال ۾ هاڻ اهڙن ملڪن کي آمريڪا سان گڏجي ڪڏيل حڪمت عملي جوڙڻي پوندي. آمريڪا يقيناً انهي ڳاله تي تمام گهڻو مطمئن ۽ خوش آهي ته هو ‘PAN-AMERICANA’ جي دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. جنهن وقت صدر صدام ڪويت خلاف اگهاڙي اگرائي ڪري آمريڪي قيادت ۾ اتحادي فوجي ڪارروائيءَ جي راهه کولي ته ان وقت اسرائيلي منصوبي سازن ۽ ڊاڪٽر هينري ڪسينجر جي پروڪار طاقت واري سياست جي حامي گروهه، عراق جي فوجي طاقت ۽ ان جي ڪيميائي، حياتياتي ۽ جوهري تحقيق جا سمورا اڏا تباهه ڪرڻ لاءِ Surgical Strike جي گهر ڪرڻ شروع ڪئي. سندن خيال موجب نار واري جنگ ۾ فوجي فتح آمريڪا کي انهيءَ علائقي جي علائقائي ۽ سياسي صورتحال کي پنهنجن مفادن موجب نئين سر جوڙڻ جو موقعو ڏيندي. ان سان گڏوگڏ ان جنگ ۾ فتح ذريعي اسرائيل جي سلامتي جي پڪ ۽ تيل جي پيداوار ۽ اگهن تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ٿي ويندو. تنهن کان سواءِ چار ڏهاڪا پراڻو عرب اسرائيل معاملو به اهڙن شرطن تي حل ڪرائي سگهبو، جيڪي اسرائيل جي علائقائي ۽ سياسي مفادن جو تحفظ ڏين.

نار واري جنگ ۾ طاقت جي سياست سرخرو ٿي. عراق مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويو آهي ۽ نار ۽ وچ اوڀر ۾ آمريڪا سڀ کان اهم طاقت بڻجي وئي آهي. انهيءَ هوندي به صدام حسين کي اقتدار کان ڌار نه ڪيو ويو آهي. سي آءِ اي موجب صدام حسين جي گرفت عراق تي هاڻ اڳي کان تمام گهڻي سگهاري آهي. عالمي معاملن جي مشهور تجزيي نگار Corner Cruise O' Brien جي خيال ۾ ’اتحادين جي خاموشيءَ‘ سبب صدام حسين عراق اندر جنگ کٽي ورتي آهي. هو وڌيڪ چوي ٿو "اها هڪ ڪوڙي حقيقت آهي ته هيءَ عالمي طاقتون صدام خلاف ويڙهه ۾ رُڌل هيون، پر هو سندن ڏاڍ ڏمر کان بچي نڪرڻ ۾ سوڀارو ٿي ويو. اصل ۾ سڄي دنيا صدر صدام جي خلاف هئي، پر هو گڏيل قومن ۽ اتحادي فوجن جي قتلام کان به بچي نڪتو ۽ اڄ به بغداد ۽ سڄي عراق جو حاڪم آهي."

صدام حسين کي هاڻ نه نئين دور جو هٽلر ٿو چيو وڃي ۽ نه ئي سندس خلاف اگرائي، جنگي ڏوهن ۽ انساني قتلام جا ڪيس هلائڻ جي ڳالهه ٿي ڪئي وڃي. صدام حسين علائقي جي سڀ کان سگهاري شخصيت طور پنهنجي برابريءَ جي ۽ ابرندڙ علائقائي طاقت ايران جي نڪر ۾ رهندو. اوبرائينَ جي خيال ۾

"جنهن طاقت جي سياست ڪويت جي آزاديءَ جي باوجود صدام حسين ڪي بچائي ورتو آهي، اها ان ڳالهه ڏانهن اشارو ٿي ڪري ته صدام حسين سان ناتا معمول تي اچي ويندا."

صدام حسين جو اقتدار ۾ موجود رهڻ، نار ۾ سلامتيءَ جي رٿيل انتظامن لاءِ هڪ موزون عقلي جواز فراهم ڪري ٿو. هي صورت ۾ ته انهيءَ علائقي ۾ آمريڪي فوجي برتريءَ نظر اچڻ لڳي ها. نار واري علائقي ۾ سلامتيءَ جي نئين نظام ۾ اسلامي ملڪن جي مفادن جي حفاظت لاءِ، سعودي عرب سان ايران جي دوستاڻي تعلق جي بحالي ۽ ايراني صدر رفسنجانيءَ پاران شام جي حمايت واري خاطري فائديمند ثابت ٿيندي.

نار واري علائقي ۾ سلامتيءَ جي نئين رٿيل نظام تحت آمريڪي فوجون ۽ برطانوي ساموندي ۽ هوائي دستا لاڳيتو علائقي ۾ رهندا. ان کان سواءِ نار وارين رياستن، مصر ۽ شام کي به انهيءَ سلامتي واري نئين رٿيل نظام ۾ شريڪ ڪيو ويندو. آمريڪي منصوبي سازن موجب جنگ جي نتيجي ۾ ايران ۽ عراق جي تباهي ۽ ڏڦير کان پوءِ 'ڪمزوريءَ جي توازن' جي معاملن ۾ سرواڻيءَ وارو ڪردار ڪرڻ لاءِ آمريڪا جو سعودي عرب سان فوجي اتحاد، سعودي عرب کي موقعو فراهم ڪندو.

وچ اوڀر ۾ نئين علائقائي تنظيم جي تخليق، عرب اسرائيل جهيڙي جي حل بنا غير جٽادار تصور ڪئي ويندي. آمريڪي پرڏيهي وزير جيمز بيڪر ان علائقي جا ٽي دورا ڪري چڪو آهي. پر علائقائي امن ڪانفرنس لاءِ سهڪار سان عالمي ڪانفرنس جي تجويز رد ٿو ڪري. امن لاءِ گولان جا جبل شام کي ڏيڻ ۽ والاريل عرب علائقا، غزه پٽي، ڪاهي ڪناري ۽ اوڀر يروشلم کي ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي. اسرائيل امن ڪانفرنس ۾ فلسطيني آزاديءَ واري تنظيم پي ايل او جي نمائندگي جي خلاف آهي، جيتوڻيڪ ڪا متبادل فلسطيني قيادت به سامهون نظر نٿي اچي.

ڏسڻو هي آهي ته ڇا آمريڪا پنهنجي ختم نه ٿي سگهندڙ عالمي طاقت جي ٻل تي امن ڪاڻ اسرائيل کي والاريل علائقا ڇڏڻ تي مجبور ڪندو؟ گذريل پنجويهن سالن جي ڪرت مان ان جي اميد تمام گهٽ ٿي لڳي. اهڙي صورتحال ۾ ٿورڙي ئي عرصي اندر آمريڪا ۾ صدارتي چونڊ مُهم شروع ٿيڻ واري آهي. عرب اسرائيل جهيڙي جو حل ڏکيو ٿو نظر اچي. ڪردن لاءِ انساني همدرديءَ جي بنياد تي اُتر عراق ۾ سلامتي زون جو قيام، ڪردن جي خودمختياريءَ لاءِ عالمي ضمانت جي ڏکئي سوال ۽ عرب اسرائيل جهيڙي تي ٺهراءُ جي غير موجودگي ڪري وچ اوڀر جي صورتحال غيرمستحڪم لڳي ٿي ۽ ان جي مستحڪم هئڻ جي اميد نظر به نٿي اچي.

علائقي اندر هٿيارن ۾ گهٽتائي ۽ ڪنٽرول وچ اوڀر جي نئين علائقائي سياست جو اهم جُز آهي. مصر، ايران ۽ شام کي هٿيارن جي فراهميءَ تي قابو پاتو پيو وڃي ته جيئن انهن مان ڪوبه علائقائي طاقت بڻجي ايري نه سگهي. هٿيارن جا واپاري ڪڏهن به ٽين دنيا جي قومن ۽ ان علائقي جي ملڪن کي ڪيميائي، حياتياتي ۽ نيوڪليائي هٿيارن جي ٽيڪنالاجي نه وڪڻندا. امداد به هاڻ سياسي شرطن مثال طور، فوجي خرچن ۾ گهٽتائي وغيره تي ڏني ويندي، پر آمريڪا نار واري جنگ جي خاتمي کان ڪجهه ئي وقت اڳ سعودي عرب، مصر ۽ نار وارين رياستن کي ارڙهن ڪروڙ ڊالرن جي واڌو فوجي امداد جي آڇ ڪئي هئي. انهيءَ قسم جي آڇ شايد اسرائيل کي به ڪئي وڃي. روائتي هٿيارن جي واپار کي روڪڻ جو رستو اختيار ڪري جهيڙن جي بنيادي سببن کي ئي ختم ڪيو وڃي.

عرب اسرائيل ڇڪتاڻ يا جمون ڪشمير جي معاملي تي تاءُ جيترو عرصو ملندا، هٿيارن جي کُهر به ايترو عرصو قائم رهندي ۽ اها کُهر پنهنجي لاءِ سپلاءِ جي راهه به پيدا ڪندي. ڏسڻو اهو آهي ته ڇا هٿيار ٺاهيندڙ ملڪ پاڻ ۾ ان ڳالهه تي سهمت به ٿين ٿا؟ اڳرائي خلاف استحڪام نئين عالمي تنظيم جو پهريون ۽ بنيادي اصول آهي. عراق خلاف گڏيل فوجي ڪارروائي جي اجازت جيڪا گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ڏني، اها اينڊڙ وقت ۾ اڳرائيءَ جي معاملن جي سلسلي ۾ مثال نه هجي. جيئن مشهور آمريڪي ڪالم نگار چيو آهي ته نار واري تيل جي آمريڪي مفادن بنان هزارين آمريڪي فوجين کي رکڻو انهيءَ اصولي مقصد لاءِ شايد نار نه موڪليو ويو هو، جو اُهي عراقي اڳرائيءَ جو خاتمو آڻين ۽ عالمي ناتن ۾ قانون جي راڄ جو تحفو ڏين. هيو ته عالمي جهيڙن جي امن ڀرئي حل لاءِ نئين عالمي تنظيم جي بنيادي اصولن جي معتبريءَ جو دارومدار فلسطين ۽ عرب اسرائيل ڇڪتاڻ ۽ 44 سال پراڻي جمون ۽ ڪشمير جي معاملي جي حل ۾ آهي. انهن مسئلن جي انصاف ڀرئي حل سان ئي نئين عالمي نظام کي اخلاقي اعتبار ملي سگهي ٿو. ٽين دنيا کي اڃان تائين ان متعلق اڃان ڪجهه نه ٻڌايو ويو آهي ته انهيءَ نئين نظام ۾ انهن لاءِ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪهڙي چڱائي ٿيندي.

هزارين بلين ڊالرن جي قرضن جو ڍڳ ۽ اسرندڙ ملڪن کان صنعتي ملڪن ڏانهن سرمائي جي وهڪري وارن مسئلن جي حل جي ڪا اميد نظر نٿي اچي. ٻه سؤ ملين ڊالرن جي ساليانن فوجي خرچن، ٽين دنيا جي ترقيءَ کي هڪ تصور بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن امداد ڏيندڙ ملڪ جائز فوجي ضرورتن بدران انفرادي شرطن تي مدد ڏيندا ته شايد امداد وٺندڙ ملڪن جي سلامتي خطري ۾ پئجي وڃي. پوءِ امداد ڏيندڙ ملڪن جا انفرادي فيصلا آمراڻا به ٿي سگهن ٿا.

ڪجهه عرصو اڳ ڀارتي وزيراعظم چندر شيکر چيو هو ته هندستان ۽ پاڪستان ساليانو ملين ڊالر بچاءَ تي خرچ ڪن ٿا. ڇا اهو ٺيڪ ٿي سگهي ٿو ته ٻنهي ملڪ نئين نظام جي روشني ۾ پاڪستان جي 1970ع واري ان رٿ تي عمل ڪن ته ٻنهي ملڪن جي فوج ۽ هٿيارن کي ان تناسب سان گهٽائي توازن پيدا ڪيو وڃي، جو ڪو ملڪ ٻئي جي سلامتي لاءِ خطرو بڻجي نه سگهي. نئين عالمي نظام کي انهن سمورن ملڪن کي سلامتيءَ جو تحفظ ڏيڻ گهرجي، جن کي طاقت جي استعمال جو خطرو آهي. ڪڏهن سزا واري ڪارروائي ڏوهه جي نوعيت موجب نه ٿي وڃي. جيئن Zbignie wbrezinshi چيو آهي ته: ”ٻنڊل عراقين جو هڪ وڏو انگ عراقين هٿان نه قتل ٿيو. لکين ماڻهن اٿلاتل ۽ اونداهين منزلن ڏانهن هجرت ڪئي ۽ هزارين بعث پارٽيءَ جي اڳرائي جي نتيجي ۾ ماريا ويا.“ ڪويت خلاف عراقي اڳرائي جي نتيجي ۾ جيڪا نامناسب تباهي عراقي عوام تي نازل ڪئي وئي، ان جي اخلاقي جواز جو سوال ته پيدا ٿئي ٿو. ڇا اهڙي ڪارروائي ڪرڻ نيڪ هئي. ٽين دنيا پاران جن چئلينجن جو مڪا ميلو آهي، اهي ڪڏهن قومن جي ڪڏهن سياسي ۽ اقتصادي جوابي ڪارروائيءَ جو طالبو آهي. ته وڏي فوجي جهڳڙن جو جيستائين ڏکڻ ايشيا جو تعلق آهي، آمريڪا نارو واري جنگ ڪان هٿي ڪري پاڪستان جي جوهري سگهه جي حصول ڪري پاڪستان جي امداد ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي. آمريڪا چاهي ٿو ته پاڪستان جي جوهري سگهه واري رٿا ۽ غير روايتي هٿيارن جي صلاحيت تي پابندي مڙهي وڃي. پاڪستان جي امداد ۾ گهٽتائي خصوصي ۽ مت ڀيد واري رويي جي اهڙي انحصار جو واضح مثال آهي، جيڪو انهن هٿيارن کي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ اختيار ڪيو پيو وڃي. ان سان نئين عالمي نظام جي هڪ جي منصفاڻي هئڻ بابت شڪ پيدا ڪري ٿو. اهو هڪ علائقائي رويو آهي ته ڏکڻ ايشيا، وچ اوڀر ۽ بحرالڪاهل مان ڪهڙو علائقو وڌيڪ فائديمند ۽ اثرائتو رهڻ جي پڪ ڏياري ٿو. اڳوڻي آمريڪي صدر رچرڊنڪسن پنهنجي ماسڪو واري دوري دوران سوويت يونين بابت چيو هو: ”اڄوڪي دنيا جي ڪا اهڙي سلطنت جيڪا رڳو فوجي طاقت ۽ ٽين دنيا جي اقتصادي طاقت جي حيثيت سان زوال مائل آهي، نيٺ غيرمتعلق ۽ غيرموثر ٿي ويندي.“ اوڀر يورپ ۾ طاقت جي خاتمي جي حيثيت سان زوال يقيني ۽ هڪدم ٿيندي نظر ٿو اچي، جنهن کي هڪ روسي اقتصادي ماهر جي ته ’ڪير به روڪي نه ٿو سگهي.‘ بهرحال عالمي طاقتن جي ڪائونسل ۾ ان جي ڪردار بابت هينئر ڪجهه چوڻ وقت کان اڳ جي ڳالهه ٿيندي ۽ عالمي طاقت جي حيثيت ۾ ان جو خاتمو به خيالي ڳالهه ٿيندي. يورپ ۾ سهڪار ۽ سلامتيءَ جي ڪانفرنس ۽ نسلي جهڳڙن جي مسئلن ۽ بالٽڪ رياستن، جن جي هيٺت، سرد جنگ جي خاتمي سان يقيناً بدلبي. ان سلسلي ۾ روس جو سهڪار اهم هوندو.

آمريڪا عرب اسرائيل جهيڙن جي معاملي ۾ تمام گهڻو پتوڙي رهيو آهي. روس جي سهڪار ڪانسواءِ ڪنهن به رياست کي نار ۽ وچ اوڀر ۾ ميزائلن ۽ غيرروايتي هٿيارن جي حصول کان روڪي نٿو سگهجي ۽ نه ئي روس اهڙي علائقي جي عدم استحڪام کان بي تعلق رهندو، جنهن جا اثر ان جي مرڪزي ايشيا وارين مسلمان رياستن تي پئجي سگهن ٿا ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو ته جيستائين روس وٽ ويٽو جي سگهه موجود آهي، ڪنهن به علائقي ۾ اڳرائي خلاف گڏيل فوجي ڪارروائي سندس مرضيءَ بنان عمل ۾ آڻي نٿي سگهجي.

ان ڪري اها ڪا عجيب ڳالهه ناهي ته صدر بش وسيع اقتصادي سهڪار ذريعي نئين عالمي نظام جي ترقيءَ لاءِ روس جو سهڪار حاصل ڪرڻ تي زور ڏئي رهيو آهي. اها ڳالهه عالمي مفاد ۾ آهي ته روس کي آزاد ۽ خودمختيار جمهوريت جي ايڪتا جي طاقت طور باقي رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ انجو مڪمل زوال ۽ ٽڪر يورپي عدم استحڪام جو سبب بڻجي سگهي ٿو. پوءِ جيڪڏهن روس جي زوال ۽ ٽوڙ ڦوڙ جي نتيجي ۾ اهڙيون تمام گهڻيون خودمختيار ۽ مڪمل آزاد رياستون وجود ۾ ٿيون اچن، جن مان هر ڪنهن وٽ جوهري هٿيار هجن ته اها ڳالهه عالمي امن لاءِ زبردست خطرو هوندي.

هاڻ سوال اهو ٿو اُٿي ته صدر بش جي نئين عالمي نظام جو تصور روس جي انهيءَ 'نئين سوچ' ته عالمي امن کي لاڳل خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي ڪردار کي سگهارو بڻايو وڃي، سان ڪيترو ٿو ميل کائي. ڪويت خلاف عراقي اڳرائي کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل واري ٺهراءَ کان جڏهن آمريڪا ۽ برطانيا اڳتي وڌي ويا ته صدر گورباچوف جي فڪرمنديءَ انهيءَ اڳتي وڌڻ جي مخالفت کان گهٽ هئي. ڪجهه عرصو اڳ پاڪستاني پريس ۾ اڳوڻي روسي پرڏيهي وزير ايڊورڊ شيورڊ نادزي جي اها رٿ ڇپي آهي ته سلامتي ڪائونسل پنهنجي ميمبر رياستن مان فوج جي هڪ خاص انگ کي گڏيل قومن جي فوج ۾ ڀرتي ڪري ۽ گڏيل قومن جي اها فوج اڳرائيءَ وارن واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل فوجي ڪارروائي ڪري ۽ اهڙيون فوجي ڪارروايون سلامتي ڪائونسل جي حڪم ۽ اجازت سان سلامتي ڪائونسل جي ملٽري اسٽاف ڪميٽيءَ جي مدد سان ڪيون وڃن. گڏيل قومن جي اها ذميواري هوندي ته اها اڳرائي ڪندڙ رياست خلاف ساموندي، زميني ۽ هوائي پابنديون مڙهي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ته جنهن ٺهراءَ ذريعي اهي پابنديون لڳايون ويون آهن. اها فوج ان ٺهراءَ کي نه اورانگهي. نار واري جنگ جي معاملي ۾ سلامتي ڪائونسل پنهنجي ميمبر رياستن کي پنهنجي سر طاقت جي استعمال جي اجازت ڏني هئي ۽ آمريڪا کي اڳواڻي ۽ ڪنٽرول جو اختيار ملي ويو هو ۽ هو ان عمل ڪري ڪنهن جي به اڳيو جوابدار نه هئا.

عراقي اڳرائي خلاف ڪڏيل ڪارروائي ۾ سوويت يونين ۽ برطانيا مڪمل طور تي آمريڪا جو ساٿ ڏنو، پر چين ان کان انڪار ڪيو ۽ ان نُهراءُ تي ٿيل ڳٽپ ۾ حصو نہ ورتائين. جنهن وسيلي سلامتي ڪائونسل طاقت جي استعمال جو اختيار ڏنو هو. عظيم چين اهڙي نئين عالمي نظام جو مخالف آهي، جنهن وسيلي هڪ عالمي طاقت يا اولهائن ملڪن جي ڪنهن اتحاد کي سڄي دنيا تي ڪنٽرول حاصل هجي. 19 اپريل تي بيجنگ ۾ چيني پرڏيهي وزير چانگ چنگ چيو: "اهو سوچڻ خطرناڪ ٿيندو تہ هاڻ دنيا ۾ رڳو هڪ ئي عالمي طاقت آهي، جيڪا سڄي دنيا کي ڪنٽرول ڪندي." فوجي دانشورن ۽ ٽين دنيا جي معاملن ۾ مداخلت جي حمايتن نار واريءَ جنگ مان اهو سبق پرايو آهي تہ آمريڪا کي واحد عالمي طاقت جي مرتبي تي فائز ڪيو وڃي ۽ ان کي پنهنجي انهيءَ فضيلت کي دنيا جي اهڙي نئين نظام لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. جنهن وسيلي سندس مفادن جي حفاظت ٿي سگهي. اها ڳالهہ مشڪوڪ آهي تہ Pan Americana پاڻ ئي عالمي امن ۽ سلامتيءَ جي ضمانت ڏئي سگهي ٿو. بيشڪ آمريڪا واحد سپرپاور آهي. پر ان جا اولہ وارا اتحاد بہ روس کان علاوه ان جي انهيءَ حڪمراني کان نفرت ڪن ٿا. چين ۽ سلامتي ڪائونسل جا ڪجھ ٻيا غيرمستقل ميمبر بہ ان ڳالهہ جا مخالف آهن. نار واري جنگ ۾ ڪڏيل قومن جو ادارو هڪ اهڙو وهڙ جي مهر ٻڌجي ويو هو، جنهن کي آمريڪا جيئن چاهيو، استعمال ڪيو. ان جو هڪ سبب عراق جو ڏڏڙ ۾ پير هٽي لاڳيتو سلامتي ڪائونسل جي هر تجويز کان انڪار هو. جيئن ڪڏيل قومن نار واري جنگ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، ان جي بنياد تي مستقبل ۾ سندس ڪردار بابت ڪجھ چٽي نٿو سگهجي. هيگل چيو هو تہ "حڪومتون تاريخ مان ڪو سبق نٿيون پرائين." نار واري جنگ مان Pan Americana جي حمايتن جيڪو سبق پرايو آهي، جيڪڏهن اهو انهيءَ سبق کان مختلف آهي، جيڪو عظيم جنگي اڳواڻن جن امن ۽ ڪڏيل سلامتي لاءِ ٻي مهاڀاري لڙائي جي تجربي کان پوءِ ڪڏيل قومن جو ادارو قائم ڪيو، جي سبق کان مختلف آهي تہ پوءِ هيگل جا اِهي لفظ دنيا لاءِ تباهيءَ ڀرين نتيجن سان ڀريل آهي.

# نئون عالمي نظام

## ۽ ٽين دنيا

عبدالله ملڪ

نار واري علائقي ۾ اٿندڙ باهه ۽ فولاد جي باهه ڪجهه وقت لاءِ جهڪي ٿي چڪي آهي. ان کان پوءِ آمريڪي صدر جارج بش پاران نئين عالمي نظام جو اعلان ٿيو. پر نار واري جنگ مان پيدا ٿيندڙ هوسٽ، تباهي، بربادي ۽ دانهن ڪوڪن کان سواءِ ڪجهه به هٿن ۾ نه آيو. ٽين دنيا مايوسي، نااميدي، ٻپ ۽ عدم استحڪام جي ور چڙهيل آهي. آمريڪا اڪيلي سپرپاور جي حيثيت سان هڪ نئين عالمي نظام جي روپ سروپ جوڙڻ ۾ مصروف آهي. ٽين دنيا ته رهي هڪ پاسي، يورپ جا ترقي يافتا ملڪ به پريشان ۽ بدنل پيا ڏسجن. ٽين دنيا جا اُهي دانشور به جيڪي وڏي ايمانداريءَ سان آمريڪا جي آزاد دنيا، ان جي ستسماءُ واري ذريعي جي آزاديءَ ان جي جمهوريت جا ڳڻ ڳائيندي نه ٿڪبا هئا، هاڻ سندن محفلن ۾ آمريڪا کي تنقيد جو نشانو بنايو پيو وڃي. اِهوئي نه پر ڪن سوويت يونين جي ميدان ۾ رهڻ واري ضرورت جو به احساس ٿي لڳو آهي. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ججن سوويت يونين جي وچ ايشيا وارين رياستن جو دورو ڪيو آهي. ڪن اسان جي ۽ انهن جي سيپتائن ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙايون نظر آيون آهن ۽ هو پاڪستان کي سوويت يونين سان دوستاڻا ناتا رکڻ تي زور ڀري رهيا آهن.

جماعت اسلاميءَ جي قاضي حسين احمد کي به سوويت يونين ۽ ماسڪو ياد پيو اچي. آخر اِهو ڇا آهي؟ منهنجي خيال ۾ اِهو سامراج دشمن جذبن جو اظهار آهي، ڪالهه تائين سرد جنگ، سوويت يونين ۽ ڪميونزم جو ٻپ مٿن طاري هو. سوويت يونين جي ظلمن جو داستان هر ڪنهن جي وات تي هو. اسان جا دانشور ۽ ٽيڪنوڪريٽ سوويت يونين ۽ ڪميونزم سان ڌڪار ۾ ورتل هئا. ڪن سوويت يونين ۾ ڪا خوبي نظر نٿي آئي، پر آمريڪا جو نار واري جنگ ۾ جيڪو ڪردار ظاهر ٿيو آهي، اُن آڏو سوويت يونين سان لاڳاپيل ظلم ته ڪجهه به ناهن.

سورما ڪيئن جنم وٺندا آهن؟ اسان جا دانشور پنهنجي علم فضيلت جو رعب جمائيندي چون ٿا ته صدام ڪيئن ٿو هيرو ٿي سگهي؟ هو آمريڪا جهڙي عالمي طاقت سان ڪيئن ٿو مقابلو ڪري سگهي، جڏهن سڄي دنيا جون ترقي يافتا قومون آمريڪا سان گڏ آهن ۽ هاڻ ته سوويت يونين به اُن اڳو گوڏا کوڙي چڪو آهي. آمريڪا کي چيلينج ڪرڻ وارو ڪير ٿو ٿي سگهي، ڪير ٿو ان کي للڪاري سگهي؟ اصل ۾ اِهوئي اُهو راز آهي، جنهن کي ڄاڻي اِهو معلوم ڪري سگهجي ٿو ته ٽين دنيا جا مجبور انسان مظلوم ۽ مار کائيندڙ ڪي ڪيئن پنهنجو سورمو بڻائيندا آهن؟ تاريخ ڪڏهن به فاتح شهنشاهن کي مجبورن جا سورما ناهي بڻايو. سندن سورما سدائين اُهي ٿيندا آهن، جيڪي ظالمن جي اکين ۾ اکيون ملائيندا آهن ۽ سامراج جي مقابلي ۾ ٽين دنيا ۾ آزاديءَ جون جنگيون وڙهندا آهن. ويٽنام جو هوچي مِنهه سوپارو ٿي ٽين دنيا جو سورمو نه بڻيو هو پر هو ٽين دنيا جي عوام جي دلين جو دڙڪو ۽ اکين جو نور اُن وقت ٿيو هو جڏهن سندس گوريلا ويٽنام جي جهنگلن ۾ آمريڪي بمباريءَ اڳيان سينو ساهيو بيٺا هئا. فيڊل ڪاسترو ان وقت سورمو بڻيو هو، جڏهن آمريڪي ميزائيلن سان ڀريل جهاز ڪيوبا تي حملي لاءِ پر سهائي رهيا هئا ۽ اِهو ئي وقت هو جو سوويت يونين پنهنجا ميزائيل ڪيوبا پهچايا ۽ آمريڪا کي تنبيهه ڪئي ته جيڪڏهن ڪيوبا جي سوشلسٽ انقلاب کي ڪا رهڙ به آئي ته سوويت يونين اِهي ميزائيل آمريڪا تي اجلاڻ کان نه ڪيٻائيندو. گذريل مُني صديءَ ۾ جتي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ٽين دنيا جي مجاهدن ۽ سندن سرواڻن کي سورمو ليکيو ويو آهي، اُتي سندن مدد ڪندڙ سوويت يونين به ٽين دنيا لاءِ چڱو موچارو آسرو بڻي رهيو آهي. ٺار واري جنگ ۾ جڏهن سوويت يونين کان مايوسي ملڻ لڳي ته ٽين دنيا جي عوام صدام حسين کي پنهنجي عقيدت جو مرڪز بڻايو. هن صحيح يا غلط انهن مظلوم انسانن جو ويساهه وڌايو ته هو آمريڪا جي وڌندڙ قدمن کي روڪي سگهي ٿو. هاڻ سندس مخالف دانشور پنهنجن فيصلن جي صحيح هئڻ جا ڍنڍورا ٿا پٽين ۽ اهو ٻڌائين ٿا ته هو آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي فوجي برتريءَ اڳيو سندس هڪ به نه هلي، هاڻ سندس مخالف دانشور پنهنجن فيصلن جي صحيح هئڻ جا ڍنڍورا ٿا سوچيندو آهي. هو ته رڳو اهو سوچيندو آهي ته: ڪنهن ته سپر پاور کي للڪاريو آهي ۽ اهڙي وقت جڏهن گورباچوف به پٺي ڏئي هئي. بيوس انسانن جي اندر مزاحمتي انسان موجود هوندو آهي، جيڪو ڪين تاريخ جي جدليات ياد ڪرائيندو آهي ته هڪ گورباچوف نه هوندو ته سندس جاءِ ٻيو ڪو والارينڊو. هڪڙو صدام هارائيندو ته ٻيو صدام حسين جنم وٺندو ۽ هاڻ جن دانشورن، ٽيڪنوڪريٽن ۽ سياستدانن کي اڄ سوويت يونين ياد ٿو اچي ته ان جو سبب اهو آهي ته هو دل سان آمريڪي بالادستيءَ جا حامي ناهن.

آمريڪا کي عراق ۾ زبردست سوڀ حاصل ٿي ته جارج بش 6 مارچ 1991 تي اعلان ڪيو: "هاڻ اسين پنهنجي اکين آڏو نئين دنيا کي جنم وٺندي ڏسي رهيا آهيون." هن صدام خلاف جنگ هلندي به ان قسم جي منصفاڻي ۽ عادلاڻي نظام جي جوڙجڪ جي خوشخبري ٻڌائي هئي ۽ زور ڏيندي چيو هيائين ته "هاڻ اڳرائي سان مسئلا حل نه ٿي سگهندا، پر گڏيل تحفظ جي بنيادن تي اڳرائيءَ جو مقابلو ڪيو ويندو." اصل ۾ هو ان اعلان سان انهن قدمن جو جواز پيش ڪري رهيو هو جنهن ذريعي هن سلامتي ڪائونسل ۽ گڏيل قومن جي اداري جي ميمبرن کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو هو. آمريڪا جو صدر بش انهيءَ سوڀ وسيلي مختلف قسم جا فائدا ماڻڻ جو خواهشمند هو ۽ جيڪڏهن هن عراق جي سوڀ ۽ نار جي تيل تي آمريڪا جي بالادستيءَ سان آمريڪا واسين کي ايڪويهين صديءَ جو تحفو پيش ڪرڻ ٿي چاهيو ته ٻئي پاسي آمريڪا کي ويٽنام ۾ جنهن مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو هو ۽ ان سان آمريڪي عوام ۾ آمريڪي طاقت ۽ بالادستي بابت جيڪا بي اعتمادي ۽ بي يقيني پيدا ٿي هئي، ان کي ختم ڪري اهو ثابت ڪرڻ پئي چاهيو ته آمريڪا ئي واحد سپرپاور آهي. ٿيون اهو ته انهي نار گهوٽالي ۾ جنهن انداز سان آمريڪا سوويت يونين کي پوئتي ڌڪي پنهنجي بالادستي مڃرائي، ان جو مقصد به اهو ئي هو ته آمريڪي عوام ۾ اڃان تائين ويٺل سوويت يونين جي ديوَمالائي جن کي ختم ڪيو وڃي.

آمريڪي صدر جارج بش جي عالمي نظام واري منصوبي تي ردعمل ظاهر ڪندي هڪ آمريڪي ڏاهي چيو ته آمريڪا کي گذريل ٻن جنگين ۾ ٻه اهم روايتون ورثي ۾ مليون آهن. هڪ ته جارج ولسن جي عالمي اصلاح پسنديءَ جي روايت آهي، جنهن پهرين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ ليگ آف نيشنز کي جنم ڏنو ۽ ٻئين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ گڏيل قومن جي اداري کي تخليق ڪيو ۽ ٻي روايت اها ته سمورا فيصلا طاقت ۽ قوت جي ٻل تي ٿيڻ گهرجن. ان لاءِ تمام گهڻي قوت گڏ ڪرڻ گهرجي، پر نار واري جنگ، آمريڪي حڪمرانن کي اهم سبق سيکاريو آهي ته آمريڪا کي پنهنجي مفاد لاءِ سمورن عالمي ادارن ۽ خاص طور تي گڏيل قومن کي کليو کلايو پنهنجي حق ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري آمريڪي پاليسي ساز دانشور جو چوڻ آهي ته: "عوامي جمهوريا چين، فرانس ۽ سوويت يونين جهڙا ملڪ جڏهن آمريڪي مفادن کان لاتعلق هجن يا ان ۾ ڪنهن قسم جي دلچسپيءَ جو اظهار نه ڪري رهيا هجن ته کين گڏيل قومن جي اداري جي فيصلن کان الڳ ٿلڳ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيئن هو پنهنجي وابستگين جو انهن ادارن ۾ اظهار ڪري نه سگهن ۽ نه ئي هو ڪنهن حالت ۾ پنهنجي ويٽو جو حق استعمال ڪري سگهن.

آمريڪا جڏهن پنهنجي مقصد کي ٺيڪ سمجهي ته ان لاءِ ڪيس اڪيلي سر

ني سمورا قدم کڻڻ جي پاليسي جوڙڻ گهرجي، آمريڪا کي پنهنجي پاليسيءَ تي ڪنهن به قسم جي حيرت جو اظهار نه ڪرڻ گهرجي. جيئن اڪيلي سر پنهنجي قوت جو اظهار، عراق واري کهوٽالي جي شروع ٿيندي ئي اسرائيل ۽ هينري ڪسنجر واضح لفظن ۾ ڪيو هو ته هاڻ عراق جي جنگي مشينريءَ خلاف هڪ زبردست سرجيڪل آپريشن شروع ٿيڻ گهرجي. ان کان پوءِ ان علائقي جي ٻين سمورين قوتن کي، جن وٽ ائٽمي هٿيار ٺاهڻ جي صلاحيت آهي، انهن کي به انهيءَ صلاحيت کان محروم ڪرڻ به ضروري آهي. ڇاڪاڻ جو ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ آمريڪي اڳرائيءَ جا جيڪي چار مقصد هئا، اهي انهن نظرئي سازن موجب آمريڪا حاصل ڪري ورتا آهن: پهريون مقصد وچ اوڀر جي تيل تي اڪيلي سر قبضو، ٻيو مقصد وچ اوڀر ۾ اسرائيل کي چئلينج ڪندڙ قوتن جو خاتمو، شروع ۾ مصر جي جمال ناصر ۽ شام وغيره جو خاتمو آخري قوت عراق جو خاتمو. ٽيون مقصد وچ اوڀر ۾ اهڙي امن جو قيام جنهن ۾ اسرائيل کي مڪمل تحفظ حاصل هجي ۽ ان کي پنهنجي ڪنهن پاڙيسري عرب ملڪ کان خطرو نه رهي. چوٿون مقصد سوويت يونين کي عالمي سپرپاور جي درجي تان هٽائڻ.

بظاهر ته اهي مقصد حاصل ٿي ويا آهن، پر ان پوري عمل دوران صدام حسين کي اقتدار تان هٽائڻ ۾ ناڪامي ٿي. هڪ آمريڪي تجزئي نگار ته ايستائين چوي ٿو ته صدام جنگ کٽي چڪو آهي. انهيءَ تجزئي نگار لاءِ اها ڳالهه ڪيڏي به ڪوڙي ڇو نه هجي، پر اها حقيقت آهي. هو لکي ٿو "ٻئي سپر طاقتون صدام حسين جي خلاف هيون. پر ان هوندي به هو اقتدار ۾ ئي رهيو. هو پنهنجي سپر طاقتن جي ڏاڍ ڌمر جو ئي نه پر سڄي دنيا جي نندا جو به نشانو بڻيو. ٻئي پاسي هن اڻاويهن قومن جي فوجن جو مقابلو ڪيو. گڏيل قومن جو ادارو مڪمل طور تي سندس خلاف استعمال ٿيو، پر ان جي هوندي به هو موجود آهي ۽ عراق جي گهرو معاملن تي سندس گرفت ڪافي سگهاري آهي.

# ڇا راجيو گانڌيءَ جو قتل

# نئون عالمي نظام

## جو حصو آهي؟

ڊاڪٽر خالد جاويد خان

راجيو گانڌيءَ جو قتل هن علائقي ۾ پنهنجي انداز ۽ سنگينيءَ جي لحاظ کان گذريل ٽوڙي هاتوڪي ڌماڪي جو سڀ کان وڏو واقعو آهي، جيڪو هاتوڪي عالمي صورتحال ۾ اندرا گانڌيءَ جي قتل کان به وڏو سانحو ثابت ٿي سگهي ٿو. جنهن جا اثر سموري عالمي سياست ۽ خاص طورتي ايشيا ۾ تمام گهڻا گهرا محسوس ڪيا ويندا. راجيو جي دڪدائڪ قتل جي محرڪن بابت سياسي تجزئي نگارن ۾ تمام گهڻي بيچيني نظر اچي ٿي ته آيا هو انفرادي دهشت گرديءَ جو ڪاج بڻيو آهي، ملڪي سياسي مخالفن ڪيس قتل ڪيو آهي يا هو ڪنهن عالمي سازش جو شڪار ٿيو آهي...؟ ملڪي سطح تي اڃان تائين ڪنهن به تنظيم راجيو گانڌيءَ جي قتل جي ذميواري نه قبولي آهي، جيئن اندرا گانڌيءَ جي قتل ۾ انتها پسند سک تنظيم جي ملوث هئڻ جا چٽا ثبوت مليا هيا. ٻي وڏي تنظيم جيڪا سريلنڪا جي تامل باغين جي آهي جنهن جي راجيو گانڌيءَ جي قتل ۾ شريڪ هئڻ جو اشارو ٺڏهوڪي ڀارتي وزير وزيراعظم چندر شيکر ڏنو هو. لنڊن مان جاري ڪيل هڪ بيان وسيلي انهيءَ ڀيانڪ ڏوهه کان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪري چڪي آهي. جيستائين ملڪ اندر راجيو گانڌيءَ جي سياسي مخالفن جو تعلق آهي ته خوشونت سنگهه چواڻي انجو سڀ کان وڏيڪ نقصان راجيو جي سڀ کان وڏي مخالف پارٽي هندو بنياد پرست ڀارتيا جنتا پارٽي (بي جي پي) کي رسيو آهي، پر اهو دليل بي جي پيءَ جي مڪمل طور تي انهيءَ قتل کان آجو هئڻ لاءِ ڪافي ناهي، ڇاڪاڻ جو هندستان جي هاتوڪي سياسي کهنٽالي ۾ سک قوم پرست اڳواڻ سنت جرنيل سنگهه ڀنڊرانوالا کان پوءِ سڀ کان اهم ڪردار هندو بنياد پرست اڳواڻ ايل ڪي آڏواڻي ۽ سندس ڀارتيا جنتا پارٽي جو آهي. جنهن جي ڪري 1989ع ۾ راجيو گانڌي، 1990ع ۾ وي پي سنگهه ۽ 1991ع ۾ چندر شيکر جي حڪومت کي زوال آيا. جيڪڏهن

راجيو گانڌيءَ جي قتل کي ڪنهن عالمي سازش يا ڪنهن رٿيل نئين عالمي نظام جو حصو سمجهيو وڃي ته به بي جي پي جهڙين انتها پسند تنظيمن جي ڪردار کي مڪمل طور تي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ جو ڪاٻه پرڏيهي سازش ملڪي هٿن بنان مڪمل ٿي نٿي سگهي، ان ڏس ۾ ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته بنياد پرستائي سياست ڊگهي عرصي تائين هلي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪجھ معروضي حالتن، سازشن يا ڪنهن هنگامي لهر هيٺ مذهبي جنوني ڪنهن گهڻ مذهبي يا گهڻ قومي معاشري ۾ اثر رسوخ حاصل به ڪري وٺن ته جلدئي معاشري تي سندن تنگ نظريءَ جا منفي اثر ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن. عوامي سطع تي سندن سماجي ورهاست ۾ ٻين ملڪن ۾ پنهنجي زبردست سياسي نظامن جي جاري ٿيڻ سان گڏوگڏ افغانستان ۾ وچ اوير جهڙا ڪيترائي بفرزون قائم ڪيا ويا ته جيئن ڪنهن هڪ سپرپاور جو تيل وارن کوهن تي مڪمل ۽ اڪيلي سر ڪنٽرول نه ٿي سگهي. گذريل پنجيتاليهن سالن دوران آمريڪا ۽ روس جي هر سرد ۽ گرم جنگ جو مقصد تيل جي دولت وارن علائقن تائين پهچڻ هو. انهيءَ مقصد لاءِ جيڪڏهن آمريڪا سرائيل جي شڪل ۾ اُتي پنهنجو اڏو قائم ڪيو ته روس به اسرائيل کي فردي قوتِ ڏيڻ سان گڏوگڏ افغانستان رستي تيل تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ محاذ آرائي دوران ٻنهي هٿيارن سان گڏوگڏ هڪ ٻئي جي سياسي نظامن تي به حملا جاري رکيا. روس آمريڪا جي سرمائيداراڻي نظام جي آڙ ۾ مخالفاڻي پروپئگنڊا ڪئي، جڏهن ته آمريڪا هڪ ڪان وڌيڪ اثرائتي هٿيارن ۾ زبان جو جيڪو جواب ڏنو اُهو هو مذهبي هٿيار- آمريڪا جتي روسي نظام کي جبر وارو نظام سڏيو اُتي ان ڳالهه جو به وڌي شد مد سان پرچار ڪيو ته روسي نظام ملحداڻو ۽ مذهب کي ناس ڪندڙ آهي ۽ ان ۾ مذهب جو نالو وٺڻ وڏو ڏوهه آهي- جڏهن ته آمريڪي ڊالر تي اِهو جملو خاص طور تي لکرايو ويو ته اسين خدا ۾ ويساهه رکون ٿا. ائين آمريڪا روسي اثرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ خاص طورتي روسي علائقي جي ويجهي ۽ ان جي اثر واري دائري ۾ شامل ملڪن ۾ مذهبي بنياد پرستيءَ کي شعوري طورتي وڌايو. تنهنڪري اسين ڏسون ٿا ته روسي اثر خلاف وڙهجندڙ هر جنگ ۾ مذهبي بنياد پرست آمريڪا جو ٻانهن ٻيلي هو. افغان جنگ دوران پاڪستان جو دورو ڪندڙ آمريڪي وفد جي اڳواڻ ايستائين چيو ته اسين خدا کي مڃڻ وارن ملحدن خلاف مقدس جنگ ۾ رُڌل آهيون. ڳالهه مختصر اِها ته روس ۾ اسٽالن ازم جي ناڪاميءَ کان پوءِ پراڻي عالمي نظام جو هڪ باني ٽنب ڪري پيو، جنهن کان پوءِ آمريڪا تمام گهڻي تيز رفتاريءَ سان تيل جي چشمن تي پنهنجي قبضي جو پراڻو خواب ساڀيان تي رسائي هڪ نئين عالمي نظام جو اعلان ڪيو. ان جو مقصد دنيا ۾ نيون سياسي ۽ جاگرافيائي تبديليون آڻڻ آهي، جنهن ۾ پراڻي عالمي

نظام وانگر فوجي اقتصادي ۽ جاگرافيائي لحاظ کان مضبوط ملڪن کي غيرمضبوط ڪرڻ آهي. انهيءَ مقصد لاءِ اُتان جي قومي سياسي جماعتن ۽ قومي سطع جي شخصيتن کي منظر تان هٽائڻ هڪ اهم مشن آهي. روس خلاف تيار ڪيل هٿيار يعني مذهبي بنياد پرستن کي هتي به استعمال ڪيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ جو دنيا جي تاريخ ۾ اِها ڳالهه طئي ٿيل آهي ته مذهبي بنياد پرستي جبر جي هڪ پوائنٽي شڪل آهي جيڪا معاشري ۾ ذڦير ۽ انارڪيءَ کان سواءِ ڪجهه به نٿي ڪري. اِها هڪ اهڙو وڏنڊڙ ڪنارو يا مٺو زهر آهي، جنهن وسيلي ڪاب قوم ڪلندي ڪُڏندي آپگهات ڪري سگهي ٿي، تنهنڪري اِهو مٺو زهر ٽين دنيا جي لڳ ڀڳ سمورن ملڪن ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. افغانستان ۾ روس خلاف بنياد پرستن جي سڌي سنئين امداد، پاڪستان ۾ ڇهين آگسٽ تي واحد قومي جماعت پ پ جي حڪومت جو خاتمو، قومي اڳواڻ محترما بي نظير ڀٽو خلاف انتقامي ڪارروايون، آڪٽوبر 1990ع وارين متنازعه چونڊن تي صدر بُش جو ڪليرنس سرٽيفڪيٽ، بنياد پرست شريعت بل کي آمريڪي سفير جو خراج تحسين، ڀارت ۾ بي جي پيءَ جو اڀار ۽ راجيو گانڌيءَ جهڙي ڀارت جي قومي اڳواڻ جو قتل پڪ سان سڄي دنيا نئين قسمت لکندڙ خدائن جي رٿابنديءَ جو حصو لڳي ٿو. راجيو جي قتل کان پوءِ ۽ ننڍي کنڊ جا بنياد ڪمزور ٿيڻ لڳا آهن. اهڙي صورتحال ۾ پنهنجي متوقع سياسي موت جي پيش نظر انتها پسند مذهبي عناصر پنهنجي مخالفن سان ڪوبه غيراخلاقي يا غيرانساني حربو استعمال ڪري سگهن ٿا، ڇاڪاڻ جو سندن روحاني عقيدن موجب سندن هر اهڙو عمل خدا يا ڀڳوان جي مرضيءَ لاءِ هوندو آهي، جنهن لاءِ وٽن سدائين جنت يا سرڳ جي بشارت موجود هوندي آهي، اِهوئي سبب آهي جو اهڙيون تنظيمون ڀين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولائي سان ڪنهن جو به چارتو ٿي سگهن ٿيون.

1989ع ۾ جڏهن بي جي پي غير متوقع طور تي اسيمبليءَ جو اسي سيڪڙو سيٽون کٽي ورتيون ته هر ڪنهن کي حيرت ٿي ڇاڪاڻ جو ڀارت جهڙي ملڪ ۾ جتي مختلف مذهبن، قومن ۽ سيپتائن جو سنگم آهي، اُتي ڀارتي ايڪتا جي واضع ٽنپ جنهن جو خطرو هو. بي جي پي پنهنجي اتحادي پارٽي جنتادل کي بابري مسجد جي مسئلي تي پنهنجي مذهبي جنوني حرڪتن ڪري ايڏو تنگ ڪيو جو هڪ پاسي سڄي ڀارت ۾ امن امان جو مسئلو پيدا ٿيو ۽ ارڙهن ڪروڙ ڀارتي مسلمانن ۾ ڊپ ڊاءُ ۽ عدم استحڪام جو احساس پيدا ٿيڻ لڳو ته ٻئي پاسي وي پي سنگهه جي حڪومت ڪوڏن ڀر اچي ڪري. ٻر وي پي سنگهه ۽ راجيو گانڌيءَ پاران بي جي پيءَ خلاف سگهاري موقف بي جي پيءَ کي عملي طورتي الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏيو ۽ وڌو امڪان اِهو هو ته هاڻوڪين چونڊن ۾ بنياد پرستيءَ جو وڌندڙ طوفان رڪجي ويندو، ڇاڪاڻ جو راجيو گانڌيءَ

پنهنجي مرتئي کان هڪ ڏينهن اڳ واضع اعلان ڪيو هو ته ڪجهه به ٿي پوي، هو بي جي پيءَ سان گڏجي حڪومت نه ٺاهيندو. ساڳيو ئي موقف وي پي سنگھ ۽ ٻين وڏي پارٽين جي اڳواڻن جو هو. انهن حالتن ۾ هاڻوڪين چونڊن کان پوءِ ڪنهن مرحلي تي نه رڳو وي پي سنگهه ۽ راجيو گانڌيءَ ۾ اتحاد ممڪن هو پر اها ڳالهه به يقيني هئي ته اينڊڙ پارٽي حڪومت غيربنياد پرست ۽ سيڪيولرن جي هوندي. ظاهر آهي ته اهڙي صورتحال بي جي پي جهڙي انتهاپسند تنظيم لاءِ زهر کان گهٽ نه هئي، ان سان نه رڳو پارٽي سياست جو هاڻوڪو ڍڱير ڪهڙي وجي ها پر راجيو گانڌيءَ جي متوقع وزيراعظم ٿيڻ جي صورت ۾ ملڪ کي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪنهن حد تائين مضبوط حڪومت ملي ها. راجيو جي موت کان پوءِ انتهاپسندن کي شايد اهو فائدو نظر آيو هجي ته سندن سڀ کان وڏو مخالف ختم ٿي ويو آهي، پر ان جي نتيجي ۾ ڀارت ۾ جيڪو شديد معاشي، سماجي ۽ جاگرافيائي عدم استحڪام آيو آهي، اُهو ڪنهن جي مفاد ۾ آهي؟ هي تمام وڏو سوال آهي. ظاهر آهي ته اِهو مفاد مقامي سياستدانن جي مفادن کان گهڻو مٿاهون، اهڙين طاقتن جي حق ۾ ٿو وڃي جيڪي دنيا ۾ پنهنجن مفادن تحت نوان جاگرافيائي، سياسي ۽ معاشي نقشا جوڙي رهيون آهن. اِهوئي سبب لڳي ٿو جو هندستان ۾ پهريون ردعمل راجيو گانڌيءَ جي گهر ڀاهران آمريڪا ۽ سي آءِ اي خلاف مظاهرن جي شڪل ۾ ٿيو.

ڇا واقعي راجيو گانڌي نئين عالمي نظام جي رٿابنديءَ جو ڪاڄ ٻڻجي ويو؟ جيڪڏهن هاڻوڪن سالن ۾ ٿيندڙ تبديلن تي نظر ڊوڙايون ته اسان کي اِهو الزام ڪمزور نٿو لڳي. ٻين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ فاتح اتحادي ملڪن تمام گهڻي محنت سان هڪ عالمي نظام جوڙيو جنهن هيٺ سڄي دنيا کي ٻن سپرپاور طاقتن روس ۽ آمريڪا پاڻ ۾ پنهنجن مفادن تحت ورهائي ڪنيو. جرمني، چين، جاپان ۽ ڪوريا جي جاگرافيائي پوزيشن سان انتهائي خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي. اِها صورتحال هئي ڪنهن وڏي تباهيءَ وارو طوفان جو اهڃاڻ ثابت ٿي سگهي ٿي. پاڪستان کي ته پهرين ڏينهن کان عدم استحڪام جو شڪار رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ جو 'مقصدن واري ٺهراءَ' جي منظوريءَ جي شڪل ۾ ان اندر بنيادپرستيءَ جا جيوڙا داخل ڪيا ويا هئا جنهن جي ڪري رڳو ڇوويهن سالن جي عرصي ۾ اِهو ٻه ٽڪر ٿي ويو. هاڻ اُها ساڳي صورتحال ڀارت ۾ پيدا ٿي چڪي آهي. هندستان تاريخي لحاظ کان ڪڏهن به هڪ جاگرافيائي وحدت ناهي رهيو. اِهو هڪ ننڍو کنڊ آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي آزاد رياستون ۽ ملڪ شامل رهيا آهن. بس اِهو رڳو سيڪيولر ازم يا مذهبي رواداريءَ جو ڪمال هو جو ڀارت جي انتظامي ۽ تاريخ لحاظ کان غيرفطري پڪيڙ ۽ جاگرافيءَ کي اُن ايتري عرصي تائين قائم رکيو. ان ۾ ڪانگريس ۽ نهرو ڪٽنب جو وڏو



CS CamScanner

ھٹ آھي. اڄ راجيو جي قتل کان پوءِ نہ رڳو ڪانگريس ۽ قومي اڳواڻيءَ جو خاتمو ٿي ويو آھي پر ھندو راڄ ۽ رام راڄ جي بنياد پرست نعرن ھندستاني ايڪتا جي ٿنڀ سيڪيولزم کي بہ ڪيرائي پٽ ڪيو آھي. ھندو بنياد پرستيءَ 44 سالن کان پوءِ ھڪ ڀيرو ٻيھر اھڙيون حالتون پيدا ڪيون آھن، جن جي ڪري 1947ع ۾ پاڪستان جو ٺھڻ اٽل ٿي پيو ھو- اڄ ھندستان جي ڌرتيءَ تي نئين پاڪستان، آزاد ڪشميري رياست، آزاد خالصتان، آزام آسام ۽ ٻين آزاد رياستن جا نعرا چاتنڻ تي بيٺا آھن. جيڪڏھن سگھاري ڪانگريس سيڪيولر نھرو جي موجودگيءَ ۾ آزاد پاڪستان کي ٺھڻ کان روڪي نہ سگھي تہ اڄ رام راڄ جي تعصبي نعري جي گونج ۾ اڳواڻيءَ کان محروم، ڪمزور ۽ ڇڙوڇڙ ڪانگريس ڪنھن نئين پاڪستان کي ٺھڻ کان ڪيئن روڪي سگھندي! پر ڇا ھندستان جو عدم استحڪام پاڪستان جي حق ۾ آھي؟ ھرگز نہ، پر پاڪستان ۽ ھندستان ۾ ورھاڱي جو ھڪجھڙو سامراجي عمل شروع ٿي چڪو آھي ۽ پاڪستان ۾ بہ بنياد پرستيءَ ڪيترائي نوان بنگلاديش پيدا ڪرڻ جو عمل گھڻي عرصي کان شروع ڪري ڏنو آھي. ھندستان جي متوقع شڪست ۾ ٽوڙ ڦوڙ راجيو جي موت کان پوءِ ٿي. ھندستان تائين محدود نہ رھندي پر پاڪستان ۽ بنگلاديش کي بہ پنھنجي لپيٽ ۾ وٺي سگھي ٿي، بنگلاديش ۾ ھاٺوڪي ھوڏ کان پوءِ ھزارين آمريڪي فوجي مقرر ڪيا ويا آھن. ھن خطي کي ھڪ وڏي تباھي ۽ سامراجي ورھاڱي کان بچائڻ جو ھڪڙو ئي حل آھي تہ عوام ۾ طبقاتي شعور پيدا ڪيو وڃي ۽ پنھنجي جھيڙن کي ڳالھين ذريعي نبيري فوجي تيارين تي ڪتب ايندڙ غيرترقياتي خرچن کي گھٽايو وڃي، ڇاڪاڻ جو سامراجي مفادن تحت ٽين دنيا جي عوام ۾ پيدا ٿيندڙ غيرحقيقي دشمنين کي ختم ڪرڻ جي ضرورت جيتري اڄ آھي اھا اڳي ڪڏھن بہ نہ ھئي نہ تہ نئون عالمي نظام تيزي سان سڀ ڪجھ لتاڙي ويندو.

# آمريڪا جي نئين عالمي نظام ۾ في الحال پاڪستان جو ڪو بہ ڪردار ناهي

## اڳوڻي وزيراعظم ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ محترمہ بينظير ڀٽو جو انٽرويو

سوال: چيو ٿو وڃي تہ اوهان جو آمريڪا ۽ يورپ وارو هاٿوڪو دورو پاڪستان- آمريڪا ناتن جي بحاليءَ لاءِ هو ۽ انکي ڪجهہ ڪوهہ ۾ هڪ طاقتور ۽ بااثر ملڪي اداري جي حمايت بہ حاصل هئي؟

جواب: پاڪستان پيپلزپارٽيءَ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ ۽ انساني حقن جي حفاظت لاءِ هڪ ڏکي جدوجهد ڪئي آهي ۽ ذوالفقارعلي ڀٽو هڪ عالمي سرواڻ هو، ان ڪري پ پ جي سڃاڻپ ۽ اهميت سڄي دنيا ۾ مڃيل ٿي. ساڳي طرح آءٌ بہ ڪنهن اسلامي ملڪ جي پهرين عورت سربراهہ رهي آهيان، ان ڪري منهنجو ۽ اسان جي پارٽيءَ جي عالمي سطح تي هڪ مقام ۽ مرتبو آهي. منهنجا رابطا ڪنهن نہ ڪنهن وقت ۽ موقعي تي پاڪستان ۽ عوام جي ڪم ايندا. انهيءَ ڪري آءٌ پنهنجي انهن رابطن کي نہ رڳو برقرار رکڻ چاهيان ٿي پر انهن کي وڌيڪ سگهارو ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ پرڏيهہ بہ ويندي رهندي آهيان تہ جيئن سڀاڻي جيڪڏهن اسان کي ڪو موقعو ملي تہ اسين پاڪستان کي ان جي اقتصادي مسئلن مان ڪڍڻ، ان جو وقار وڌائڻ لاءِ پنهنجي انهن رابطن کي استعمال ڪري سگهون- پنهنجن انهن دورن دوران آءٌ پاڪستان جي مخالفت ڌر جي اڳواڻ جي طور تي پاڪستان جي اهم مسئلن مثال طور اقتصادي مسئلن ۽ ڪشمير جي مسئلي جهڙن سوالن تي دنيا کي پاڪستان جي موقف کان واقف ڪندي رهيس- ساڳي طرح ٽين دنيا جي اڳواڻ طور نئين عالمي نظام متعلق بہ پنهنجي ردعمل جو اظهار ٽين دنيا جي عوام جي حوالي سان ڪندي رهيس، ڇاڪاڻ جو آءٌ 'مخصوص اخلاقيات' (Selective Morality) جي مخالف آهيان- آءٌ چوان ٿي تہ جيڪڏهن نئون عالمي نظام آهي تہ پوءِ ان جو ڪو اخلاقي جواز هئڻ گهرجي. مون هلندڙ سال

سويڊن ۾ 'عالمي قدمن' (Global Initiative) جي موضوع تي ٿيندڙ هڪ سيمينار ۾ به شرڪت ڪئي هئي، جنهن تحت اسين گڏيل قومن جي اداري کي هڪ بااثر ۽ حقيقي معنائن ۾ بارسوخ ادارو بڻائڻ چاهيون ٿا. اسان عالمي امن لاءِ ٺاهه جي ڳالهه ڪئي ۽ اها گهر ڪئي ته اوله وارا ملڪ پنهنجي هٿيار ۽ بچاءَ وارن خرچن ۾ ڪٽوتيءَ مان جيڪا رقم بچائين اُها نين جمهوريتن کي ڏني وڃي. مون ڪجهه وقت اڳ عالمي سطح تي جمهوري ملڪن جي تنظيم ٺاهڻ جي رٿ ڏني هئي. هاڻ ڪجهه وقت اڳي صدر بش هڪ طرفي طور تي ائٽمي هٿيارن جي خاتمي جو اعلان ڪيو آهي، جنهن جو روس به مثبت جواب ڏنو آهي. اسين چاهيون ٿا ته اهڙن قدمن وسيلي دنيا ۾ جيڪي وسيلا بچن اهي نين جمهوريتن جي مضبوطيءَ لاءِ ڪتب آندا وڃن. سويڊن ۾ انهيءَ سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ سان گڏوگڏ آءٌ مراڪش به ويس، جتان جي بادشاهه پاڪستاني اڳواڻ جي حيثيت ۾ منهنجو آدر ڀاءُ ڪيو- مون برطانوي وزيراعظم جان ميجر ۽ پارٽي وزيراعظم سان پڻ گڏجاڻيون ڪيون. پارٽي وزيراعظم سان ڪشمير جي مسئلي کان علاوه هٿيارن ۽ بچاءَ تي خرچن جي گهٽتائي آڻڻ متعلق ٻه طرفن معاملن تي ڳالهايم. فلسطين جي آزاديءَ واري تحريڪ جي سربراهه ياسرعرفات سان به منهنجي ملاقات ٿي- مون فرانس جو به دورو ڪيو ۽ اُتي صدر متران سان ڳالهيون ڪيم. آءٌ آمريڪا به ويس جتي مون کي 'يوني فيم' ايوارڊ مليو ۽ اُتي مون کي اڪسونو جو گڊول (Good Will) سفير به ڪيو ويو. آمريڪا جي انهيءَ دوري کي ڪو ٻيو رنگ ڏيڻ ڪجهه ماڻهن جي پنهنجي خيال پرستيءَ کان سواءِ ڪجهه به ناهي.

سوال: اوهان جي هاڻوڪي ۽ ان کان اڳ واري پرڏيهي دورن متعلق آءِ جي آءِ جي ڪجهه اڳواڻن جو چوڻ آهي ته پ پ جڏهن اقتدار کان ٻاهر هوندي آهي ته اُها اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ کان ٻاهر جي قوتن ڏانهن نهاريندي آهي ۽ ان جي قيادت پرڏيهه وڃي حڪومت خلاف سازشون ڪندي آهي. اوهان جو ان الزام تي ڇا تبصرو آهي؟

جواب: اصل ڳالهه هيءَ آهي ته هاڻوڪن حڪمرانن وٽ پاڪستان کان ٻاهر نه ڪي رابطا آهن ۽ نه وري سندن ڪو اثر رسوخ ئي آهي. ان جي نتيجي ۾ اُهي عالمي سياست ۾ پاڪستان لاءِ ڪا حيثيت ٺاهڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. جڏهن ته ان جي مقابلي ۾ اسان جا دنيا سان رابطا آهن. انهيءَ ڪري هو اسان سان حسد ۽ ڪينو ڪن ٿا. ڪين تاريخ جو ادراڪ ناهي. هو اهو نٿا ڄاڻن ته ان موقعي تي عالمي سياست ۾ انهن کي ڇا ڪرڻ گهرجي. آءٌ ۽ منهنجي پارٽي پاڪستان کي اڪيلو ڏسڻ نٿا چاهيون. اسين

پاڪستان کي عالمي ايجنڊا جو حصو بنائڻ چاهيون ٿا. اسين دنيا سان گڏ هلڻ چاهيون ٿا. اسان جي سوچ تنگ ۽ اڪيلي ناهي پر اسين بين الاقوامي سوچ ۽ بين الاقوامي حالتن تي نظر رکون ٿا. پيٽني صاحب جا به اهيئي نظريا هئا. اسين پاڪستان کي 'عالمي قافلي' (Global March) جو حصو بنائڻ چاهيون ٿا. اسين پاڪستان لاءِ مسلمان دنيا، ٽين دنيا ۽ نين جمهوريتن ۾ سرواڻي وارو ڪردار چاهيون ٿا ۽ اسان جي خيال ۾ پاڪستان اهو ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو بس رڳو هتان جي قيادت ان جي اهل هجي.

سوال: عالمي نظام ۾ جيڪي ويجهڙ ۾ تبديليون آيون آهن ۽ اجان جاري آهن، انهن کي سامهون رکندي مستقبل جي عالمي ۽ علائقائي سياست ۾ پاڪستان جو ڪهڙو ڪردار جڙي ٿو ۽ اسان کي پنهنجي پرڏيهي پاليسي ڪهڙن نقطن تي جوڙڻ کپي؟

جواب: دنيا ۾ پاڪستان جي اهميت اڳي ان ڪري هئي جو اسان جي پاڙي ۾ ڪميونزم هو. جنهن ڪري اسان جي اهميت دفاعي هئي. پر روس ۾ هاڻوڪين هيترين سارين تبديلين ڪري دنيا پاڪستان کي وساري ڇڏيو آهي ۽ افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پاڪستان گهڻن ملڪن لاءِ غيراهم ۽ غير متعلق ملڪ بڻجي چڪو آهي. هاڻ اِهو سوچڻ اسان جو فرض آهي ته پنهنجي اهميت ڪيئن ٿا بحال ڪرائي سگهون. آءٌ سمجهان ٿي ته اڳي دفاعي حيثيت جي اهميت هئي پر هاڻ اقتصادي اهميت جو دور آهي. جيڪڏهن اسين ڪو اهڙو اقتصادي زون ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون جنهن ۾ ڪيترائي ملڪ شامل هجن ۽ جيڪو گڏيل فائدي جي بنياد تي قائم هجي ته اسين پنهنجي حيثيت مڃرائي سگهون ٿا.

سوال: اوهان جي خيال ۾ ڪهڙن ڪهڙن ملڪن کي انهيءَ زون ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو؟

جواب: اهڙو اقتصادي زون پاڪستان، ترڪي، ايران، افغانستان ۽ سوويت يونين جون مسلمان اڪثريتي ۽ اقليتي رياستون گڏجي قائم ڪري سگهن ٿيون. اِهي سمورا ملڪ گڏجي هڪ مربوط زون قائم ڪري سگهن ٿا. انهن سمورن ملڪن جا اقتصادي نظام ترقيءَ جي مختلف مرحلن مان گذري رهيا آهن. انهيءَ ڪري اسين تمام گهٽي ڪارائتي گڏيل معاشي رابطن ۽ سهڪار جي فضا قائم ڪري سگهون ٿا. هن وقت سڄي دنيا ۾ اقتصاديات جي بنياد تي اتحاد جڙي رهيا آهن. يورپي قومون پنهنجو هڪ اقتصادي بلاڪ ٺاهي رهيون آهن. اتر آمريڪا جا ملڪ به انهيءَ بنياد تي گڏجي رهيا آهن. ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ۾ گڏيل اقتصادي سهڪار

جون تنظيمون به ان ڏس ۾ اڳتي وڌي رهيون آهن. تنهنڪري اسان کي به پنهنجو اقتصادي بلاڪ جلد ٺاهڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسين پنهنجو اهڙو اقتصادي بلاڪ ٺاهي وٺون ۽ هندي سمنڊ جي گرم ڇائين کي پنهنجي واپاري راهه بڻايون ته اجوڪي دنيا ۾ اسان جي اهميت وڌي ويندي.

سوال: اوهان جنهن اقتصادي زون ٺاهڻ جي تجويز پيش ڪئي آهي، ڇا اُهي طاقتون جيڪي عالمي نظام ۾ هاڻوڪيون تبديليون آڻڻ جو سبب بڻيون آهن. اُهي اسان جهڙن ملڪن کي ڪو اهڙو اقتصادي زون ٺاهڻ ڏينديون ۽ ڇا اُهي ان جي قيام جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻبيون؟

جواب: منهنجي خيال ۾ انسان ۽ ملڪ پنهنجيون قسمتون پاڻ جوڙيندا آهن. پنهنجو مستقبل ٺاهڻ لاءِ هڪ اهم شيءِ فضا ۽ ٻي واسطيدار ملڪن جي پنهنجي حڪمت عملي هوندي آهي. آءٌ سمجهان ٿي ته هاڻ وقت اچي ويو آهي جو اسين پنهنجي حڪمت عملي طئي ڪريون. انهيءَ ڪري آءٌ چوان ٿي ته پرڏيهي طور تي پارٽيسري ملڪن سان گڏجي هڪ اقتصادي زون قائم ڪرڻ گهرجي. جمهوري ملڪن جي تنظيم ٺاهڻ گهرجي ته جيئن پاڪستان لاطيني آمريڪا، يورپ ۽ ايشيا جي ملڪن سان گڏجي سگهي ۽ گڏوگڏ اسان کي پنهنجي علائقائي فوج ٺاهڻ گهرجي. انهيءَ علائقائي فوج کي اسان کي سڄي دنيا ۾ ڏسڻ گهرجي. لاطيني آمريڪا جي علائقائي فوج هئڻ گهرجي. افريڪي ملڪن جي علائقائي فوج هئڻ گهرجي ۽ مسلمان ملڪن جي علائقائي فوج هئڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ اسان کي پارٽ سان ٻه طرفن بنيادن تي هٿيارن ۾ گهٽتائي جو ٺاهه ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه آءٌ 1989ع کان ڪري رهي آهيان ۽ جيڪڏهن پ پ اقتدار ۾ هجي ها ته اسين اهو ٺاهه ضرور ڪريون ها پر اسان جي حڪومت کي ختم ڪيو ويو ۽ هاڻوڪن حڪمرانن ان ڏس ۾ ڪو قدم ناهي کنيو. انهيءَ جي نتيجي ۾ اڄ سڄي دنيا جو ڌيان پاڪستان تي آهي ته هو هڪ طرفي طور تي پنهنجي هٿيارن ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪري. ان ڪري آءٌ چوان ٿي ته اسان کي پنهنجي سوچ جو دائرو بين الاقوامي سطح تائين مٿي آڻڻ گهرجي. جيستائين اوهين آدرش نه ٺاهيندا ته ان جي ساپيان ڪيئن ماڻيندا.

سوال: آمريڪا جي نئين عالمي نظام جا پاڪستان تي ڪهڙا اثر پوندا ۽ ڇا اهو تاثر صحيح آهي ته انهيءَ نئين عالمي نظام تحت پاڪستان کي ڀارت جي تابع ڪيو پيو وڃي؟

جواب: آمريڪا جي نئين عالمي نظام ۾ في الحال پاڪستان جو ڪوبه ڪردار

ناهي، هن وقت اسان جي دفاعي اهميت ختم ٿي چڪي آهي ۽ انهيءَ فضا ۾ اسين پنهنجي ڪا ٻي اهميت به ثابت ڪري نه سگهيا آهيون. جڏهن ڪو ميدان ۾ هوندو آهي ته ان جي اهميت به هوندي آهي پر جڏهن ميدان خالي ڪيو وڃي ته پوءِ ڪنهن جي ڪاب اهميت نه رهندي آهي. نئين عالمي نظام ۾ پاڪستان جو ڪردار ۽ مقام ان وقت نهندو جڏهن اسين جمهوري ملڪن جي تنظيم، اقتصادي زون ۽ علائقائي فوج قائم ڪريون ۽ عالمي سياست جي اسٽيج تي سرگرم رانديگر بڻجون- جيستائين اسين سرگرم رانديگر نه بڻباسين ته پاڪستان جيڪو يارت جي مقابلي ۾ ثانوي حيثيت ۾ آهي، تهانئين پوئتي هليو ويندو ڇاڪاڻ جو نئين عالمي نظام ۾ اقتصاديات تمام گهڻي اهميت جوڳي آهي ۽ يارت جيئن ته اسان کان وڏو آهي ۽ انجون اقتصادي منڊيون به اسان کان وڌيڪ آهن، تنهنڪري اُهو عالمي سياست ۾ اسان کان وڌيڪ اهم هوندو پر جيڪڏهن اسين تجويز ڪيل اقتصادي زون قائم ڪري ٿا ونون ته پوءِ اسان جي بلاڪ جون گڏيل اقتصادي منڊيون يارت جي مقابلي ۾ وڌيڪ هونديون ۽ اسانجا مارڪيٽ وڌيڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهندا. مستقبل ۾ هر ڪنهن جي اهميت جو فيصلو اقتصاديات ۽ سڌسماءُ جي شعبن ۾ انقلاب سان ٿيندو. اسين سڌسماءُ واري شعبي ۾ پوئتي رهجي ويا آهيون. پ پ پاڪستان اندر سڌسماءُ جي شعبي ۾ هڪ انقلاب آڻڻ ٿي چاهيو. ان ڪري اسان پي ٽي وي اين شروع ڪيو ۽ سي اين اين جي نشريات جو به پاڪستان ۾ آغاز ٿيو. اسان جاپان سان هڪ ناهه وسيلي پاڪستان ۾ هڪ تعليمي ٽي وي چئنل جي شروعات ڪرڻ وارا هئاسين پر هاڻوڪي حڪومت اِهو پروگرام ختم ڪري ڇڏيو. ٿيون اسان هتي ڪيبل ٽيلي ويزن سسٽم لڳائڻ ٿي چاهيو ۽ گڏوگڏ اسان پاڪستان ۾ اهڙو ٽيلي ويزن چئنل به کولڻ ٿي چاهيو جيڪو چوويهه ڪلاڪ راندين جا پروگرام ڏي. اسين ان طريقي سان پنهنجي عوام کي سڌسماءُ جي عالمي نظام سان ڳنڍي انهن جي تعليم ۽ تربيت ۽ جديد دور سان سندن واقفيت جو اهتمام ڪري رهيا هئاسين. ائين جيڪڏهن هڪ پيرو اسين ڏيهي سطح تي ماڻهن جي ذهن کي اطلاعن جي جديد نظام ذريعي کولي ڇڏيون ها ته ٻئي مرحلي ۾ اسين پاڪستان کان ٻاهر رهندڙ پاڪستانين ۽ ايشيائي باشندن لاءِ به ٽي وي چئنل کوليون ها ۽ اهڙي طرح اسين دنيا جي هر حصي ۾ موجود پاڪستانين کي اطلاعاتي انقلاب وسيلي ڳنڍيون ها. اجوڪي دنيا هڪ عالمي ڳوٺ بڻجي چڪي آهي. اڄ جيڪو آمريڪا ۾ ٿئي ٿو اُهو سيڪنڊن ۾ سي اين اين وسيلي هتي پاڪستان ۾ ڏيکاريو



CamScanner

وڃي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه پاڪستان ۾ ٿو ٿئي اهو زمانوي ۾ ٺيڪاريو ٿو وڃي. اڄوڪي هن سيڪيولر ۽ گلوبل دنيا ۾ اطلاعن ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي شعبن ۾ جيڪي تبديليون اچي رهيون آهن، انهن کان پنهنجي عوام کي باخبر رکڻ اسان جو فرض آهي. اسان کي پنهنجا ذهن کولڻا پوندا. اسان کي نون چئلينجن جو مقابلو ڪرڻو پوندو. انهيءَ چئلينج کي قبول ڪندي مون پاڪستان جي ايڪويهين صدي ۾ داخل ٿيڻ جي موقعي تي دانشورن جي هڪ ٽيم جوڙي هئي ۽ کين چيو هو ته اوهين ڳڻجي ويهي هٿي ڪريو ته پاڪستان کي اسين ايڪويهين صديءَ جي گهرجن ۽ ضرورتن مطابق ڪيئن بڻايون. مستقبل جي پاڪستان جون حڪمت عمليون ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اسان جون پاليسيون ڇا هئڻ گهرجن. اهو تمام وڏو ڪم هو جيڪو اسان دانشورن ذريعي ڪرائڻ چاهيو ته جيئن اسان کي پنهنجي ترجيحن ۽ ضرورتن جو درست اندازو ٿي سگهي.

# نئون عالمي نظام

## ۽ پاڪستان

ف- م لاشاري

### عالمي نظام ۽ بنياد پرستي

نارٿ ائٽلانٽڪ ٽريٽي آرگنائيزيشن (ناٽو) جي ڪمانڊر جنرل جان آر گالون سوويت يونين ۽ ناٽو جي وچ ۾ سهڪار جي هڪ رٿا تيار ڪئي، اُن بابت هن گذريل 17 اپريل تي برسلز ۾ بريفنگ ڏني، جنهن ڪي يورپ ۽ آمريڪا جي صحافي، سياسي ۽ ٻين دانشور حلقن ۾ عبرتناڪ سڏيو ويو. 'وال اسٽريٽ جرنل' اخبار جي چوڏهين مئي واري شماري ۾ ان بريفنگ بابت تفصيل شايع ٿيا.

ٿيو ائين جو جنرل گالون پنهنجي انهيءَ رٿا تي زور ڀريو تہ سوويت يونين ۽ ناٽو وارا ملڪ (آمريڪا جي اڳواڻي ۾ يورپ جا ترقي ڪيل ملڪ) فوجي معاملن ۾ بہ هڪٻئي سان سهڪار ڪن ۽ گهرا دوست بڻجي پنهنجي گڏيل دشمن خلاف ڪارروائي ڪن.

آمريڪا ۽ روس جو گڏيل دشمن ڪير آهي؟ آمريڪا ۽ روس جي گڏيل فوجي حڪمت عملي ڪجهہ عرصو اڳ تائين ٻن دشمن ڪئمپن ۾ ورهايل هئي: ڪميونسٽ ۽ سرمائيدار. آمريڪا ۽ روس هڪٻئي ڪي ڪچو ڪائينڊڙ دشمن هئا. دنيا جا باقي ملڪ هنن سان گڏ هئا. هڪڙا هيڏانهن ٻيا هوڏانهن. ٽين ڪا قوت، ڪو ملڪ هئو ئي ڪونہ. خود غيرجانبدار تحريڪ جا ملڪ بہ اصل ۾ ٻنهي ڪئمپن ۾ ورهايل هئا. اڄ هي ڪهڙو ٽيون دشمن پيدا ٿيو، جنهن تي ناٽو جو ڪمانڊر جنرل گالون چوي ٿو تہ گڏيل دشمن بنياد پرست، آمريتن وارا ملڪ آهن، جن وٽ هٿيارن جا وڏا ذخيرا آهن. پاڪستان بہ بنياد پرست ملڪ آهي ۽ اُن ڪي جنرلن ئي بنياد پرست بڻايو آهي. تازو نار واري لڙائي ۾ پاڪستان جي ماڻهن طرفان، عراق جي حمايت ڪرڻ واري قدم ڪي مغرب ۾ بنياد پرستيءَ سان تعبير ڪيو ويو. نئين حڪمت عملي، جنهن ڪي عرب ۽ آمريڪا هڪٻئي جي گڏيل سلامتيءَ لاءِ تيار ڪيو آهي، انهي وچ اوڀر جي سلامتي واري رٿا ۾ پاڪستان

ڪي نہ هڻڻ جيترو ڪردار ڏنو ويو آهي.

ناٽو جي ڪمانڊر جو هي پلان، اصل ۾ نئين عالمي نظام جو حصول آهي، جيڪو آمريڪا تيار ڪيو آهي ۽ جنهن جو نفسياتي يا روحاني محرڪ يا بنيادي نقطو هينئر آمريڪا جي مغز ۾ پرجي ويل برتري وارو شاونزم آهي. شاونزم ڪنهن بہ چڱائي ڪي جهي تہ اُن ڪان وڌيڪ بڇڙائي ہي ٿئي ڪانہ ٿي. عراق ڪي مات ڏيڻ، آمريڪا جهڙي ملڪ لاءِ وڏي ڳالهہ آهي ڪانہ. پر لڳي ائين ٿو تہ هيڏي وڏي جديد تهذيب جي اندر ۾ ڪو اونهو ڪاٽ لڳل آهي، جو عراق ڪي ہين ملڪن سان گڏجي مار ڏيڻ واري خوشي آمريڪا ڪي خوش ٿيڻ ۾ ہار بنائي ڇڏيو آهي. ان ڪري هاڻي باوجود ان جي تہ آمريڪا انساني ترقي، جمهوريت ۽ اهڙين ہين شين جي نالي ۾ دنيا ۾ هڪ وڏو 'جهاد' شروع ڪرڻ وارو آهي ۽ ان 'جهاد' جو نالو، نئون عالمي نظام آهي ۽ اُن جا پاڪستان تي پونڊڙ اثر شروع ٿي چڪا آهن. جهڙوڪ پاڪستان ڪي امداد ڏيڻ واري ڪنسورشيم جو اهو شرط تہ پاڪستان جي دفاع تي خرچ گهٽايو وڃي. امداد اڳ ئي بند آهي. واهہ آرڊيننس فئڪٽري جي پيداوار ڪي متاثر ڪرڻ يا اهڙيون ڳالهيون مختلف حلقن طرفان اُڏائي ڇڏڻ تہ عراق ڪان پوءِ، پاڪستان، آمريڪا جو ہيو نشانو آهي. پر ڇا پاڪستان سان بہ عراق واري ساڳي لڙائي لڙي ويندي يا ڇا پاڪستان جي اصل حڪمرانن منجهان ڪو صدام حسين وارو موقف اختيار ڪندو جيئن مرزا سلم بيگ 'اسٽريٽيجڪ ڊفائنس' (حڪمت عملي سان ٿيندڙ نافرماني) جو تصور ڏنو هو؟

جنرل ڳالون جي رٿا موجب آمريڪا ۽ ناٽو ملڪن ڪي روس سان وقت ۾ وقت خيرخواهي ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايتري تائين جو روس جي اندروني معاملن ڪي نبيڙڻ ۾ بہ روسي حڪومت جو ساٿ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي اٿس. ۽ هيءَ ڳالهہ بہ ڪا گهٽ اهم ناهي. سچي جو سچو روس، هڪ طاقت طور جيڪڏهن اولهہ سان گڏجي وڃي ٿو. جيئن هن مهل تائين ٿيو آهي، تہ پوءِ ڏار ڏار ديگري ڇاڙهي ويل روسي رياستون اولهہ جي مقصدن لاءِ ايڏيون ڪارائتيون نہ ٿينديون جيڏو سڄو روس. ۽ روس سان هن مدد ڪرڻ جو هڪ ہيو ڪارڻ، روس ۾ آمريت جو وڌندڙ خطرو بہ آهي، جنهن ڪي منهن ڏيڻ ضروري آهي، خود اولهہ لاءِ- ڇو تہ آمريت وارو روس، آمريڪا ۽ سڄي اولهہ جي تهذيب لاءِ وري بہ مٽي جو سور بڻجي سگهي ٿو.

## ہڻن معيارن جي نئين دنيا

برطانوي اخبار فنانشل ٽائيمز ڇهين جون 91ع واري شماري ۾ خبر ڏني تہ آمريڪا، ڪٺيل عرب امارتن ۽ بحرين ڪي 'اپاچي اٽيڪ' هيليڪاپٽر وڪڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جڏهن تہ هڪ هفتو اڳ ۾ صدر جارج بش وچ اوڀر جي

علائقي ۾ هٿيارن جي وڪري ۽ ٻوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ آمريڪي اُپائن جو اعلان ڪيو هو. آمريڪا جي جنگي کاتي واري وزير پنهنجي ملڪ جي هن نئين پاليسي جي حمايت ۾ چيو ته هن جنگي هيليڪاپٽرن جو وڪرو، صدر بش جي هٿيارن گهٽائڻ واري پاليسي جي دائري کان ٻاهر آهي. صدر بش پاڻ به پنهنجي متضاد پاليسي جو اعلان ڪندي گذريل 29 مئي تي چيو هو ته هو وچ اوڀر ۾ روايتي توڙي غيرروايتي هٿيارن جي ٻوڙ ختم ڪرڻ سان گڏ انهن رياستن جي پنهنجي دفاعي صلاحيتن کي پختي ڪرڻ جو طرفدار آهي.

آمريڪا جو عالمي ڪردار وڏيڪ چٽو ٿي ويو ته ٽيٽو نئي هو جو سڄي دنيا جي حڪومتن گڏجي عراق کي جيڪا شڪست ڏني، اُن جي پٺڪي آمريڪا پنهنجي مٿي تي رکي پنهنجي نفسياتي ڦٽن تي ڦها رکڻ کهريا پئي، پر آمريڪي ادارن جا هٿ. هاڻ پنهنجي اتحادين جي آڏن تائين پهچي ويا آهن، جو ته مٿيان هئي ملڪ ساڳئي قسم جا هيليڪاپٽر ۽ هٿيار اڳ ۾ فرانس کان خريد ڪندا هئا. ٻين ملڪن کي وچ اوڀر ۾ هٿيار ڪونهن وڪڻتا، جو ته جارج بش وچ اوڀر ۾ هٿيارن جي ڦهلاءَ جي خلاف آهي پر آمريڪا پنهنجا هٿيار وڪڻندو جو ته اها ڳالهه جارج بش جي پاليسي بيان جو حصو آهي ته آمريڪا، وچ اوڀر جي رياستن جي دفاعي نظام کي پاڏيرو رکڻ گهري ٿو.

هيءَ سڄي ’عقلمندي‘ جارج بش جي نئين عالمي نظام واري تصور جو اظهار آهي. سڄي دنيا جي عزت نفس، آزادي، خودمختياري ۽ باوقار زندگي گهارڻ جو حق هاڻ آمريڪا جي مرضي تي دارومدار رکندڙ هوندو جو ته اهوئي نئون عالمي نظام آهي.

هڪ پاسي اها صورتحال آهي، ٻئي پاسي اٺين جون تي واشنگٽن ۾ اٺ هزار انهن فوجين جي پريڊ ٿي، جيڪي عراق سان جنگ کان واپس ٿيا آهن. ساڳئي وقت ان جنگ ۾ ڪم آندل هٿيارن جي نمائش پڻ ٿي ۽ ان ڏس ۾ حڪومت آمريڪا جي ماڻهن کي فاتح هئڻ جو جنون بچائي ڇڏيو آهي. ڇڻ يا پنجن ڊالرن جو، ان موقعي جو هڪ يادگار سڪو جاري ڪيو ويو، جنهن جي خريداري لاءِ آمريڪي ٽيليوزن جي مختلف چئنلز تان اشتهارن جي ڀرمار رهي. واشنگٽن پوسٽ جي هڪ ايڊيٽوريل مطابق ڪن ماڻهن جو خيال هو ته واشنگٽن واري هيءَ فوجي پريڊ جنگبازي ۽ هٿيارن جي نماءَ جو بيهودو نمونو هئي، پر گهڻا آمريڪي سمجهن پيا ته اها فوجين جي آدرياءَ لاءِ هڪ ڪوشش هئي ۽ آمريڪا جو روح هن قسم جي فاتح فوجي پريڊ لاءِ چاليهن سالن کان سڪندو پئي رهيو.

دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته آمريڪا جا سراسري ماڻهو سٺ واري ڏهاڪي کان وٺي آمريڪي اندروني نظام هيٺ سياست کان پري ٿيندا ٿا وڃن. جڏهن کان هنن جي تعليمي نصاب ۾ هٿ وٺي اهڙيون ڳالهيون شامل ڪيون ويون جن



CamScanner

سان عام ماڻهو سياست کان پري ٿيڻ ۽ ذاتي زندگي جي عياشين ۽ شغلن ڏانهن ھليو ويو. ھن وقت چاليھ سيڪڙي کان به گھٽ ماڻهو آمريڪا جي چونڊن ۾ حصو وٺن ٿا. حالت اھا آھي جو آمريڪي انتظاميا ۽ ميڊيا جن جو پاڻ ۾ اٽوٽ ڳنڍو رشتو آھي سي، جنهن ڳالھ کي وٺن، اُن کي آمريڪي صدر جي رعيت لاءِ جذباتي مسئلو بڻائي ڇڏين. نتيجي ۾ جڏهن عراق ۾ وڙهندڙ آمريڪي فوجي واپس نٿي اچڪا، تڏهن آمريڪن جي گهرن تي ايڏا آمريڪي جهنڊا چڙهيل هئا جو ايڏا سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جا به نه هوندا. هنڌ هنڌ تي فوجين جي آجيان جون تختيون لڳل هيون، ۽ سراسري ذهن وارا اڪثر آمريڪي ماڻهو آرام سان احمق بڻجي ويا.

اصل ۾ آمريڪي حڪمران طبقي کي پنهنجي ملڪ ۾ گهرجي ئي انتهائي مختصر سياسي بنياد. پر سمورا ماڻهو سياست کان ڪٽيل رهن پر ڪجهه نه ڪجهه ماڻهو گهرجن. جيئن آمريڪي حڪومت پاڻ کي سياسي حڪومت سڏي سگهي.

آمريڪا جي عجب قسم جي ٺيندڙ ڪاريگري ھيءَ آھي ته حڪمران ۽ پاليسي ساز عقلمندن جو ٽولو پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي اڪثريت کي جاڳائي واٽي سياست کان پري ڪري پاڻ رکو آمريڪا ۾ ئي نه، سڄي دنيا ۾ سياسي برتري چاهي ٿو. جنهن ڪري سندس هڪ خاص قسم جي خاصيت ته هي آھي جو هر معاملي تي سندس ٻه موقف ٿين ٿا: هڪ خلق کي ٻڌائڻ وارو ۽ ٻيو اصل پر ڳجهو موقف. مثال هي آھي ته آمريڪا سرڪار چوي ٿي ته اُها هٿيارن جي ڦهلاءَ جي خلاف آھي پر پاڻ پنهنجا هٿيار وڪڻڻ لاءِ بهانا ڳولهي ٿي.

آمريڪي پاليسين جي سڄي نظام ۽ اُن جي اثرن کي ڏسندي محسوس ڪجي ٿو ته ٽئين ۽ مسڪين ملڪن، جن پنهنجي حڪمرانن جي ڀلاين سان آمريڪا جي غلامين منجهه گهاريو آھي تن لاءِ ٻه ڪليل رستا آھن: هڪڙو ته بنا تڪلف ڪرڻ جي آمريڪا کي ۽ پنهنجي عوام کي ٻڌايو وڃي ته پاڻ سرڪار وڏي جا ڪولا غلام آهيون ۽ اُن ئي مستقيم صراط تي هلبو جيڪا آمريڪا ڏاهي آھي. ٻي واٽ اھي سڌا سنوان باعزت متبادل تلاش ڪرڻ. باقي ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ سان سان قصو ڪونه نهندو. جيئن اسان واري هاڻوڪي سرڪار ڪري رهي آھي. آمريڪا سرڪار ۾ هڪڙو وڏ ڏايو زبردست هي آھي ته اُها منافقين کي جهڪو مان ڏئي ٿي. مثال هي آھي ته اڄڪلهه واشنگٽن جي عملدار حلقن پاران تاثر ڏنو پيو وڃي ته شريعت بل برابر بنياد پرستي آھي پر نواز شريف به گهٽ سياڻو ڪونهي. هن هڪ پاسي ملن جي دهاءَ ۾ اچي شريعت بل بحال برابر ڪرايو آھي پر ٻئي طرف هو پنهنجي وات سان چئي رهيو آھي ته هو بنياد پرست (ڪٽر پرست) ڪونهي ۽ اُن جو ثبوت هن عابده حسين کي پنهنجو صلاحڪار



CamScanner

مقرر ڪرڻ سان ڏنو آهي، ۽ ڏسو ته اهو ڪيڏو عظيم روحاني رشتو آهي ميان نواز شريف ۽ آمريڪا جي عملدار حلقن جي وچ ۾ جو هيڏانهن عابده حسين جي تقرري ٿني ٿي ۽ هوڏانهن مجتا ملڻ لڳي ٿي ته نواز شريف عورتن جي حقن خلاف ناهي. هيڏانهن نواز شريف ڏکڻ ايشيا ۾ ائٽمي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ اهي تجويزون ڏني ٿو جيڪو پاڪستان جو پراڻو موقف آهي ۽ ان پاليسي بيان کي ٽالو ڏنو ٿو وڃي، آمريڪا سان لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ جو ۽ واشنگٽن مان خبر اچي ٿي ته ميان صاحب جي تجويزن کي چڱين نظرن سان ڏٺو ويو آهي.

اصل ۾ نظرن ٻظرن ۾ ڪائي حقيقت ڪانهي، آمريڪا جي سياسي نظام ۾ رشوت جا مجيل ۽ ڪليل طريقا ڪم ڪري رهيا آهن. ڪيئي ملڪ ۽ سياسي قوتون اُتي پئسن سان رهائي رسائي ڪرڻ ۾ رڌل آهن ۽ اتي لابي ٺاهڻ واري ڪم کي 'صنعت' جو درجو حاصل آهي ۽ انهن طريقن سان خلق جي اکين ۾ ڌوڙ وڌي پئي وڃي.

## پاڪستان هسٽري شيٽر ملڪ

پاڪستان جي حاڪمن، ملڪ قائم ٿيڻ کان وٺي سامراج وٽ پاڻ وڻائڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي، سا آمريڪا- عراق ويڙهه ۾ پاڪستان جي عوام نيٽ ناڪام ڪري ڇڏي. 24 فيبروري تي واشنگٽن کان هڪ خبر آئي ته، آمريڪا بهادر، پاڪستان کي پنهنجي ان لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ سندس نظرن ۾ اٺوٽنڊز ملڪ شامل ٿيل اٿس. ٻين لفظن ۾ هاڻي آمريڪا جي نظرن ۾ پاڪستان 'هسٽري شيٽر' ملڪ آهي.

آمريڪا جي ان فيصلي سان پاڪستان جي عوام جو پاڻ تي اعتماد بحال ٿيندو. هڪ سامراجي طاقت کي اسان نٺا وٺون، ته ان جو مطلب هي آهي ته اسان ۾ دم به آهي ۽ اسان چڱا به آهيون. آمريڪا جي مهرباني!

ان فيصلي جي پٺواري ۾ هڪ ٻي خبر به ساڳي ڏينهن تي آئي ته پنجن ملڪن، آمريڪا، جرمني، برطانيه، فرانس ۽ آسٽريا، پاڪستان کي فوجي سامان ڏيڻ تي پابندي وجهي ڇڏي آهي. اسان جا حاڪم هنن جا پراڻا گراهڪ آهن. اٺ سو ملين ڊالرن جي اها سالياني خريداري جنهن گجهه گوهه ۾ ٿيندي رهي آهي، اُن جي تفصيلن، ڪميشنن، رشوتن جي پاڻ ماڻهن کي ڪا خبر ناهي. اسان جي جائز توڙي ناجائز طريقن سان چونڊيل اسيمبلي ميمبرن کي پتو ناهي ته اهي ڌنڌا ڪيئن هلي رهيا. هاڻي جڏهن حاڪمن جي گراهڪين ۽ خريداري جا ڪاٺا مٽبا، تڏهن ساڳيا ڌنڌا، جاٺا ڪرڻ ۾ هنن کي ڏکيائي به ٿيندي ۽ وقت به لڳندو- ٺنهڪري پاڪستان في الحال چڱي خاصي نقصان کان به بچي ويو. اسان جي نهايت عزتدار حاڪمن، جن جي ڪرسين کي ڪڏهن ڪو لهر

لوڏو نہ رسيو آهي ۽ اسان جي ٻمي حاڪمن جي بدل سدل ڪرڻ جي عمر ۾ ڪين ڪڏهن ڪا ڏکيائي نہ ٿي آهي، سي هنن واقعن ڪان پوءِ ڊوڙ ٿيڻ شروع ٿيندا. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جڏهن بہ حاڪم، عوام دشمني جي واٽ تي هلي، 'عزتدار' بڻيا آهن، تڏهن عوام، توهين واري حالت ۾ رهيو آهي. هاڻي جڏهن حاڪمن جون ٽوپيون آمريڪا ۽ يورپ وارن ڊوڙ ڪرڻ شروع ڪيون آهن، تڏهن ڪو شڪ ئي نہ رهڻ گهرجي تہ عوام جي حاڪميت ۽ عزت لاءِ بهتر ڏينهن اچڻ جا پورا پورا امڪان آهن.

آمريڪا جي هن فيصلي ڪان پوءِ پاڻ جڏهن عزت ۽ وقار جي واٽ تي هلنداسين، تہ ڏکيا بہ ضرور ٿينداسين، پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ منزل پنهنجي سامهون ضرور هوندي. ڏکيا ان ڪري ٿينداسين، جو حاڪمن، پاڪستان جي معيشيت کي سامراجي مفادن تحت محتاج بنائي رکيو آهي. محتاج پاڪستان کي ملندڙ خيراتون جڏهن هر طرف کان ملڻ بند ٿينديون، تڏهن محتاجي جي بي عزت واٽ پنهنجي لاءِ بند ٿي ويندي ۽ اها تمام چڱي خبر آهي. جو تہ اسان اڳ ۾ کهڙا سکيا آهيون جو هاڻي ڏک اچي پاڻ کي پريشان ڪندا. تڪليف رڳو هيءَ ٿيندي تہ اسان وارا حڪمران ٽولا وڏيڪ چتا ٿيندا. هنن کي سامراجي محتاجي سان جيڪي برڪتون ۽ نعمتون ميسر آهن، تن ۾ گهٽتائي ڪانئن برداشت نہ ٿيندي ۽ هو ان لاءِ سڄو زور عوام تي وجهندا. شايد دليل بہ ڏيندا، تہ ڏسو توهان آمريڪا کي ناراض ڪري ملڪ کي نقصان پهچايو آهي. تنهنڪري هاڻي ڪيتا بہ لوڙيو پر عوام کي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ڪيتا هي پاڻ لوڙيندا، جو تہ هي سڀ ڪجهہ هنن جي پنهنجي بدافعالين جو نتيجو آهي. هنن ملڪ جون مڙيئي پاليسيون پاڻ جوڙيون آهن. معاشي، بچاءَ، پرڏيهي ۽ اندروني سياست جون پاليسيون هنن ئي جوڙيون آهن. عوام جي راءِ يا راضپو حاصل ڪرڻ جي ضرورت نہ سمجهي اٿن ۽ نہ ئي عوام جي حقيقي گهرجن کي ڪڏهن عقل ۽ احساس سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. ملڪ اربين ڊالرن جو قرضي آهي، عوام بکيو ۽ ڏکيو آهي، قرض مٿان ڪاڇي ويا، رشوت ۽ بدعنوانين جي ڪرپائتي ڪلچر تباهيون مچائي ڇڏيون آهن. نتيجي ۾ اقتدار ۽ دولت، پاڪستان ۾ خدائي درجو حاصل ڪري ورتو آهي. جيڪو ٿو چڱائي جي ڳالهہ ڪري، جيڪو ايمانداري ۽ سچائي جو ڏس ٿو ڏئي، سو هن ملڪ ۾ گدو پهچڻ جهڙو بنجي ٿو پوي. ان ڪري پاڪستاني معاشري ۾ چڱائي جا روايتي معيار تہ تباهہ ٿيا ئي ٿيا، پر نيون چڱايون پيدا ٿيڻ جا امڪان ئي ختم ٿي ويا آهن. پاڪستان ڪوڙن ۽ ٺڳن جو آمجگاهہ ٿي ويو آهي. آمريڪا جي هن فيصلي تي پريشاني بہ هنن کي ٿيندي، جو تہ هنن جي هر ٺڳيءَ جون پاڙون سامراجي سرشتي ۾ کتل آهن.

پاڪستان کي آمريڪا جي ان فيصلي وارو چڱو ڏينهن، صدام حسين ڏيکاريو آهي. صدام حسين آمريڪا کي نہ للڪاري ها تہ پاڪستان ۾ عوام ۽ حاڪمن جو تضاد ڪٿان ظاهر ٿئي ها- آمريڪا بہ ڏنو تہ پاڪستان جا ماڻهو، هن جي يارن کي ڪنگهن ئي نٿا، تہ پوءِ باقي ڪين پذيرائي ڏيڻ جو سلسلو چو جاري رکيو وڃي. ۽ اڄ اسان وارا حڪمران دنيا ۾ اڪيلا بيٺا آهن ۽ هتي بہ عوام جي دلين جي دروازن کان ٻاهر نڪتا بيٺا آهن. صدام حسين طرفان آمريڪا کي للڪارڻ جا، دنيا اڃا ڪيترا اڻ ڏٺا اثر ڏسندي.

## پرڏيهي پاليسي ۾ تڪڙم بازي جا نتيجا

جڏهن عراق جي شڪست ٿي تہ وزير اعظم نواز شريف خوشيءَ وچان ٽاٽ ڪائي چئي ڏنو تہ ڏسو پاڪستان جي نار جنگ ۾ پاليسي ڪيئن صحيح ثابت ٿي آهي. ظاهري طرح عراق جي شڪست ٿيڻ سان پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جي ڪاميابي جو ڪهڙو تعلق؟ ميان نواز شريف ڳالهہ تہ ڪري ويٺو پر اڄ تائين عراق جي شڪست کي پاڪستاني پاليسي جي ڪاميابي سان ڳنڍي نہ سگهيو آهي. اڌ ڳالهہ ڪيائين ۽ اڌ ڳالهہ ڪائي ويو. ڳالهہ جو جيڪو اڌ ڪاجي ويو، هاڻي اُهو بہ ڳچي ۾ پيو پوي. هي صحيح آهي تہ پاڪستان پنهنجي فوج سعودي عرب موڪلي عراق خلاف جنگ ۾ در ٻٽيو. ۽ ان حساب سان پاڪستان واقعي ڪٽيو. پر هنن اڳ ۾ تہ هيون ڳالهيون پئي ڪيون. چوندا رهيا تہ پاڪستاني فوجون عراق سان وڙهڻ لاءِ نہ ويون آهن. جڏهن عراق سان هنن جو جهيڙو نہ هو تہ پوءِ عراق جي هارائڻ ۾ هنن ڪهڙي کيپ ڪٽي؟

بهرحال اها کيپ ڪٽڻ واري هام بہ خام خيالي ثابت ٿي. ٿيو هيئن جو آمريڪا چيو تہ جنگ کان پوءِ عرب علائقن ۾ سنڌس سلامتي واري پروگرام ۾ پاڪستان جي ڪابہ شرڪت نہ گهرجي- گنجائش ئي ناهي- ضرورت ئي ڪانهي.

حڪمرانن عراق خلاف تڪڙم بازي ڪئي ان ڪري هئي تہ جنگ کان پوءِ هنن کي هار پارائي چنبو تہ اچو نار ۾ آمريڪا جي 'سلامتي' واري پروگرام ۾ هٿ وندايو. ان آسري ۾ هنن کي هڪ ڪان وڌيڪ غلط فهميون هيون. پهرين تہ ڏوڪڙ ملندا، ٻي اها تہ آءِ جي آءِ جي حڪومت تي آمريڪي هٿ رکندا ۽ کيس اُها حمايت ڏيندا جيڪا جنرل ضياءَ کي افغانستان ۾ 'نمڪ حلالي' ڪرڻ تي ڏني هئائون. ٽيون وڏو آسرو هي هو تہ پاڪستان تي امداد جا بند ٿيل آمريڪي دروازا هڪدم کوليا ويندا. ڪو هڪ ڪم بہ نہ ٿيو. 'اندي جهڙي پيڪين- تهڙي ساهرين.' اڃا بہ پاڪستان کي دهرائڻ ڪيو ويو تہ هيروئن جي سمگلنگ بند ڪري، آمريڪي فوجين کي ان لعنت ۾ نہ ڦاسايو. مٿان وري شاهہ فهد بہ آمريڪا جي چوڻ تي اها ساڳي ڳالهہ ڪئي. ڪجهہ ڏينهن بعد آمريڪي سفير

رابرٽ اوڪلي به راڻي چندر سنگهه سان ملاقات ڪري، ڪيس اهڙي سٽ پٽائي.

وري خبر آئي ته ڏکڻ ايشيا ۾ آمريڪي سلامتي پلان ۾ مرڪزي اهميت ڀارت کي ڏني ويندي. ٻئي پاسي وري پاڪستاني فوج جي عملدارن چوڻ شروع ڪيو ته جيڪڏهن خودانحصاري آڻڻي آهي ۽ فوج تي خرچ گهٽائڻو آهي ته پوءِ ڀارت سان فوجي معاهدو ڪرڻو پوندو. خودانحصاري سان سچائي وري اها جو اي جي اين قاضي جي سربراهي ۾ هڪ ٽيم واشنگٽن ۾ ويٺي. آءِ ايم ايف سان به ڳالهيون پئي ٿيون ته آمريڪي انتظاميا کي به هدايو ويو ته، ڏسو اسان توهان لاءِ ڪيڏا ڪارناما ڪيا آهن. پر پوءِ خبر آئي ته آمريڪا هن کي رڳو آءِ ايم ايف ۽ ٻين امدادي ذريعن طرفان ملندڙ امداد تي اعتراض نه ڪرڻ لاءِ به شرط وڌا. ڪمال ڏسو ته پاڻ امداد بند ڪيائين پر ٻين طرفان ملندڙ امداد تي به شرط پنهنجا مڙهي ويٺو.

عراق خلاف آمريڪي جنگ ۾ پاڪستان ان جو پورو پورو جوڙيوال هو ۽ ملڪ جي ماٿهن پاڻ کي مٿان ڪٽي هنيو تڏهن به جوڙيوالپ جي پچر نه ڇڏي وئي. هاڻي جڏهن جنگ ختم ٿي چڪي ته ڏکڻ ايشيا ۾ اهميت ڀارت کي ملي ۽ وچ اوڀر جي 'سلامتي رٿا' ۾ به پاڪستان لاءِ ڪائي جاءِ نه، جنهن جي آسري تي 'سورما' سندرا ٻڌي الله اڪبر جا نعرا هڻي سعودي عرب پهتا هئا. آمريڪا جي پرڏيهي وزير جيمس بيڪر جارج بش جي ان نئين نظام لاءِ سعودي عرب، شام، مصر، ترڪي ۽ اسرائيل جا چڪر ته وري وري هنيا پر پاڪستان کي پنهنجي زيارت جو تبرڪ ڪونه بخشيائين.

ڳالهه هي آهي ته آمريڪا هڪ وڏي عالمي قوت آهي. اُن جي پاليسي جتي عالمي آهي، اُتي ڪيس دنيا جي گهڙي گهڙي ۾ بدلجندڙ حالتن ۽ واقعن بابت ان جي ادراڪ، فهم ۽ مفادن جو متحرڪ ۽ تيز نظام موجود آهي. ايڏي ذهني تيزي ۽ ڦڙتي هنن همراهن ۾ آهي ڪانه. هنن کي هڪ ڀيرو جيڪا مت اچي ٿي، مغز ۾ جيڪا ڳالهه ويٺي سا، ڪوئي کي هريڙ ليي پساري سڏائڻ واري آهي. هي سمجهن ٿا ته آمريڪا کي هر وقت هٿ ٻڌي آشيرواد لاءِ ٻاڏائبو رهڻ گهرجي- جڏهن مالڪ پنهنجي مهرباني ڪري ته آمريڪا راضي ٿي ويندو. پر هي ڪٿان ممڪن آهي ته آمريڪا سرڪار ۽ پاڪستان سرڪار عقل ۽ سمجهه جي ساڳي سطح تي بيهي سگهن ۽ پنهنجا گڏيل مفاد لازمي طرح هر وقت هڪٻئي سان هڪ جيترا ڀيٽي سگهن.

## پاڪستان جي نئين اڏام

چون ٿا ته پاڪستان جي حڪمرانن غيرمحسوس طريقي سان، عالمي حالتن ۾ پنهنجي پاليسيءَ جو ڪانٽو هوريان هوريان ڪري ڦيرائڻ جو قصد ڪيو آهي ايئن جو ڳالهه به نه ڪجي ۽ جيئن ڪرڻو هجي تيئن ڪري وڃجي. آمريڪا سان

مرليون وڃائي بيٺا آهيون، پر اُهو سُر نٿو ڏئي، تنهن ڪري هاڻ، ڪا ٻي واٽ ورتي وڃي. ۽ اها ٻي واٽ آهي چين، پاڪستان، ايران جو گڏيل بلاڪ ٺاهڻ. ان ئي ليکي ۽ تيار ڪيل جدول ۾ ٻيو ڪو ملڪ اچي وڃي تڏهن بہ اعتراض نہ ڪبو.

هي بہ چون ٿا تہ پاڪستان، آمريڪا جي نئين عالمي نظام جو پنهنجي لاءِ ٽوڙ اهو ڳولي ڪڍيو آهي. آمريڪا سان نہ ٻڌي، تہ ڪٿي ٻئي هنڌ ٻڌي- ڪا دال ماني جي ڪوٽ آهي ڇا؟

سينيٽ جي چيئرمن وسيم سجاد کي چين روانو ڪيو ويو. هو آمريڪا کان خالي هٿين واپس آيو هو. تنهن ڪري نئين ڊپلوميسي ۾ هو گهربل سمجهہ مطابق اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهيو ٿي، ۽ گهڻي تڪلف جي ڳالهہ ناهي، چين پنهنجو پروسي جوڳو پراڻو دوست آهي ۽ تازو ئي تازو اُن پاڪستان کي ميزائيل ڏيڻ واري معاملي ۾ آمريڪا جي وڏل دهاءَ کي لفٽ نہ ڪرائي هئي.

ايران جهڙو ساڳي واٽ جو پانڌيئڙو اڳ ئي انتظار ۾ نيڻ وڇائي ويٺو هو تہ آمريڪا کان پاند ڇنائي گذرندڙ ڪو واٽهڙو گذري تہ هو بہ ساٿس گڏجي پئي ۽ سفر جي هيڪلائپ ختم ٿئي. نيٺ تہ ايران بہ آمريڪا جي هٿان خاصو پوڳيو آهي!

پاڪستان اسلامي ڪانفرنس تنظيم جو بہ ميمبر آهي پر ان تنظيم ۾ گهڻو آسرو ناهي، ڇو تہ وچ اوڀر جي لڳ ڀڳ سمورن مسلمان ملڪن جا حاڪم آمريڪا جي جهوليءَ مان اُٿڻ جو ارادو نٿا رکن. هنن کي پاڻ تي ايڏو ڀروسو ئي ڪونهي تہ آمريڪا کان پاند ڇڏائين ۽ پوءِ حڪومتون بہ ويهي هلائين. اُهي پورا پورا ڪمدار آهن ۽ آمريڪا جي نئين ورلڊ آرڊر ۾ هنن جي گهرج موجود آهي- ايسين، جيسين اسرائيل جي سمورن مقصدن جي تڪميل نٿي ٿئي. پاڪستان بہ آمريڪا جي ڪمداري ۾ وسان نہ گهٽايو ۽ لياقت علي جي اعظم وزيري وارن ڏينهن کان، پناهگير کان پناهگير عالمي قوت جي رشتي جو بنياد وڌو ويو ۽ اُن جو ڦل بي سي سي آءِ جهڙي اداري جي شهرت ۽ ترقي ذريعي حاصل ڪيو ويو، پر جڏهن انهن لاڳاپن جو ميوو خراب ٿيڻ شروع ٿيو ۽ آمريڪا وٽ پاڪستان جي 'ٻوميسائيل' جي اهميت نہ رهي، تڏهن ڪيس ڪمداري ڪرڻ جي نوڪري کان ٺپ جواب ڏنو ويو. پاڪستان جا حاڪم هميشہ ساڳي پگهار تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ ايندڙ پيڙهين تائين تيار آهن، پر آسامي هجي تہ نوڪري بہ ڏجي! هاڻ، آمريڪا جي پاڪستان لاءِ هدايت آهي تہ 'وڃي گهر گهوري، پرينءَ مٿان جندڙو' اِئين بہ ڪبو، پر فقط ائين ڪرڻ سان ڪم نٿو هلي. تنهن ڪري پراڻي نوڪري بہ جاري رکبي، پر اُها پارٽ ٽائيم هوندي ۽ ڪل وقتي نوڪري اڳتي نئين بلاڪ جي صورت ۾ ڪبي.

چين کي بہ هن وقت ان خيال اچي ورايو آهي تہ روس ۾ سوشلسٽ نظام جي زوال ڪان پوءِ سنڌس جاءِ پريشي. چين وٽ هڪ ارب پندرهن ڪروڙ آدم آهي سنڌس لوهہ ۽ تيل جي اپت بہ خاصي آهي ۽ پرڏيهي واپار منجهان بہ ڪمائي ٿو پر آهي اجا اسرندڙ ملڪن جي قطار ۾. سنڌس آبادي جو گهڻو هڱو افرادي سگهہ بہ آهي، پر اُن جا پنهنجا مسئلا بہ اوڪا آهن. پر وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ آمريڪا، چين کي هٿيارن جي عالمي مارڪيٽ ۾ ڪو اهم حصو پڻ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. خاص ڪري ايران ۽ پاڪستان کي هٿيار ڏين نہ ڏيندو.

پر پاڪستان هيءَ جيڪا پنهنجي لاءِ نئين واٽ چونڊي رهيو آهي، اُن ۾ عالمي طور ونيڪ اڪيلائپ ڏانهن هلئو وينو. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي بہ اُن جي اندروني پاليسين وانگر غيرنمائنده آهي. آمريڪي ڪئمپ سان ڳنڍ کي واکي چنڊ واري ڪم ۾ پاڪستان جي عوام جو قصور جيڪڏهن هو تہ هي تہ اهو ايترو منظم نہ هو، جو حاڪمن کي پنهنجي مرضيءَ جي لڪير جو فقير بڻائي سگهي. خاص ڪري جن حالتن ۾ انساني حقن ۽ جمهوريت کي کهائي ۾ پڙيو ويو هجي. اُتي حڪمرانن جون سموريون پاليسيون سواءِ سنڌن گروهي مفادن جي، ڪنهن جي بہ نمائندگي نہ ٿيون ڪري سگهن.

۽ هيٺر جڏهن پاڪستان جو سڄو روح گهڻ قومي ڪارپوريشنن (Multi-Nationals) جي ڏاڍن (آڪٽوپس) جي جڪڙ ۾ آهي. عالمي بئنڪ ۽ عالمي مالي فنڊ کي پاڪستان جي معيشت ۾ برتر حيثيت سان پاڳي پانيوار ڪيو ويو آهي اهڙي حالت ۾ ڪاٺ لولي کي حج تي وڃڻ ڪيئن ڇڏيندا. عالمي سامراج، سيرمافيا آهي. جيڪو ان جي غلامي ۾ ويو، سو جيسين اُتان عوام جي مدد سان مڪمل آزادي حاصل نہ ڪري، سو مري نہ ڪري. عالمي سامراج سان لاڳاپا، برابري جي بنياد تي ٿيندڙ نڪاح وانگر ناهن. جو جيڪا تر ناراض ٿئي، سلام ڪري هلي وڃي

اسان وارين حڪمرانن کي عوام جي ڪٿي ڪانهي. ڪٿي آهي تہ فوجي سامان جي. جو تہ اوڏي پاڙي سان تڪرار واري حالت ختم ناهي ڪرڻي. ان تڪرار جي نتيجي ۾ فوجي خرچن، ملڪي معيشت سان تہ جيڪو ڪيو سو ڪيو پر انهن تڪرارن پاڪستان ۾ مڪڙو 'ڪئنسر ڪلاس' پيدا ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو پنهنجا ناجائز مفاد بچائڻ لاءِ هتي عوام جي نڙيءَ تي لت رکيو ويٺو آهي

آمريڪا جي نئين عالمي نظام، پاڪستان کي ڏماڪ ٿئي ڇڏيو آهي. جڏهن افغانستان ۾ اسان وارو 'جهاد' جاري هو تڏهن پريون هشي پئي ڏٺائون پر هاڻي پڄن ٿي ڪچهريءَ تہ "ڪڏهن پنهنجي ٿي ڏوهہ ڪيا، هاڻي جت نہ نين پاڻ سين" هيءَ جيڪا واٽ اختيار ڪئي پئي وڃي، اُن جي بہ ماڻهن کي هوا لڳڻ نئي

ڏني وڃي. تيئن ته اينئن گهربو هو جو آمريڪا طرفان پاڪستان لاءِ ڏکايون پيدا ڪرڻ کان پوءِ حڪمران اڇن ها عوام وٽ ۽ کولي کولي سڀ ڪجھ ٻڌائين ها ته هنن کان هي هي ٿي آهي، جيڪا هاڃ هنئي سا وهي وئي ۽ هاڻي جيئن چئو تيئن ڪريون. پر مسئلو هي آهي ته اها هنن جي قبولداري، اندروني طور به عوام کي شينهن ٻڌائي ڇڏيندي، جيڪا ڳالهه هنن جي نفسيات ۾ ئي ڪانهي.

## نئون عالمي نظام ۽ تهذيبن جو ٽڪراءُ!

محترمه بينظير ڀٽو جو نار متعلق لکيل مضمون (جاڳو-12 فيبروري) خاصو ڌيان ڇڪائيندڙ آهي. مضمون ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ڪيل ناهي جيڪا بينظير صاحبه جي بيانن کان مختلف هجي، پر هڪ شيءِ واضح آهي ته هن پنهنجي تحرير ۾ مڪمل طرح ڊپلوميسي تي پاڙيو آهي. ڊپلوميسي رياستي ادارن جي هنر طور ته ڪم ڪري ٿي، پر عوام هھڙن موقعن تي اهڙو سمونڊ بڻجي ويندو آهي جنهن ۾ زوردار طوفان آيل هجي ٿو. هن تحرير ۾ آمريڪا کي به ٻيڄاريو ويو آهي ته مسلمان ملڪن جا ماڻهو جنگ کي اولهه طرفان اوير تي يا خود اسلام تي ڪاهه سمجهن ٿا ۽ هنن ماڻهن جي اها راءِ، هن جنگ کي ٻن تهذيبن جو ٽڪراءَ سمجهي ٿي. بينظير، هن مضمون ۾ مسلمان ملڪن جي عوام ۽ اولهه جي وچ ۾ ٽياڪڙ بڻجڻ جي سيني نزاڪتن کان ڪم ورتو آهي. ۽ تاريخي حقيقتون بيان ڪيون اٿس. مثال: هن جو اهو چوڻ ته مسلمان ملڪن جي عوام کي عالمي قانون جي پٺڀرائي ڪرڻ گهرجي ۽ اولهه کي نصيحت ته مسلمان ملڪن کي نار گهوٽالي نبيرڻ جي مهلت ڏيو ۽ جنگ وٽي پيدا ڪريو. يقيني طور بينظير جي هنن ٻنهي ڳالهين ۾ وزن آهي. پر گڏوگڏ ان ۾ اقتدار ۾ رهڻ وارو رنگ به غالب آهي، جنهن ڪري بينظير جي عقلي موقف ۽ عوام جي جذباتي موقف ۾ هڪجهڙائي ڪانهي. پاڪستان جي عوام ۾ جذباتيت، ۽ آمريڪا ۽ ان جي جوڙيوالن خلاف پيدا ٿيل ڪروڌ کي، هن پنهنجي دليل جي Barganing (سوديبازي) واري سگهه کي پختو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر سوال هي آهي ته جارج بش جي مٽي ۾ وينل يوت ۽ پاڪستاني حاڪمن جي مٽي ۾ وينل ان يوت جي پاڇي ۾ ڪهڙي جنبش پيدا ٿيندي؟ گڏيل قومن جي روٽي شڪل واري سيڪريٽري جنرل پيريزڊي ڪوئيار کان وڌيڪ، دنيا جي امن جو ٻيو ڪهڙو خيرخواه ٿي سگهي ٿو؟ اُن ته هي به واضح ڪري ڇڏيو آهي ته اتحادين جي هيءَ جنگ، گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل واري ٺهراءَ جي دائري کان ڪهڻي ٻاهر آهي ۽ هيءَ سلامتي ڪائونسل جي جنگ ناهي. هن هي به نه سمجهيو آهي، ته جنگ جي چوٽ ڏيڻ کان وڌيڪ، دنيا سان ٻي ڪا دشمني ٿي نٿي سگهي ۽ اها دشمني گڏيل قومن جي اداري ڪئي آهي، جنهن جي سيڪريٽري جنرل جي نوڪري ئي هي آهي ته دنيا جي امن جو درد، سيني ۾

سانڍي هلي. هن ٽيڪنيڪي اشراف ماڻهوءَ کي آمريڪا جنهن نموني سوڙهو ڪري، سلامتي ڪائونسل ۾ پنهنجي پرڏيهي وزير جيمس بيڪر ذريعي جنگي اجازت نامو حاصل ڪيو، ڇا اها حقيقت آمريڪا جي اصل ارادن کي ظاهر نٿي ڪري. هن مسڪين 15هين جنوري کان اڳ بغداد ۾ صدام حسين جي اڳيان جيڪي روئڻا رنا آهن، سي به مجبوري ڪان دنيا جي اڳيان نٿو آڻي- پر عراق هن جو اهو حجاب پاڻ ئي لاهي ڇڏيو ۽ ظاهر ٿيو ته ڪوئيار، صدام حسين کي چيو ته ادا مان ڇا ڪريان، آمريڪي ڏاڍا مڙس آهن، مون کي ٺڳي، بتائي ويا. پر جي اها ڳالهه هو 15هين جنوري کان اڳ ۾ ڪري ها ته جارج بش جي عزت ڌوڙ ۾ ملي وڃي ها. تاريخ جي اڳيان اهو ڪيس جڏهن پيش ٿيندو، تڏهن ڇا ڪوئيار ان مان آجو ٿي سگهندو. هن جنهن ڳالهه کي سچ سمجهيو، اُن کي لڪائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. اهو سچ مهل تي ظاهر ڪري ها، ته آمريڪي ڪانگريس ۾ انهن اشرافن کي ڪڏهن تقويت ملي ها، جن جنگ جي خلاف ووٽ ڏنو. آمريڪي حڪمرانن لاءِ خواري سڀ ڪان وڏي پڙي آهي ۽ اها پڙي، ڪوئيار لڪائي ويٺو رهيو. اجا به پاڻ ظاهر نه ڪئي اٿس. وري به سنڊس پردو عراق فاش ڪيو آهي، جنهن جي ترديد نه ڪئي وئي آهي. رڳو ايترو چيو ويو آهي ته اها گفتگو ذاتي سطح جي هئي ۽ ان کي گڏيل قومن جو دستاويز نٿو سڏي سگهجي. ڇا هڪ عالمي اداري جي سربراهه کي هيءَ حرڪت سونهين ٿي؟

ڪوئيار طرفان آمريڪي جنگ جي پيدا ڪيل گند منجهان پنهنجا هٿ صاف ڪرڻ کان پوءِ، آمريڪا جي اڳوڻي اٽارني جنرل رمزي ڪلارڪ جيڪي لڳ ڪاندارينڊڙ ڳالهيون ڪيون آهن، تن هن جنگ جي منطق ۽ مقصدن کي وڌيڪ نروار ڪيو آهي. فرانس جي جنگ واري وزير ته جنگ جي پهرين ڏينهن ۾ ئي جنگ جي مخالفت ۾ پاڻ کي عهدي کان پري ڪري ڇڏيو. ڪوئيار ۽ رمزي جو سچ به ان صورت ۾ سامهون آيو آهي، جڏهن عراق هن جنگ کي آمريڪا جي مرضي ۽ رٿا کان اينگهائي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. جيڪڏهن آمريڪا، جيئن ان دعويٰ پئي ڪئي، پهرئين ڏينهن ئي عراق کي شڪست ڏئي چڪو هجي ها، ته اهي سچ ڪڏهن سامهون اچي سگهن ها. هي صدام حسين جو ئي ڪارنامو آهي ته اُن پنهنجي محڪم ارادي ۽ اڏول بنجڻ سان ئي وقت کي ايتري مهلت وٺي ڏني جو جارج بش جي بي ايماني وڌيڪ ڏينهن پنهنجي ڪل نه لڪائي سگهي.

بينظير صاحبه کي ڌيان ۾ رکڻ کهرجي ته جيڪو عقل يورپ ۽ آمريڪا جا تعليمي ادارا ۽ يونيورسٽيون ماڻهوءَ ۾ پرين ٿيون، اُهو به جارج بش جي منافقين کي جائز قرار نٿو ڏئي. هيءَ جنگ واقعي تهذيبن جو ٽڪراءُ آهي. دانش، علم، تاريخ ۽ سياست جي سطح تي به هيءَ تهذيبن جي پاڻ ۾ ئي جنگ آهي. يورپي ۽



CamScanner

آمريڪي تهذيب جي اندر ڪي چڱايون ۽ فضيلتون آهن پر، ته آهي حاڪمن، انگوٺي چاڙهي جذبون آهن، هتي پنهنجي اديبن، دانشورن ۽ امن پرستن جي ڪهڙي لڄ رکي آهي؟ ڪهڙا ڪهڙا نالا ڳڻائجن ۽ ڪهڙن نظرين ۽ فلسفن جو ڏس ڏجي: آمريڪا جارج بش جو وطن آهي يا والٽ وٽمئن ۽ لوٿر ڪنگ ۽ هيمنگوي جو ديهه آهي؟ برطانيا شيڪسپيئر ۽ ورڊس ورٿ جو وطن آهي يا مارگريٽ ٿيچر ۽ جان ميجر جهڙن شائلاڪن جو؟ فرانس متران جو ملڪ آهي يا والٽيئر ۽ اناطول فرانس جو؟ پاڪستان جنرل ضياءَ ۽ نوازشريف جو ملڪ آهي يا لطيف، بلها شاهه، وارث شاهه، شيخ اياز ۽ فيض احمد فيض جو؟

محترمه بينظير کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ذوالفقار علي ڀٽو ان ڪري ئي اڄ سوڌو عوام جي دلين ۾ ڪرسي قائم ڪيو ويٺو آهي، جو عوام جي جذبن، اُمنگن ۽ اُڌمن کان پنهنجو رشتو نه ٽوڙيندو هو. توهان ڀلي ڊپلوميسيون اختيار ڪريو، پر اهي يورپ ۽ آمريڪا جي جنگ بازن کي قائل نه ڪري سگهنديون. اِيئن نه ٿئي جو توهان جا پنهنجا عوام سان رشتا ڊپلوميٽڪ تڪلفات ۽ مصلحتن سبب ختم ٿي وڃن!

# نئون عالمي نظام

## ۽ سنڌ

نوراحمد ميمڻ

بين الاقوامي سياست ۾ هن وقت نئين عالمي نظام جي گونج آهي. آمريڪا عراق ويڙهہ جي خاتمي تي پنهنجي فاتحانہ حيثيت جو ڏاڪو ڄمائڻ لاءِ، صدر بش نيو ورلڊ آرڊر جي حوالي سان اعلان ڪيو تہ ”نار جي نبيري ۾ آمريڪا فوجي مداخلت ڪري سرد جنگ جي پڄاڻي کان پوءِ دنيا جي لاءِ نون اصولن جو بنياد رکي رهيو آهي.“

نون اصولن جي بنياد طور هيستائين آمريڪا جي صدر بش پاران نئين عالمي نظام جو ڪوبہ دستاويز سامهون نہ آيو آهي. انهيءَ ڪري ان نظام جي متعلق مختلف قياس آرائيون ٿي رهيون آهن. ڪجهہ حلقن جي طرفان ان کي روايتي طرح آمريڪي حاڪمن پاران پنهنجي عوام کي ڪنفيوز رکڻ جو حربو سڏيو ويو آهي ۽ اهو بہ تہ نئون عالمي نظام هڪ سلوگن آهي، جيئن آمريڪي صدر ڪنهن نہ ڪنهن سلوگن جا علمبردار رهيا آهن. ٻاهرين دنيا جي لاءِ نئين عالمي نظام جو سلوگن ڇا آهي؟ عالمي سياست ۾ انهيءَ جي ڪهڙي اڳ پٽ آهي، انهيءَ کان هٽي ڪري آمريڪين جي لاءِ اهو سلوگن ابن خلدون جي مقدمہ تاريخ جي مطابق 'سونهري اصول' آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ ”قوم کي متحده رکڻ ۽ اندروني ڪمزورين کان اوجهل رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان کي 'ويڙهہ' واري حالت ۾ رکو.“

آمريڪي قوم جا انتشار ۽ اندروني ڪمزوريون ڪهڙي سطح تي پهتل هيون، جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ چالاڪيءَ جا پويان سڀ رڪارڊ ٽوڙي، 28 ملڪن جي فوج جي قيادت ڪندي دنيا ۾ 'امن ۽ انصاف' لاءِ اسرندڙ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ آمريڪا پاڻ کي 'ان داتا' بنائي ڇڏيو. ان جو اقتصادي پسمنظر هي هو تہ سرد جنگ جي دوران آمريڪا، سوشلزم جي چئلينج سان منهن ڏيڻ ۾ رڌل رهيو. هن جو سرمايو ۽ صلاحيتون سامراجي نظام جي تحفظ لاءِ صرف ٿي رهيو

هو. انهيءَ عرصي ۾ ئي عالمي جنگ جون شڪست کاڌل ٻه رياستون جرمني ۽ جپان، نين ايجادن جي ذريعي پرامن معاشي ميدان ۾ ترقيءَ جون منزلون طئه ڪري رهيون هيون. اهي عوامي ضرورتن لاءِ پيداوار وڌائي رهيون هيون ۽ جنگي هٿيارن کي ڇڏي پيداوار جي سيني شعبن ۾ آمريڪا کان گوءِ کٽي ويون هيون. سندن معيشت نهايت مضبوط ۽ سگهاري ٿي چڪي هئي. هيڏانهن هي پيداوار جي ميدان ۾ آمريڪي سامراج جو ڏيوالو ڪڍي رهيون هيون ۽ هوڏانهن آمريڪا جون نظرون صرف جنگي صنعت تي کتل هيون.

جيئن ئي سوويت يونين جي گلاسنوسٽ ۽ پراسترائيڪا جي ذريعي وڏين فوجي طاقتن جي وچ ۾ سرد جنگ ختم ٿي، آمريڪا جي چئني پاسي ڦهليل فوجي نظام سان سندس ئي معيشت جو ساهه سوڙهو ٿيڻ لڳو. بينڪون ڏيوالپڻي جو شڪار ٿيون ۽ معيشت اندرين ۽ ٻاهرين قرضن ۾ وڪوڙجي وئي. بيروزگاري پورهيتن لاءِ عذاب بڻجي وئي ۽ سماجي خدمتن ۾ گهٽتائي اچي وئي. بجيٽ جو خسارو آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو ايستائين جو 318 بلين ڊالر جي خطرناڪ حد کي وڃي پهتو. آمريڪي حڪومت جو سمورين ڪوششون هن معاشي ڏوالپڻي کي روڪي نه سگهيون.

1987ع ۾ فرانس جي مشهور ماهر معاشيات جيڪوئز اٽالي آمريڪا جي زوالجندڙ معيشت ۽ ان جي جاءِ تي عالمي معيشت تي نئين گرفت جو ذڪر ڪندي چيو هو ته "عالمي معيشت ۾ طاقت جو توازن تيزيءَ سان تغير پذير آهي. معاشي قوت جو مرڪز آمريڪا کان اهڙي طرح پري ٿيندو پيو وڃي، جهڙي طرح 13 صدي جي پڇاڙي تي برگز جي طاقت وينس کي ملي وئي هئي يا جيئن آمريڪا موجوده صديءَ ۾ برطانيه کان عالمي معيشت جي قيادت حاصل ڪري ورتي هئي."

انهيءَ نئين صورتحال سان منهن ڏيڻ جي لاءِ آمريڪي معيشت جا مالڪ ۽ پينٽيگان ۾ انهن جا نمائندا ڊگهي عرصي کان جاٽي واٽي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا. عراق آمريڪا ويڙهه هنن کي انهيءَ ڳالهه جو ڀرپور موقعو فراهم ڪيو ته هو پنهنجي زوالجندڙ معيشت کي ٽيڪو ڏئي وٺن ۽ ان کان پوءِ سموري دنيا تي ساڳيو داٻو قائم رکڻ لاءِ هنن پنهنجي واسطي 'نئين عالمي نظام' جي نالي سان 'سياسي ۽ اخلاقي' جواز پيدا ڪري ورتو.

سياسي طور تي نئين عالمي نظام جي سلوگن جو مقصد، ڪميونزم جي زوال کان پوءِ دنيا جو اڪيلو 'بابو' هئڻ جي تاثر کي سگهارو بڻائڻ آهي ۽ جنهن موقعي تي اهو اصطلاح سامهون آيو آهي، ان حوالي سان نئين عالمي نظام جو مقصد اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته پنهنجي مفادن جي ٽڪراءِ ۾ خوددار ۽ اڙڊي قسم جي ملڪن کي سبق سيکارڻو آهي. جنهن سفاڪي ۽ حيوانيت سان اهو

داهو قائم رکيو ويو آهي، ان ڪانپوءِ ٽين دنيا جي ملڪن کان پنهنجي مفادن جي ڳالهه ميڙائڻ جي تڪليف به وٺڻي نه پوندي، بلڪ ڪمزور ملڪن جي اڪثريت خود بخود پنهنجو مفاد انهيءَ ۾ سمجهندي ته اها طاقتور ملڪن جي خواهش کي پورو ڪري.

سماجي طور تي انهيءَ سلوگن جو هڪ پهلو هي به آهي ته سوشلزم جي ناڪامي کان پوءِ متوازن سماجي نظام جي علمبردار جي حيثيت ۾ آمريڪا، يورپ ۽ ٻي دنيا کي پاڻ سان هلائڻ جي ڪوشش پيو ڪري. خاص طور تي ڪميونزم جي چرڪايل دنيا جي لاءِ پنهنجي عياري ۽ ثقافتي يلغار سان، ان سماج جي معلوم ڪمزورين جو فائدو وٺي، راتو رات انهن جي معاشري کي آمريڪي جنتن ۾ تبديل ڪرڻ جا خواب ڏيکارڻ جي ڄاڻي واڻي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

اولهه جو اهو فڪري الميو آهي ته سائنسي ترقيءَ جي انتهائي منزلن کي ڇهڻ بعد به فڪريءَ ترقي جي منزلون انهن کان اوس پري آهن. انٽم ۽ ڪمپيوٽر جي ايجاد تي سائنسي ترقيءَ جي انتها ٿي، ان کان پوءِ ساڳي تيزيءَ سان ئي فڪري ترقيءَ جي طرف وڌي هو جيڪو نه ٿي سگهيو. نتيجي ۾ هيئين سماج کوکلا ٿيندا ويا. هاڻي مدار وڃي انهيءَ چالاڪيءَ تي رهيو ته ڪير ڪنهن جي ڪمزور رڳ تي هٿ رکي، ان جو فائدو وٺي.

ٽين دنيا جي لاءِ انهيءَ اصطلاح جي اهميت تڏهن وڌي جڏهن هندستان جي اهم ڪانگريسي شخصيت راجيو گانڌي جو قتل ٿيو. هندستان جي سياست ۾ نهرو خاندان جي آمريڪا بالادستي مخالف ڪردار، نهرو خاندان جو سيڪيولر اصولن تي سختيءَ سان پابند رهڻ ۽ ڪانگريس جي اساسي مقصدن کي پنهنجي توڙ تي پهچائڻ جي عزم جي حوالي سان راجيو جو وجود هن خطي ۾ آمريڪا جي نئين عالمي نظام جي مقصدن جي پورائي لاءِ يقيناً رڪاوٽ هو. ساڳين اصولن جي بنياد تي هندستان جي ايندڙ سياست ۾ راجيو گانڌي ۽ وي پي سنگهه ممڪنه اشتراڪ جي مضبوط حڪومت سان خود آمريڪا جي نئين ورلڊ آرڊر ۾ هندستان ۾ پنهنجي مرضي واري ڪردار جي ادائگي تي زور ڏنو وڃي ها، ان ڪري نظرياتي ۽ سگهاري سوچ جو خاتمو ٽين دنيا سان گڏ، خود هن خطي ۾ آمريڪا جي پنهنجي مرضي واري ڪردار جي ادائگي لاءِ ضروري هو. هندستان جي پاران ايشيا جي نمائندي جي طور تي، اهم عالمي ڪردار جون ڪوششون سڦلائتيون بنائڻ جو موقعو، ان کي راجيو گانڌي جهڙي عالمي شخصيت ئي ڏئي پئي سگهي، ان جي قتل سان قيادت جو بحران هندستانين کي اندروني مسئلن سان منهن ڏيڻ تائين سوڙهو ڪري ويو آهي.

هني پاسي آمريڪا نئين عالمي نظام جي تحت اوڀر ايشيا جي سلامتي لاءِ



CamScanner

پڻ نئون آمريڪي منصوبو جوڙي ورتو آهي، جنهن ۾ ڏکڻ ڪوريا ۽ جپان کي خاص حيثيت ڏني وئي آهي. سپرپاور بڻجڻ جي هندستان ۽ چين جي ايشيائي سڌَ ۾، هندستان جي ڪمزوري جو فائدو وٺندي، جپان کي اوڀر ايشيا جي سلامتي جي نئين آمريڪي منصوبي ۾ اهم حيثيت ڏني، ٽين متوازن قوت کي شهه ڏني وئي آهي ته چيڻ ٿئي جي حيثيت پنهنجي حلقي ۾ جمعدار واري وجي رهي. آمريڪا اولهه ايشيا جي سلامتي جي انهيءَ منصوبي ۾ جپان ۽ اولهه ڪوريا کي چيو آهي ته اهي گڏيل سلامتيءَ جي لاءِ وڌيڪ ڪردار ادا ڪن. فوجي بجيٽ ۾ اضافو ڪن ۽ علائقي جي ٻين ملڪن سان فوجي تعاون وڌائين. جپان جي وزيراعظم جو اڳئين مهيني علائقي جي 5 ملڪن جو دورو به انهيءَ مقصد ڪاڻ هو ته علائقي جي ملڪن کي ٻڌايو وڃي ته جپان هتي طاقت جو توازن برقرار رکڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

چين پنهنجي پاران هن خطي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون آهن. چين جي پاران، ڏکڻ ايشيا جي سلامتي جي لاءِ پاڪستان، ايران ۽ افغانستان سان گڏيل پلان ٺاهڻ جو خاڪو مرتب ڪيو پيو وڃي. ۽ اڳتي هلي ناٽو ۽ اوڀر ايشيا جي ٻين ملڪن کي انهيءَ پلان ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. پاڪستان کي عراق آمريڪا ويڙهه جي دوران نئي اها 'خوشخبري' پهتي هئي ته ناٽو جي سلامتي جي نئين نظام ۾، (پاڪستان جي پنهنجي خواهش مطابق) ان جو ڪوبه ڪردار ڪونهي. جنهن کان پوءِ پاڪستان ڏکڻ ايشيا جي چين واري سلامتي جي پلان ۾ شامل ٿيڻ کان سواءِ بظاهر پنهنجي لاءِ ڪو چارو نٿي ڏسي سمجهي. پاڪستان وٽ اهڙي چرپر لاءِ، هندستان جي مقابلي ۾ پنهنجي وزن جي اهميت جتائڻ جي ڪوشش کان مٿي ڪو پلان نه آهي. جاڪاڻ ته پاڪستان کي ڏکڻ ايشيا ۾ جيڪا جاگرافيائي اهميت آهي، ان جي حوالي سان نئين عالمي نظام ۾ پنهنجي حيثيت نظرانداز نه ٿيڻ جو ڀرپور ادارڪ آهي. هڪ تاثر اهو به آهي ته هندستان کي چين جي مقابلي ۾ اهميت ڏيندي، آمريڪا جي پاران ان کي روس سان قائم سالن جي رفاقت جا نقش ڌنڌلا بڻائڻ لاءِ وقتي طور تي پاڪستان کي پنهنجي اوقات اندر رکڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي. پاڪستان جي بنيادن ۽ ان جي قائم ٿيڻ جي، آمريڪا کي پلي پٽ ڄاڻ آهي. ان کي چڱي طرح خبر آهي ته هن خطي ۾ پاڪستان آمريڪا جي مفادن جي منافي، ڪنهن به سياسي جوڙجڪ ۽ عملاً موثر نموني شريڪ نه ٿيندو. فوج جي اندر بنياد پرستن جي 'مست ٽولي' جي چلولائين کان جان ڇڏائڻ لاءِ هاڻي کان ئي آمريڪا جي طرفان، فوجي خرچن گهٽائڻ جي بهاني سان، حڪمت عملي تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. فوج جي اندروني نظام ۾ ان جي مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ڪهڙتائي ڪونهي ۽



CS CamScanner

موجوده سيٽ اپ ۾ انهن جي گرفت ختم ٿيڻ جو ڪو امڪان ڪونهي.

انهيءَ ڪري چين، پاڪستان ۽ ايران واري گڏيل علائقائي سياسي عمل ۾ خود پاڪستان ڪيتري عرصي تائين ان جو عنصر رهي سگهندو، تنهن لاءِ يقين سان ڪا به ڳالهه نه ٿي ڪري سگهجي. البت ايران جي ان عمل ۾ شرڪت، انهيءَ يقين کي ڪمزور ڪرڻ جو مواد فراهم ڪري ٿي. ايران رجائيت پسندي جي جنهن جار ۾ قائل آهي انهيءَ جو لازمي نتيجو سامراجي مفادن جي ڳجهين وفادارين تي نڪرندو. عراق آمريڪا ويڙهه جي آخري مرحلي تي ايران جيڪو ڪردار ادا ڪيو، تنهن سان مٿئين خيال کي ڀرپور سگهه ملي ٿي.

انهيءَ حوالي سان هي سياسي منڊل چين کي سوشلزم تي قائم رهڻ ۽ ان جي نئين قيادت پاران طاقت جي خواهش جي سزا طور، ان کي ثقافتي انقلاب جي نڪتهءِ آغاز تي بيهارڻ واري حڪمت عملي وجهي رهندو.

مٿئين سموري بحث جو مقصد نئين عالمي نظام جي اگهه پٽ، ان جي نوعيت، ان جي عالمي ۽ خاص ڪري هن خطي ۾ حڪمت عملين، امڪانن ۽ انديشن جو سرسري جائزو وٺڻ هو جنهن سان نئين عالمي نظام ۾ سنڌ جي 'جڳهه' جا آثار معلوم ڪري سگهجن. جنهن وقت نئين عالمي نظام ۾ قومن ۽ ملڪن جي 'ڪردار' جي تعين جي ڊوڙ پئي هلي، ان وقت ڪجهه قومن جي 'جڳهه' جي ڳالهه انهن قومن کي پنهنجي پاڻ کي جهنجهوڙڻ ۽ پنهنجي منزل ڏانهن تڪڙين وکن وڌائڻ جي اهميت ڪيڏي نه وڏي ٿي وڃي.

نئين عالمي نظام ۾ آمريڪا جي پاران ان جي وڪالت ۾ هيستائين سڀ کان وڏي اخلاقي ۽ سياسي قدر جي طور تي قومن جي خودمختياري جي احترام واري دعويٰ کي ورجايو پئي ويو آهي. اها ڳالهه پڌري پٽ آهي ته آمريڪا جي انهيءَ دعويٰ ۾ جهانداد خان واري هلت رهندي. قومن جو وجود ۽ انهن خودمختياري جو 'حق' ۽ 'تسليم'، سڀ جو سڀ، انهيءَ جي عالمي مطلق العنانيت جي پاڇي ۾ رهندا. انهيءَ حساب سان، سنڌ جو عالمي سياست جي شطرنج تي گهوڙو ڊوڙندي نظر اچڻ في الحال نظر کان اوجهل ڪٿي هجي. البت ان شطرنج جي ميدان تي سنڌ جو خانو ضرور موجود آهي، جتان چانيل رهڻ جي لاءِ هر وڏي گهوڙي کي ٽپڻ جي ضرورت ۽ اهميت جي خبر آهي. پاڪستان جي اندر شامل قومن جو تشخص، پاڪستانيت جي ور چڙهيل آهي ۽ اها ان ۾ شامل قومن جي بدقسمتي آهي جو اهي ان تشخص جي بحالي جو پروانو حاصل نه ڪري سگهيون آهن. بنگالين ان تشخص جو متاهون معيار مڪمل آزاد ۽ خودمختار قوم جي صورت ۾ حاصل ڪيو. پٺاڻ جي صدين جي تاريخ ۾ انهن جي تشخص کي لهر لوڏو ناهي رهيو، بلڪ پنهنجي فطرت ۾ هو ڦهلجڻ جا ڪوڏيا رهيا آهن ۽ غفار خان هنن جي پوري هندستان ۾ ڦهلجي رهڻ لاءِ متحده هندستان جي سياست جو اهم

پرزو رهيو، پاڪستان جي جوڙجڪ ۾ فوج توڙي ٻين ادارن ۾ انهن کي پنهنجو حصو ملندو رهيو آهي. هو خبردار رهيا آهن ۽ تشخص جو احساس ڏياريندا رهيا آهن. بلوچن ستر جي ڏهاڪي ۾ سياسي طريقي سان تشخص جي بحالي جا نشان پڪا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن تي فوج ڪشي ڪئي وئي. بلوچ جبلن تي چڙهي ويا ۽ پوءِ به انهيءَ خيال کي پڪو ڪرايائون ته انهن جي تشخص کي ميساري نه ٿو سگهجي.

بنگال جي آزادي کان پوءِ، پنهنجي ماضي وارين روايتن جي حوالي سان سنڌ ۾ انهيءَ ڳالهه جا جراثيم موجود هئا ته اتي تشخص بحالي جو سياسي عمل شروع ٿئي. اهڙو سياسي عمل جنهن ۾ دليل ۽ دعويٰ ڪئي وڃي ته بنگال جي جدا ٿيڻ کانپوءِ ڳڻ رهڻ جو معاهدو سياسي اهميت وڃائي چڪو آهي. هاڻي گڏجي رهڻ جو نئون معاهدو ڪيو وڃي، جنهن ۾ 40ع جي قرارداد تحت وجود ۾ آيل اڪوٽي معاهدي جون عيارين ۽ چالاڪيون شامل نه هجن- ٺيڪ ان وقت تي باقي پاڪستان جي واڳن کي ساڳي رنگ ڍنگ ۾، سنڌ سان تعلق رکندڙ جاگيردار سياسي ڪارندي جي حوالي ڪيو ويو. هوڏانهن قومپرستن پاران تشخص جي بحالي جو سياسي عمل هلائڻ جي بجاءِ، محترم جي ايم سيد جي قيادت ۾ پاڪستان کي ٽوڙي سنڌوديش ٺاهڻ جو جهل ڦٽاڪا ٺماڪو ڪرايو ويو. نتيجي ۾ سنڌ ۾ قومپرستن جي سياست کي انتهاپسندي جو نالو ڏنيو، سنڌ جي اندر ڌارين جي غيرمحسوس طريقي سان ٿيندڙ آبادڪاري باقاعدي پلاننگ جي صورت وٺي وئي ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي لاءِ ٿيندڙ هر عمل ۽ اٿندڙ هر سوچ پاڪستان جي غداري واري عمل جي ور چڙهي ويا. 1977ع کان پوءِ جنرل ضياءالحق جي اقتدار وارن ڏينهن ۾ رهيون سهيون ڪسرون به پوريون ٿيون. جيڪو عمل فطري تقاضا مطابق جارحانه Affensive هجڻ کپي ها، سو دفاعي Defensive وڃي رهيو ۽ ان کان پوءِ سنڌي قوم اها دفاعي پوزيشن سنڀالي رکڻ جي ڪوشش ڪندي پئي اچي.

دفاعي پوزيشن سنڀالي رکڻ جي ڪوشش ڪندڙ قوم پنهنجي سياسي سفر جي حوالي سان نئين عالمي نظام ۾ پنهنجي جڳهه ڪيئن ٺاهي؟ اهو اهڙو عمل ۽ مرحلو آهي جنهن ۾ پاڻ سان ٿيل پوين سياسي ڪروتن ۽ موجوده پوزيشن جي نوعيت جو ازالو ڪري سگهجي. سياست ۽ حڪمت عملي (ڊپلوميسي) جي محاذن تي قومون وڏا زخم به کائينديون آهن ته مرهم به ڪرائي وينديون آهن ۽ ڪهڙائي سان ٿئو وڃي ته ويڇڙائي ۾ وڏا ميدان سياست ۽ ڊپلوميسي جي محاذ تي ني سر ڪيا ويا آهن.

انهيءَ خوشفهمي جي قطع نظر ته نئون عالمي نظام اسان جي زخمن جي مرهم پاڻ سان گڏ کڻي آيو آهي، قومن جي نون معاهدن جي حوالي سان



CamScanner

پاڪستان جي نئين سياسي ۽ سماجي معاهدي جي ضرورت ڪي دنيا جي آڏو سياسي مسئلو ڪري ڪنيو وڃي. بنگال جي ٽُٽڻ وڃڻ ڪانپوءِ نئين پاڪستان لاءِ نئين معاهدي جي ضرورت هاڻي به ساڳي استدلال سان موجود آهي. پاڪستان جي حاڪمن ته هميشه ٻاهرين خطري جي آڙ ۾، هتان جي سياسي مسئلن ۽ ضرورتن ڪان ماڻهن ڪي بي خبر رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، نه ته اهي ايڏا وڏا سياسي ڏاڍا آهن جن ڪان بي خبر رکڻ لاءِ حاڪمن ڪي سنڌ ۾ نندين ڏاڍن جو ماحول پيدا ڪرڻ ۽ انهن جو سلسلو قائم رکڻ جي ضرورت رهي آهي.

نئين سماجي معاهدي جي ضرورت اهڙو مسئلو آهي، جنهن تي ڪنهن به 'سياسي' ڌر کي اختلاف نه ٿو ٿي سگهي. خود محترمه بينظير ڀٽو آڪٽوبر 1991ع ۾ پاڪستان جي نئين سماجي معاهدي جي ضرورت تي زور ڏئي چڪي آهي. اهو طئه ٿيڻ ڏکيو نه آهي ته نئين سياسي ۽ سماجي معاهدي جا جز ڪهڙا رهندا — سياسي حڪمت عملي جي ابتدا انهيءَ بنياد سان ٿئي، ٻاقي مرحلا ۽ انتها وقت ۽ زماني جي حالتن تي ڇڏجي.

هندستان ۾ قومي سوال ڀرپور نموني سان موجود آهي. اتي جي سياست ۾ ڳڻجي رهڻ جي نئين سياسي معاهدي جي ضرورت ايري اڇي ته آمريڪا جي ٻاران اتان جي لاءِ ان معاهدي جي باري ۾ ڪهڙو نقطئه نظر رهندو. اها اهڙي وٿ آهي جيڪا اسان کي پنهنجي لاءِ حڪمت عملي جي جوڙ جڪ ۾ خبردار رکندي.

قومن جي تخشص يا خوداختياري لاءِ جنهن جهد ۽ سياسي عمل جي ضرورت آهي، ان لاءِ اسانجي پيشرو قومن جيڪي ڪيو آهي، زماني ۽ حالتن جي رفتار هاڻوڪي دور ۾ ان ڪان به وڌيڪ جي تقاضا رکندڙ آهي. هندستان جي آزاديءَ لاءِ انگريزن ۽ پٺاڻن جي تضاد کي سگهارو بنائڻ لاءِ مولانا عبيدالله سنڌي ست سال ڪابل ۾ رهيو، جيڪو انوقت اڄ جي جنيوا ۽ سئزرليند وانگر دنيا جي پيچ داهه جو مرڪز بنيل هو. ڪميونسٽ انقلاب کي متوجه ڪرڻ لاءِ ڇهه مهينا ماسڪو جون سرديون سٺائين ۽ بدقسمتيءَ سان اسٽالن ۽ ٽراٽسڪي جي ڪميونزم جي بين الاقوامي ڪردار جي اختلاف واري ٽڪراءَ ۾ اتان جي حمايت حاصل نه ڪري سگهيو. اتان اٽليءَ پهتو ته برطانيه دشمن فيڪٽر کي ٽڪڙو ڪري.

اهي ستر سال اڳ جون حڪمت عمليون آهن ۽ هاڻي ته معاملا شٽل ڊپلوميسيءَ جي ذريعي حل پيا ٿين. جائزو وٺون ته اسين ڪٿي آهيون.

هي ڳالهه وري به ورجائبي ته اهو سڀ ڪجهه پنهنجي سياسي ٽيلنٽ ۽ حڪمت عملي جي استعمال سان ئي ممڪن آهي. باقي آمريڪا کي اپيل ڪري، يوسف هارون کي پارت جو ڇني قومون خود مختاري جو حق حاصل ڪن ها ته جيڪر هن وقت دنيا ۾ ملڪن جو تعداد ٽيرهن سؤ کان مٿي هجي ها.

## هن ڪتاب جا سرجيندڙ

بينظير ڀٽو

جوهر مير

پروفيسر نوم چومسڪي

فان يو تنگ (ملائيشيا)

آغا شاهي

فرخ سهيل گوئندي

ف- م لاشاري

عبدالله ملڪ

حامد حسن قزلباش

طيب فاروق ڀٽي

امير حمزه ورڪ

افضل توصيف

سردار محمد قريشي

نياز حسين

ڊاڪٽر خالد جاويد خان

نوراحمد ميمڻ